ABC
CERTIFIED

# مهراڻ

نمبر ١/٢٠٠١ع



آبڪلاڻيءَ جي مُندَ ۾ درياءَ شاهه جو نظارو

# مهراڻ

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي ادبي ۽ تحقيقي رسالو]

جلد ٥١)　　　جنوري — مارچ ٢٠٠١ع　　　(نمبر ١

ايڊيٽر

نفيس احمد شيخ

## سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو سنڌ

# مِهراڻ

## سنڌي ادبي بورڊ

چامشورو، سنڌ.

(Regd No. NS-20)

Quarterly "Mehran" (Sindhi).
Vol: 51, No: 1 / 2001
Published by the Sindhi Adabi Board
Sindh University Campus,
Jamshoro/Hyderabad. Sindh. Pakistan
Editor: Nafees Ahmad Shaikh

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ادارو سرورق جي تصوير لاءِ محترم شمس الحق ميمڻ، سيڪريٽري فاريسٽس، سنڌ جو شڪرگذار آهي.

خريداريءَ لاءِ لکپڙهه:

مئنيجر، سنڌي ادبي بورڊ، بوڪ اسٽال، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ

(فون نمبر: 33679)

ساليانو چندو: ٻه سؤ رپيا — في پرچو: پنجاهه رپيا

(ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪلڻ لاءِ ساليانو چندو پنج سؤ رپيا)

Printed and Published by Ghulam Rabbani A. Agro, Member - Secretary (Honorary), the Sindhi Adabi Board, at the Board's Printing Press, Sindh University Campus, Jamshoro, Hyderabad, Sindh, Pakistan.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# گذارش

## سنڌ انصاف گهري ٿي

"مِهراڻ" جي هن پرچي جي سرورق تي آبڪلاٽيءَ جي مُند ۾، درياءَ شاهه جي هڪ منظر جي تصوير ڏنل آهي، جيڪا سؤ به سؤ سال اڳ جي ورتل ڪانه آهي، پر تڏهن جي آهي، جڏهن گڊو بئراج، تونسه بئراج ۽ تربيلا ڊئم وغيره تعمير ٿي چڪا هئا. اِنهن مڙني جي اڏاوت کان پوءِ به سڪر وٽ سنڌو درياءَ آبڪلاٽيءَ جي مُند ۾ اهو منظر پيش ڪري رهيو هو.

سنڌو درياءَ ايامن کان، مانسرور ڍنڍ مان نڪري، تبيت ۽ لداخ جو سير ۽ سفر ڪندو، واديءَ سنڌ ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ عربي سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿو. اُن جي ڪنارن تي هڙپا ۽ موهن جي دڙي جهڙا عظيم‌الشان شهر اڏيا هئا، جن کي به پنج ست هزار ورهيه گذري ويا آهن. سو، هاڻي واديءَ سنڌ جي تهذيب کي سڄيءَ دنيا جي اوائلي انساني تهذيبن: جهڙوڪ چين جي تهذيب، بابل ۽ نينوا جي تهذيب، دجله ۽ فرات جي تهذيب ۽ مصر جي نيل نديءَ جي تهذيب جي هم پايه قرار ڏنو وڃي ٿو.

هڪ طرف تاريخي حقيقت اِها آهي. ٻئي طرف سنڌ ۾ درياءَ شاهه جي موجوده ڏکوئيندڙ صورتحال ڏسي محسوس ٿئي ٿو ته سنڌ هڪ رڻ پٽ ۾ تبديل ٿي رهي آهي. مثلاً، سنڌ ۾ هن وقت جيڪو ڪڻڪ جو فصل لٿو آهي، اُهو توقع کان گهٽ آهي. پر، وطن عزيز پاڪستان جي پاڙيسري صوبي پنجاب ۾ ساڳيوني ڪڻڪ جو فصل سؤ سيڪڙو لٿو آهي. جيڪڏهن سنڌ ۽ پنجاب، توڙي ملڪ جا ٻيا حصا خشڪ ساليءَ سببان متاثر آهن، ته پوءِ پاڻيءَ جي کوٽ جي دانهن ۽ فرياد، ڌرنا ۽ مظاهرا، احتجاج ۽ پڪارون فقط سنڌ ۾ ڇو آهن؟

خشڪ ساليءَ جو علاج اهو ٻڌايو وڃي ٿو ته سنڌو درياءَ تي نوان ڊئم (Reservoir) ناهي، پاڻيءَ جو ذخيرو گڏ ڪيو وڃي ته اسان جا فصل پاڻيءَ جي کوٽيءَ کان متاثر نه ٿين. ايوب خان جي حڪومت اِئين ئي ڪيو هو. قدرت جا ڏنل ٽي درياءَ هندستان کي وڪڻي ڇڏيائين ۽ تربيلا ڊئم ناهيائين. يقيناً سوچي سمجهي ائين ڪيو هوندائين، ته پوءِ اڄ اسان وٽ پاڻيءَ جي کوٽ ڇو آهي؟ انهيءَ صورت ۾ نون ڊئمن ناهڻ ۾ تڪڙ ڪرڻ ڪيتريقدر مناسب ٿيندي؟ نون ڊئمن لاءِ گهربل پئسو ڪٿان ايندو؟ جي قرض ڪڻبو، ته اهو ڪڏهن ۽ ڪيئن لهندو؟

پاڻيءَ جي کوٽ جو هڪ سبب اهو به ٻڌايو وڃي ٿو، ته همالا جبل ۾، سنڌو درياءَ جي منهن وٽ، هيٺ برفَ پَئي ئي ڪانهي؛ برف فقط مٿانهين چوٽين تي پَئي آهي. سو، پاڻيءَ جي ڪمي آهي. ائين ئي هوندو. پر، سڄي عمر ٻڌوسون، ته سنڌونديءَ مانسرور ڍنڍ مان نڪري ٿي، جنهن مان انهيءَ

سان گڏ ﺑﻪ چار وڏيون ٻيون ﺑﻪ نديون نڪرن ٿيون: مثلاً، گنگا، جمنا ۽ برهمپترا. اُهي ﺑﻪ صدين کان سنڌونديءَ وانگر هزارن سالن کان برصغير جي ٻين علائقن کي آباد ڪنديون رهيون آهن. جيڪڏهن هيٺين هنڌن تي برف ﻧﻪ پوڻ ڪري، مانسرور ڍنڍ ۾ پاڻيءَ جي ڪمي آهي ۽ سنڌوندي اُتي ئي سُڪي پئي آهي، ﺗﻪ پوءِ اُنهن ندين ۾ پاڻي اڳي وانگر عام جام ڪٿان آيو؟

اسان وٽ پاڻيءَ جي کوٽ جو هڪ سبب اِهو ﺑﻪ ٻڌايو وڃي ٿو ﺗﻪ پاڻيءَ جي تقسيم ۾ اسان جي رٿابندي صحيح ڪانه آهي، سو سنڌي محاوري موجب، هر ڪنهن کي انصاف موجب، پاءُ پاڻيءَ جو ڪونه ٿو ملي. اها ڳالهه هيئن چئي وڃي ٿي، ﺗﻪ سنڌ جي ڳوٺن ۾ جيڪي زميندار شاخن جي منڍ وٽ هوندا آهن، تن کي پاڻيءَ جي شڪايت ڪانه هوندي آهي. پر، جيڪي شاخن جي پڇڙيءَ وٽ هوندا آهن، سي پاڻيءَ جي کوٽ جون دانهون ڪندا آهن. پنجاب جو پرڳڻو درياءَ جي منڍ ۾ آهي ۽ سنڌ پڇڙيءَ ۾ آهي. سو، سنڌي اخبارون، سنڌ ۾، پاڻيءَ جي کوٽ جو هڪ ڪارڻ پنجاب طرفان گهڻو پاڻي ڪڍڻ ٻڌائن ٿيون. ان سلسلي ۾ "چشما لنڪ ڪئنال" جو مثال ڏين ٿيون. پنجاب اِن ڳالهه کي رد ڪري ڪونه سگهيو آهي. پر، سنڌ کي دڙڪا ڏئي ٿو، ﺗﻪ توهان ضرورت کان وڌيڪ پاڻي وٺو ٿا. حقيقت ﺗﻪ حڪومت جي واسطيدار عملدارن کي ئي معلوم هوندي، پر، ملڪ ۽ ملت جا خيرخواه ﺗﻪ اِهوئي چوندا ﺗﻪ هڪڙي صوبي ۾ ٻئي صوبي جي خلاف ڪدورت چڱي ڳالهه ڪانهي.

پاڪستان جو چيف ايگزيڪيوٽو، جنرل پرويز مشرف پنهنجي پهرئين خطاب ۾ چئي چڪو آهي ﺗﻪ پاڪستان کي جيڪي سَت بنيادي مسئلا درپيش آهن، انهن ۾ هڪڙو "ننڍن صوبن ۾ احساس محرومي" آهي. سنڌ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ اِنهيءَ احساس محروميءَ کي هيڪاري وڌايو آهي. سو، حڪومت جي اهلڪارن کي چيف ايگزيڪيوٽو جي بيان کي نظرانداز ڪرڻ ﻧﻪ گهرجي.

ڪير وساري سگهي ٿو ﺗﻪ اُهو سنڌ صوبو ئي هو، جنهن پاڪستان جي قيام لاءِ اڻ ورهايل هندستان ۾ سڀ کان اول پنهنجيءَ صوبائي اسيمبليءَ ۾ نعراءُ پاس ڪيو هو. ٻين صوبن اُن جي پيروي ڪئي، ان ڪري پاڪستان جو ڪوبه صوبو سنڌ کان وڌيڪ حب الوطنيءَ جي دعويٰ ڪري نٿو سگهي.

جڏهن پاڪستان ٺهيو، ﺗﻪ پنجاب ۾ سکن ۽ مسلمانن جا فساد ٿيا. رت جا درياءَ وهيا. ليڪن، جنهن مهذب طريقي سان، سنڌ جي رهاڪن پنهنجي پاڙيسري هندن کي پُرامن نموني ۾ لڏي وڃڻ جو رستو ڏنو، ۽ پاڪستان ڏانهن لڏي ايندڙ مهاجر ڀائرن کي پنهنجي جيءَ ۾ جايون ڏنيون، اُن جو مثال ٻيو ڪوبه صوبو پيش ڪري ڪونه ٿو سگهي. سرحد جي وزيراعليٰ خان عبدالقيوم خان ﺗﻪ هندستان مان آيل مسلمان مهاجرن سان ڀريل ريل گاڏيون پشاور جي ريلوي اسٽيشن تان ئي ڪراچي موٽائي موڪليون.

قائداعظم سنڌي اڳواڻن جي دعوت تي ڪراچيءَ کي ملڪ جي گادي بنايو هو. خود موجوده دور ۾، حڪومت پاڪستان کي قومي معيشت جو هڪ وڏو حصو ڪراچي بندر جي آمدنيءَ مان حاصل ٿئي ٿو.

اِهي سڀ تاريخي حقيقتون انهيءَ ڳالهه جي تقاضا ڪن ٿيون ﺗﻪ "باب الاسلام" سنڌ سان انصاف ڪيو وڃي.

## وڇڙيل ساٿين جي سار

سنڌي ادب، تعليم ۽ ثقافت جي شعبن ۾ ڪجھ خدمتگذارن جي وڇوڙن وڏو خال پيدا ڪيو آهي، جنهن ڪري سنڌ جي ساڃھ وند حلقن انهن ساٿين ڪي سارينديِ ارمان جو اظهار ڪيو آهي.

• سائين پناھ علي شاھ سڄي ڄمار سنڌ ۾ تعليمي ترقي ۽ سجاڳيءَ لاءِ جيڪي مخلصانہ خدمتون ادا ڪيون آهن، سي وطن واسين کان ڳجھيون ڪين آهن. نهايت اصول پرست، ايماندار ۽ بهترين منتظم طور مشهور هو. ١٣- ڊسمبر ٢٠٠٠ع تي وفات ڪيائين.

• فن ۽ ثقافت جي حوالي سان، عبدالحق ابڙو هڪ نهايت سينئر، صلاحيتمند ۽ محترم نالو هو. ريڊيو تي صداڪاري سان گڏ، اسٽيج ناٽڪن، سنڌي فلمن ۽ ٽي.وي ڊرامن ۾ پنهنجو مثال پاڻ هو. ناٽڪ "دودي چنيسر" ۾ سندس ڪردار اڻ وسرندڙ آهي. ٦- ڊسمبر ٢٠٠٠ع تي رضا ڪيائين.

• ٢٦- جنوريءَ واري زلزلي دوران، ٿر جو نوجوان ليکڪ ۽ "روشن راهون" جو مصنف ڪنور دليپ سنگھ ڀُڄ (ڀارت) ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. منيءَ ۾، وڏي تعداد ۾، ادبي حلقن، آنجهانيءَ جي والد راڻہ رامسنگھ سوڍي سان ڏک ونڊيو آهي.

• گوبند مالهي، سنڌي ٻوليءَ جي اوائلي مجيل ۽ مکيہ ترقي پسند اديبن ۾ هڪ نمايان نانءُ آهي. پاڪستان کان اڳ، سنڌ ۾ سنڌي اديبن جي جماعت "سنڌي ادبي سنگت" جو پهريون جنرل سيڪريٽري چونڊيو. ١٠- فيبروري تي ٻامبي ۾ لاڏاڻو ڪيائين.

• ڊاڪٽر عبدالواحد هاليپوٽي جي علمي تعليمي ۽ ديني خدمتن کان سنڌ يونيورسٽيءَ کان پوءِ اسلام آباد جا تحقيقي ۽ تعليمي مرڪز سيراب ٿيا. علامه قاضي صاحب جي چند قريبي مصاحبن مان هوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ جي ابتدائي تعليمي ترقيءَ ۾ سندس خدمتن کي وڏو دخل حاصل آهي. ٥- فيبروريءَ تي بزرگ رحلت ڪئي.

• ڊاڪٽر نجم الاسلام سنڌ يونيورسٽيءَ جي شعبي اردو جو نامور استاد ۽ سربراھ هو، ۽ اردو ادب سان گڏ سنڌ جي علم ادب ۽ تحقيق سان بہ موصوف کي والهانہ لڳاءُ هو. سائين غلام رباني آگري صاحب جي ڪوشش سان سنڌي ادبي بورڊ جي ڪتبخاني ۾ موجود ناياب قلمي نسخن جو جامع ڪئٽالاگ، سندس فاضلانہ خدمتن جو روشن دليل آهي. وفات تائين (١٣-فيبروري) "تحقيق" نالي علمي رسالي جي خدمتن سان واڳيل رهيو.

• عبدالفتاح 'عبد' ٻنوراڻي، ڪهنہ مشق شاعر، سنڌ جي وطن دوستيءَ وارين سرگرمين ۾ هميشہ پيش پيش رهيو. هڪ وقت، ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ مشهور زمانہ رسالي "اخبار تعليم" کي نئين سر معياري بڻائڻ لاءِ سندس خدمتون اخلاص تي مبني رهيون. ١٤-مارچ تي گذاري ويو.

• ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر، لطيفيات تي معياري علمي ٿيسز تيار ڪيو ۽ سندس گهڻو تڻو تحقيقي موضوع بہ "لطيفيات" رهيو. لاڙڪاڻي جي تعليمي ۽ ادبي ادارن ۾ تحقيق جي جوت قائم رکڻ ۾ هن نيڪ بزرگ جو وڏو هٿ رهيو. ١٥- مارچ تي رحلت ڪيائين.

• ناصر موراڻي، جديد سنڌي ادب ۽ سنڌ ۾ قومي جاڳرتا وارين سرگرمين ۾ پنهنجي پوري اخلاص ۽ جاکوڙ سان، شروع کان وٺي سرگرم رهيو. 'سنڌي ڪهاڻي' سندس موضوع هو. رسالي "روح رهاڻ" ۾، حميد سنڌيءَ جي متحرڪ ۽ فعال ٻانهن ٻيلي طور سندس ادبي خدمتون نمايان آهن. ٢٨- مارچ تي وفات ڪيائين.

اداره مهراڻ پاران پنهنجن وڇڙي ويل ساٿين کي سارينديِ، سندن پوين جي غم ۾ شرڪت ڪريون ٿا.

-ن.ا.ش

واحد وسائينس، آھون عالَمَ جون سُٽي،
موکل ٿئي مينھن کي، تِلُ مَ ترسائينس،
وسائي واٽن تي، اوِيڙ اُپائينس،
صاحب ساريءَ سنڌ تي، بادل برسائينس،
پکا پکن ساماھان، اوري اڏائينس،
ھونِ سدائين ھِنھين، رب تون رھائينس،
”مصري“ ملائينس، کند وانگر کير ۾.

– مصري شاھ نصرپوري

# سٽاءُ

## ★شاعري


شيخ اياز ١١
نياز همايوني ١٣
سرويچ سجاولي، ابراهيم منشي،
تاج بلوچ، محسن ڪڪڙائي ١٥
ولي محمد وفا پلي، وفا ناٿنشاهي،
عبدالقيوم صائب ١٦
احمد خان مدهوش، ادل سومرو،
اياز گل، آثم ناٿنشاهي ١٧
نورالهديٰ شاهه، خاڪي جويو، نصير مرزا ١٨
مختيار ملڪ، بخشڻ مهراڻوي،
احمد سولنگي، مولابخش چانڊيو ١٩
مقصود گل، مختيار گهمرو، سوز هالائي ٢٠
آڪاش انصاري، حسن درس ٢١
عبدالغفار تبسم ٢٢
جلال ڪوري، ضمير ڦل،
احمد ٽالپر، سرڪش سنڌي ٢٣
راشد مورائي، جوهر بروهي،
ماڻڪ ملاح، عبدالغفور عابد ٢۴
اسير ملاح ٢٥
روشن گهانگهرو، اسحاق سميجو ٢٦
منير سولنگي، فياض چنڊ ڪليري،
ايوب ڪوسو ٢٧
وسيم سومرو، ستار سُندر،
بخشل باغي ٢٨
ساحر راهو، فضہ غزل، نواز خان زنور ٢٩
شبنم گل، هماء.ايس، پشپا ولڀ ٣٠
ج.ع.منگهاڻي، شاهه محمد پيرزادو،
مس نظر گل، ماهين هيسباڻي ٣١
روبينہ ابڙو، ابرار ابڙو،
عامر سيال، ساحر ٿهيم ٣٢
جاويد سوز هالائي، بخت عابد،
عاصم عباسي ٣٣
شائق ڪمبوه، خيال سنڌي،
عابد جاني ملڪ، علي دوست عاجز ٣۴
وشال، نياز ملاح،
حبدار سولنگي، نور مري ٣٥
ڪوثر برڙو، انجم قاضي،
گل بهار باغائي، ضمير ڪرل ٣٦
عبدالحميد آس ٻبر، جاني اسحاق ملاح،
گل ٽڪڙائي، خليل عارف سومرو ٣٧
دليپ ڪوناري، مارو جمالي،
وهاب جروار، مير صاحب علي ٽالپر ٣٨
ڪوثر هالائي، سرور نواز ٻگهيو،
اختر درگاهي، نويد ناز پيٽي ٣٩
اياز امر شيخ، ابل اُداس ٻبر،
جبار تاثير سومرو، سرويچ گل پيٽي ۴٠

## ★مقالا


| | | |
|---|---|---|
| ١- قرآن شريف جا ترجما- | | |
| - ۽ جتوئي صاحب وارو انگريزي ترجمو- | - غلام رباني آگرو | ۴١ |
| ٢- ٺٽو شهر- اُن جو قيام، | | |
| عروج ۽ زوال | - ڊاڪٽر غلام علي الانا | ٨٧ |
| ٣- ديڪ ڪبيرا رويا | | |
| (هندي شاعري بابت هڪ جائزو) | - ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | ١٠٧ |
| ۴- سنڌ ۽ قلات لاڳاپن جو هڪ دستاويزي مطالعو | | |
| (ميان غلام شاهه ۽ ميان سرفراز جو دور) | - ڊاڪٽر غلام محمد لاکو | ١٢٣ |
| ۵- سنڌي آتم ڪهاڻيون ۽ آپا شمس عباسي | | |
| (آتم ڪٿا: "ڳالهيون پيٽ ورن پر" جو | - تاج جويو | ١٣۴ |
| سرسري جائزو) | | |
| ٦- شاهه عبداللطيف ڀٽائي | | |
| (پيدائش ۽ وفات جو صحيح عيسوي سَن) | - محبوب اختر پناڻ | ١۴٨ |


## ★ڪهاڻيون


| | | |
|---|---|---|
| ١- ڳاڙهو وڏڦڙو | - ابن الياس سومرو | ١۵٧ |
| ٢- واپسي | - ايوب عمراڻي | ١۵٩ |
| ٣- سنتو ڪناري | - غلام رسول پرهياڙ | ١٧١ |
| ۴- اکين ڏٺو شاهد | - سينو گوميرا اجيدارما | |
| | سنڌيڪار: ولي رام ولڀ | ١٧٦ |


تبصرا


| | | |
|---|---|---|
| - ڇهه ڇهه پئسا، پر پر پايون | - اسحاق سميجو | ١٨٢ |
| - اڳتي قدم | - نقش ناياب منگي | ١٨۴ |
| - ڪتاب استاد فارسي | - اشرف علي سمون | ١٨٦ |
| - مهراڻ منير شرح نحومير | - ڊاڪٽر محمد ادريس السندي | ١٨٨ |
| - محمد سومار شيخ- هڪ مطالعو | - نقش ناياب منگي | ١٩٠ |
| - براهوئي تخليقڪار | - نذير احمد 'شاڪر' بروهي | ١٩٢ |
| - سنڌ جي تاريخ جو مطالعو | - ڊاڪٽر عبدالرزاق گهانگهرو | ١٩۴ |



## لطيفي لات

ڪارِي راتِ، ڪَچو گھَڙو، اُٿيھين اُونداھِي،
چنڊَ نالو ناھِ ڪو، درياھَ ڏڙَ لائِي،
ساھَڙَ ڪارڻِ سوھَڻِي، آڌيءَ ٿي آئِي،
اِيءُ اَمرُ اِلاھِي، نہ تہ ڪُنَنِ ۾ ڪير گھِڙي؟

ڪارِي راتِ، ڪَچو گھَڙو، نڪا سيٺَہ ساٿُ،
وجھي، ويرَم نہ ڪري، پِريان ڪارَڻِ پاڻُ،
مَحبّت ڪي مِھراڻُ، سُڪِي سپُ پَٽُ ٿئو.

ڪارِي راتِ، ڪَچو گھَڙو، مٿان وسي مِينھُ،
ھِڪو ٻيو ٻيراھَ جو، ٻئو سانباران سِينھُ،
شالَ مَ ڇِجي نيھُ، گھِڙان، گھورئو جِندڙو!

نہ اورارِ پَرارِ، وِچارِي وھُ وِچ ۾!
سُڪِيءَ ڏني سُپرين، ٻئو مِڙوئي تارِ،
تون گھِڙُ، ڪيمَ نھارِ، ٻُڏندنِ سين ٻاجھون ڪري.

– شاھ عبداللطيف ڀٽائي

# شاعري

# سنڌ ۽ سنڌو

- "جنهن وقت ميدانِ جنگ ۾ هنتي جي تير جي تعريف ٿي رهي هئي، تڏهن ڪن دوستن 'سنڌ' جي فضيلت کان انڪار ڪيو، جو درست ناهي.

- "منهنجي جان جو قسم! هيءُ اُها برڪت ڀري ڀلاري سرزمين آهي، جنهن تي جڏهن مينهن وسي ٿو، تڏهن اُن مان ماڻهن جي سينگار واسطي جڻ موتي ۽ ياقوت پيدا ٿين ٿا. سونهن ۽ سوڀيا وڌائڻ لاءِ هتي مشڪ، ڪافور، عنبر، عود، اگر ۽ طرح طرح جي خوشبوءِ موجود آهي، ۽ پڻ قسم قسم جا عطار ۽ جعفر، سنبل، عاج، ساڳ ۽ صندل- موجود آهنَ! ۽ هتي طوطا، مور، ڪبوتر ۽ ڪانگ آهن. هتي ناريل آهن، آبنوس آهي، ۽ هتي ڪارن مرچن جا وڻ آهن. هتي جي ترار بي نظير آهي، جنهن کي تيز ڌارَ ڏيڻ جي ضرورت ئي ناهي. هتي جا تير اهڙا تيز آهن، جو جڏهن ڪمانن کان نڪرن ٿا، تڏهن دشمن جي ساري فوج ۾ دهشت ڇانئجي ٿي وڃي.

- "ڀوءِ، افسوس! سواءِ ڪنهن بيوقوف جي، ڀيو ڪير اُنهن خوبين کان انڪار ڪري سگهي ٿو!"

**- ابوضلع سنڌي-**
(هجريءَ پهرين صديءَ جو شاعر).

# شيخ اياز

●

ڇا لاءِ بلندين تي پهچي، تون هر هر هيٺ نهارين ٿو؟
هو ماڻهو ڪيڙا ماڪوڙا، ڇا لاءِ اُنهن کي سارين ٿو؟
هي ساري مايا سپنو هئي، ڇڻ وهندي جرتي ڦوٽو هئي،
جا گذري وئي سا گذري وئي، تون لڙڪ اجايو هارين ٿو!
بي انت ستارا پِرڪرتي، تون ڪاءُ وري تن ڏي ڦِرتي،
اڪ پوٽ تہ پوتا ڪاڏي ويا، ڇو ڪڻ ڪڻ ريت سنڀارين ٿو؟
ڏس هاڻ مٽيءَ سان مٽي ٿي، هي تنهنجو گهر هي گهٽي ٿي،
هي سايا ڪوڙي ساييا آ، جا سپني سنگ اُپارين ٿو.
جا وڃڻي آ سا وڃڻي آ، سا ڪنهن جي مور نہ مڃڻي آ،
تنهن لاءِ "اياز" ڏسي پنتي، تون ڇا لڻ ڳوڙها ڳارين ٿو.

●

عشق جي موت تي اوچنگارون ڏئي،
روءُ تون، پل ڏسي لوڪ اي بي ڇني!
پاڻ پنهنجو وڃائي چنيسر ڏئي،
هارُ ڪا چيز هو، حيف توتي هُني!
عشق تارا نيارا ڏئي تو چڏي،
گهور ۾ تو ڇني ڳالهہ جا آڻ ڇني!
قافلا ٿا وڃن دور، تون ننڊ ۾،
ٿا ستارا ڇُپن رات ايڏي رُني!
تون معافي طلب آءُ آهيان نہ رب،
ياد رهندي سدا آهہ جا تو ڪني!
هيل آڪاس کي تو سمندر ڇُهي،
هونءَ ٿوريون سٽون، ويہ آئي وئي!
بيهہ اي چنڊ! توکي وري مان چمان،
نينهن آهي ننون، رات آهي نَئي.
مُنڌ ڪائي ڇيءَ جين چرڪي "اياز"،
باهڙي تي پري رات بَر ۾ پَئي.

●

اڪيلو چڏي ڏينم، من تو چوي،
پري گهر اڏي ڏينم، من تو چوي.
زمانا! لڳي دل نہ تي هِت اِئين،
پرين تون گڏي ڏينم، من تو چوي.
رُليو آهيان ڪيترو آنءُ، اڄ،
لَڏاني تڏي ڏينم، من تو چوي.
نہ آدور ڪا شيءِ، اُنهيءَ کان "اياز"،
متان هو سڏي ڏينم، من تو چوي.

●

ڪيترو ڪالهہ آنءُ پڇتايو!
هِين ڇا لاءِ مون هڻ گهايو؟
گَدِ جي گهاوَ جين وقت آهي،
هي تتو روهہ، سج جو سايو!
چنڊُ سوچي پيو تہ گهوڙي جي،
ڪنهن پُنيءَ تان سوار ڪيرايو!
هي ڪنڌيءَ تي قطار هيڙهن جي،
بازُ آيو، اِجهو متان آيو!
ڪنن نہ واري وٽيءَ وڃون ٿا پيا،
ڪنن نہ سپ کي زمين ڳڙڪايو!
موتُ تنهنجي اُداس واديءَ تي،
آهہ ڪاري ڪکر جيان ڇايو!
سانت ۾ پانت پانت گيتَ آهن،
گوڙ جو گيت تو رڳو ڳايو!
جندڙي، جئيت هار، سپ سپنو،
ڇا سڄايو بہ آهہ ڪولايو؟
هيءَ اوطاق ڪانہ آ منهنجي،
جيتري وقت لاءِ ترسايو.
بي گهري اوچتي چمي تنهنجي،
زندگيءَ جو عجيب سرمايو.
زندگيءَ ۾ "اياز" هن پيري،
چنڊ ڪيڏو نہ ويجهڙو آيو!

نيازهمايوني

# ترجمۂ منظوم، ڪلام حضرت خواجہ غلام فريد رحہ

[نوٽ: نياز همايوني اڄڪلھ سنڌي ۽ سرائڪي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو اردو ۽ فارسي منظوم ترجمو ڪري رهيو آهي. ان ڏس ۾ هيلتائين قاضي قادن ء شاھ ڪريم جي ڪلام جو اردو ترجمو ۽ خواجہ محمد زمان لواريءَ واري جي سنڌي بيتن جو اردو ۽ فارسي ۾ ترجمو سنڌن سوانح سميت پورو ڪري چڪو آهي. انهيءَ وچ ۾ مخدوم نوح، شاه لطف الله قادري، شيخ فريد الدين گنج شڪر، گرونانڪ، مخدوم بلال، سنت پراڻ ناٿ، چنٽراء سامي ۽ خواجہ غلام فريد جي چونڊ بيتن ۽ دوهن جو پڻ اردو ۽ فارسي ۾ ترجمو ڪندو اچي ٿو. انهيءَ سان گڏ حضرت شاھ لطيف رحہ جي ڪلام جو منظوم فارسي ترجمو، جيڪو اڳ ۾ شروع ڪيو هئائين، سو بہ هلندو رهي ٿو، جنهن مان شاھ سائينءَ جا هڪ هزار بيت فارسيءَ جي هڪ هزار قطعن جي صورت ۾ ترجمو ٿي ويا آهن. هتي نموني طور خواجہ غلام فريد جي ڪلام مان سندس مشهور سرائڪي ڪافي "ميڏا عشق وي تون" جو منظوم فارسي ترجمو پيش ڪجي ٿو. ـ ادارو]

| | ترجمو |
|---|---|
| ميڏا عشق وي تون، ميڏا يار وي تون | تو هستي عشق من تو دوستدار من |
| ميڏا دين وي تون، ايمان وي تون | تو هستي دين من ايمان جانان |
| ميڏا جسم وي تون، ميڏا روح وي تون | تو هستي زيست من روح و روانِ من |
| ميڏا قلب وي تون، جند جان وي تون | تو هستي قلب من هم جان من جانان |
| ميڏا قبلا، ڪعبا مسجد منبر | تو قبلہ ڪعبہ و مسجد تو منبر هم |
| مصحف تي قرآن وي تون | تو مصحف هستي و قرآن من جانان |
| ميڏي فرض فريضي حج زڪواتان | توئي روزه نماز و هم زڪواة حج |
| صوم صلواة اذان وي تون | توئي فرض و اذان ايقان من جانان |
| ميڏا زهد عبادت طاعت و تقويٰ | توئي زهد و عبادت طاعت و تقويٰ |
| علم وي تون عرفان وي تون | توئي علم و عمل عرفان من جانان |
| ميڏا ذڪر وي تون ميڏا فڪر وي تون | تو ذڪر و فڪر من هستي محبِ من |
| ميڏا ذوق وي تون وجدان وي تون | توئي هر ذوق هم وجدان من جانان |
| ميڏا سانول منڙا شيام سلوڻا | شيام و ڪرشن استي مشڪ رنگِ من |
| من موهن تي جانان وي تون | توئي من موهن وجانان من جانان |
| ميڏا مرشد هادي پير طريقت | تو مرشد هاديُ و پيرِ طريقت هَم |
| ميڏا شيخ حقائق دان وي تون | توئي شيخ حقائق دان من جانان |

نورالهدیٰ شاهه

## بيوسي

منهنجن
ابن ڏاڏن
۽
پڙڏاڏن جا هڏا!
قبرن منجهان نڪري اچو-
منهنجي ڏيهه جي ماضيءَ سان ڳنڍيل ڪنڊر،
پيهر جڙي پئو،
منهنجا هموطن درياهه!
اُٿلي پئو،
۽ او منهنجي ديس جي ڌرتي!
ماٺوءَ جي هانوَ جيان
دانهن ڪري
ڦاٽي پئو!
جيئن اسان جو عذاب
پڙاڏو بڻجي
ايڏي گونج ڪري، جو
ڪائنات سڄي اُن جي لپيٽ ۾ اچي
اسان جي هم آواز ٿئي!

خاڪي جويو

## وائي

اجـــان نـيـنـهـن نـچـي، پـيـــار پـچـي-
پـريـت نـگـر جـي پـنـڌ ۾.
ڪيـڏاري جي ڪوُڪ تي، ڪُڏي ڪو تـہ اچي:
پيـار پچي- پريت نگر جي پنڌ ۾.
تيـسين تڙپـون تـند تـي، جيـسين رُت رچي،
پيـار پچي- پريت نگر جي پنڌ ۾.
جـرجـرانـو جـانُ جـو، ڪـونـي مچ مـچـي،
پيـار پچي- پريت نگر جي پنڌ ۾.

●

نصير مرزا

## پاڻيءَ جي ڪهاڻي

ستارا!
ستارا!
اڙي، او ستارا!

اسان جي نصيبن جي نيري اُفق تي،
نہ ڪڙنديِن ڪڏهن ڇا؟

ڪبوتر!
ڪبوتر!
اڙي، او ڪبوتر!
مديني جا پيارا ڪبوتر!
پَرن ۾ لِڪائي،
سڳوري نبيءَ کي اسان جا
سنيها
نہ پهچائينديِن ڇا؟

تہ سنڌڙيءَ جو شهباز،
پِٽ جو پِٽائي
سَن جو سَنائي:
خدا جي خدائي، نہ توڪان گهرن ٿا-
گهرن ٿا فقط،
پنهنجي دريا ۾ پاڻي:
اِهائي ڪهاڻي.

ستارا!
ستارا!

”آڪاش“ انصاري

## ڪراڙو ڪنير ڪاچي جو

ڪراڙو ڪنير ڪاچي جو،
خالي پيٽ، خيالن ۾ گم،

سوچي پيو:
ڏاڍو ڏيھہ ڏڪار ڏٺو آ،
ڳاچ چڙي ڳجگوڙ وساري،
ميٺوڙي گمگمي جوھي جي،
سارو ڏينھن ٿي ياٽي ساري،
هيل تہ ڪاڇو، ڪاڇو ناهي،
جڻ ڪو موت جو پاڇو آھي.
هوريان هوريان هيٺي هٿ سان،
چڪ هلائي،
مٽيءَ مان ٿو ماٽي ٺاهي،
ٺاهي ڍاهي ٻيهر ٺاهي.
جڻ هو ٻڪ پيو وندرائي،
پنھنجو پاڻ سان ڪجھہ ڳالھائي،
سوچي ٿو:
ڪاش مٽيءَ مان ماٽي ٻدران،
ماني ٺھي سگھي ها!
ڪيڏي ٻڪ لھي ها!
ڪيڏي ٻڪ لھي ها!

ڪراڙو ڪنير ڪاچي جو،
خالي پيٽ خيالن ۾ گم،
سوچي ٿو.

●

حسن درس

## سوا ديد تنھنجي.....!

سبب سنو خوشين جا
نوان ۽ پراڻا
بھانا هزارين
لِکي پنھنجي لمحن جي
پويان اچن ٿا
نوان ويس پائي
نھارن نچن ٿا
مگر دل هي پاڳل
ازل کان اُجاري
اوهان جي پُڇاڻان
سيني سمنڊ ڏوڪي
۽ واري اُڏاري
بھارن جا سارا بھانا پيچي ۽
سڄي ڌرتتيءَ تان
سُڪل پن ميڙي
صبح شام ڪي سڪ وانگي سھيڙي
پکين کي پڪاري
توکي ۽ تنھنجين سَکين کي پڪاري
ستارن تي ڊُرڪي سمھي ٿي پوي
سنھي چنڊ جي ليڪ
تنھنجي ڳچيءَ جو اگر هار ناهي
سيني آر ۽ پار جانچي ڏٺا سون
سيني طرف تنھنجو اگر پار ناهي
سوا ديد تنھنجي اچي عيد ڪھڙي
سوين رنگ آهن پَٽن تي پيا پر
سوا تو هٽن جي رچي عيد ڪھڙي؟

●

روشن گهانگهرو

## ڏيڍوٽا

سک، پيار ضروري آ،
لمحي جي حياتيءَ لئه، دلدار ضروري آ.
سِڪ-لاٽ ٻري ٿي پئي،
منزل به ملي ويندي، هر واٽ ٻري ٿي پئي.
اڄ هير گهلي ٿي پئي،
نر-ڌار ٻڌل جهولو، ڪا حور جُهلي ٿي پئي.
ڪنهن ڳالهه تي ڪرڪڻ تان،
سو بار وڃان صدقي، محبوب جي مرڪڻ تان،
اڄ عشق- اُجالن ۾،
تو نينهن نچي پياري!، مد مست جهڙالن ۾.
اظهار تي پابندي،
هن تنگ نظر جڳ ۾، ڇو پيار تي پابندي؟
هيءَ سانت اجل ٿي آ،
انڌڪار حويليءَ ۾، هر آس قتل ٿي آ.
انسان ٻَڌيون ٻانهون،
انسان ڪٽيون ٻانهون، انسان ڪيون دانهون.
رابيل سُڪل پٽ تي،
آرام اچي ڪاڏهان، مان ڪيئن سمهان کٽ تي!
وشواس ويا کڪجي،
الزام جي نانگن کان، احساس ويا کڪجي.
خاموش نظارا هن،
سڪ، سونهن سوا سارا، احساس اُجارا هن.
هو سمنڊ سڏي ٿو پيو،
تو آءٌ وڃڻ چاهيان، ساحل نه ڇڏي ٿو پيو.
ظاهر ۾ ته ميلو آ،
دنيا ۾ نه ڪنهن جو ڪو، هر شخص اڪيلو آ.
دستور سهي ويندس،
سڀ سور سهي ويندس، مان عرش ڪهي ويندس.
تصوير آ ڪمري ۾،
جهڙي به آ منهنجي سا، تقدير آ ڪمري ۾.
پازيب وڄن ٿا پيا،
ڇا رقص بدن جو آ، احساس نچن ٿا پيا.
سرخاب تمنائون،
ڏس نينهن- نديءَ ڇوليون، بي تاب تمنائون.

اسحاق سميجو

## هائيڪو

رهندا ٿوري دير-
پيارا! آهن پيار جا
پَلَ واريءَ تي پير!

ڏس، ٻاٽياري ڙي-
اکڙيون جرڪن رُڄ جان
وِک وِک واري ڙي!

ڪيڏو ڪوهيڙو-
ٿوهر تي پيل ماڪ کي
گهوري روهيڙو!

تنهنجي سار ٻري
يا ڪا منهنجي روح ۾
خنجر-ڌارَ ٻري!

منظر ڌوپي ويا-
هر هڪ وڻ تي ماڪ جا
موتي جرڪن ٿا!

ٿورو ڳالهايو-
لفظ به موتي ٿا ٿين
ايئن نه اڇلايو!

رات ڪاري مينهن آهي
چنڊ ٽامي جو ڇڙو آ-
آءٌ پر ميهار ناهيان!

دل به ڪائي سپ آهي
پيار ان ۾ بوند وانگر-
۽ زمانو اُس آهي!

وسيم سومرو

## غزل

آءُ پريات لهي ٿي مون تي،
ڪا نئين مات لهي ٿي مون تي.
چنڊ-بنرو نٿو اچي مون وٽ،
روز بارات لهي ٿي مون تي.
چاڻ وارن ۾ وڄ ٿي چمڪي،
چاڻ برسات لهي ٿي مون تي.
لفظ آهن قطار ۾ بيٺا،
درد جي ذات لهي ٿي مون تي.
ڏينهن پورهيو ڪري پُنو هاڻي،
ياد جي رات لهي ٿي مون تي.
پار تنهنجي جو ڪو پکي بنجي،
تنهنجي هيءَ تات لهي ٿي مون تي.

ستار سُندر

## غزل

شام جو وڻندڙ نظارو ٿي وڃان،
مان به دريا جو ڪنارو ٿي وڃان.
پيار مان جنهن کي ڏسين هر روز تون،
اُپ تي اهڙو ستارو ٿي وڃان.
رنگ پنهنجي پيار جا جي ڏين اگر،
مان زماني کان نيارو ٿي وڃان.
تنهنجي خوشبو منهنجي ساهن مان اچي،
ايترو تنهنجو مان پيارو ٿي وڃان.
مون مٿان نظرون هٽائين تون مٿان،
زندگي پر بي سهارو ٿي وڃان.
سايان سپ خواب ٿي ويندا اگر،
هن جي پيرن جو مان چارو ٿي وڃان.
ڪاش 'سندر' جيئن نه ڪو احساس ٿئي،
ديپ بن ويران جارو ٿي وڃان.

بخشل باغي

## غزل

هر ڪٿي آيون، جي مُک تي خدائي جي چمي،
۽ ستارا تا ڏين اُپ کي سُهائي جي چمي.
سوچ لورو، تن چپن تي جن مان آ تخليق ٿي،
هي جڳت آهي امر تنهن ايڪتائي جي چمي.
فاصلا دل ڏي وڌن پيا رات جي پاڇن جيان،
پاڻ کي اڄ شام ڏني پني الوداعي جي چمي.
واءُ جو ڪومل بدن تڏهين ته آ خوشبو ٿيو،
ڪنهن چريي گل آ ڏني هن کي سُرهائي جي چمي؟
دور تائين ڪوبه ڪٿ احساس ۾ ناهي رهيو،
مات اهڙي آ ڏني اڄ هيڪلائي جي چمي.
باک مان اُيري صبح جو سج ڪيڏي پيار سان،
روز ذرتيءَ کي ڏني ٿو روشنائي جي چمي.
اُن ۾ ئي سپ فاصلا گهٽجي ختم ٿي ٿا وڃن،
پيار ۾ جيڪا به ملندي آ جدائي جي چمي.
دز جيان جيئن هر برائي واءُ ۾ اُڏري وڃي،
تون امن! ڪو سرشٽي کي ڏي چڱائي جي چمي.
نانءُ جنهن جو نرڙ تي بنديا جيان آهي، ۽
سنڌ جي مُک تي ڪويتا آيٽائي جي چمي.
سچ کي سقراط پنهنجي زندگي ڏيئي ڏيو،
ها، حقيقت جي ڳلن تي ڏني سچائي جي چمي.
سا چپن تي زخم بڻجي ٿي پئي ناسور آ،
تو ڏني مون کي هئي جا بيوفائي جي چمي.
مان سڙي پل ۾ اُجهامي خاڪ ٿي ويس واءُ ۾،
ڪيئن سهي مٽيءَ جي مورت تنهنجي تائي جي چمي.
شام، لهرن جي چپن تي ڪو شفق جو گيت آ،
سج، سنڌوءَ کي ڏني پيو الوداعي جي چمي.

●

شبنم گل

چانبوڪيءَ جو حسنُ،

گل جي خوشبو،

بلبل جو نغمو،

لهرن جو گيت،

رات جي سيني ۾ جرڪندڙ-

ڪهڪشان جو عڪس،

هڪ ئي هارموني،

هڪ ئي ردم تي،

رقص ڪندا آهن.

نه ننڍ ڏيري ڏيري اکين جو،

پردو هٽائي شعور جي،

منزلن ڏانهن سفر ڪندي آهي،

۽ ڪائنات جي وسعت

سرمئي صبح ۾،

ڪوئل جي امر گيت جيان.

ڏڙڪڻ لڳندي آهي.

هُماه.ايس

## غــزل

اســان جــا هي ڏڪڙا ڏسي ڪونــه ســگهنــدين،
ٻڌايـان جـا تـوکي، ٻُڌي ڪونــه ســگهنــدين.

چــو ٿــو وينــو ڇــيــڙين، جي روئي وينــا سين،
اسـان جـا هي ڳـوڙها اُگـهي ڪونـه سـگهنديں!

اهــڙو جـــار دشـــمـــن وچـــائـي ڇــڏينــو آ،
ملڻ جي تون چـاهين، ملي ڪونـه سـگهنديں!

لــبن تــي آ تــنــهــنــجــي لــڳــي مــهــر اهــڙي،
کلڻ جي تو چـاهين، کِلي ڪونـه سـگهنـدين.

پشپا ولب

## پپا هتي ڇو نه آهي؟

مون کي هڪڙو پٽ آهي، ننڍڙو پٽ
تمام پيارو نينگر
مان جڏهن ڪيس ڏسندو آهيان
مون کي لڳندو آهي
ڄڻ سڄي دنيا منهنجي آهي
پر مان ڪيس اتفاق سان ئي
جاڳندي، کيڏندي ۽ ننڍڙيون معصوم
شرارتون ڪندي ڏسندو آهيان.
مان ڪيس تڏهن ئي ڏسي سگهندو آهيان
جڏهن هو سمهيل هوندو آهي
مان هميشه رات جو گهر موٽندو آهيان
۽ صبح سوير ڪم تي نڪري ويندو آهيان
۽ جڏهن گهر موٽندو آهيان
نه دير ٿي چڪي هوندي آهي
پنهنجي هڏ ماس مان ٺهيل
پنهنجي رت مان ٺهيل پنهنجي ٻار کان
مان بيخبر آهيان
پنهنجي ٻار جي چهري کان بيخبر
جڏهن مان ٿڪو ٽٽو گهر پهچندو آهيان
ڏينهن جي روشنيءَ کان، رات جي اونداهيءَ ۾
منهنجي هيڊي، ڪمزور زال
حيرت سان ٻڌائيندي آهي:
"پنهنجي پٽ کي تون ڪيڏندو ڏسين ها!"
مان سندس ننڍڙي پلنگ جي ڀرسان بيهي رهندو آهيان
مان ڏسندو رهندو آهيان ۽
ٻڌڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان
پنهنجن خوابن ۾ هُو
پنهنجا چپ چوريندو آهي:
"پپا هتي ڇو نه آهي؟"

(يدش مان)

جاويد سوز هالائي

## ڏيڊ سنا

ڪجهه ٻول ڪٿي راڻي!
احوال اندر جا ڪي، اچ کول ڪٿي راڻي.
ڪي گيت ڪٿي آ تون،
ڪئين ڏينهن ٿيا آهن، اچ ميت ڪٿي آ تون.
ڏس گل ڦٽا آهن،
ها مينهن وٺو آهي، ۽ پونشر ميڙيا آهن.
اچ ياد اچين ٿي تون،
يادن جي دريچن ۾، آئينو لڳين ٿي تون.
نيڻن ۾ سدا آهين،
تون ئي تہ سڪي منهنجي، سپنن ۾ سدا آهين.
منزل تي ٻڳو هوندو،
جاڪوڙي ائس جذبا، ڪٿ ڪونہ ٿڪو هوندو.

بخت عابد

## غزل

هوءَ موسم بهار جهڙي آ،
جڻ تہ چڙهندڙ خمار جهڙي آ.
بي مثل آهي، بي بدل آهي،
هوءَ اڪيلي، هزار جهڙي آ.
انتظاريءَ ۾ ٿي ملي، جيڪا،
بيقراري، قرار جهڙي آ.
دل چوي ٿي، چمانس ڳل هر هر،
هوءَ نِنڊڙي تہ پار جهڙي آ.
سرتين منجهہ انين ٿي سونهي،
جڻ تہ ڪونجن-قطار جهڙي آ.
دل چوي ٿي، چڏيانس مان اوتي،
بخت هوءَ ماڪيءَ لار جهڙي آ.

●

سهيل احمد/عاصم عباسي

## گهڻو مصروف رهندو هان

مان پنهنجي پاڻ کان ڊڄندي
مان پنهنجي پاڻ کان لڪندي
مان پنهنجي پاڻ ۾ رهندي
ڪتابن ۽ صحيفن ۾
حڪايت ۽ لطيفن ۾
گهڻو مصروف رهندو هان.

اونداهي رات ٻنجي جڏهن جلاهن مون کي ٿي تڙپائي
ڏسان تنهن دم ٿو تارن کي
ازل کان هڪڙو رشتو آ
ابد کان نيهي ناتو آ
اهو محسوس ٿيندو آ
گهڻو مصروف رهندو هان.

هو لمحو ضبط جو لمحو، اندر جي ضبط جو لمحو
جو لفظن کان جدا ٿي پو، منهنجي من مان ڦٽيو آهي
اندر جي ڪارخاني مان، سو وحدت کان پسيو آهي
اهو تحرير ڪريان ٿو
گهڻو مصروف رهندو هان.

ڪلاڪارن جي دنيا ۾، اهو فنڪار هوندو آ
اهو انصاف ڏيندو آ، اهو مصروف رهندو آ
جو ڪاغذ جي تہ سيني تي
قلم کي ٿو پيچي پوري
اهو تحرير ڪريان ٿو
گهڻو مصروف رهندو هان!

●

كوثر برڙو

## غـــزل

آ تو جهڙو مون کي جو پيارو مليو ويو،
تہ جيئڻ جو جڻ کو سهارو مليو ويو.
پلا پاڳ منهنجا، پلي آهي قسمت،
آ پڏندڙ کي جڻ کو ڪنارو مليو ويو.
اندر مان اونداهي وئي موڪلائي،
آ نيڻن کي نرمل نظارو مليو ويو.
اڻانگهي سفر اڻ ڏٺل پيچرن تي،
آ ٿڪيل مسافر کي چارو مليو ويو.
نہ ڪنهن جي تمنا، نہ هاڻي ضرورت،
مون کي تون ملين، جڳ آ سارو مليو ويو!

انجم قاضي

## غـــزل

پرجي لڙڪ قطارون آيون،
تنهنجون جانان سارون آيون.
ڪينجهر ڪپ تي تيز هوائون،
تنهنجون ڪٿي مهڪارون آيون.
احساس سمورا پورا ٿيا،
سامهون جنن اخبارون آيون.
جنن جنن پير وڌيا پني اڳتي،
پويان درد پڪارون آيون.
تون نہ اچا پي آئينءَ هيٺڙي،
موٽي ميگهہ ملهارون آيون.
ڪو تہ پُڇائي پار وجي هن،
سڪ جون ڇو نہ سنيارون آيون؟
تنهنجي منهنجي وچ ۾ سرتي!
لوڪ اڏيون ديوارون آيون.

•

گل بهار باغائي

## غـــزل

مرڪ تنهنجيءَ ۾ پرين احساس آهي زندگيءَ جو،
پروسو ئي پيار جو وشواس آهي زندگيءَ جو.
روح هو بي چين، رهندو مان هيس رولاڪ اڳ ۾،
سنگ تنهنجي مون، پَسيو هي واس آهي زندگيءَ جو.
ناأميدن ۽ سرابن جي ٿڪاوٽ ڏور ٿي وئي،
تنهنجي نيڻن ۾ مليو آ ساس آهي زندگيءَ جو.
مون ڏکن جا ڏنگ سهندي درد کي چاٽي وتو آ،
شاعري منهنجي پرين، اتهاس آهي زندگيءَ جو.
ڪيڻن تنهن کي خودڪشيءَ جي پيٽ اريي مان وجايان،
آڏنو تحفو خدا هي خاص آهي زندگيءَ جو.
سوجهرو ساجهر صبح جو جڻ چمي ٿو نيڻ منهنجا،
ڪيترو پنتي رهيو بنواس آهي زندگيءَ جو.

ضمير ڪرل

## غـــزل

سيني راه رستا اسان جي اکين ۾،
تنهنجي گهر جا نقشا اسان جي اکين ۾.
صرف هڪڙي چهري متاثر ڪيو آ،
سوين هونئن چهرا اسان جي اکين ۾.
هي اوسيئڙا ۽ خوابن جا منظر،
رکي ڪيو ويو آ، اسان جي اکين ۾.
رُنو ايترو آ، هلي پي سگهن ٿا،
هي ڪاغذ جا ٻيڙا اسان جي اکين ۾.
نہ هو خود ئي آيو نہ قاصد مُڪائين،
لڙي لڙڪ آيا، اسان جي اکين ۾.
لڏيون ڪين تعبيرون گهر تي ويا هن،
سيني خواب ڪنوارا اسان جي اکين ۾.
مون پارڻ ٿي چاهيا، نہ ضمير ٻڙيا،
اميدن جا ڏيئا اسان جي اکين ۾.

عبدالحميد آس پير

## غـــزل

نـاهين تـہ ڏنـگ سـار جـا هـر وار ٿـا لڳن،
لمحـا سـمـورا زنـدگـيءَ جـا دار ٿـا لڳن.
مون کي ڏسي جهڪائي ڇڏيو ٿا اکيون پرين!
انـداز اهـڙا پـيـار جـا اظـهـار ٿـا لـڳـن.
هرهڪ سوال منهنجي تي هي نهڪرون عجيب،
انـڪـار بـار بـار پـي اقـرار ٿـا لـڳـن.
سُنسـان راهـ: مـاڻـهـو اڪيلو سـفـر ڪري،
ان سـاڻ حـوصـلـن جـا بـہ انـبـار ٿـا لڳن.
پـر ۾ رکـن يـا دور، ڪُـهـائـي ڇـڏن ڪـٿـي،
جـيـڪـي وٽين خـوب هـو مـڪـيـار ٿـا لڳن.
مـرڪـن تـہ رُت گـلاب جـي پـر ۾ پـسي وٽـان،
خـنـجـر هـيـانءَ انـدر انـڪـار ٿـا لـڳـن.
گـلـشـن ٽـڙي پـوي ۽ چـنـدرمـا ڪـڙي پـوي،
اهـڙا تـي روپ 'آس' هُـو سـرڪـار ٿـا لـڳـن.

جاني اسحاق ملاح

## غـــزل

ابـتـدا تـي رکـي، انـتـهـا تـي رکـي،
هـوءَ پـنـهـنـجـي اکـين ۾ خـدا تـي رکـي.
من جي هڪ شيءِ سان پيٽا ڏني ڇا ڪبو،
رنـگ فـطـرت سـنـدا ڪـيـتـرا تـي رکـي.
منـهـنـجي احسـاس تي جـا رچـيـل آ سـدا،
دل جي ڌڙڪن تي قـبضـو بـہ سـا تي رکي.
مـان رديـفـن جـي ڳـولا ۾ هـوندو آهـيـان،
مـنـهـنجي شـعـرن جـا سـپ قـافـيا تي رکي.
منهنجي اندر تي ڌڙڪي، مگر تنهنجي آ،
منهنجي دل مون سان ڪيڏي دغا تي رکي!
تنهنجي دوري جا بخشي آ تنهائي سـا،
پـل سـارا ڪـنـدا، پـاپـرا تـي رکـي.
بي رخي جنهن جي من ۾ وجهي جهير ٿي،
سـار تـنـهـن جـي ڦـٽـن تـي پـهـا تـي رکـي!

گل ٽڪڙائي

## غـــزل

لاک جـي لالاڻ ۾ چـو زنـدگـي رونـي پـئـي،
بـاک جـي سـرهـاڻ ۾ چـو زندگي روني پئي.
پـيـار جـا رابـيـل راهـن ۾ ڏسـون ڪـومـل پـيـا،
مـرڪ جـي آلاڻ ۾ چـو زنـدگـي رونـي پـئـي.
بـلـب جـي بـيـمـار پـيـلـي روشـني تـي زهـر آ،
پـيـار جي چـڪـتـاڻ ۾ چـو زندگي روني وئي.
رقـص راهـن ۾ ٽڙي خـوشـبـو وکـيـري پـر وري،
چنـڊ جـي چـانـڊاڻ ۾ چـو زندگي روني پئي.
لهر لهرن سان ملي خاموش ٿي موٽي اچي،
سـانـت تـي مـهـراڻ ۾ چـو زندگي روني پئي.
ڪـيـتـرو جـهـيـڙو ٿـيـو هـابـيـل ۽ قـابـيـل ۾،
هـئي ڪـمي ڪـاراڻ ۾ چـو زندگي روني پئي.
درد سان ڪهڙي سندءِ 'گل' تي وئي آ دوستي،
پـيـنـي جـاٽـن پـاڻ ۾ چـو زنـدگـي رونـي پـئـي.

خليل عارف سومرو

## غـــزل

حُـسـن جـو تـون حـوالـو پـريـن،
بـاک جـو چـڻ اُجـالـو پـريـن.
رنـگ ۾ روپ تـنـهـنـجـو مِـٿـا،
سـاري جـڳ کـان نـرالـو پـريـن.
خـوبـصـورت گـهـٽـا نـانءُ پـر،
ٿـو وٽـي تـنـهـنـجـو نـالـو پـريـن.
جنهن گـهـڙي ديد تنهنجي ٿي ٿـئي،
دل تـي ڳـائـي جـمـالـو پـريـن.
سُـرت حـاصـل ڪـرڻ جـي گـهـريـن،
شـاهـ جـو پـڙهـ رسـالـو پـريـن.
هـلـڪـي رم جـهـم ۾ 'عـارف' پـچـون،
آ مـلـهـايـون جـهـڙالـو پـريـن.

●

# مقالا

## قرآن شريف جا ترجما
## - ۽ جتوئي صاحب وارو انگريزي ترجمو -

[ هن ورق جي اڳئين پاسي تي قرآن شريف جي حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه
واري فارسي ترجمي جي اصل قلمي نسخي جي هڪ صفحي جو عڪس ڏنل آهي ]

غلام رباني آگرو

# قرآن شريف جا ترجما

## - ۽ جتوئي صاحب وارو انگريزي ترجمو -

قرآن عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي. ان جي مصدر متعلق مسلمان عالمن جا مختلف رايا آهن، سو معنيٰ متعلق به جدا جدا نظريا آهن.

محمد بن ادريس الشافعي (وفات ٨١٩ع) جو چوڻ آهي ته 'قرآن' اسم خاص آهي، جنهن جو مطلب اهو ڪتاب آهي، جيڪو حضور پيغمبر ﷺ جن تي نازل ٿيو هو.

يحيىٰ بن زيد الفرئ (وفات ٨٨٢ع) جو چوڻ آهي ته لفظ قرآن نڪتو آهي قرائن مان، جيڪو جمع آهي "قرينة" جو ۽ معنيٰ اٿس پاره، حصا، جزا، جيڪي هڪٻئي سان ڳنڍيل هجن. قرآن جا پاره هڪٻئي سان مربوط آهن.

ابو الحسن علي بن اسماعيل الاشعري (وفات ٩٣٦ع)، (ٻين عالمن سان گڏ جيڪي به ڪائنس روايت ڪن ٿا)، انهيءَ راءِ جو آهي ته لفظ قرآن نڪتو آهي "قرن" فعل مان، جنهن جو مطلب آهي، شين کي گڏ ڪرڻ ۽ گڏ رکڻ. چوويهه ورهيه (ٽيويهه ورهيه؟) قرآن جون سورتون (۽ آيتون) الڳ الڳ نازل ٿينديون رهيون. پر، آخر ۾ اهي سڀ هڪ مصحف مبارڪ ۾ جمع ٿيون.

ٻين عالمن جا وري ٻيا رايا آهن. مثال طور: ابو الحسن علي بن حمزه الحياني (وفات ٨٣٠عيسوي) جو خيال آهي ته قرآن "مقروء" تي زور ڏئي ٿو، جنهن جي معنيٰ آهي: "پڙهو." هن لفظ جو واسطو "قرأ" فعل سان آهي، جنهن جو مطلب آهي "پڙهڻ." سندس راءِ ٻين مڙني کان وڌيڪ وزندار ليکي وڃي ٿي.

القرطبي (وفات ١٢٦٩ع) وضاحت ڪئي آهي ته حضور پيغمبر ﷺ جيئن ته سموريءَ انسانذات لاءِ بشير (بشارت ڏيندڙ) ۽ نذير (ديڄاريندڙ) هئا، سو، ضروري آهي ته قرآن جي تعليم کي ٻين قومن تائين پهچائڻ لاءِ ان جا ترجما ڪيا وڃن.

تاهم، سڀ عالم انهيءَ ڳالهه تي متفق آهن ته ترجمو سَنَدَ يعني اٿارٽيءَ جي حيثيت ڪانه ٿو رکي، سو، ان جي بنياد تي ڪا به فتويٰ (Legal Verdict) ڏئي نٿي سگهجي.*

* حوالي لاءِ ڏسو: World Bibliography of the Translations of the Meanings of the Holy Quran, Istanbul, Turkey, 1986.

## اوائلي ترجما:

پر، قرآن شريف جي تعليم پکيڙڻ هر مسلمان جو فرض آهي. سو، گذريل چوڏهن سؤ سالن کان ان جا ترجما ٿيندا رهيا آهن، ۽ اڃا بہ سڄيءَ دنيا ۾ ٿيندا رهن ٿا.

حضور پيغمبر ﷺ جن پاڻ، پنهنجي زندگيءَ ۾، اسلام جي تبليغ لاءِ، ڪن ملڪن جي حاڪمن کي خط لکيا هئا، جن ۾ قرآن شريف جون آيتون هيون. جيڪي سفير اهي خط کڻي ويندا هئا، سي عربي زبان توڙي انهيءَ حاڪم جي ملڪ جي زبان پڻ ڄاڻندا هئا. بلڪ، ٻنهي زبانن جا ماهر هوندا هئا، سي، حاڪم کي خط ڏيڻ وقت ڪيس قرآن شريف جي آيتن جو ترجمو بہ ڪري ٻڌائيندا هئا. مثلاً، نجاشيءَ ڏانهن جيڪو خط ويو هو، انهيءَ ۾ قرآن شريف جون آيتون هيون. **حضرت جعفر طيار** ان موقعي تي موجود هو ۽ نجاشيءَ جي اڳيان مترجم جا فرض ادا ڪيائين. ساڳيءَ ريت، حضور ﷺ جن جي صحابيءَ، **حضرت سلمان فارسيءَ**، ڪانئن اجازت وٺي، پنهنجن ڪن هم وطن ايرانين کي قرآن شريف جي تعليم ڏيڻ لاءِ، ڪي سورتون فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيون هيون، جن ۾ سورة فاتحہ بہ شامل هئي.



مارٽن ليوٿر

اهڙيءَ ريت، مشرقي ٻولين ۾ قرآن شريف جو اولين ترجمو فارسي زبان ۾ ٿيو. مغربي ٻولين ۾ وري ان جو پهريون پهريون ترجمو لاطيني (Latin) زبان ۾ ٿيو. **پطرس** نالي هڪ راهب، طرابلس ۾ سنہ ۱۱۴۳ع ۾ ڪيو.

جرمن زبان ۾ پهريون پهريون ترجمو **مارٽن ليوٿر** ڪيو هو، جنهن پوپ سان بغاوت ڪئي هئي.

عالمِ اسلام جي محققن ۽ ماهرن جي چوڻ موجب، قرآن شريف جي **اوائلي ترجمن ۾**، پهرينءَ صديءَ هجريءَ جي پوئين اڌ ۾، شام ملڪ جي قديمي ٻوليءَ Aramic وارو ترجمو بہ شامل آهي. اها ٻولي، لساني لحاظ کان، هيبرو ٻوليءَ کي گهڻي ويجهي هئي ۽ حضرت عيسيٰ عليہ السلام ڳالهائيندو هو.

موسيٰ ابن سيار جو فارسي ٻوليءَ ۾ **"زباني ترجمو"** پڻ اوائلي ترجمن ۾ شامل آهي. پر، ستينءَ صديءَ هجريءَ جي پوئين اڌ ۾ شيخ سعديءَ شيرازيءَ جو فارسي ترجمو پوءِ جي ڳالهہ آهي.

نامور محقق، ڊاڪٽر حميدالله، هڪ **هندستاني مڪمل ترجمي** جو بہ ذڪر ڪيو آهي، جيڪو سَنُ بہ سو ستر هجريءَ ۾ ٿيو هو. هن ترجمي مان مطلب اهو ترجمو آهي، جنهن جو ذڪر بزرگ بن شهريار پنهنجي ڪتاب "عجايب الهند" * ۾ ڪيو آهي. ڊاڪٽر حميدالله اهو بہ چيو آهي تہ ٽِي- آرنولڊ قرآن شريف جي **اوائلي ترجمن ۾**، هڪ **چيني ترجمي** کي بہ تسليم ڪري ٿو. اهو چيني ترجمو اڃا موجود آهي، يا هاڻي اڻلڀ آهي، سو معلوم ڪونهي.

---

* "عجايب الهند" کي عام طرح "عجائب الهند" لکيو ويندو آهي. پر اصل ڪتاب ۾ ان جو نالو "عجايب الهند" لکيل آهي، سو، مون بہ اها صورت خطي قائم رکي آهي.

سنہ ١٩٨٢ع ۾، حڪومت پاڪستان، ٻن اديبن تي مشتمل، پنهنجو پهريون پهريون ادبي وفدُ، چين لاءِ تشڪيل ڏنو: پنجاب مان مرزا اديب ڪي ۽ سنڌ مان مون ڪي انهيءَ ۾ شامل ڪيائون. چيني ميزبانَ، پهرئين ئي ڏينهن، اسان ڪي بيجنگ جي جامع مسجد ۾ وٺي ويا، جنهن جي پيش امام قرآن ڪريم جو هڪ چيني ترجمو ڏيکاريو ۽ ٻڌايو تہ ’چين جي حڪومت عالمن جي ڪاميٽي مقرر ڪئي آهي تہ چڪاس ڪري اطمينان ڪري تہ ترجمو هوبهو آهي، يا منجهس ڪنهن بہ درستيءَ جي ضرورت آهي.‘ انهيءَ چيني ترجمي جي ڪاپي ڪاپي اسان ٻنهي ڄڻن ڪي آٽوگراف ڪري ڏنائين. چيني امام جو نالو صالح هو. هن چيو تہ "حڪومت چڪاس ڪاميٽي انڪري مقرر ڪئي آهي، جو ان ڪي ان ڳالهہ جو احساس آهي تہ قرآن شريف جو ترجمو آسان ڪونهي."




* * * *

سنڌ ۾ بہ قرآن شريف جو ترجمو آڳاٽي زماني کان ٿيندو رهيو آهي. بزرگ بن شهريار، پنهنجي ڪتابَ "عجايب الهند" ۾، ٽينءَ صديءَ هجريءَ جي هڪ عالم جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪو اصل ۾ عرب هو ۽ عراق جو وينل هو. جڏهن سنڌ ۾ عربن جي حڪومت قائم ٿي، تہ سندن گاديءَ جي هنڌ، منصوري ۾ آيو ۽ گهر ڪري ويٺو. سنڌ جي باشندن سان ملڻ ڪرڻ ڪري سنڌي بہ سکيو. پر شاعر ۽ عالم شخص هو. سو، ٻيون هندي (هندستاني) زبانون بہ سکيو. ڪشمير جي راجا مهروق بن رايق لاءِ قرآن شريف جو خبر ناهي تہ ڪنهن هندستاني ٻوليءَ ۾ ترجمو ۽ تفسير ڪيو هئائين. انهيءَ تان عام ڳالهہ هُلي وئي، تہ سجيءَ دنيا ۾ قرآن شريف جو پهريون پهريون ترجمو سنڌ ۽ سنڌيءَ ۾ ٿيو.

"عجايب الهند" اڻلڀ ڪتاب آهي. مون کي بہ اتفاق سان مليو. ١٩٧٦ع ۾ شاهہ ايران جي حڪومت، نواب نوراحمد لغاريءَ ۽ مون کي ايران جي دوري جي دعوت ڏني. تهران ۾ هڪ مشهور ڪتبخاني جو مالڪ، آغا اسدي مليو. پاڻ حيدرآباد آيو هو تہ مون سندس خاطر تواضع ڪئي هئي. سو، تهران ۾، جڏهن ساڻس ملاقات ٿي، تہ هڪ عمدو ڪتاب ڏنائين. پر، مون اهو رکي، "عجايب الهند' ڪنيو، جيڪو سامهون رکيو هو. عربيءَ ۾ هو ۽ هر صفحي جي هيٺئين اڌ تي ان جو فرانسيسي ترجمو هو. آغا اسديءَ مون کي ڪتابُ آٽوگراف ڪري، پيش ڪيو. حيدرآباد پهتس، تہ بورڊ ۾ مولانا محمد صديق ماعر کان انهيءَ عبارت جو عربيءَ مان سنڌيءَ ۾ اچي ترجمو ڪرايم، جيڪا مبينہ ترجمي متعلق هئي. پر ڏٺم تہ ترجمو نڪي تہ سنڌ ۾ ٿيو آهي، ۽ نہ وري سنڌي زبان ۾ ٿيو آهي.


كتاب عجايب الهند

LIVRE DES MERVEILLES DE L'INDE

TEXTE ARABE

P. A. VAN DER LITH.

TRADUCTION FRANÇAISE

L. MARCEL DEVIC.

LEIDE — E. J. BRILL

ڪجهہ سال اڳ، ملڪ جي مشهور محقق ڊاڪٽر نبي‌بخش خان بلوچ مذڪوره ترجمي بابت انگريزيءَ ۾ هڪ مفصل مضمون لکيو هو. مون کي اسلام‌آباد ۾ ان جي ڪاپي عنايت ڪئي هئائين. انهيءَ جو سنڌي زبان ۾ سليس ترجمو محترم عبدالرزاق گهانگهري ڪيو آهي، جو مسٽر ناشادَ ”مهراڻ“ جي سنہ ١٩٩٩ع جي ٣ نمبر پرچي ۾ شايع ڪيو آهي. منجهس چٽيءَ طرح لکيل آهي تہ، ”انهيءَ راجا جي رياست اتر ڪشمير ۽ ڏکڻ ڪشمير جي وچ ۾ هئي. پنجاب جي اتر طرف هئي.“

اها ڳالهہ بہ انهيءَ راءِ جي تصديق ڪري ٿي تہ اهو ترجمو پنجاب ۽ ڪشمير جي پاسي اتان جي ڪنهن ٻوليءَ ۾ ٿيو هو.

محترم جميل نقويءَ نالي هڪ محقق وري پنهنجي ڪتاب **”قرآن شريف کے اردو تراجم مع مختصر تاريخ“** ۾ مهروق بن رائق کي روهڙيءَ کان چار ميل پري اروڙ جو راجا ڪوٺيو آهي. اروڙ جو راجا تہ ڏاهر هو، جيڪو جنگ ۾ مارجي ويو هو.--- سو، پانئجي ٿو تہ جميل نقويءَ کان سَهوَ ٿي آهي.

اصل ڳالهہ اها آهي تہ اهو ترجمو هاڻي ڪٿي بہ موجود ڪونهي. ليڪن، سائين قاسمي صاحب، تازو، مولانا عبدالڪريم قريشيءَ، پير واري بزرگ جي سنڌي ترجمي جو 'پيش لفظ' لکيو آهي، جنهن ۾ مذڪور ترجمي جي هن زماني ۾ ”ناپيد هجڻ“ بابت لکيو اٿس تہ:

”اڍائي صدي هجري ۾، سنڌ اندر قرآن پاڪ جو سنڌي ۾ ترجمو ٿيو، جو ڪشمير تائين پهچي ويو. اهو ترجمو منصوره سنڌ ۾ ٿيو هو. اڳتي هلي، درياءَ سنڌ جي مستانين موجن ۾ گم ٿي ويو، جيئن منصوره سنڌ ۾ امام دائود ظاهري جا حديث تي ڪتاب درياءَ سنڌ جي موجن هيٺ اچي ويا.“




هن صورت حال ۾ مناسب ٿيندو، تہ بزرگ بن شهريار جي روايت تي سنجيدگيءَ سان ويچار ڪجي، تہ معاملي جي صحيح صحيح خبر پوي. سو، مان ”عجايب الهند“ جي اصل عربي عبارت، ۽ ان جي فرانسيسي ترجمي جو عڪس پيش ڪريان ٿو. آخر ۾، انهيءَ عبارت جو سنڌي ترجمو بہ ڏيان ٿو، جيڪو سنڌ يونيورسٽيءَ جي فاضل استاد، محترم ثناالله ڀٽي صاحب ڪيو آهي.

رايق سڏيو ويندو هو، تنهن سنہ ٢٧٠هہ ۾ منصوري جي حاڪم عبدالله بن عمر بن عبدالعزيز کان اهڙي ماڻهوءَ جي پڇا ڪئي، جيڪو کيس هندي (هندستاني) زبان ۾ اسلامي شريعت سمجهائي.

امير عبدالله، منصوري جي عرب مسلمان حاڪم هڪ شخص کي سڏيو. جيڪو اصلاً عراقي هو. انتهائي ذهين سمجهدار ۽ شاعر هو، ۽ هندستان ۾ پليو هو. سو، هتان جون مختلف زبانون بہ ڄاڻندو هو، ساڻس الرا جي راجا جي ڪَيَلَ سوال بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪيائين.

عراقي عالم، راجا جي ڳالهہ ذهن ۾ رکي، هڪ قصيدو ناهيو، جنهن ۾ اهو سڀ ڪجهہ بيان ڪيائين، جيڪو ڪشمير جي راجا کي مطلوب هو. ڪشمير جي راجا اهو قصيدو پڙهيو، ہ کيس گهڻو وڻيو. امير عبدالله ڏانهن لکيائين، تہ انهيءَ شاعر کي مهرباني ڪري، مون ڏانهن موڪلي ڏيو. منصوري جي حاڪم عراقي عالم کي ڪشمير جي راجا وٽ موڪليو.

هو راجا وٽ ٽي سال رهڻ کان پوءِ واپس آيو. امير عبدالله کانئس الرا جي راجا بابت پڇيو، تہ هن گهڻا احوال ڏنا ۽ اهو بہ ٻڌايائين تہ الرا جي راجا دل ۽ زبان سان اسلام قبول ڪيو. مگر، اسلام جو اظهار نہ ڪري سگهيو، جو خوف تيس، تہ متان معاملو خراب ٿي وڃي ۽ حڪومت کسجي وڃي.

مختلف واقعن مان هڪ واقعو اهو بہ ٻڌايائين تہ، هڪ دفعي، راجا کيس چيو تہ مون کي هندي (هندستاني) زبان ۾ قرآن جو تفسير ٻڌاءِ. عراقي عالم چيو تہ تفسير بيان ڪندي، سورة يٰس تي پهتس. هن آيتن جو تفسير بيان ڪيم:

**ڇا نہ ڏٺو انسان، تہ اسان پيدا ڪيو، ان کي هڪ قطري مان. پوءِ اوچتو اهو ٿيو پڌرو جهڳڙالو. ۽ ناهڻ لڳو اسان لاءِ مثالَ، ۽ وساريائين پنهنجيءَ پيدائش کي.**

**چيائين تہ: ڪير جيئرو ڪندو هنن هڏن کي جڏهن اهي ڳري ڀُري ويل هجن؟ چئہ تہ: جيئرو ڪندو انهن کي اهو، جنهن پيدا ڪيو هو، انهن کي پهرئين پيري. ۽ اهو هر پيدائش ڄاڻندڙ آهي.**

عراقي عالم چيو تہ جڏهن مون اُنهن آيتن جو تفسير بيان ڪيو، تہ راجا، جيڪو ان وقت تخت تي ويٺو هو، جيڪو بي بها هو ۽ قيمتي جواهرن سان مرصع هو، تنهن مون کي چيو تہ، 'اُنهن آيتن کي ٻيهر بيان ڪر.'

مون جڏهن وري بيان ڪيو، تہ هو پنهنجي تخت تان هيٺ لٿو، زمين تي آيو، جنهن تي پاڻيءَ جو ڇٽڪار ٿيل هو، سو، آلي هئي. راجا پنهنجا ڳل زمين تي رکيا (سجدو ڪيو) ۽ ايترو رنو ۽ (تڙپيو) جو سندس سڄو منهن

متيءَ سان ٺڦجي ويو ۽ چيائين تہ، "بلاشڪ، هي اُهو ئي حقيقي معبود رب آهي، جو اول کان يعني هميشه کان آهي، قديم آهي ۽ سندس ثاني يا مشابه بيو ڪير بہ ڪونهي."

عراقي عالم چيو تہ راجا پنهنجي عبادت لاءِ هڪ گهر ٺهرايو، ۽ ظاهر ڪيائين، تہ اهو سندس خاص معاملن لاءِ خلوت پذير ٿئي ٿو. پر،. ان ۾ لڪي نماز پڙهندو هو، جنهن جي خبر ڪنهن کي بہ ڪانہ پوندي هئي.

عراقي عالم چيو، تہ مون کي راجا ڇهہ مڻ سونُ، ٽي دفعا، انعام طور ڏنو.

**هن بيان ۾، هيٺيون ڳالهيون چٽيون بيٺيون آهن:**

(۱) مترجم سنڌي ڪونہ هو. عراقي باشندو هو. منصوري ۾ عربن جي حڪومت قائم ٿيڻ کان پوءِ اچي (Settle) ٿيو هو. هونئن، اصل نسل ۾ عرب هو. ڏاهو هو. عمدو شاعر هو.

(۲) بزرگ بن شهر يار کيس عراقي عالم لکي ٿو. سنڌي ڪونہ ٿو ڪوٺي. عراقيْ عالم، منصوري ۾ رهيو تہ سنڌي سکيو. هونئن بہ عالم شخص هو. سو، هندستان جون بيون ٻوليون بہ ڄاڻندو هو. پر، ان هوندي بہ، پنهنجي علمي ذوق ۽ شوق خاطر، توڙي مذهبي جذبي هيٺ، سنڌ ۾ رهائش دوران قرآن شريف جو سنڌي ترجمو ڪونہ ڪيائين.

(۳) منصوري جي حاڪم جي حڪم تي، ڪشمير جي راجا وٽ ويو ۽ ٽي ورهيہ ٽڪيو. اسلامي تعليمات جو سرچشمو قرآن شريف آهي، سو، راجا کيس چيو تہ، 'مون کي قرآن شريف جو تفسير سمجهاءِ." ليڪن، تفسير تہ تڏهن ٿيندو، جڏهن اول لفظ ترجمو ٿيندا. سو، عراقي عالم کي قرآن ڪريم جا لَفظَ انهيءَ ٻوليءَ (هنديءَ يا ڪشميريءَ يا ڪنهن ٻيءَ ۾) ترجمو ڪرڻا پيا هوندا، جيڪا راجا ڳالهائيندو يا ڄاڻندو هو. بهرحال، ڪشمير جو راجا نڪي تہ سنڌي هو ۽ نہ وري ڪشمير جا ماڻهو سنڌي ڳالهائيندا هئا.

(۴) "عجايب الهند" جي اصل عربي عبارت ۾ تفسير ۽ ترجمي جو ذڪر ضرور آهي. پر، ان جي لڪيل عبارت يعني "مسعودي" جو ذڪر ڪونهي. پر، جي ڪٿي اڪيون ٻوٽي، مڃجي، تہ ترجمو يا تفسير رڳو زباني طرح بيان ڪونہ ڪيو هئائين، پر، لکيو بہ هئائين، تہ بہ ائين ڪٿي بہ چيل ڪونهي، تہ جنهن بہ ٻوليءَ ۾ لکيو هئائين، سو، موٽڻ مهل، راجا کان واپس وٺي آيو.

(٥) "عجايب الهند" ۾، فقط هيءَ ڳالهہ زور ڏئي چيل آهي تہ جڏهن راجا "سورة ياسين" جي آخرين رڪوع جون آيتون ٻڌيون، تہ تخت تان لهي، زمين تي رب پاڪ کي سجدو ڪيو، رنو، ۽ مسلمان ٿيو. عبادت يعني نماز ۽ ورد وظائف لاءِ جدا جاءِ جوڙايائين.

هن صورت ۾ اهو چوڻ، تہ قرآن شريف جو دنيا ۾ پهريون پهريون ترجمو سنڌ ۾ ٿيو هو، يا سنڌيءَ ۾ ٿيو هو، ڪيتريقدر صحيح يا غلط آهي، سو پڙهندڙ پاڻ فيصلو ڪن.

مون کي رڳو هيءَ گذارش ڪرڻي آهي تہ، عربن جي فتح کان پوءِ ٽينءَ صديءَ هجريءَ ۾، هندستان ۾، قرآن ڪريم جو ترجمو ٿيو، سا بہ ڪا معمولي ڳالهہ ڪانهي. اهو ترجمو مذهبي توڙي تاريخي لحاظ کان، هڪ **"عظيم شاهڪار"** جي حيثيت رکي ٿو. ڊاڪٽر حميدالله جي چوڻ موجب **اوائلي ترجمن** ۾ شامل آهي. جيڪڏهن اڄ اهو موجود ڪونهي، تہ ان جي باري ۾ تڏي سيني سان سوچڻ گهرجي.

آخر ڪو تہ سبب هوندو جو سنڌ جي اڳوڻن عالمن مخدوم محمد هاشم، مخدوم معين، مخدوم جعفر، مير علي شير قانع ٺٽويءَ ۽ ٻين بزرگن ان جو تذڪرو ڪونہ ڪيو آهي.

تاريخِ اسلام جا هي مکيہ واقعا شايد ڳالهہ کي سمجهڻ ۾ ڪجهہ مددگار ٿين:

١- اسلام جو پيغام، حضور پيغمبر ﷺ جن جي زبان مبارڪ مان، مڪي جي رهاڪو عربن کي نهايت آرام، اطمينان، پيار ۽ محبت سان مليو: پاڻ سڳورا ﷺ مڪي شريف ۾ ورهين جا ورهيہ متواتر تبليغ ڪندا رهيا.

٢- جڏهن مڪي جي ماڻهن سندن پيغام ٻڌڻ بدران مورڳو سندن خلاف خوفناڪ منصوبو رٿيو، تہ پاڻ رب جي رضا سان مديني ڏانهن هجرت ڪيائون. پر، مڪي جا قريشي پوءِ بہ شرارتن کان باز نہ آيا ۽ مديني جي يهودين سان ڳجهہ ڳوهہ ۾ مسلمانن خلاف سازشون سٽيندا رهيا.

٣- آخر، صورت حال اهڙي پيدا ٿي، جو مسلمانن ۽ مڪي جي ڪافرن جي وچ ۾ "بدر" جو پهريون معرڪو ٿيو، جنهن ۾ مسلمانن جي سوڀ ٿي. پر، ان کان بہ وڏي ڳالهہ اها ٿي، تہ مختلف عرب قبيلن تي مسلمانن جي ڌاڪ ڄائنجي ويئي. پوءِ جي تاريخ (ايڪڙ ٻيڪڙ واقعن کان علاوه) مسلمانن جي مسلسل سوڀ جو طويل داستان آهي.

٤- حضور پيغمبر ﷺ جن جي وصال وقت، تقريباً سڄو عربستان سندن قدمن هيٺان هو. پر، سندن وصال بعد فوراً هتِ هُتِ، بغاوت

جا جهنڊا بلند ٿيا. ڪيئي ننڍا وڏا معرڪا ٿيا، جن ۾، خليفي ابوبڪر صديق رضہ جي قيادت هيٺ، سمورين بغاوتن کي ڪاميابيءَ سان ڪچليو ويو.

٦- اهڙيءَ ريت، اسلامي انقلاب مستحڪم ٿيو، ته حضرت ابوبڪر رضہ وصال ڪيو. حضرت عمر رضہ جي دورِ خلافت ۾ فتوحات جو سلسلو شروع ٿيو.

٧- مسلمان عربستان جي صحرا مان طوفان وانگر نڪتا مٿي پيرين اگهاڙا هئا. پر، عقيدي ۽ ايمان جي جذبي سان سرشار هئا. سو، مصر ۽ شام جون تربيت يافتہ فوجون بہ سندن تاب سهي نہ سگهيون. يورپ ۽ ايشيا ۾ "گجندڙ رومن ايمپاير" ۽ ايران جي "هفت اقليم سلطنت جا سراسر رُڪ ۽ فولاد جي زرهن ۾ ملبوس سپہ سالار، ۽ سپاهي" بہ سندن سَٽَ سَهِي نہ سگهيا.

٨- هو ملڪن پنيان ملڪ فتح ڪندا ويا. آسمان ۾ سندن غوغاءُ هو. جيڏانهن وک وجهندا هئا، اوڏانهن ڌرتيءَ تي زلزلا ايندا هئا. سلطنتن ۾ ٽاڪوڙا پوندا هئا.

٩- جنهن شخص، اڳي، سنڌو درياءَ کي آبڪلاٽيءَ جي منڊ ۾ ڏٺو هوندو، سو ٻڌائيندو تہ درياءَ جتي زمين پائيندو آهي، اتي هڪ وڏي پِڪ اوچتو وجي درياءَ ۾ ڊوڙيو ڪندي آهي. بلڪل ائين، هڪ ڏينهن، سنڌ جي سلطنت بہ وجي "تاريخ جي وهندڙ درياءَ" ۾ ڊوڙيو ڪيو.

هن پس منظر ۾، سنڌ جي سرحدي رياستن، جوڌپور، جئي پور، قنوج، ڪيرج يا اتر ۾ ڪشمير جي راجائن جي ذهني حالت ڪهڙي هوندي؟ سا، هر شخص سمجهي سگهي ٿو. چنانچہ، ان ۾ حيرت جي ڳالهہ ڪانهي، تہ ڪشمير جي راجا کي اسلامي شريعت معلوم ڪرڻ جو شوق اچي دامنگير ٿيو. عراقي عالم وٽس ويو ۽ ٽي ورهيہ ٽڪيو. راجا کي اسلام جي بنيادي اصولن کان واقف ڪيائين. **ڪشمير ۾، قرآن ڪريم ترجمو ڪري، ڪيس بيان ڪري، ٻڌايائين.**

راجا ڪلام الله جي حقانيت کان متاثر ٿي، مسلمان ٿي ويو؛ عراقي عالم کي ٽي ڀيرا ڇهہ مڻ سون انعام اڪرام طور ڏنائين. مسلمانن وري پنهنجي اخلاق جو مظاهرو ائين ڪيو، تہ هنن سندس ملڪ تي ڪاهہ ڪانہ ڪيائون.

رواجي سمجهہ جي ڳالهہ آهي تہ عراقي عالم راجا کي قرآن ڪريم سندس ٻوليءَ ۾، ترجمو ڪري

ٻڌايو هوندو. پر، جيڪڏهن ڪيس ترجمو يا تفسير لکي ڏنو هئائين، ته اهو راجا وٽ سندس انمول تحفو ٿيو. ڪانئس واپس وٺڻ، اخلاقي طرح، معيوب ڳالهه ٿئي ها. پر، جي عراقي عالم، راجا کي ترجمو يا تفسير ماڳهن زباني طرح بيان ڪري ٻڌايو هو، ته پوءِ ته قصو ئي ٻيو ٿيو.

پٺاڻي صاحب جو هڪ فقير سندن وصال کان پوءِ رسالي جو هٿ اکر لکيل نسخو ڪٿي ڪچ ڀڄ جي طرف هليو ويو، جيڪو هوند، هاڻي، شاهه جي مستند ڪلام جو متن تيار ڪرڻ ۾ مددگار ٿئي ها. پر، وڏين ڪوششن ڪانپوءِ به ڪچ ڀڄ جي پاسي، ان جو سراغ ڪونه مليو آهي. اها ٻن ٽن صدين جي ڳالهه آهي.

هن ترجمي ۽ تفسير جي ڳالهه ته ڏهه يارهن صديون پراڻي آهي. ڪاٿي رهي سنڌ، ڪاٿي رهيو ڪشمير. هر ڪنهن جي اندر ۾ قاضي وينو آهي. سو، پڙهندڙ، هاڻي، پاڻ فيصلو ڪن، ته اهو چوڻ ڪيترو وَزَنُ رکي ٿو ته:

"اڊائي صديءَ هجريءَ ۾ منصوري ۾ قرآن شريف جو ترجمو ٿيو، جو وجي ڪشمير پهتو ۽ پوءِ مهراڻ جي مستانين موجن ۾، لڙهي ويو."

* * * *

**هند - سنڌ جو پهريون فارسي ترجمو:**

هندستان ۽ پاڪستان ۾، هزارين ورهيه اڳي، فارسي زبان جو زور هوندو هو، ڇو ته سنڌ ۽ پنجابُ، وارو حصو بلڪ موجوده پاڪستان وارو ذري گهٽ سڄوئي علائقو ايران جي 'هفت-اقليم-سلطنت' جو هڪ صوبو (اقليم) هوندو هو. سو، ان زماني کان وٺي، اسان وٽ لکڻ پڙهڻ جو رواج فارسي زبان ۾ پيو. هاڻي به پراڻا ۽ اڳاڻا ڪتاب ۽ تاريخي دستاويز فارسيءَ ۾ ملن ٿا، يا وري عربيءَ ۾، هن پس منظر ۾، روايت آهي ته اسان وٽ يعني هندستان، پاڪستان ۽ بنگلاديش ۾ قرآن شريف جو اولين ترجمو به فارسي زبان ۾ ٿيو، ۽ اهو شرف ۽ شان سنڌ کي نصيب ٿيو هو.

هند ۽ سنڌ ۾ قرآن ڪريم جو پهريون پهريون فارسي ترجمو **واقعي** ڪٿي ٿيو ۽ ڪنهن ڪيو، انهيءَ مسئلي بابت اجا سنجيدگيءَ سان تحقيق ڪانه ٿي آهي. مون ملڪ جي مشهور ۽ معروف محقق، محترم مشفق خواجه صاحب تي اهو ڪم رکيو هو. ڪيس حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جو فارسي ترجمو ۽ ان بابت معلوم سڀ روايتون پڻ لکي موڪليون هيون. پر، خواجه صاحب کي ڪي مجبوريون هيون، سو، ڪم ۾ هٿ ڪونه وڌائين.

ان کان پوءِ مون مولانا اعجازالحق قدوسيءَ جي حلقهء احباب سان به اها ڳالهه ڪئي. اتي ڊاڪٽر ايوب قادريءَ چيو ته جيڪڏهن اسان مولانا شهاب الدين دولت آباديءَ جي **اٺهوري تفسير** کي **تفسير** ئي قرار ڏيون، ته پوءِ شايد چئي سگهبو ته خالص **ترجمي جي لحاظ کان** اهو عظيم ڪارنامو حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه سرانجام ڏنو.

حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جو زمانو اڪبر بادشاهہ جي حڪومت جو زمانو آهي. هر ڪنهن کي معلوم آهي، تہ اڪبر بادشاهہ جي درٻار ۾ نورتن هئا، جن مان هڪ کي ملا فيضي ڪوٺيندا هئا. سندس ڏاڏو بہ اصل ۾ سيوهڻ جو وينل هو. فيضيءَ قرآن شريف جو عربيءَ ۾ تفسير لکيو هو، جنهن ۾ ڪمال اهو ڪيائين، تہ ڪنهن بہ لفظ تي نُڪتو هئو ئي ڪونہ. لاهور جي ميوزيم ۾ ان جي ڪاپي رکيل آهي. اداره ثقافت اسلاميہ، لاهور جي ڊئريڪٽر محترم رشيد جالنڌريءَ وٽ بہ انهيءَ جي ڪاپي آهي. پر، فيضيءَ جي ڀاءُ **ابوالفضل** وري قرآن ڪريم جو **فارسي ترجمو** ڪيو هو. ڪوٽڙي ڪبير جي اهلِ دل ۽ علم دوست، ميان غوث محمد "گوهر" پيرزادي صاحب وٽ انهيءَ فارسي ترجمي جو قلمي نسخو آهي. ڊاڪٽر ثناءُ الله ڀٽي صاحب جو چوڻ آهي تہ ابوالفضل واري فارسي ترجمي جو هڪ نسخو اسلام آباد ۾ "اداره تحقيقات اسلاميہ" جي ڪتبخاني ۾ پڻ موجود آهي.

* * * *


ذٰلك الكتٰب لا ريب فيه
قرآن مجید
مترجم فارسی
ترجمہ
غوث الحق حضرت مخدوم نوح سرور ہالائی سندی
تقدیم تحشیہ و تصحیح
خادم القرآن الاستاذ غلام مصطفیٰ قاسمی
ناشر
سندی ادبی بورڈ جامشورو سندھ پاکستان

مخدوم نوح رحمة الله عليه جي ولادت جي تاريخ ٢١-فيبروري ١٥٠٦ع ۽ وفات ٢٦-سيپٽمبر ١٥٩٠ع آهي. قرآن دانيءَ ۾ سندن وڏي هاڪ هئي. مثلاً، پاڻ، رب پاڪ جي رحمان رحيم وارين صفتن جي حوالي سان، سڄي فارسي ترجمي ۾، هر سورت ۾ "بسم الله" جي نئين معنيٰ ڪئي اٿن. ان ڪانسواءِ، ترجمي جون ٻيون بہ ڪي خصوصيتون آهن. عرصي جي لحاظ کان، سندن ترجمو شاهہ ولي الله دهلويءَ واري مشهور فارسي ترجمي کان تقريباً بہ سو ورهيہ اڳاٽو آهي.

انهيءَ زماني ۾، سنڌ تي ترخانَ گهراڻي ۽ هندُ تي مغل گهراڻي جي حڪومت هئي. اڪبر بادشاهہ سنہ ١٥٥٦ع ۾ تخت تي وينو تہ حڪم ڏنائين تہ سنڌ تي حملو ڪيو. پر، سندس فوج کي شڪست ملي. اڪبر بادشاهہ پڇا ڪئي، تہ اڄڪلهہ سنڌ ۾ ڪهڙيءَ شخصيت جو اثر آهي؟ ڪيس رپورٽ ملي تہ مخدوم نوح رحمة الله جو تمام وڏو اثر آهي. اڪبر بادشاهہ پنهنجي سپہ سالار، خانِ خانان کي حڪم ڏنو، تہ سنڌ تي ٻيهر لشڪرڪشي ڪريو. پر، ان جي گاديءَ جي هنڌ، ٺٽي تي ڪاهہ ڪرڻ کان اڳ حضرت مخدوم نوح جي خدمت ۾ حاضري ڏجو ۽ دعا گهرجو. خانِ خانان ائين ئي ڪيو.

ٻيءَ روايت موجب، جڏهن خانِ خانان هالين پهتو، تہ مخدوم صاحب جن هي جهان ڇڏي چڪا هئا. سو، سندن درگاهہ تي حاضري ڏنائين ۽ دعا گهريائين. -- لڙائيءَ ۾، بهرحال، جاني بيگ ترخان شڪست کاڌي ۽ سنڌ مغل سلطنت جو هڪ پرڳڻو ٿي وئي. مون اها ڳالهہ سائين طالب المولیٰ سان ڪئي تہ پاڻ چيائون تہ: 'اسان بہ ائين ئي ٻڌو آهي.

مخدوم نوح رحمت الله عليہ واري فارسي ترجمي جو هڪ پارو اردو زبان جي هاڪاري عالم،

پروفيسر ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان ايڊٽ ڪيو هو. پير سائين حسام الدين راشديءَ جي دوست، ممتاز حَسن، (تڏهوڪي مئنيجنگ ڊئريڪٽر نيشنل بئنڪ آف پاڪستان) ڇپايو هو. بعد ۾ پير صاحب جي تحريڪ تي، ڊاڪٽر رضي الدين صديقيءَ (تڏهوڪي وائيس چانسيلر، سنڌ يونيورسٽي) بورڊ جي هڪ ميٽنگ ۾ تجويز پيش ڪيو تہ، "اهو ترجمو سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪري." اجلاس جي صدارت مخدوم صاحب ڪري رهيو هو. سڀني-ميمبرن تجويز جي متفقہ تائيد ڪئي. مخدوم صاحب ڳالهہ قبول ڪئي ۽ اصل قلمي نسخو آڻي بورڊ کي ڏنو. پهريائين تہ اهو ڪافي عرصو نقل ٿيندو رهيو. سڀ کان اول جناب حبيب الله رشديءَ نقل نويسيءَ جو ڪم ڪيو، جو حيدرآباد دکن جو عالم هو. هو ڪجهہ سالن کان پوءِ وفات ڪري ويو. آخر ۾، سائين قاسمي صاحب نقل نويسيءَ ۽ ايڊيٽنگ جو ڪم پورو ڪيو ۽ ترجمي جو عالمانہ مقدمو بہ لکيو.

مون کي هن ڪم سان شروع کان لاڳاپيل رهڻ جي سعادت نصيب ٿي. جڏهن مسودو ڇپائيءَ لاءِ تيار ٿيو، تہ مرحوم ڊاڪٽر اسدالله شاهہ حسيني تڏهوڪي اعزازي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ سان گڏ اول لاهور ۽ پوءِ ڪراچيءَ ڪتابت ۽ ڇپائيءَ لاءِ پنڌ ڪيم. قرآن شريف جو اصل عربي متن ڪاريءَ مس ۾ ۽ ان جي معنيٰ فارسيءَ ۾ ڳاڙهيءَ مس ۾ هئي. پيڪيجز لاهور جو چوڻ هو تہ "اسان اصل مخطوطي جو عڪس وٺي، هوبهو، ان جهڙو قرآن مجيد ڇاپي ڏينداسون." هنن نموني طور اهڙا ڪي ورق بہ ڇاپي ڏنا، جن مان هڪ هاڻي ڇپيل مصحف مبارڪ ۾ ڏنل آهي. بلڪ، اهو بہ ڇپائون تہ اسان قرآن ڪريم لاءِ خاص ڪاغذ ٺاهينداسين. پيڪيجز لاهور جو رويو نهايت تمام حوصلہ افزا هو. پر، سراسر مخدوم صاحب جي شخصيت ڪري هو. مخدوم صاحب، ڪنهن سبب ڪري، ڏانهن سرد مهري اختيار ڪئي، تہ اسان بہ منجهي پياسين. پيڪيجز سان وڏيڪ ڳالهہ بولهہ ڪانہ ٿي. ليڪن، مخدوم صاحب کي ڇپائيءَ جو ڏاڍو اونو هو. وچ تي ڪنهن مجبوريءَ يا مصروفيت ڪري، سائين قاسمي صاحب کان ايڊيٽنگ ۾ ڪجهہ دير ٿي، تہ ناراض ٿيو. مون کي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ شڪايت جو خط لکي موڪليائين. تڏهن مان اتي پرو-وائيس چانسيلر هئس. پر، مخدوم صاحب سان تہ ساڳي نيازمنديءَ واري وات هئي. مون کي بنا حجاب جي ڪم ڪار لکي موڪليندو هو: هن کي نوڪري ڏيو، هن کي بدلي ڪريو. مون سائين قاسمي صاحب سان تہ ڳالهہ ڪانہ ڪئي. البت، مخدوم صاحب کي تسلي ڏنم.

بورڊ جو ڇپائيءَ ۾ مکيہ مسئلو مالي هو. مان يونيورسٽيءَ مان بورڊ ۾ موٽي آيس. قدرت جي ڪرم سان سڀ مسئلا هڪبئي پٺيان حل ٿيندا ويا. برادرم مراد علي نظاماڻيءَ، تڏهوڪي سيڪريٽري ايجوڪيشن سنڌ وڏي مالي مدد ڪئي. مصحف مبارڪ شايع ٿيو. بورڊ جي سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾، قدرت مون کي ئي ان جي پبلشر ٿيڻ جو شرف بخشيو. سائين مخدوم صاحب جن خوش ٿيا. بلڪ ائين چئجي تہ ڏاڍا خوش ٿيا. مون کي نهايت محبت ڀريو خط لکي موڪليائون.




مون ڇپائي پوري ٿيڻ بعد مصحف مبارڪ جو اصل نسخو، ڪراچيءَ مان هڪ ماهر جلدساز کان (انهيءَ زماني ۾) سوين رپيا اجورو ڏئي، مجلد

ڪرائي، سائين مخدوم صاحب جن کي تحفي طور ڏنو، جو هاڻي سندن خاندان ۾ محفوظ هوندو. انهيءَ جو خاص سبب اهو هو، تہ ڪنهن زماني ۾، ڪنهن اڻ ڄاڻ جلدساز وٽان جلدبندي ڪري، اصل قلمي نسخي جي عبارت جا ڪي اکر پاسن سان ڪتري ڇڏيا هئا. ۽ جلد بہ ڳاڙهي رنگَ جو سادو ٻڌو هئائين. هاڻي، مون جنهن انداز سان اصل مخطوطي جي جلد بندي ڪرائي آهي، سا ڏسڻ وٽان آهي.

مخدوم نوح رحمة الله عليه واري فارسي ترجمي کان پوءِ تہ سنڌ ۾ قرآن شريف جا الاهي ترجما ٿيا آهن، ۽ اڪثر سنڌيءَ ۾ ٿيا آهن. انهن جو تفصيل بيان ڪرڻ هت ممڪن ڪونهي. پر، انهن ۾ انگريزن جي بادشاهيءَ ۾ مولانا تاج محمود امروٽيءَ جو ترجمو گهڻو مشهور ٿيو. شروع ۾، اهو عربي متن کان سواءِ شايع ٿيو هو. سو، وقت جا ڪي عالم مولانا امروٽيءَ سان ناراض ٿيا. مولانا امروٽي ڏاهو ماڻهو هو. سو، ساڻن بحث ڪرڻ بدران چيائين تہ "ادا، مون کي مسئلي جي خبر ڪانہ هئي. هاڻي، جيڪو ڇاپو نڪرندو، تنهن ۾ عربي متن شامل ڪبو." مون سائين قاسمي صاحب جي مدد سان اهو خالص سنڌي ترجمي وارو نسخو (جيڪو هاڻي ناياب آهي) ڪراچيءَ جي ڪِنهن مدرسي مان عاريتاً هٿ ڪيو. اصل ڪاپي تہ مالڪن کي موٽائي ڏنم، پر I.B.M وارن وٽان، جديد مشينن تي، بہ عاليشان فوٽوڪاپيون ڪرايم: هڪ پاڻ وٽ رکيم ۽ هڪ مخدوم صاحب کي تحفي طور ڏنم. ڪجهہ زماني کان تاج ڪمپنيءَ، توڙي لاهور جي ٻئي هڪ اداري، مولانا امروٽيءَ وارو ترجمو، اصل عربي متن سان گڏ شايع ڪري ڇڏيو آهي.

ٻيو هڪ سهڻو سنڌي ترجمو سائين قاسمي صاحب بہ مون کي عنايت ڪيو هو، جو غالباً سندن عزيز، مولانا مدنيءَ ڪيو هو.

انگريزن جي بادشاهيءَ ۾ هڪ سٺو ترجمو محترم جمال ابڙي جي والد بزرگوار، مرحوم علي خان ابڙي ڪيو هو. اُهو بہ هاڻي شايع ٿي ويو آهي. جمال مون کي ان جي ڪاپي عنايت ڪئي هئي. ڇاڇي مرحوم علي خان ابڙي جي زيارت مون کي نصيب ڪانہ ٿي، پر سندس علم جي هاڪ هئي.




اسان جي دؤر ۾ ٻيو واري بزرگ، مولانا عبدالڪريم جو سنڌي ترجمو بہ وڏي شهرت رکي ٿو. ان جو هڪ ايڊيشن برادرم حافظ محمد صديق ميمڻ صاحب ۽ ٻيو ايڊيشن محترم نور احمد ميمڻ صاحب سهڻي نموني ۾ شايع ڪيو آهي. ٻنهي کي شاباس هجي. جڏهن سنڌي ادبي بورڊ مخدوم نوح رحمة الله عليه وارو فارسي ترجمو سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ مان ڇاپي رهيو هو، تہ سائين قاسمي صاحب ان جي افتتاحي تقريب ۾ مولانا عبدالڪريم کي دعا گهرڻ لاءِ بورڊ ۾ وٺي آيو هو. مون کي سندس علم مان تہ مستفيد ٿيڻ جو موقعو ڪونہ مليو هو. پر، سندس اعليٰ اخلاق کان ڏاڍو متاثر ٿيس.

صاحب کي ائين بہ چيائين تہ "پوءِ پلا اوهان پنهنجيءَ اهليہ کي مروج شرعي نموني ۾ پردو ڇو نٿا ڪرايو؟"


علامہ آءِ. آءِ. قاضي

علامه صاحب ڪيس ڪڏهن بہ جواب ڪونہ ڏنو. هو منفرد مزاج مفڪرُ ۽ غيرمعمولي انسانُ هو. اهو سندس ئي ڪمال هو، جو گپَ چِڪَ جي هن جهانَ ۾ رهندي، ان جي آلائش کان پاڻ بچايائين. سڄي عمر منجهس ائين رهيو، جيئن ڪنول جو گُلُ، صاف ۽ ميري پاڻيءَ کان بي نيازُ، مٿانئس پنهنجيءَ سموريءَ سونهن سان سدائين جَلوه گرُ هوندو آهي.

وقت جا وڏا وڏا مشاهير سندس ادب ۽ احترام ڪندا هئا. سنڌ ۾ توڙي سنڌ کان ٻاهر. مثلاً مولانا عبيدالله سنڌي، سائين جي.ايم. سيد، مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، حاجي مولا بخش سومرو، خانبهادر کهڙو، اي. ڪي. بروهي، پير حسام الدين راشدي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، محترم محمد ابراهيم جويو، نواب مشتاق احمد گرماڻي، مرحوم ممتازحسن، مولانا ابوالڪلام آزاد، وزير تعليم هندستان ۽ خود هندستان جو صدر ڊاڪٽر ذاڪرحسين. جڏهن علامہ صاحب رحلت ڪئي هئي، تہ ڊاڪٽر ذاڪر حسين جو تعزيتي بيان آل انڊيا ريڊيو تان اول نشر ٿيو هو. جنرل ايوب خان جو بيان بعد ۾ اسان جي ريڊيو پاڪستان نشر ڪيو هو.

سو، سندس عظمت کي خيال ۾ رکي، حيرت لڳندي هئي، تہ اهو شخص ڪير آهي، جو ليڪچر ۾، علامہ صاحب کان سوال ڪري ٿو؟ پڇا تي خبر پئي، تہ جناب حيدربخش جتوئي آهي.

جتوئي صاحب جو نالو مون غائبانہ ٻڌو هو. تڏهن اڃا نوشهري فيروز جي مدرسي هاءِ اسڪول ۾ مئٽرڪ ۾ هئس، جتي پرين جو حافظ محمد صادق صاحب اسان جو پرنسيپال هوندو هو. هيڊ ماستر ۽ پرنسيپال گهڻو ڪري انتظامي ڪم سنڀاليندا آهن. پر، حافظ صاحب مئٽرڪ جي ڪلاس کي سنڌي سبجيڪٽ شوق سان پڙهائيندو هو. هڪ دفعي علامہ اقبال جي "شڪوه" ۽ "جواب شڪوه" جو ذڪر ڪيائين. چيائين تہ "حيدر بخش جتوئي نالي هڪ سنڌي شاعر بہ 'شڪوه' لکيو هو. پر، اهو اقبال جي 'شڪوه' وانگر مشهور ڪونہ ٿيو." حافظ صاحب چيو تہ "مون کي بہ ياد ڪونهي. پر، ان جي هڪ سٽ ٿيئن هئي: **"منهنجي مولا کي منهنجي دانهن تہ ماري نہ وجهي."**

مان هاءِ اسڪول مان نڪري حيدرآباد جي ٿليلي ڪاليج ۾ داخل ٿيس. ٻڌم تہ هاري پارٽي هارين جي حقن لاءِ پاڻ پتوڙيندي آهي ۽ جتوئي صاحب ان جو ليڊر آهي. ساڻس پهرين ملاقات ڪراچيءَ ۾ سائين جي. ايم. سيد جي بنگلي 'حيدر منزل' تي سنہ ١٩٥٧ع ڌاران ٿي. سائين ان زماني ۾ بورڊ جو نائب چيئرمن هو ۽ جويي صاحب جي ڪوشش سان مان بورڊ ۾ نئون نئون اسسٽنٽ سيڪريٽري مقرر ٿيو هئس. جتوئي صاحب، سائينءَ جي بنگلي تي مهيني ماسي رات بہ اچي ٽڪندو هو، تہ ساڻس ٿوري گهڻي ڪچهري ٿي ويندي هئي.

هڪ ڀيري، حيدرآباد واري ڦليلي ڪاليج ۾ تنوير ترقي پسند ادب جو ذڪر ڪيو ۽ مون کي جتوئي صاحب جو ڪتاب 'هارين جون ڪهاڻيون' پڙهڻ لاءِ ڏنو. ڏاڍو وڻيو. جتوئي صاحب روشن خيال ماڻهو هو ۽ سنڌ سان محبت هئس. ١٩٥٥ع ۾ ون يونٽ ٿيو، ته جيڪي سنڌ دوست ليڊر قيد ٿيا، تن ۾ جتوئي صاحب بہ سرفهرست شامل هو. ڪيئي سال قيد ۽ بند جون صعوبتون برداشت ڪيائين. پر، ڪڏهن بہ هيٺي ڪانہ ٻوليائين.

جڏهن، سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس منير، پاڪستان جي قانون ساز اسيمبليءَ کي ٽوڙڻ واري غلام محمد گورنر جنرل جي فيصلي کي جائز قرار ڏنو، تہ جتوئي صاحب ان جي خلاف انگريزيءَ ۾ ڪتابڙو لکيو، نالو هئس: INJUSTICE OF THE CHIEF JUSTICE -- جتوئي صاحب بلاشبہ، وڏو دلير شخص هو.




غلام محمد، گورنر جنرل، پاڪستان کي گهٽڻ آزارن ۾ وڌو. هن سازش ڪري، قانون ساز اسيمبليءَ کي ٽوڙيو. سازش جو مقصد ذاتي اقتدار ۽ جمهوريت جي پائمالي هو. سنڌس فيصلي کي سپريم ڪورٽ مان بحال ڪرائڻ لاءِ ٻي سازش ٿي. اهڙن ججن جو تعداد گهٽائڻ لاءِ، جيڪي سنڌس فيصلي کي بحال ڪونہ ڪن ها، سپريم ڪورٽ جي هڪ جج کي، اوير پاڪستان ڏانهن، بظاهر وڏي عهدي تي موڪليائون. اهو احوال N.E.D يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسيلر مسٽر ابوالڪلام جي ڪتاب ۾ ڏنل آهي. نالو اٿس:

RECOLLECTIONS OF A RAILWAY MAN
By A. Kalam: Royal Book Company, Karachi, 1995

*   *   *   *

جتوئي صاحب قول ۽ فعل ۾ ڪنهن جي پرواهہ ڪونہ ڪندو هو. پنهنجيءَ مرضيءَ موجب هلندو هو. مذهبي لحاظ کان آزاد طبيعت هو، سو تہ مرحوم حافظ محمد صادق صاحب جي ٻڌايل هڪڙيءَ ڳالهہ مان ئي ظاهر هو. سو، جڏهن پاڻ قرآن شريف جي انگريزي ترجمي جي ڪم ۾ هٿ وڌائين، تہ سنڌس ڪَنِ دوستن کي اها ڳالهہ اصل سمجهہ ۾ ڪانہ آئي. سنہ ١٩٥٩ع- ١٩٦٠ع ڌاران، ڪراچيءَ ۾ سائين جي.ايم. سيد جي بنگلي تي سنڌس دوستن کي ائين بہ چوندي ٻڌم، تہ جتوئي صاحب مذهبي سياءَ جو ماڻهو ڪونهي، عربي زبان تي ايڏو عبور ڪونہ اٿس، نہ وري پاڻ ڪڏهن "قرآن-دانيءَ" جي دعوا ڪئي اٿس. سو، ترجمي ۾ هٿ الائي ڪهڙي خيال کان وڌو اٿس؟

پر، ماڻهو ڪنهن بہ ڪم ۾ ڪونہ ڪو مقصد من ۾ رکي، هٿ وجهندو آهي. جتوئي صاحب هونئن ئي پڪي ارادي جو مالڪ هو، سو، مڙني مشڪلاتن جي باوجود پنهنجيءَ ڳالهہ تي مستحڪم

رهيو. ترجمي جو ڪم جاري رکيائين ۽ نيٺ پورو ڪيائين. مون کي ياد آهي ته ١٩٦٢ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جون آفيسون ڪراچيءَ مان حيدرآباد ڪجي آيون هيون، ته جتوئي صاحب هفتي ٻن کان پوءِ، (اڪثر نيري رنگ جي سلوار قميص ۾ ملبوس)، مسودي جو ڪجهه حصو، ڪڇ ۾ ڪنيون، بورڊ جي آفيس (٣-سول لائينس، حيدرآباد) ۾ ايندو هو، جتي پنهنجا ترجمي وارا ڪاغذ، بورڊ جي ملازمَ، مولوي محمد صديق 'ماهر' کي عربي آيتون نقل ڪرڻ لاءِ ڏيندو هو. هينئر سندس ترجمو ڇپيو آهي ته منجهس مولوي "ماهر" (مرحوم) جي به شڪر ادائي ڪئي اٿس.


حيدربخش جتوئي صاحب

مولوي ماهر وٽان واندو ٿيندو هو ته گهڙي ڪن مون سان به اُچي ڪچهري ڪندو هو. منجهس ليڊرن واري وڏائي ڪانه هئي، ۽ نه وري رکي سياءَ وارو هو. سچو ماڻهو ۽ سچو محب وطن هو. يار ويس هو ۽ مٺي مزاج وارو هو. ڪل يوڳ جو ڪوڏيو هو. پوين ڏينهن ۾، ڪافي عرصو عليل رهيو. مون به سندس ٻين "عقيدتمندن" وانگر، سندس خدمت ۾ عيادت لاءِ حاضري ڏني. اهو ڏسي ڏک ٿيم، ته پاڻ ڏاڍو ضعيف ٿي ويو هو.

انهيءَ زماني ۾ اهو افواه به ٻڌڻ ۾ آيو، ته پاڻ مذهب ڏانهن مائل ٿيو آهي. خدا ٿو ڄاڻي ته حقيقت ڇا هئي؟ هونئن، اسان وٽ افواهن هلائڻ جي فئڪٽري سدائين چالو آهي. جمعي ۽ آچر ڏينهن ته ڇا عيد ڏينهن به بند ڪانه ٿيندي آهي. بلڪ، زور وٺندي آهي، ڇو ته موڪل جي ڏينهن ۾ ماڻهو پاڻ واندا هوندا آهن. مون کي ياد آهي، ته ملڪ ۾ ايوب خان جي حڪومت هئي. اسان جي ڳوٺ ۾ منهنجو هڪ دوست هو، جو ڪنهن مذهبي جماعت ڏانهن مائل هو. اها جماعت ٻين سڀني ديني جماعتن کي گمراه سمجهندي هئي ۽ ايوب خان جي ته خاص دشمن هئي. عيد ڏينهن، منهنجي دوست کلي چيو ته "خبر اٿو، ته اڄ عيد ڪيئن ٿي آهي؟"

مون چيو ته "نه."

چيائين ته "ڪالهه رات چنڊ ته ڪاٿي به ڪونه ڏٺو. سڄي ملڪ مان ساڳيا اطلاع آيا. پر حڪومت کي عيد ڪرڻي هئي. سو، هڪ ڪاٿي ۽ هڪ عيسائيءَ کان شاهدي ڏياريائون، ته برابر اسان ٻنهي چنڊ ڏٺو آهي."

مون دل ۾ چيو ته حڪومت کي ڪوڙي شاهدي کپندي هئي، ته شاهدن لاءِ هرورو هڪ عيسائيءَ ۽ هڪ ڪاٿي شخص جو انتخاب ڇو ڪيائين!

سو، جيڪڏهن جتوئي صاحب بابت هلايل افواهه به سراسر ڪوڙو هجي، ته عجب ڪونهي. پر، جي منجهس ڪا به صداقت هجي، ته ان ۾ به شڪ ڪرڻ اجايو آهي، ڇو ته انسانَ جا خيال سدائين بدلبا رهن ٿا.

جتوئي صاحب وفات ڪئي، ته ڇڳو عرصو گذري ويو، جو سندس ترجمي جي ڳالهه وري ٻڌڻ ۾ ڪانه آئي. پر، تازو، جويي صاحب ٻڌايو ته سندس فرزند، ڊاڪٽر حاتم همت ڪري ڇپايو آهي ۽ ازراه ڪرم، ترجمي جو هڪ نسخو مون کي به عنايت ڪيائين. ڏاڍي خوشي ٿيم.

ڊاڪٽر حاتم هڪ لائق فرزند وانگر پنهنجي مرحوم والد بزرگوار جو حق ادا ڪيو آهي. ترجمي جو افتتاحي جلسو حيدرآباد جي پريس ڪلب ۾ رکيو هئائون. ان ۾ ته ڪنهن مجبوريءَ ڪري پهچي ڪونه سگهيس، پر، سائين جويي صاحب سان وعدو ڪيم، ته پنهنجي ايري سيري هيٺئين حال سارو، قرآن شريف جي ترجمي جي حوالي سان "مهراڻ" لاءِ مضمون لکندس.

*　　　*　　　*　　　*

**قرآن شريف کي سنڌيءَ ۾ ڪلام الله به ڪوٺيندا آهن.** اهي سادا ۽ سولا 'ٻه اکر' اسان مسلمانن جي هن بنيادي عقيدي جا ترجمان آهن، ته قرآن شريف الهامي ڪتاب آهي. هر مسلمانُ، ٻين پاڪ ڪتابن، مثلاً، انجيل، تورات ۽ زبور کي به 'الهامي' مڃي ٿو. اهو به ڄاڻي ٿو ته 'قدرت هر قوم کي هادي موڪليو آهي. سو، ڪيس دنيا جي سمورين قومن جي پاڪ ڪتابن جو احترام ڪرڻو آهي.'

پر، عيسائين ۽ يهودين جو اهو عقيدو ڪونهي. يهودي ته خير حضرت عيسيٰ عليه السلام کي به پيغمبر ڪونه ٿا مڃن. پر، عام مغربي مفڪرن ۽ مدبرن جي نَظَرَ ۽ فڪر ۾ به ايڏي ڪا وڏي وسعت ڪانهي. مثلاً منتگمري واٽ نالي، هڪ وڏي مغربي مستشرق (Orientalist) اسلام جي تعليم جو اونهو اڀياس ڪيو آهي، قرآن شريف جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي، ۽ هڪ ڪتاب لکيو اٿس:

Muhammad at Mecca and Muhammad at Madina

اهو ڪتاب سيرت نگارن وٽ اهميت رکي ٿو. انهيءَ ۾ هڪ هنڌ لکيو اٿس ته "مون ائين چوڻ بدران ته پيغمبر اسلام هيئن چيو آهي، پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي، ته قرآن هيئن چوي ٿو." ٻين لفظن ۾ هيئن ڪٿي چئجي ته پاڻ نڪي ته کليو ڪلايو حضور ﷺ جن کي پيغمبر تسليم ڪري ٿو، ۽ نه وري قرآن شريف کي الهامي ڪتاب ڪوني ٿو ۽ نه وري ٻنهي ڳالهين کان صاف انڪار ڪري ٿو.

پر، پنج آڱريون هڪ جيتريون ڪونه آهن. اسان جي دؤر جي مستشرقين (Orientalists) ۾ هڪ وڏو نالو آهي: گائي اِيٽن (Gai Eaton) ، جنهن هڪ لاجواب ڪتاب لکيو آهي. ان جي اردو ترجمي جو نالو آهي "اسلام اور تقدير انساني." "اداره ثقافت، اسلاميہ لاهور" ڇپايو آهي. انگريزيءَ ۾ ڪيئي ڪتاب لکيا اٿس. پر، هڪ ته ڏاڍو سهڻو لکيو اٿس، جنهن جو نالو آهي: "King of the Castle"-- ڪتاب ڇا آهي؟ امرت ڌارا آهي.




گائي ايٽن اسلامي تعليم کان آخر ايڏو ته متاثر ٿيو، جو مسلمان ٿيو ۽ حسن عبدالحڪيم نالو رکيائين. ڪو زمانو اسلامي دنيا جي مشهور رسالي 'Islamic Quarterly' جي 'مجلسِ ادارت' ۾ به شامل رهيو.

گائي ايٽن جيڏو ئي ٻيو وڏو مستشرق، مارٽن لنگز به اسلام جي تعليم کان متاثر ٿيو. مسلمان ٿيو. ابوبڪر سراج الدين اسلامي نالو رکيائين. "محمد ﷺ" نالي سان سيرت جي موضوع تي هڪ بيمثال

كتاب لکيائين. مون کي سندس زيارت اسلام آباد ۾ نصيب ٿي. پاڪستان ۾ هڪ ڪانفرنس ۾ آيو هو. ماڻهن جو چڱو تعداد سندس چوڌاري بيٺو هو. عمر جي لحاظ کان پيرمرد ٿي لڳو. مٿي سان سفيد پٽڪو ٻڌل هنس ۽ هيٺ سفيد قميص ۽ سفيد سلوار. مون زندگيءَ ۾ ٿورڙا اهڙا ماڻهو ڏٺا جن جي چهري ۾ ايڏو سڪون هجي. چڻ ته فرشتو هو. دنيا ۾ موجود، پر، دنيا کان بي نيازُ. مون کي پنهنجو ڪتاب آٽوگراف ڪري ڏنائين ۽ پرل ڪانٽيننٽل هوٽل پنڊيءَ ۾ ملاقات جو ٽائيم پڻ ڏنائين. پر، ڪنهن مجبوريءَ سبب وڃي ڪونه سگهيس. سو، فون ڪري، ڪانئس معافي ورتم. پر، اڃا تائين انهيءَ ڳالهه جو ڏک اٿم.




اڳتي هلي، بينظير ڀٽي جي حڪومت ۾، ڪن شخصن، خالص سياسي مقصد خاطر، سندس ڪتاب تي بندش وجهائڻ جي سازش سِٽي. اها سربستي حقيقت ته سنڌ جي ممتاز عالم، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي معلوم آهي. پر، مون کي به ڪانئس ٻڌل ڳالهه ڪجهه قدر اڃا ياد آهي. تاريخ ۾ اهڙا ڪيئي ڪيسَ ٿيا آهن! ليڪن، ڇا ڪجي؟

مارٽن لنگز جيڏو ئي ٻيو هڪ عظيم مغربي دانشور به اسلام جي تعليم کان متاثر ٿيو. محمد اسد نالو رکيائين. سندس علم ۽ دانش جي هاڪ جٽي ڪٽي هئي. قرآن شريف جو انگريزي ترجمو ڪيو هئائين. ڪن اسلامي حڪومتن کيس پاڻ وٽ مشير به مقرر ڪيو هو. سندس هڪ ڪتاب Road to Mecca دنيا ۾ ۾ نهايت مشهور آهي: 'دارالاندلس، جبرالٽر' شايع ڪيو هو. "نيويارڪ پوسٽ" "نيويارڪ ورلڊ ٽيليگرام ۽ سن"، "سينٽ لوئي پوسٽ ۽ ڊسپئچ"، "ڪرسچن سائنس مانيٽر"، "ٽائيمس اخبار جي لٽرري سپليمينٽ"، "سينٽ لوئي گلوب ڊيموڪريٽ" ۽ "بڪ آف دي منٿ ڪلب، نيوز نيويارڪ" جهڙين هاڪارين اخبارن ۽ رسالن ڪتاب جي تعريف ڪئي آهي.




* * * *

ڪنهن زماني ۾، سائين قاسمي صاحب جو، قرآن شريف جي ترجمن بابت هڪ مضمون ماهنامي "نئين زندگي" ۾ ڇپيو هو، ۽ ٻيو سنٽرلشند مان نڪرندڙ رسالي "فڪر و فن" ۾، جيڪو ڊاڪٽر شمل جو هو. ليڪن، اهو رسالو هاڻي گهڻن سالن کان بند ٿي ويو آهي.




ليڪن، "اسلامي ملڪن جي تنظيم" (O.I.C)، هاڻي، ماهرن ۽ محققن جي استفادي لاءِ، سڄيءَ دنيا ۾ قرآن شريف جي **'مڪمل ترجمن'** توڙي **'غيرمڪمل'** ڇپيل ترجمن جي **هڪ جامع ببليوگرافي** شايع ڪئي آهي، جنهن ۾ سنه ١٩٨٦ع تائين بيان ٿيل 'جملي ترجمن' جو تعداد **ٻه هزار ڇهه سؤ ٻاهتر (٢٦٧٢) آهي** ۽ جن ٻولين ۾ اهي ترجما ٿيا آهن، تن جو تعداد **ٻه پنجهٺ (٦٥)** آهي.

"ببليوگرافي" جي رٿا (Project) جو نگران ۽ ڊئريڪٽر جنرل، مشهور تُرڪُ عالمُ، ڊاڪٽر اڪمل الدين هو، جنهن اسلامي دنيا جي ممتاز محقق ڊاڪٽر حميدالله ڪان وٺي، هر اسلامي ملڪ ۾، هر ماهر ۽ هر علمي اداري جي عملدار کي هن عظيم الشان ڪارنامي کي ڪامياب ڪرڻ واسطي مدد لاءِ خط لکيا. جنوبي ايشيا واري خطي يعني هندستان، پاڪستان ۽ بنگلاديش جو ذڪر ڪندي، پنهنجي 'پيش لفظ' ۾، ممتاز محققن ۽ ماهرن سان گڏ، مڙني مددگارن کي به ياد ڪيو اٿس:

We also would like to give our sincere thanks to Dr. Shabbir Ahmad Mughal, from the Government College, Sahiwal, Punjab, who found the translations published in Pakistan; to Mr. Atique Zafar Sheikh, Director of National Archives of Pakistan; to Mr. Ahmad Khan from the Islamabad Islamic University; Mr. Rehan-ul Haq from the Kashmiri University, who sent us information about the Kashmiri translations; *Mr. Ghulam Rabbani from the Sindhi Adabi Board, who sent us information about the Sindhi translations;* and to Prof. Dr. Muhammad Mujibur Rehman from the Bangladesh Rajshahi University, who gave us information about Bengali translations; Dr. A. R. Bedar, Director of Khuda Bakhsh Oriental Public Library in India, for sending us the list of translations in their library; Mr. M. Morjen who sent us information from the India Bhandarkar Oriental Research Institute; Dr. Muhammad Aslam, who worked at our Centre as research expert and assisted with the translations and transcriptions from Urdu.

'پيش لفظ' جو آغازُ ڊاڪٽر حميدالله جي ذڪر سان ڪيو اٿس. لکيو اٿس ته:

We wish to mention the studies which were made earlier, in particular the works of Prof. Muhammad Hamidullah, the great Islamic scholar; Liste des Traductions du Coran, appeared in his French translation of the Holy Qur'an and comprising translations made in the Western languages. It is our moral obligation and pleasure to express the great appreciation we have for the assistance and encouragement we received from him.

* * * *

ڊاڪٽر حميد الله اصل تہ حيدرآباد دکن جو وينل هو. پر، گذريل پنجاهہ سالن کان پئرس ۾ رهندو هو. مون پهريون ڀيرو سندس نالو سنہ ۱۹۶۰ع ۾، پيرسائين حسام الدين راشديءَ ۽ سندس ايراني اسڪالر دوست، ڊاڪٽر علي اڪبر جعفريءَ کان ٻڌو هو. ٻئي سندس وڏا معترف هئا.

سندس پهرين پهرين زيارت تڏهن نصيب ٿي، جڏهن پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪنهن ڪانفرنس ۾ آيو هو، ۽ موقعي جو فائدو وٺي، سائين قاسمي صاحب کيس سنڌي ادبي بورڊ جي موجوده آفيس ۾، قرآن شريف جو مخدوم نوح وارو فارسي ترجمو ڏيکارڻ لاءِ وٺي آيو هو. مون کي چيائين تہ "اوهان تي هڪ ڪم رکان ٿو. سو هيءُ تہ جيڪڏهن ڪا 'حديث قُدسي' هٿ اچي، تہ مون کي پئرس جي ايڊريس تي موڪلي ڏجو."

حديث قُدسيءَ جي گهر انکري ڪيائين، جو سندس تحقيق جو دلپسند موضوع حضور پيغمبر محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي سيرت هو. سندس پهريون پهريون ڪتابُ Muhammad Rasulullah نالي سان آهي، جنهن جو پيش لفظ سنہ ۱۳۹۲هجريءَ جي "ربيع الاول" مهيني ۾ استنبول (ترڪي) ۾ لکيو هئائين. ڪتاب جو پهريون ڇاپو ڪراچيءَ مان نڪتو، ۽ ٻيو سنہ ۱۹۷۹ع ۾ لاهور واري شيخ محمد اشرف شايع ڪيو. مون پڙهيو، تہ ڏاڍو وڻيو. سنڌيءَ ۾ ترجمي ڪرڻ جو ارادو ڪيم. اها انهيءَ زماني جي ڳالهہ آهي، جڏهن مون ناشاد سان گڏجي، "مهراڻ" رسالي جو "سيرت نمبر" شايع ڪيو هو. ڪجهہ عرصو پوءِ اسلام آباد منهنجي بدلي ٿي، تہ ترجمي جو ڪم رهجي ويو. پر، اسلام آباد ۾ ڊاڪٽر حميدالله سان ميل ملاقات بہ ٿي ۽ سندس ٻيا ڪتاب پڙهڻ جو موقعو بہ مليو. انهن ۾ ڪي هي هئا:




**(1) The Muslim State (2) The First Written Constitution,**

**(3) The Battle Fields of Prophet Muhammad (4) خطبات بهاولپور**

* * * *

ڊاڪٽر حميدالله جي پاڪستاني عقيدتمندن ۾ حڪيم محمد سعيد بہ شامل هو، سو کيس دعوت موڪلي، پئرس مان پاڪستان گهرائيندو هو. هڪ ڀيري کيس پاڪستان گهرايائين تہ راولپنڊيءَ جي همدرد دواخاني ۾ سندس اعزاز ۾ پهريـن تـقريب منعقد ڪيائين. حڪيم صاحب جي مون سان بہ دعا سلام هئي، سو، مون کي بہ ياد ڪيائين. انهيءَ تقريب ۾ جڏهن فوٽوگرافرن ڊاڪٽر حميدالله کي

كنهن ليڊر يا عالم سان گفتگو ڪندي تي ڏٺو، ۽ سندس تصوير ڪڍڻ جي ڪوشش تي ڪئي، ته هو ڦري، پاسيرو ٿي پئي بيٺو، ته تصوير نه نڪري.



ڊاڪٽر حميدالله راولپنڊيءَ جي دعوت ۾ هڪ عالم سان گفتگو ڪري رهيو آهي.
سندس پاسي ۾ منهنجو پٽ مجيب ۽ مان بيٺا آهيون.

سندس مزاج ڪي سمجهڻ لاءِ هڪ ٻيو واقعو ياد ٿو اچيم. هڪ ڀيري، اسلام آباد ۾ پاڪستان جي تڏهوڪي صدر هڪ اسلامي ڪانفرنس ۾ ڪيس سڏيو ۽ ڏهن لکن رپين جو نذرانو وڏي ادب سان پيش ڪيو. ڊاڪٽر حميد الله هڪ هٿ ۾ ڪانئس پئسا ورتا ۽ ٻئي هٿ سان هڪ درسگاهه جي منتظم کي غريب شاگردن لاءِ ڏئي ڇڏيا.

ڊاڪٽر حميدالله صحيح معنيٰ ۾ مومن ماڻهو هو. پئرس ۾ جنهن فليٽ ۾ رهندو هو، ان کي ٽيٽيهه ڏاڪا هوندا هئا. پير مرد هو. پر، ڏاڪڻ چڙهڻ جي سورن جي باوجود، ڪڏهن به سئو فليٽ ڪونه ورتائين. ڪاٺ جي هڪ تختي تي سمهندو هو. ٻه پاجاما، ٻه قميصون، هڪ ٽوپي ۽ هڪ ڪاري شيرواني سندس وارڊ روب جي جملي زينت هئا. گهر ۾ هوندو هو، ته ڪاٺ جي چاکڙي پائيندو هو. اينترڙو ٿورڙو کاڌو کائيندو هو، جو ٻجنسي هڏن جي مُٺ لڳندو هو.

منهنجي ساڻس خط و ڪتابت اسلام آباد ۾ شروع ٿي. پاڻ پئرس ۾ هو. ناسي رنگ جي ڪاغذ ۽ ناسي رنگ جي لفافن ۾ خط موڪليندو هو. جيڪي شايد سستي ۾ سستا ملندا هئس. هڪ خط ۾، مون کي "صلوات" لَفظَ جي صحيح معنيٰ ۽ مطلب سمجهايائين. مان جڏهن به ڪَنِ معاملن ۾ منجهندو هئس، ته بار بار ڪانئس رهبري حاصل ڪندو هئس. جڏهن علامه قاضي حيات هو، ته سندس خدمت ۾ حاضري ڏيندو هئس.

ڊاڪٽر حميدالله سان خط و ڪتابت جا مسئلا ۽ موضوع مختلف هوندا هئا. هڪ خط ۾ لکيو مانس، ته منهنجي گهر جي سامهون هڪ غير ملڪي سفارتخانو آهي. بعضي بعضي شام جو قيمتي مغربي لباس ۾ ملبوس، جوان ۽ خوبصورت زالون ۽ مرد، مرسڊيز موٽرن ۾ اچي لهندا آهن، ۽ پوءِ اڌ رات تائين سندن کاڌا پيتا، کِل ڀوڳ ۽ ٽهڪڙا جاري رهندا آهن. ائين لڳندو آهي ته دنيا ۾ ئي بهشت ناهي ڇڏيو اٿن!

ٻاهر، دروازي وٽ، سفارتخاني جو چوڪيدار، ڪاٺ جي ڪٻن ۾، سڄي رات قرآن ڪريم جي ٻاجهاري آواز ۾ تلاوت ڪندو رهندو آهي. غريب کي ڪپڙا بہ پراڻا آهن. -- سمجهہ ۾ ڪونہ ٿو اچي، تہ ائين ڇو آهي؟ اسان جي باڪمال ڪلاسيڪي شاعرن جي هيءَ مصرع ڏاڍي سهڻي آهي:

**"عاشقن کي، سور سختيون، محب مهمانيون مڪيون."**

ليڪن، ان مان غريب ماڻهوءَ کي تسلي ڪهڙي ملي ٿي؟ مسئلو تہ پنهنجيءَ جاءِ تي موجود آهي.

بکئي ماڻهوءَ کان ڪنهن سوال ڪيو تہ، "ٻہ ۽ ٻہ گهڻا ٿيا؟"

جواب ڏنائينس تہ، "چار مانيون."

پويون خط تڏهن لکيو مانس، جڏهن پاڻ پئرس ۾ وڏيءَ عمر ۾ سرجيڪل آپريشن ڪرايو هئائين. حڪومت پاڪستان ۽ اهلِ علم ماڻهن جو توجهہ ڇڪائڻ لاءِ اها خبر اسلام آباد جي ڪن اهم اخبارن ۾ بہ ڇپايم. جواب ۾ لکيائين تہ، "ائين نہ ڪريو ها، تہ چڱو." ان کان پوءِ وٽانئس خط ڪونہ آيو. سندس ڏيڍُ ڪيس ڪمزور صحت ڪري آمريڪا ڪٺائي وئي. اتان مون کي خط ۾ لکيائين تہ "پاڻ جواب لکڻ جهڙو ڪونهي. دعا ڪيو." مان خط پڙهي ڪومائجي ويس. سنت، اخبارُن ۾ خبر آئي، تہ جوڳي جُوءِ ڇڏي ويا. ڀلاري ڀٽائيءَ کي هيءَ آيت بہ ڪنهن اهڙي ئي ڏکوئيندڙ موقعي تي چپن تي آئي هوندي:

**"ڪَکَرَ منجهہ ڪهارَ، جهڙُ نيڻئون نہ لهي."**

* * * *

هڪ دفعي ڊاڪٽر حميدالله پاڪستان سرڪار جي دعوت تي اسلام آباد آيل هو. وزيراعظم هائوس ۾ لنچ تي ويهہ ٻاويهہ اعليٰ اديب، عالم، دانشور ۽ علمي ادارن جا سربراهہ سندس مان ۾ سڏيل هئا. منهنجي پاسي ۾ انٽرنيشنل اسلامڪ يونيورسٽيءَ جو مصري وائيس چانسيلر ويٺل هو. کانئس پڇيم تہ "سڄيءَ دنيا ۾ هاڻي حضور پيغمبر ﷺ جن جي سيرت طيبہ تي جيڪي بہ وڏا عالم آهن، تن مڙني ۾ ڪنهن جو لفظُ سَنَدَ جي حيثيت رکي ٿو؟"

آڱر سان اشارو ڪري، چيائين تہ "اڄ، اهو شانُ ۽ شرفُ ڊاڪٽر حميدالله کي حاصل آهي."

ڊاڪٽر حميدالله جو آخرين ڪتابُ بہ حضور پيغمبر ﷺ جن جي سيرت طيبہ هئي، جا متعدد جلدن ۾ فرينچ زبان ۾ لکي هئائين. سندس سڄيءَ زندگيءَ جي اپياسَ جو عَرقُ هئي. ان جو انگريزي ترجمو ماريشس ۾ ٿي رهيو هو. سندس وفات کانپوءِ پڇاڳاڇا ڪيم، تہ معلوم ٿيو تہ ترجمو ٿي ويو هو، ۽ هاڻي پاڪستان ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي اڳوڻي وائيس چانسيلر ڊاڪٽر رضي الدين صديقيءَ وٽ آهي، جو اسلام آباد ۾ پنهنجيءَ نياڻيءَ جي گهر رهندو آهي. گهر ڳولي، وڃي مليو سانس. ٻيهر اسلام آباد ڪلب ۾ هڪ دعوت ۾ ساڻس ملاقات ٿي، ڏاڍو ٻڍو ٿي ويو هو. حيدرآباد (سنڌ) ۾

پنهنجن پراڻن دوستن جا احوال ورتائين. ڊاڪٽر حميدالله جي لکيل سيرت جو ذڪر ڪيومانس، تہ چيائين تہ "اسلامڪ انٽرنيشنل يونيورسٽيءَ ۾ ڊاڪٽر محمود احمد غازيءَ کي ڏسڻ لاءِ ڏني اٿم." ڊاڪٽر صاحب (موجوده وفاقي وزير برائے مذهبي امور) کان پڇيم، تہ چيائين تہ، "مون تہ بروقت ڏسي موٽائي ڏني هئي." هيءَ انهن ڏينهن جي ڳالهہ آهي، جڏهن مان اسلام آباد مان حيدرآباد موٽي رهيو هئس.

هتِ پهتس تہ حڪيم سعيد کي خط لکيم تہ "اها سيرت ڪنهن طرح ضايع ٿيڻ کان بچائي وٺون." جوابُ موڪليائين تہ "ڊاڪٽر حميدالله کي ڪراچيءَ اچڻ ۽ ڪتبخانو آڻڻ لاءِ لکيو هئم. پر، جواب نہ ڪونہ مليو. پوءِ پتو پيو تہ هيئن آمريڪا هليو ويو آهي. اتان مون کي بہ اهوئي جواب مليو، جيڪو اوهان کي مليو آهي."

اهي ڳالهيون ڳالهيون ئي رهجي ويون. هاڻي تہ حڪيم سعيد بہ هليو ويو. ڪجهہ عرصو اڳ، سندس وڏي پاءُ جو اخبارن ۾ بيان ڇپيو تہ "سَعيد، مان هندستان ۾ ڌارين جي وچ ۾ پنهنجو وقت گذاري رهيو آهيان. تو پاڪستان ۾ پنهنجن جي هٿان ئي موت جو پيالو پيتو."

پير سائين حسام الدين راشدي حڪيم سعيد کان بہ اڳ موڪلائي ويو هو.

سندس دوست، ايراني اسڪالر، آغا علي اڪبر جعفري، ايراني انقلاب کانپوءِ، هتِ ڪراچيءَ آيو هو ۽ پوءِ ڪئناڊا لڏي ويو هو. هاڻي سندس ڪو پتو ڪونهي، تہ جيئرو آهي يا جهان ڇڏي ويو.

ڊاڪٽر حميدالله جي فرينچ زبان ۾ لکيل حضور پيغمبر ﷺ جي سيرت جي انگريزي ترجمي جو ڇا ٿيو؟ ڪا خبر ڪانهي. سندس ڪتبخاني جو ڇا ٿيو؟ ڪا خبر ڪانهي.

ملڪ ۾ عِلمَ جي عَظمَتَ ۽ حَرفَ جي حُرمتَ سان آشنا جيڪي ٿورڙا ماڻهو وڃي بچيا آهن، سي جڻ تہ گوشہ نشين ٿي ويا آهن. هاڻي تہ اهو ئي سمجهہ ۾ ڪونہ ٿو اچي، تہ هي ڏک ڀريون ڳالهيون

ڪنهن سان ڪجن!-- **تن همه داغ داغ شد، پنبہ کجا کجا نهم**

*          *          *          *

جتوني صاحب پنهنجي ترجمي جي ببليوگرافيءَ ۾، حضور ﷺ جن جي سيرت تي ٻن انگريز مصنفن جي لکيل ڪتابن جا نالا ڄاڻايا آهن، جن جو پاڻ مطالعو ڪيو هئائين ڇو تہ ڪيس ضرور معلوم هوندو تہ حضور ﷺ جن جي سيرت جي مطالعي کانسواءِ قرآن ڪريم جي ترجمي ۾ هٿ ڪونہ وجهبو.




ڊاڪٽر حميدالله تہ خير سيرت طيبہ ۽ قرآن داني، ٻنهي جو تمام وڏو ماهر هو. قرآن شريف جو فرينچ زبان ۾ ترجمو ڪيو هئائين. ڊاڪٽر

حميدالله "خطبات بھاولپور" ۾ قرآن مجيد جي تاريخ بيان ڪئي آهي ۽ ٻڌايو اٿس تہ قرآن شريف جي سڄيءَ دنيا ۾ جيڪا اشاعت ٿئي ٿي، سا، عموماً، انھيءَ ئي نسخي پٽاندر ٿئي ٿي، جنھن جا نَقُلَ حضرت عثمان پنھنجيءَ خلافت جي زماني ۾، مڪي شريف، شام، يمن، بحرين، بصري ۽ ڪوفي موڪليا هئا. هڪ نقل مديني منوره ۾ مسجد نبويءَ ۾ رکيو هئائين.

هاڻي، اسان جا مڪرم ۽ محترم، سني ۽ شيعا عالم، انھيءَ ڳالھ ۾ متفق آهن تہ قرآن مجيد جي ترتيب جو ڪم خود حضور پيغمبر ﷺ جن جي هدايت پٽاندر سندن حياتيءَ ۾ ئي ڏنو ويو هو. پاڻ سڳورا ارشاد فرمائيندا هئا تہ فلاڻي آيت فلاڻي هنڌ وجھو. رمضان مبارڪ ۾ سڄي قرآن مجيد جو دؤر پڻ ڪرائيندا هئا.

برادرم ثناالله پنهي جو چوڻ آهي تہ پاڻ سڳورن جي انھيءَ حڪم تي سمورا ڪاتبِ وحي عمل ڪندا هئا. ليڪن، منھنجي دوست، جناب محبوب صادق چيو تہ ڪي شيعا عالم انھيءَ راءِ جا آهن تہ قرآن شريف جي ترتيب جو ڪم برابر حضور پيغمبر ﷺ جي حياتيءَ ۾ سرانجام ڏنو ويو هو. پر، حضور ﷺ جن اهو ڪم حضرت علي سائينءَ کي خاص طور تفويض ڪيو هو، تہ فلاڻي آيت فلاڻي هنڌ وجھبي. جناب محبوب صادق اهو بہ چيو تہ هونئن، بلاشبہ، سمورا شيعا ۽ سني برگزيده عالمَ، قرآن ڪريم جي مَتَنَ، ان جي سمورين سورتن، سمورين آيتن، سمورين زيرن، زبرن ۽ نقطن بابت، مڪمل طرح، پاڻ ۾ متفق آهن.

ڊاڪٽر حميد الله بہ "خطبات بھاولپور" ۾ ائين ئي لکيو آهي، تہ قرآن شريف جي ترتيب جو ڪم حضور پيغمبر ﷺ جن جي هدايت ۽ رهبريءَ هيٺ ئي مڪمل ٿي ويو هو. پر، ائين بہ لکيو اٿس تہ:

> "اڳتي هلي ٿيو ائين تہ حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي دورِ خلافت ۾، مسليمہ ڪذاب سان يمامہ جي جنگ ۾، قرآن شريف جا ستر حافظ شهيد ٿي ويا. سو، حضرت ابوبڪر صديق رضہ، صحابہ سان صلاح ڪري، حضور پيغمبر ﷺ جن جي ڪاتب وحي، حضرت زيد بن ثابت تي قرآن ڪريم مدون ڪرڻ جي ذميواري وڌي، جنھن حضور پيغمبر ﷺ جن جي حڪم موجب، عبراني ۽ سرياني زبانون بہ سکيون هيون. هن اها ذميواري ڏڪندي ڏڪندي قبول تہ ڪئي، پر ائين بہ چيو تہ "جيڪڏهن مون کي جبل احد کي ڊاهڻ جو ڪم سونپيو وڃي ها، تہ مان ان کي سولو سمجهان ها."

* * * *




سنہ ١٩٨٢ع ۾، پاڪستان جي نيشنل ميوزيم (قومي عجائب گهر) ڪراچيءَ ۾، قرآن شريف جي ڪن نادر نسخن جي نمائش ڪئي، ۽ انهن جي انگريزيءَ ۾، هڪ فهرست "قرآن شريف جا قلمي نسخا" (QURAN MANUSCRIPTS) نالي سان شايع ڪئي. ميوزيم جي عملدار ۽ عالمَ، جناب هدايت الله انهيءَ جو مقدمو لکيو، جنهن ۾ لکيائين تہ:

"قرآن شريف، قَلمَ جي اهميت تي زور ڏنو آهي. هڪ سورت جو نالوئي آهي "القلم." تاهم، حقيقت اها آهي، تہ اسلام جي اوائلي ڏينهن ۾ ڪي گهٽا ماڻهو لکڻ پڙهڻ ڪونہ ڄاڻندا هئا. اهوئي سبب آهي جو جنگ بدر جي ڪن قيدين کان ڪابہ رقم وصول ڪري کين آزاد ڪرڻ بدران مٿن رڳو اهو ڪم رکيو ويو هو تہ هو مسلمانن کي لکڻ پڙهڻ سيکارن.

هونئن، ان کان اڳ حضور ﷺ جن جا جيڪي اصحابي لکڻ پڙهڻ ڄاڻندا هئا، تن جا نالا بلاذريءَ "فتوح البلدان" ۾ ڏنا آهن. اهي حضور پيغمبر ﷺ جن جي هدايت موجب، لکڻ پڙهڻ جا فرائض سرانجام ڏيندا هئا. انهن ۾ هي شامل هئا: (١) حضرت ابوبڪر صديق رضہ، (٢) حضرت عمر فاروق رضہ، (٣) حضرت عثمان ذوالنورين رضہ، (۴) حضرت علي مرتضيٰ اسد الله رضہ، (٥) حضرت ابوعبيده، (٦) حضرت طحہ بن عبدالله، (٧) حضرت خالد بن سعيد، (٨) امان بن سعيد، (٩) عبدالله بن رواحه،(١٠) معاويہ بن ابي سفيان، (١١) ابي بن ڪعب، (١٢) حضرت زيد بن ثابت، (١٣) زبير بن العوام (١۴) عبدالله بن ارقم.

هدايت الله صاحب وضاحت ڪئي آهي تہ:

قرآن شريف جي "مڪمل متن" کي لکڻ جي وسيلي "محفوظ ڪرڻ" جو ڪم تہ برابر خود حضور پيغمبر ﷺ جن جي حياتيءَ ۾ ئي پورو ٿي چڪو هو. ليڪن، منجهس هڪ سؤ چوڏهن سورتون آهن: ڪي ننڍيون تہ ڪي وڏيون. انهن کي حضور پيغمبر ﷺ جن جي هدايت موجب ئي ترتيب پڻ ڏني ويئي هئي، پر، هيون سڀ ڇڙوڇڙ: يعني هڪ هنڌ گڏ ٿيل، يا جمع ٿيل ڪونہ هيون، جو تہ "ان وقت جي هنگامي سماجي ۽ سياسي حالتن ڪو موقعو ئي ڪونہ ٿي ڏنو، جو ساهہ ستيءَ ۾ ويهي، انهن جي جمعبنديءَ جو ڪم ڪجي."

"سو، ڪاتبن کي قرآن شريف لکي محفوظ ڪرڻ سان گڏ، سوين حافظن کي مڪمل طرح قرآن شريف حفظ ڪرڻ جو ڪم پڻ سونپيو ويو هو. اڳتي هلي، ٿيو ائين، ته حضور پيغمبر ﷺ جن جي وصال (سنه ٦٣٢ع) کان پوءِ مرتدن پنهنجي اڳواڻ، مسليمه ڪذاب (ڪذاب معنيٰ ڪوڙو) جي جهنڊي هيٺ بغاوت جو اعلان ڪيو، جنهن نبوت جي دعوا ڪئي هئي. انهيءَ زماني ۾ مسلمانن جوخليفو حضرت ابوبڪر صديق رضہ هو. مسلمانن ۽ مرتدن جي وچ ۾، يمامہ واري سخت جنگ لڳي. مسليمہ جو قبيلو جنگجو هو. جنگ ۾ سوڀ ته مسلمانن جي ٿي. مسليمه ڪذابُ به قتل ٿي ويو. پر، قرآن مجيد جا گهڻا حافظ به شهيد ٿي ويا."

هدايت الله صاحب ڇتائي ڪئي آهي ته:

"هن پس منظر ۾، حضرت ابوبڪر صديق، صحابہ سان صلاح ڪري، قرآن ڪريم جي ڇڙوڇڙ سورتن کي هڪ ئي مصحف مبارڪ ۾ جمع ڪرڻ جي ڪم کي **اوليت** ڏني. ۽ اها ذميواري، ڪاتبِ نبي، حضرت زيد بن ثابت کي سونپي. انهيءَ، مصحف مبارڪ کي هاڻي علمي دنيا ۾ "**مصحف صديقي**" سڏن ٿا."

هدايت الله صاحب لکيو آهي ته:

In 651.A.C., the third caliph Usman, appointed again Zaid b. Sabit, as Chairman of a Committee, which included Abdullah ibn Zubair, Sa'ad b. As and Abdur Rehman b. Haris, for re-editing the text, in an authetic version. All existing copies were collected and studied minutely by these luminaries, who codified the text on the basis of **مصحف صديقي**

هدايت الله صاحب وڌيڪ لکيو آهي ته:

ماهرن جي ڪاميٽيءَ قرآت جي لحاظ کان قريش جي لهجي کي تسليم ڪيو. بعد ۾ مصحف مبارڪ جو هڪ نسخو مديني شريف ۾ مسجد نبويءَ ۾ رکيو ويو، جيڪو هاڻي استنبول (ترڪيءَ) جي توپ ڪاپي ميوزيم ۾ محفوظ آهي. ٻيا نسخا اسلامي رياست جي گورنرن ڏانهن موڪليا ويا. اڄڪلهہ سڄيءَ دنيا ۾ قرآن شريف جي اشاعت حضرت عثمان واري جمع ڪيل انهيءَ نسخي موجب ٿئي ٿي، جنهن جو "اساسي نسخو" حضرت ابوبڪر رضہ جي خلافت ۾ تيار ٿيو هو ۽ جنهن جي ترتيب حضور ﷺ جن جي حياتِ طيبہ ۾ خود سندن هدايت ۽ نگرانيءَ موجب پايہ تڪميل تي پهچي چڪي هئي.

اهو ڪم جيئن تہ حضرت عثمان رضہ جي زماني ۾ پورو ٿيو هو. سو، عام طرح چوندا آهن تہ قرآن ڪريم جي جمعبنديءَ جو ڪم حضرت عثمان رضہ پورو ڪيو هو.

*　　*　　*　　*

## نزولِ قرآن:

قرآن شريف ۾ هڪ هنڌ هي لفظ آيا آهن: وما ينطق عن الهويٰ● ان هو الا وحي يوحيٰ●
پيغمبر ﷺ جيڪي بہ بيان ڪري ٿو، سو
پنهنجيءَ مرضيءَ موجب ڪونہ ٿو ڪري. پر، خدا جي
وحي آهي، جا ڪيس پهچائي وڃي ٿي.

قرآن شريف "ڳالهايل لفظ" (Spoken word) جو معجزو آهي. وحيءَ جي ذريعي نازل ٿيل آهي. وحي عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جو مطلب آهي "ڪا شيءِ ڪنهن جي من ۾ تيزيءَ سان وجهڻ." لغت ۾ وحيءَ جي معنيٰ آهي "تيزيءَ سان اشارو ڪرڻ." وحي رڳو خدا جي طرف کان ٿيندي آهي ۽ پيغمبرن تي نازل ٿيندي آهي. هونئن، عام معنيٰ ۽ مفهوم ۾ تہ حضور ﷺ جن لکڻ پڙهڻ ڪونہ ڄاڻندا هئا. جڏهن بہ مٿن وحي نازل ٿيندي هئي، تہ پاڻ فوراً صحابين کي ٻڌائيندا هئا، جي بروقت لکي ڇڏيندا هئا.

ان زماني ۾ عربستان ۾ ڪاغذ اڃا رائج ڪونہ ٿيو هو. سو، لکڻ پڙهڻ جو ڪم، جانورن، مثلاً هرڻن جي سڪل ۽ نرم کلن تي يا وري ڪن وڻن جي وڏن پنن وغيره تي ٿيندو هو. دنيا ۾ ٻين بہ گهڻن هنڌن تي ائين ٿيندو هو. ايران ۾ زرتشت جو مذهبي ڪتاب "اوستا" ڍڳي جي سوين کلن تي لکيل هو. فردوسيءَ شاهنامي ۾ چيو آهي تہ، "سڪندر بادشاهہ، ايران فتح ڪرڻ کان پوءِ، اهو پاڪ ڪتاب باهہ ۾ ساڙائي ڇڏيو هو."

مون کي "شاهنامي" جو ڏاڍو شوق هو. پر، مليو ڪونہ ٿي. سال کن ٿيو، تہ تهران ۾ مليو. ايران مان، امام خميني ڪانگريس جي دعوت ملي. تهران ۾ ويهاروڪن معزز مهمانن جي مانَ ۾ الوداعي دعوت ڏنائون، جنهن ۾ امام خمينيءَ جو پوٽو حسن بہ اسان جي اعزاز طورَ، تشريف فرما ٿيو. اتي وزير داخلا ايران (جيڪو ڪو وڏو ديني عالم هو) مون کي ۽ بولانُ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسيلر کي، "شاهنامي" جا "ڊيلڪس ايڊيشن" تحفتاً ڏنا. ٻين مهمانن کي بہ سنا ڪتاب ڏنائون. گهر اچي ڏٺم، تہ شاهنامي جو هي نسخو انگريزيءَ سان گڏ، ٻين بہ ٻن ٽن ٻولين ۾ ترجمي سان آهي. سوچيم تہ "ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز" بہ هيئن شاهہ سائينءَ جو ڪلام ٻن ٽن ٻولين ۾ ترجمي سان ڇاپي، تہ سنو.

*　　*　　*　　*

ڊاڪٽر حميدالله وحيءَ ۽ حديث جي وچ ۾ فرق بيان ڪندي ٻڌايو آهي تہ هڪ دفعي حضور پيغمبرﷺ جن ڪن صحابين سان صلاح و مشورو ڪري، ڪو فيصلو ڪيو.

ڪن صحابين پڇيو تہ "حضور. اهو وحيءَ موجب آهي؟"

پاڻ فرمايائون ته "جيڪڏهن وحيءَ موجب هجي ها، ته مان توهان سان صلاح و مشورو ڪونه ڪيان ها."

پيو مشهور واقعو آهي ته جڏهن پاڻ سڳورا مديني ۾ آيا، ته ماڻهن کي نر کجور جا گل (تخم) ماده کجور جي گلن (تخمن) سان ملائيندي (Polination) ڏٺائون. پڇا تي ڪنهن کين ٻڌايو ته ائين ڪرڻ سان فصل سنو ٿيندو. پاڻ سڳورن اهو ٻڌي، فرمايو ته جڪڏهن اوهان ائين نه ڪندو ته به صحيح ٿيندو. پر، انهيءَ سال کجور جو فصل سنو ڪونه ٿيو. سو، ماڻهن دانهن ڪئي، ته هن سال ٻج ڪونه وڌوسون، ته فصل خراب ٿيو. پاڻ سڳورن جواب ڏنو ته: "توهان دنيا جي معاملن ۾ وڌيڪ ڄاڻو ٿا."

حضور ﷺ جن جي صحابه سان صلاح ڪرڻ واريءَ سوچ جي تصديق "جنگ خندق" جي واقعي مان به ٿئي ٿي. قريشي مڪي مان وڏي تعداد ۾ مديني تي ڪاهي آيا ۽ سندن ساٿي ۽ حمايتي به لشڪر وٺي آيا. حضور ﷺ جن صحابه سان صلاح ڪئي. حضرت سلمان فارسيءَ دفاعي لحاظ کان "خندق" کوٽائڻ جو مشورو ڏنو، جو اصل ۾ ايران جو رهاڪو هو. اتان لڏي مديني آيو هو ۽ کيس دفاعي معاملن جي چڱي معلومات هئي. پاڻ سڳورن سندس مشورو قبول ڪيو، ۽ خندق يعني کاهي کوٽائي. اها ڳالهه مڪي جي ڪافرن لاءِ نئين هئي. سي، منجهي پيا. ڪن پنهنجا گهوڙا ڊوڙائي، کاهي ٽپڻ جي ڪوشش ڪئي. ٻه ٽي ڄڻا ڪاهي ٽپڻ ۾ ڪامياب ٿيا. پر، اتي جو اتي قتل ٿيا. سو، پيا پنهنجن منحوس ارادن ۾ مايوس ٿي ويا. آخرڪار، اڳتي هلي، سڀ مڪي موٽي ويا.

ساڳيءَ ريت، تاريخ طبريءَ ۾ اهو به لکيل آهي ته حضور ﷺ جن حضرت سلمان فارسيءَ جي مشوري تي، طائف جي جنگ ۾ منجنيق استعمال ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو.

ڊاڪٽر حميدالله لکيو آهي ته، "اڪثر ڪري پاڻ سڳورا صحابين سان صلاح مشورو ڪندا هئا. پنهنجي روءِ سوءِ جيڪا ڳالهه ٻولهه ڪندا هئا، سا هڪ ازحد ذهين ۽ فهيم انسان جي ڳالهه ته ضرور هوندي هئي، پر 'خدائي ڳالهه' ڪانه هوندي هئي." اهو به لکيو اٿس ته حضور ﷺ جن جي سيرت ۾ اهڙا مثال موجود آهن، ته ڪڏهن ڪڏهن نماز ۾ چئن رڪعتن بدران ٽن رڪعتن کان پوءِ سلام ورايو اٿن. يا ٻن رڪعتن بدران ٽي پڙهيون اٿن. ڪاٿئن سهو ٿي. سهو جو ٻيو مثال هي ڏنو اٿس، ته هڪ ڀيري، سفر ۾، ٿڪاوٽ جي ڪري، فجر جي نماز جو وقت قضا ٿي ويو. پاڻ سڳورا ننڊ جي غلبي ۾ رهيا. سهو يعني ڀُلَ، چُڪَ، جيڪا هڪ بشري ڪمزوري آهي. ڊاڪٽر حميد الله لکيو آهي ته اها پاڻ سڳورن کان به ٿيندي هئي، ۽ خدا جي مصلحت موجب ٿيندي هئي، ڇو ته قرآن شريف جي هيءَ آيت چٽي ٻيني آهي: "مان اوهان، جهڙوئي انسان آهيان."

پر، ان جو مطلب اهو به ڪونهي، ته رسول پاڪ جن، اسان عام انسانن وانگر انسان هئا. خداوند تعاليٰ کين مصحف مبارڪ ۾ **"خيرالبشر"** ڪوٺيو آهي ۽ سندن اعليٰ اخلاق جي تعريف ڪئي آهي. ڪوبه پيغمبر ٻين انسانن لاءِ **"اسوه حسنه"** ۽ **"انسانن لاءِ ڪامل نمونو"** ته تڏهن ئي ٿي سگهي ٿو،

جڏهن هو پاڻ انساني دائري ۾ رهي، ۽ انساني زندگي گذاري. (تڏهن ئي ته ٻيا انسانَ بـ سندس مثالُ سامهون رکي، سندس نقش قدم تي هلڻ جي ڪوشش ڪندا.)

*　　　*　　　*　　　*

**وحيءَ جي ڪيفيت:**

ڪوبہ ذهين ماڻهو وحيءَ جي متعلق سوچيندو، تہ ڪيس اهو بہ خيال ايندو، تہ ان جي نوعيت الائي ڪهڙي هوندي هئي، ڇو تہ هاڻي تہ وحي ڪنهن بہ انسان تي ڪانہ ٿي اچي. نہ وري اسان مسلمانن جي عقيدي موجب، ڪنهن بہ شخص تي اچي سگهي ٿي. سو، ڊاڪٽر حميد الله جهڙن عالمن ۽ محققن، سيرت ابن اسحاق، سيرت ابن هشام ۽ طبقات ابن سعد جهڙن بنيادي ڪتابن مان مستند روايتون گڏ ڪري، مثال ڏنا آهن، تہ وحي نازل ٿيڻ وقت، حضور پيغمبرﷺ ڪهڙيءَ حالت ۾ هوندا هئا؟ ڪي مثال هي ڏنا اٿن:

١- وحيءَ جي وقت اڪثر ڪري پاڻ سڳورن جي حالت ائين بدلجي ويندي هئي، جو ڄاڻبو هو، تہ مٿن ڪو وڏو بارُ پيو آهي. انهيءَ جي اثر ڪري، خود سندن جسماني بار وڌي بہ ويندو هو. مثلاً ڪنهن ڏاچيءَ تي سوار هوندا هئا، تہ اها ڏانهون ڪندي هئي، بعضي تہ ويهي بہ رهندي هئي.

٢- حضرت زيد بن ثابت، ڪاتبِ وحي هو. سندس چوڻ آهي تہ هڪ ڏينهن مسجد نبويءَ ۾ ويٺا هئاسون. ماڻهن جي ڪثرت هئي. حضور صلعم جن جو گوڏو منهنجي گوڏي مٿان هو. اوچتو مٿن وحي نازل ٿي. مون محسوس ڪيو، تہ اچانڪ سندن بار وڌي ويو. ايڏو، جو ڀانيم تہ منهنجي ٽنگ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويندي. حضورﷺ جن جي ادب ۽ احترام ڪري ضبط ڪيم، نہ تہ جيڪر ڏانهون ڪريان ها.

٣- جڏهن وحي نازل ٿيندي هئي، تہ سندن ذهن مبارڪ تي ايڏو بار پوندو هو، جو نرڙ تي پگهر جا قطرا نظر ايندا هئا. بيبي عائشہ رضي الله عنها انهيءَ ڳالهہ جي تصديق ڪندي چيو آهي، تہ سخت سياري جي مند ۾ بہ وحيءَ جہ ، نازل ٿيڻ وقت ڪين پگهر اچي ويندو هو، ۽ پگهر جا ڦڙا سندن پيشانيءَ تي چمڪندا نظر ايندا هئا.

٤- هڪ دفعي پاڻ سڳورا مسجد ۾ منبر تي تقرير فرمائي رهيا هئا، تہ اوچتو مٿن وحي نازل ٿي. پاڻ بلڪل خاموش ٿي ويا. جڏهن وحي پوري ٿي، تہ وري تقرير شروع ڪيائون.

٥- وحيءَ جي نازل ٿيڻ وقت حضور ﷺ جن هميشہ خاموش، بلڪ، ساڪت ٿي ويندا هئا. هڪ ڀيري ماني کائي رهيا هئا. اوچتو وحي نازل ٿي. جيڪو گرهہ سندن هٿ ۾ هو، سو، اتي ئي رهيو. جڏهن وحي پوري ٿي، تڏهن پاڻ اهو گرهہ وات ۾ وڌائون.

٦- هڪ صحابيءَ کي اشتياق هو. تہ ڏسان تہ وحيءَ وقت حضورﷺ جن جي ڪيفيت ڪيئن ٿئي ٿي؟ حجة الوداع جي موقعي تي هڪ ڏينهن اوچتو متن وحي نازل ٿي. ڏٺم تہ حضورﷺ جن ۽ ماڻهن جي وچ ۾ پردو ڪيو هئائون. اجازت وٺي، ٿورڙو پردو سِرڪائي ڏٺم، تہ پاڻ سڳورا ليٽيل هئا. سندن چهرو سُرخ هو، ۽ زور زور سان ساهہ کڻي رهيا هئا. مون وري پردو ڏئي ڇڏيو، ۽ ادب سان پنهنجيءَ جاءِ تي اچي وينس.

٧- حارث بن هشام نالي سندن هڪ صحابيءَ کانئن سوال ڪيو، تہ "حضور، وحيءَ جي نازل ٿيڻ وقت اوهان ڪيئن محسوس ڪندا آهيو؟"

پاڻ سڳورن ڪيس ڪيترائي مثال ڏنا ۽ ائين بہ فرمايو تہ "ڪڏهن ڪڏهن ڪنن ۾ گهنڊڻين وڄڻ جهڙا آواز ٻڌڻ ۾ ايندا اٿم، جنهنڪري سخت تڪليف ٿيندي اٿم. ليڪن، انهيءَ مهل ڪي انساني آواز بہ ٻڌندو آهيان، جي مون کي ياد ٿي ويندا آهن."

حضور ﷺ جن وحيءَ جي ڪيفيت بيان ڪندي، ٻيا بہ مثال ڏنا، جن ۾ فرمايائون تہ ڪڏهن ڪڏهن وري وحيءَ جي نزول وقت جڻ تہ ڪو شخص مون سان عام ماڻهن وانگر ڳالهائيندو آهي. وحيءَ جي اهڙيءَ صورت ۾ مون کي ڪابہ تڪليف ڪانہ ٿيندي آهي.

*　　　*　　　*　　　*

اسلامي عقيدي موجب، خداوندتعاليٰ انسان کي هن ڌرتيءَ تي پنهنجو خليفو مقرر ڪيو آهي. خلافت جو بارُ تہ ڏاڍو ڳورو هوندو. انگريزيءَ ۾ چوڻي آهي تہ Un-easy lies the head that wears the crown.

قرآن شريف جي سورة "الاحزاب" ۾ هڪ هنڌ هي لفظ آهن:

"بيشڪ اسان آڇي هئي امانت آسمانن تي ۽ زمين تي
۽ جبلن تي، پوءِ انڪارڪيائون ان جي کڻڻ کان،۽ ڊڄي ويا انهيءَ کان،
۽ کنيو ان کي انسان، جو اهو هئو ظلوم جَهول."
(الاحزاب ٧٢)

ڪن مفڪرن جو رايو آهي تہ دنيا جي ساهوارن ۾، اڪثر ساهہ وارا پنهنجيءَ فطري حِسَ تي هلن ٿا. البت، انسانُ پنهنجو عقل ڪم آڻي، قدرتي قانونن تي ڪنٽرول ڪري، پنهنجيءَ پسند ۽ ناپسند (Choice) موجب پنهنجي دنيا بنائي ٿو. مثلاً، سانوڻ جي مُندَ ۾ گرميءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ ايئرڪنڊيشنر استعمال ڪري ٿو ۽ سرديءَ ۾ هيٽر هلائي ٿو. پر، قدرتي ڪمن ۾ رڳو پنهنجي سک ۽ سهنج لاءِ دَخلُ ڪونہ ٿو ڏئي، بين قومن ۽ قبيلن جا خِيالَ يا سندن ڪا ڳالهہ نٿي وڻيس، تہ پنهنجو عَقُلُ "موتمار اوزار وانگر" ڪم آڻي ٿو. هٽلر پنهنجن مخالفن، خاص ڪري، يهودين، مردن ۽ زالن ۽ ٻارڙن کي

ڪي گئس جي چيمبرن ۾ جيئرو ساڙي، خاڪ جا ڍير ڪري ڇڏيندو هو. آمريڪين ٻيءَ مهاڀاريءَ لڙائيءَ ۾ جپانين تي ايٽم بم اڇلائي لکين انسان هڪ لحظي ۾ ماري ڇڏيا.-- انهيءَ معنيٰ ۾ ”عقل“ جو استعمال، ”امانت“ جي بارَ جو ”مفهوم“ رکي ٿو.

فارسي زبان جي شاعر، حافظ شيرازيءَ پنهنجي هڪ شعر ۾ انسان کي مليل ”امانت“ جي پنهنجي انداز سان تشريح ڪئي آهي:

آسمان بار امانت نتوانست کشید

قرعهِ فال بنام منِ دیوانه زدند

**(آسمان امانت جو بار کڻي نه سگهيو،**

**ڦار وڌائون، ۽ پُڪو مون ديواني جي نالي ڪڍيائون.)**

*　　　*　　　*　　　*

بهرصورت، اها ته عام عقل جي ڳالهه آهي، ته قدرت انسانذات جي رهبريءَ لاءِ ڪونه ڪو اهتمام ڪيو هوندو. ”آسماني حڪم احڪام“ پهچائڻ جو بار کڻڻ لاءِ به خاص خاص ماڻهو منتخب ڪيا هوندا. اهي ئي اعليٰ انسانَ پيغمبر سڏبا هئا. پيغمبر يا پيغامبر، معنيٰ جيڪو پيغام ڪڻي اچي. سو، **جيڪڏهن دين اسلام جي ڳالهه ڪبي، ته انهن ئي چئبو ته ”آسماني لهرن“ (Heavenly Tidings) پهچڻ جو مرڪز، حضور پيغمبرﷺ جن جي ذات پاڪ هئي.**

قرآني آيتن کي ”آسماني لهرن يا آفاقي يا بهشتي لهرن“ سان تشبيهه ڏيڻ جو محارو دراصل مغربي دانشور، گائي ايٽن استعمال ڪيو آهي. حضور پيغمبر ﷺ جن تي سڪ سان لکيل پنهنجي ڪتاب ﷺ Muhammad جي اختتام تي، سندن وصال جو ذڪر ڪندي، هي اکر لکيا اٿس:

Then all the people of Medina visited him and prayed over him. They came in relays, and each small gathering prayed the funeral prayer -- firstly the men, group after group, and then when all the men had visited him, the women came, and after them the children.

Great was the sorrow in the City of Light, as Medina now is called. The Companions rebuked each other for weeping, but wept themselves. *"Not for him do I weep,"* said Umm Ayman, when questioned about her tears. *"Know I not that he hath gone to that which is better for him than this world? But I weep for the tidings of Heaven which have been cut off from us."*

پوءِ مديني جا سڀ ماڻهو سندن حضور ۾ حاضر ٿيا. ٽولن پٽيان ٽولا ۾

آيا. پهريائين مردن جا ٽولا هڪبئي پٺيان آيا، پوءِ زالون آيون ۽ انهن کان پوءِ ٻارڙا. ننڍڙيءَ کان ننڍڙيءَ ٽوليءَ به سندس جنازي نماز پڙهي.

ڏاڍو ڏک هو علم ۽ روشنيءَ جي شهر ۾، جنهن کي هاڻي مدينو ڪوٺن ٿا. صحابي هڪبئي کي روئڻ کان منع ڪري رهيا هئا. پر، پاڻ روئي رهيا هئا.

”مان حضورﷺ جن جي وفات تي ڪونه ٿي رئان.“ هڪ بيبيءَ (Umm Ayman) ٽمندڙ اکين سان چيو: ”ڇا مون کي خبر ڪانهي ته هو اتي ويو آهي، جيڪو هَنَڌُ هن لاءِ هن دنيا کان بهتر آهي. پر، مان آسماني، آفاقي ۽ بهشتي لهرن (HEAVENLY TIDINGS) لاءِ رئان ٿي، جيڪي هاڻي اسان وٽ اچڻ بند ٿي ويون.“

هو به ائين!--جڻ ته رحمت جو هڪ شاهي دروازو مٿن بند ٿي چڪو هو.

* * * *

هن دنيا ۾، هڪ محتاط اندازي موجب، پنجن اربن کان وڌيڪ انسانَ رهن ٿا، جن جي پنجين پتي يعني هڪُ اَربُ مسلمانَ آهن. اهي هڪ ڏينهن ۽ هڪ رات ۾، پنج دفعا نماز پڙهن ٿا. (ڪي ته سڄيءَ عمر ۾ هڪ دفعو به ڪونه ٿا پڙهن.)

نماز لاءِ ماڻهن کي سڏڻ واسطي بانگ ڏيندا آهن. بانگ فارسي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي صدا يا سَڏُ. اسلامي تاريخ ۾ پهرين پهرين بانگ حضرت بلال ڏني هئي، جو حبشي هو ۽ حضور ﷺ جن جو صحابي هو. سندن ئي ارشاد تي، مديني منوره ۾ مسجد نبويءَ ۾ بانگ ڏني هئائين، سو، سنڌي اصطلاح ۾، بلال بانگو مشهور ٿي ويو. ڪجهه ٻاتو هو، سو ”اشهد“ جو اچار صحيح ڪونه ڪندو هو. ”اسهد“ چوندو هو ۽ ان محل شاهديءَ طور اشهد آگر حضور ﷺ جن ڏانهن ڪٽندو هو. پاڻ سڳورن جي وصال کان پوءِ، ڏک ۾ بانگ ڏيڻ ڇڏي ڏنائين.

جڏهن مسلمانن دمشق فتح ڪيو ته حضرت عمر به موجود هو ۽ بلال به هو. مسلمانن جي لشڪر اصرار ڪيو ته اڄ هن فتح جي خوشيءَ ۾ بلال بانگ ڏني. حضرت عمر بلال کي حڪم ڏنو. هن بانگ ته ڏني.

پر، جڏهن پوري ڪيائين، ته خوشيءَ جو سمو غم ۾ تبديل ٿي ويو. مسلمانن کي حضور ﷺ جن جا ڏينهن ياد آيا. ڪا اک ڪانه هئي، جنهن ۾ ڳوڙها نه هئا. وڏا وڏا اصحابي سڏڪا ڀري رهيا هئا. خود حضرت عمر جي اکين مان وڏڦڙو وسي رهيو هو.

روايت آهي ته بلال ان کانپوءِ بانگ ڪانه ڏني. پر، جيڪڏهن تاريخ جو بين السطور اڀياس ڪبو، ته معلوم ٿيندو، ته بلال جي بانگ ڪڏهن به بند ڪانه ٿي. سو، هيئن ته هر ڏينهن ۽ هر رات، مسجدن مان، ميدانن مان، صحرائن مان ۽ ڀاڙن جي ميدانن مان اڄ به پنج وقت بانگون اينديون رهن ٿيون.

ڏينهن رات هيئن ٿين ٿا، ته ڌرتي سدائين سج جي ۽ پنهنجي چوڌاري ڦرندي رهي ٿي. سو، جتي سج جي روشني پهچي ٿي، اتي ڏينهن ٿئي ٿو ۽ جتي ڪانه ٿي پهچي، اتي رات ٿئي ٿي.

ذرتيءَ جي هروقت ڦرڻ ڪري، دنيا جي مختلف ملڪن ۾، ڪاٿي صبح ٿئي ٿو، تہ ڪاٿي سانجهي، ڪاٿي ڏينهن، تہ ڪاٿي رات. انهيءَ ڪري، هر ملڪ ۾، نماز پڙهڻ جو وقت بہ جدا جدا ٿئي ٿو. سو، جدا جدا ملڪن ۾، جدا جدا وقتن تي، نماز لاءِ بانگون اچن ٿيون، جن ۾ هڪ جملو هيءُ هوندو آهي تہ:

"اَشهَدُ اَنّ مُحَمداً رَسُولُ الله"

مان شاهدي ڏيان ٿو تہ محمد الله جو رسول آهي.

حضرت بلال جي ڏنل اذان ۽ شاهدي فضا ۾ جيئن بلند ٿي آهي، تہ اڄ ڏينهن تائين ختم ڪانہ ٿي آهي. هميشه ۽ هروقت گونجندي رهي ٿي. آدم جي پيدا ٿيڻ کان وٺي، اڄ ڏينهن تائين، اربين آدمي پيدا ٿيا آهن، پر، ڪنهن بہ ٻئي انسانَ جو نالو ڪونہ ٿو سُجهي، جو صدين جون صديون، ائين، فضا ۾ هر وقت گونجندو رهيو آهي.

اهو منظر ذهن ۾ رکي، آسمان ڏي نهاربو، تہ قرآن ڪريم جي هيءَ آيت چوڏهينءَ جي چنڊَ مِثل چمڪندي نظر ايندي:

وَرَفَعنَا لَکَ ذِکرَکَ

۽ اسان تنهنجو ذڪر بلند ڪيو.

*　　*　　*　　*

عالمِ اسلام جي برگزيده عالمن، حضور پيغمبر ﷺ جن کي **"قرآن ناطق"** ڪوٺيو آهي. قرآن ناطق جو سليس سنڌي ترجمو ٿيندو: "ڳالهائيندڙ قرآن." حضور ﷺ جن گويا "ڳالهائيندڙ قرآن" هئا. چنانچ، ڊاڪٽر حميد الله پنهنجي ڪتاب خطبات بهاولپور ۾ چيو آهي تہ:

> حضورﷺ جن جي ارشادات يعني حديثن جي اهميت، قرآن شريف جي اهميت کان گهٽ ڪانهي. ٻنهي ۾ فرق هي آهي، تہ حديث اسان کي قرآن شريف وانگر ڪانہ ٿي ملي. پر، اسان جو ايمان آهي، تہ قرآن شريف جي زيرِ ۽ زَبَرَ، هڪ هڪ لفظُ، بلڪ هڪ هڪ نقطو، اڄ بہ اسان وٽ ائين ئي محفوظ آهي، جيئن حضور ﷺ جن جي زماني ۾ هو. حديثن لاءِ اها خاطري ڪانهي.

*　　*　　*　　*

مشرقُ (EAST) عشق ۽ مستيءَ جي سرزمين آهي. خواجہ غلام فريد سرائڪي زبان جو مجيل آخرين عظيم شاعر (Last of the Great) آهي. هُنَ، حضور پيغمبر ﷺ جن سان پنهنجي عشق جو اظهارُ هنن لفظن ۾ ڪيو آهي:

ميڈا عشق وی توں ، ميڈا يار وی توں
ميڈا دين وی توں ، ايمان وی توں
ميڈا جسم وی توں ، ميڈا روح وی توں
ميڈا قلب وی توں ، جند جان وی توں
ميڈے فرض فريضے، حج زکواتاں
صوم صلواة اذان وی توں
ميڈا قبلہ، کعبہ، مسجد، مندر
مصحف تے قرآن وی توں

عشق، محبت ۽ نفرت فطري ڳالهہ آهي. انسان کي انسان سان تہ محبت ٿئي ٿي. پر، جانورن ۽ پکين سان بہ ٿئي ٿي. محبت هڪ جذباتي رويو آهي.

ليڪن، مغربَ (WEST) جي اڪثر دانشورن زندگيءَ جي هر معاملي ۾ عقل کي پنهنجو امام ڪيو آهي. سو، مائيڪل هارٽ عقل جي آڌار تي قائم ڪيل معيار مطابق "A RANKING OF 100 MOST INFLUENTIAL PERSONS IN HUMAN HISTORY." ۾، حضور پيغمبر ﷺ جن جي عظمت جو اعتراف هنن لفظن ۾ ڪيو آهي:

> He was the only man in history, who was supermely successful, on both the religious and secular levels. Today, fourteen centuries after his death his influence is still powerful and pervasive. It is this un-paralleled combination of secular and religious influence, which I feel entitles Muhammad to be considered the most influential figure in human history.

> **تاريخ ۾ هو اڪيلو شخص هو، جنهن ديني توڙي دنياوي معاملن ۾ انتهائي درجي جي ڪاميابي ڪئي. سندس رحلت کان چوڏهن صديون پوءِ بہ سندس اثر وڌي رهيو آهي ۽ غلبو حاصل ڪري رهيو آهي.**

> **هن بي مثال ديني ۽ دنياوي ڪاميابيءَ جي ڪري محسوس ٿئي ٿو تہ محمد ﷺ سڄيءَ انساني تاريخ جي سڀ کان بااثر شخصيت آهي.**

* * * *

دنيا ۾ هن وقت موجود، هڪ ارب (يعني هڪ سؤ ڪروڙ) مسلمانن جي عقيدي ۽ ايمان (Faith) جو سرچشمو قرآن شريف آهي. اهو انهيءَ نبي امي (اڻ پڙهيل) پيغمبر ﷺ جو سڄيءَ انسانذات کي "عطيئہ خداوندي" آهي.

هرمسلمان جي گهر ۾، مرٽي ۽ پرٽي جهڙن نازڪ موقعن تي، قرآن‌شريف جي حڪمن جي ئي پيروي ڪئي وڃي ٿي . هونئن بہ، هر مسلمان شخصُ ڄمڻ کان مرڻ تائين ان جي تعليم تي، پنهنجي حال ۽ توفيق سارو عمل ڪري ٿو: ڪو گهڻو تہ ڪو ٿورو. پر، هر شخص اُن جو ازحد احترام ڪري ٿو.

سنڌ جي ڳوٺن ۾ اهڙو ڪو گهَرُ مشڪل ملندو، جنهن ۾ قرآن شريف رکيل نہ هجي. اڪثر ڪري مٿي طاق تي رکيل هوندو آهي. پر، جي هيٺ رَحَلَ تي تلاوت لاءِ رکيل هوندو آهي، تہ ڪير بہ شخص، عورتَ يا مردُ، ڇاڻي واٽي، ان کي پٺي ڏيئي ڪونہ لنگهندو آهي. پير علي‌محمد راشديءَ پنهنجي ڪتاب "اهي ڏينهن، اهي شينهن" ۾، سنڌ جي ڳوٺاڻي ڪلچر ۾، قرآن ڪريم جي تعظيم ۽ تڪريم جا ڪي مثال ڏنا آهن. مون کي پنهنجي ڳوٺ ۾، هڪ دفعي، هڪ شخص قرآن شريف جو ذڪر ڪندي، چيو تہ، "ادا، ڪلام الله تہ ٻنهي جهانن کان ڳؤرو آهي."

سنڌ جي ڳوٺن ۾، ڪي ماڻهو روزانو قرآن شريف جي تلاوت ڪندا آهن. پر، تلاوت لاءِ بہ هڪ بنيادي شرط آهي، جيڪو ڪنهن عالم جو مقرر ڪيل ڪونہ آهي. خود قرآن ڪريم جو ارشاد آهي:

لَايَمَسُّهُ اِلَّا الْمُطَهَّرُوْنَ

**هن قرآن کي اهي ئي هٿ لائن، جيڪي پاڪ آهن.**

سو، تلاوت ڪرڻ کان اڳ، شرعي نموني ۾، پاڪائيءَ لاءِ وضو ڪرڻو پوندو آهي، (يعني هٿ، منهن، پانهون، پير وغيره مقرر ٿيل مذهبي طريقي موجب) ڌوئڻا پوندا آهن. ان ڳالهہ جي بہ خاطري ڪرڻي آهي تہ ڪپڙا پاڪ آهن، يا نہ؟

جيڪڏهن قرآن شريف کي هٿ لائڻ لاءِ بہ اهو شَرطُ آهي، تہ پوءِ انهيءَ کي ترجمو ڪرڻ يا ان جو پيغام اصل عربيءَ ٻوليءَ مان ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ ۾ منتقل ڪرڻ لاءِ بہ ڪي شَرطَ شروط هوندا يا نہ؟ ان لاءِ بہ ڪنهن نہ ڪنهن قسم جي پاڪائي ضروري هوندي يا نہ؟ پر، پهريائين اها وضاحت ٿيڻ گهرجي، تہ "پاڪائي" مان مراد ڇا آهي؟ ڀٽائيءَ فرمايو آهي تہ:

**گندُ جنين جي گوڏ ۾، پاٻوڙا پوشاڪ**

**اُنين جي اوطاق، راجا ريجهي آئيو**

گويا، گند ڀريل گوڏ، پاڪائيءَ جو بنيادي مسئلو ڪونهي. بنيادي شرطُ انسانَ جي اندر جي پاڪائي آهي. راجا انهن وٽ ئي ريجهي آئيو، جن جي پوشاڪ پاٻوڙا هئي ۽ گوڏِ گند سان ڀريل هئي.

هن پس منظر ۾ ڏسبو، تہ حضور پيغمبرﷺ جن ڏانهن منسوب هڪ ڳالهہ ياد ايندي. پاڻ فرمايو اٿن تہ: "الاعمال بالنيات" (عمل جو مدار نيت تي آهي). ان سلسلي ۾ هيءَ ڳالهہ بہ هڪ تاريخي واقعو آهي تہ حضورﷺ جن مديني جي ٻاهران "مسجد ضرار" ڊهرائي ڇڏي هئي. حالانڪ

عام ديني عالِمُ اهو ئي ٻڌائيندو آهي، ته هڪ دفعو جنهن جاءِ تي مسجد نهي، اتي (ان جي شهيد ٿيڻ کانپوءِ) ٻي ڪابه جاءِ تعمير ٿي ڪانه سگهندي. نه رڳو ايترو، پر، مسجد ۾ وقت ڏسڻ لاءِ اندر ۽ ٻاهر به گهڙيال هنيا ويا، ته پوءِ اتان ڪنهن ضرورت لاءِ هڪ گهڙيال به ڪڍي نٿو سگهجي. پر، حضور پيغمبرﷺ جن ته مورڳو مسجد ئي ڊهرائي ڇڏي، ڇو ته اها مسجد منافقن بدنيتيءَ سان ٺاهي هئي. هو ظاهري طرح ان ۾ نماز لاءِ گڏ ٿيندا هئا. پر، اصل ۾ منجهس مسلمانن جي خلاف سازشون سٽيندا هئا.

**حضورﷺ جن جي طرفان "مسجد ضرار" ڊهرائي ڇڏڻ ۾ به اهو سبق ڏنل آهي، ته ماڻهوءَ جو عملُ سندس نيت تي منحصر آهي.**

*　　　*　　　*　　　*

جتوئي صاحب قرآن شريف جي ترجمي جو ڪم ڪهڙيءَ نيت سان ڪيو، سا ڪيس خبر. ليڪن، بلاشبہ، هن پنهنجي "پيش لفظ" ۾ قرآن ڪريم لاءِ ازحد ادب ۽ احترام جو اظهار ڪيو آهي. لکيو اٿس ته:

"دنيا ۾ قرآن شريف اهو اڪيلو ڪتاب آهي، جنهن تي وڌ ۾ وڌ تحقيق ٿي آهي. گهڻين کان گهڻين ٻولين ۾ ترجمو ٿيو آهي. (دنيا جي) ٻئي ڪنهن به ڪتاب کي ان لحاظ کان قرآن شريف جي ڀيٽ ۾ پيش ڪري نٿو سگهجي. مان پنهنجي ترجمي ۾، حتي المقدور، اصل عربي متن جي ويجهو رهيو آهيان. منهنجو ترجمو عام لغت ۾ لفظن جي ڏنل معنيٰ ۽ مطلب موجب آهي. مون هن ترجمي ۾، قديم ۽ تسليم ٿيل، مستند عالمن جي پيروي ڪئي آهي، ڇو ته هو حضورﷺ جن جي زماني کي ويجهو هئا، سو ڪين لفظن جي صحيح معنيٰ ۽ مطلب جي ڄاڻ هئي. مون جديد دؤر جي ڪن مترجمن کي ڇڏي ڏنو آهي، جن پنهنجن جديد خيالن جي تقويت لاءِ، لفظن کي نئين معنيٰ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. قرآن شريف جهڙو پاڪ ڪتاب ماڻهن جي اڳيان ائين ئي پيش ڪرڻ گهرجي، جيئن حضور پيغمبرﷺ جن پنهنجن سامعين کي پيش ڪيو هو. اهو مترجم کي اختيار ڪونهي ته هو هاڻوڪي وقت جي تقاضا موجب، يا پنهنجي ذاتي خواهش پٽاندر قرآن شريف جي لفظن جي ترجمي ۾ لفظن جي معنيٰ ڦيرائي."

*　　　*　　　*　　　*

تازو رياض احمد آگري نالي هڪ نوجوانَ، مون وٽ ميز تي سندس ترجمو ڏسي چيو ته "جتوئي

صاحب لاءِ تہ چوندا آهن، تہ مذهبي خيالن جو ڪونہ هو. سوشلسٽ خيالن جو هو. پوءِ قرآن شريف جي ترجمي جو ڪم خبر ناهي تہ ڇو ڪيائين؟"

مون ڪيس چيو تہ، "مذهبي خيالن جو ماڻهو بہ سوشلسٽ خيالن ڏانهن مائل ٿي سگهي ٿو. مولانا عبيدالله سنڌي روس ويو. سوشلسٽ نظام ڏٺائين ۽ ان جي تعريف ڪيائين. چيائين تہ "اسلام بہ ائين ئي انسانذات ۾ مساوات لاءِ عالمگير پيغام کڻي آئيو هو." ڪيترائي سوشلسٽ اڳواڻ شاهہ ولي الله جي فڪر جي ساراهہ ڪن ٿا. ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ سوشلسٽ خيالن جو ماڻهو، اڳتي هلي، سراسر مذهبي خيالن جو ٿي وڃي. مثلاً محمد امين کوسو، جو ڪنهن زماني ۾ سنڌ جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو سيڪريٽري هو، پر، آخر ۾ نيٺ مذهبي خيالن جو ٿي ويو. قادر بخش نظاماڻي بہ آخر ۾ مذهب ڏانهن مائل ٿيو. مون کي شيخ اياز پاڻ ٻڌايو، تہ مان لنڊن ۾ وڃي ويس، تہ نماز پڙهي رهيو هو.

خود شيخ اياز پاڻ بہ عمر جي آخري ڏينهن ۾، ڪراچيءَ ۾ رهائش دوران، دعائن جو ڪتاب لکيو. ڪي انهيءَ مان ڪهڙي معنيٰ ڪڍن ۽ ڪي ڪهڙي. پر، انهيءَ حقيقت کان انڪار تہ ڪير بہ ڪري نٿو سگهي.

رياض احمد تہ اهو ٻڌي خاموش ٿي ويو. پر، پيو ڪو شخص اهو سوچي سگهي ٿو تہ جتوئي صاحب اهو ترجمو انگريزي زبان ۾ ڇو ڪيو؟ سنڌيءَ ۾ ڇو نہ ڪيو؟ جيڪڏهن ڪيس قرآن شريف پاڻ سمجهڻو هو، تہ اهو تہ سنڌي زبان ۾ سولائيءَ سان سمجهي سگهي ها. يونيسڪو جي ماهرن جو متفق رايو آهي تہ "علم پرائڻ جو سڀ کان موثر ذريعو مادري ٻولي آهي".

جتوئي صاحب تہ قومپرست ماڻهو هو. سنڌ جو ليبر هو. رات ڏينهن هارين نارين سان گڏ هوندو هو. خود پنهنجي پيش لفظ ۾ لکيو اٿس تہ:

> "پبلڪ جي ڪم، خاص ڪري سنڌ جي پيڙيل ۽ لتاڙيل هارين نارين جي ڀلائيءَ لاءِ جدوجهد ۾ گهڻو مشغول رهڻ ڪري، ترجمي جي ڪم ۾ گهڻو وقت لڳي ويو."

سنڌ جا هاري ناري ٿوري گهڻي سنڌي ۽ سرائڪي تہ ڄاڻندا هوندا، پر انگريزي ٻولي ڪير ڄاڻندو هوندو؟ سو، جيڪڏهن جتوئي صاحب قرآن شريف جو ترجمو سنڌيءَ ۾ ڪري ها تہ پاڻ بہ سولائيءَ سان سمجهي ها، ۽ سنڌ ۾ ٻين ماڻهن کي بہ سندس علم جي روشنيءَ ۾ قرآن شريف سمجهڻ ۾ مدد ملي ها.

انگريزي ترجمي يا تفسير (Commentry) مان تہ اهي فائدو وٺي سگهندا، جيڪي انگريزي ڄاڻندا هوندا. انهن ماڻهن ۾ سڀ کان اول تہ خود انگريز اچن ٿا. جتوئي صاحب، سندس پنهنجي لکڻ موجب، ترجمو سنہ ١٩٤٠ع ۾ شروع ڪيو هو. تڏهن برابر انگريزن جي بادشاهي هئي. پر، جتوئي

صاحب انگريزن جو مخالف هو. سو، ڪيس انگريزن ڪي قرآن شريف سمجهائڻ جو ضرور ڪونہ هو.

پر جتوئي صاحب جو تہ چوڻ آهي تہ، "مون قرآن شريف کي سمجهڻ خاطر ان جو ترجمو انگريزيءَ ۾ ڪيو."

* * * *

جتوئي صاحب، پنهنجي "پيش لفظ" ۾، ٻي بہ هڪ دلچسپ ڳالهہ ڪئي آهي. لکيو اٿس تہ:

"آسانيءَ سان چئي سگهجي ٿو تہ مڪي واري زماني ۾ پيغمبر ﷺ جن، عربن لاءِ هڪ انقلابيءَ انسانَ جون جهلڪيون ڏيکاريون. پر مديني واري زماني ۾، پاڻ قدامت پسند حڪمران (Conservative Ruler) وارو طريقو اختيار ڪيائون."

اسلامي تاريخ ۽ خصوصاً حضور پيغمبر ﷺ جن جي سيرت جو هر هڪ طالب العلم ڄاڻي ٿو، تہ حقيقت ان جي ابتڙ آهي.

مڪي شريف ۾ رهائش واري زماني ۾ تہ حضور پيغمبر ﷺ جن مخالفن جون سُورَ ۽ سختيون صبر سان سهندا رهيا. ڪافرن جون ڏاڍيون سندن راهہ ۾ ڪنڊا اڇلائيندڙ هيون. ڪافر مٿن ٺوڪون ڪندا هئا. ڪين پٿرن سان زخمي ڪري رتو رت ڪندا هئا، سندن پوئلڳ مسلمانن کي سيني تي پٿر رکي، گهليندا هئا. آخرڪار مجبور ٿي، حضور ﷺ جن مسلمانن کي مڪي مان حبش ڏانهن هجرت ڪرڻ جو حڪم ڏنو. جڏهن سندن دشمنِ خود کين شهيد ڪرڻ جو منصوبو رٿيو، تڏهن پاڻ مڪو ڇڏي، مديني هجرت ڪري ويا. ليڪن، مڪي جي مخالفن خلاف ڪوبہ انتقامي يا انقلابي قدم ڪونہ کنيائون.

پر، جڏهن ڪافرن کين مديني ۾ تنگ ڪرڻ لاءِ يهودين سان سازشون سٽيون، تہ کين "قتال" جي اجازت ملي. رب جي رضا موجب، مسلمانن کي، مخالفن سان لڙائيءَ جي موڪل ڏنائون.

حضور پيغمبر ﷺ جن جي هڪ سيرت نگارَ جي لفظن ۾ (مون سندس ڪتاب انگريزيءَ ۾ پڙهيو هو)، جڏهن مديني ۾ بہ حضور پيغمبر ﷺ جن کين جواب ڏنو تہ:

"You want a battle? All right. You shall have a battle."

اوهان لڙائي گهرو ٿا. چڱو، اسان اوهان سان لڙائيءَ جي ميدان ۾ ملنداسين."

اسلامي تاريخ ۾، پهرين پهرين لڙائي، بدر جي ميدان ۾ لڳي. مسلمانن جي سوڀ ٿي. بدر جي لڙائي عالمگير اسلامي انقلاب جو گويا "نقطهءِ آغاز" هئي. سڄيءَ انسانذات جي تاريخ سمورن ايندڙ زمانن لاءِ بدلائي ڇڏيائين.

-- خبرناهي تہ جتوئي صاحب کي اها سنئين سڌي ڳالهہ ڪيئن نظر ڪانہ آئي.

*          *          *          *

**قرآن شريف جا اردو ۽ انگريزي ترجما:**

عالمِ اسلام جي ممتاز ماهرن، محققن ۽ عالمن جو متفقہ رايو آهي تہ:

قرآن داني ڏکيو علم آهي. ان جي ماهرن جو رايو آهي تہ، "ترجمي جي صحت جي تصديق محققن لاءِ پنهنجيءَ جاءِ تي خود هڪ جدا موضوع آهي، ۽ ان لاءِ هر هڪ ترجمو جدا جدا جاچي ڏسڻو پوندو. پوءِ بہ المينان بخش نتيجا نقط تڏهن حاصل ٿي سگهندا، جڏهن ترجمن جي پيٽا ڪبي.' (غالباً ان مان سندن مراد اها آهي تہ مترجمُ قرآن جي ٻوليءَ يعني عربيءَ، ۽ جنهن ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو اٿس، تنهن ۾ ڪيتري مهارت رکي ٿو.) هنن اهو بہ واضح ڪيو آهي تہ 'اها پيٽا بہ قرآن دانيءَ جي مڃيل ۽ مستند طريقہ ڪار (Methodology) موجب ٿي ڪرڻي پوندي."

'قرآن داني' جا عالمَ انهيءَ راءِ جا آهن تہ:

"قرآن شريف" جو لفظ بہ لفظ ترجمو، جيڪو هوبهو اصل جهڙو هجي، سو ناممڪن آهي. ڪو بہ شخص، جيڪو ترجمي جو ٿورو گهڻو شعور رکي ٿو، سو ڄاڻي ٿو، تہ ڪنهن بہ ڪتاب جو ترجمو اصل ڪتاب جهڙو ٿي نٿو سگهي. پر، اهڙو ڪتاب جيڪو الهامي آهي، سو تہ معنيٰ توڙي صورت جي لحاظ کان نقل (ترجمو) ٿي نٿو سگهي.

ببليوگرافيءَ ۾ سندن اصل اکر هي آهن:

Word by word translation of the Qur'an identical to the original text is impossible. Any one who has some experience of translation knows that the translation of any book, does not measure up to its original. How much more so the Revealed book which is inimitable both in meaning and composition.

دنيا ۾ اڪيلو مثال "رباعيات عمر خيامَ" جو آهي، جنهن جي انگريزي مترجم، ايڊورڊ فزجرالڊ کي ادبي نقادن (سندس ترجمي جي ڪمالَ کي تسليم ڪندي) Original Poet جو درجو ڏنو آهي.




هونئن، ان جا پيا بہ گھڻا انگريزي ترجما ٿيا آهن. تاهم، دانشگاهہ شيراز (ايـران) يعني شيراز يونيورسٽيءَ جـي پري چهره ڪسريٰ جو چوڻ آهي تہ: "ايراني عـالمَ ۽ دانشـورَ، جن جي فـارسـي مـادري زبان آهي، ۽ عمرخيام جا پارکو آهن، سي ايڊورڊ فزجرالڊ جي ترجمي کي فقط هڪ سٺي ڪوشش مڃن ٿا."

برين بنا، وڏن وڏن عالمن جو چوڻ آهي تہ، "گوئٽي کي سمجهڻو هجي، تہ جرمن زبان سکو ۽ حافظ کي سـمجهـڻو هجي، تہ فـارسي سکو. پر جي قرآن شريف کي سمجهڻو هجي، تہ عربي سکو."

* * * *

**انگريزي ترجما:**

پر، اڄڪلهہ انگريزي دنيا جي اهم زبان آهي، سو، مغرب جي ٻولين ۾، قرآن شريف جا گهڻي ۾ گهڻا ترجما بہ انگريزيءَ ۾ ٿيا آهن. ڪي ترجما انگلستان جي انگريزيءَ ۾، ڪي آمريڪا جي انگريزيءَ ۾، ڪي آسٽريليا جي انگريزيءَ ۾، ڪي برٽش ڪئنيڊين انگريزيءَ ۾، ڪي آئرش انگريزيءَ ۾، تہ ڪي وري اسڪاٽلنڊ جي انگريزي زبان ۾ ٿيا آهن. جيـئن تہ جتوڻي صاحب قرآن ڪريم جو انگريزي زبان ۾ ترجمو ڪيو آهي، سو ڪيس انهن مختلف ملڪن جي، انگريزي زبان ۾، اُچار ۽ معنيٰ جو فرق، بخوبي معلوم هوندو، پر، ان جو ذڪر يا ڪوبہ اشارو، سندس "پيش لفظ" ۾ ڪونهي تہ انگريزي ٻوليءَ ۾ ترجمي ڪرڻ وقت هي هي مسئلا درپيش آيا.

ترڪيءَ ۾ شايع ٿيل قرآن ڪريم جي ترجمن جي عالمي ببليوگرافيءَ جي ماهرن تحقيق ڪري ٻڌايو آهي تہ سنہ ١٩٨٦ع تائين، سڄيءَ دنيا ۾، انگريزي زبان ۾ جيڪي 'مڪمل ترجما' شايع ٿي چڪا هئا، تن جو تعداد بہ چار سؤ ستاويهہ (٤٢٧) هو، جن ۾، علامہ عبدالله يوسف عليءَ ۽ پڪٿال (محمد) مارمادوڪ وليم جا ترجما ٻين کان وڌيڪ مقبول ٿيا. مثلاً، علامہ عبدالله يوسف عليءَ جو ترجمو تہ دنيا جي مختلف ملڪن ۾، ايڪٽيهہ (٣١) دفعا شايع ٿيو آهي. ڪو ڇاپو لبيا مان نڪتو، تہ ڪو لاهور جي شيخ محمد اشرف شايع ڪيو. ڪو ڇاپو ڪئمبرج مان نڪتو، تہ ڪو وري 'هافنر (Hafner) پبلشنگ ڪمپني' نيويارڪ ڪڍيو. ڪو ڇاپو واشنگٽن ۾ مسلم اسٽوڊنٽس ايسوسيئيشن (U.S.A.) شايع ڪيو، تہ ڪو ڇاپو بيروت جي 'دارالعربيه' ڪڍيو، ڪو ڇاپو 'ڪتاب پبلشنگ هائوس' دهلي شايع ڪيو، تہ ڪو ڇاپو قطر جي 'نيشنل پرنٽنگ پريس' ڪڍيو، ۽ ڪو ڇاپو حيدرآباد دکن مان نڪتو. ڪو ڇاپو 'دارالڪتب قاهره' (مصر) ڪڍيو، تہ ڪو وري 'مسلم ورلڊ ليگ، مڪه شريف' شايع ڪيو.

جتوڻي صاحب اهي چار سو ستاويهہ ئي انگريزي ترجما پڙهيا هئا، يا ڪجهہ گهٽ وڌ پڙهيا هئا، اهو پڻ سندس "پيش لفظ" ۾ چِٽو لکيل ڪونهي. البت، اهو چِٽو لکيل آهي تہ: **"هن جهڙو ترجمو اڳي ڪنهن بہ اسڪالر ڪونہ ڪيو آهي."** سندس اصل انگريزي لفظ هي آهن:

"For completing the present work the like of which, as for as I know, has not been attempted before by any scholar."

* * * *

**اردو ترجما:**

اردو پاڪستان جي قومي زبان آهي. سو، سرڪاري ٻوليءَ جو بہ، علمي طرح، درجو انهيءَ کي حاصل آهي. بلاشبہ، وفاقي سرڪاري سيڪريٽريٽ ۾ فائيلن تي سموري نوٽنگ اجا بہ انگريزي زبان ۾ ٿئي ٿي. پر، ريڊيو ۽ ٽي. وي. تان اڪثر سرڪاري پروگرام اردوءَ ۾ ئي نشر ٿين ٿا. نالي ماتر، بلڪ ميارَ لاهڻ لاءِ، ڪو ٿورو گهڻو وقت پاڪستان جي اصولوڪين زبانن، پنجابي، سنڌي، سرائڪي، بلوچي ۽ پشتو کي نصيب ٿئي ٿو. ساڳيءَ ريت، ڪنهن بہ پبلڪ شڪايت جي باري ۾ سرڪاري حلقن جو توجهہ يا تہ انگريزي اخبارن ڏانهن ٿئي ٿو يا اردو اخبارن ڏانهن.علاقائي پريس کي، علمي طرح، ثانوي پوزيشن ڏني وڃي ٿي. علاقائي ٻولين ۾ بہ وري واحد مثال سنڌي زبان جو آهي، جنهن جي پريس پنهنجي پيرن تي بيٺل آهي. پر، خود سنڌ سرڪار ۾ بہ اهميت اردو اخبارن کي آهي. ملڪ جي علمي ادارن ۾ بہ گهٽي ۾ گهڻا ادارا اردو زبان جي ادب جي نشر و اشاعت ۾ مصروف آهن.

ليڪن، اها حقيقت بہ تسليم ڪرڻ گهرجي تہ ورهاڱي کان اڳ پڻ صورتحال ڪا گهٽي مختلف ڪانہ هئي. گڏيل هندستان ۾، هر هنڌ، مسلمانَ، هنديءَ جي مقابلي ۾، اردوءَ جي حوصلہ افزائي ڪندا هئا. اردوءَ کي دهليءَ ۽ لکنوءَ ۾ جيڪا بہ اهميت ۽ ترقي ملي هجي، سا پنهنجيءَ جاءِ تي، ليڪن، لاهور بہ ان کي زور وٺائڻ ۾ وسان ڪونہ گهٽايو. ورهاڱي کان اڳ، غالباً، سنہ ١٩٣٨ع ۾، سنڌ جي مسلمانن بہ ڪراچيءَ ۾ "يوم اردو" ملهايو، جنهن جي صدارت سنڌ جي نامور دانشور، علامہ آءِ. آءِ. قاضيءَ ڪئي.

ڪوبہ فرد يا قوم تيسين ترقي ڪري نٿي سگهي، جيسين ان ۾ محنت جو مادو نہ هجي. اردو زبان انڪري ترقي ڪئي آهي، جو برصغير جي سمورن مسلمانن ان کي وڌائڻ لاءِ محنت ڪئي. منجهس اخبارون رسالا ڪڍيا ۽ مختلف مضمونن ۽ علمن تي ڪتاب لکيا. انهيءَ پس منظر ۾ ڏسبو، تہ صاف صاف نظر ايندو، تہ برصغير ۾ قرآن شريف جا گهڻا معياري ترجما اردوءَ ۾ ٿيا. انهن جو سرسري جائزو وٺڻ لاءِ بہ هن مضمون جيترو ٻيو احوال لکڻو پوندو. سو، هت رڳو انهن جو اشارتاً ذڪر ڪري سگهبو.

قرآن ڪريم جي اردو ترجمن ۾ اولين اهم ترجمو شاهہ عبدالقادر جو تسليم ڪيو وڃي ٿو. جيئن تہ ڪيس وفات ڪئي چڱو زمانو ٿي چڪو آهي، ۽ اردو زبان جي محاوري ۾ ڪافي تبديلي آئي آهي.

سو، شيخ الهند مولانا محمودالحسن اردو ترجمي جي اصلاح ڪئي، نظرثاني ڪري، ان کي سهڻو ڪري ڇپايو. هينئر سعودي عرب جي حڪومت، قرآن فائونڊيشن طرفان شيخ الهند وارو اردو ترجمو شايع ڪيو آهي ۽ هندستان ۽ پاڪستان ۾ مفت ورهايو آهي. مون کي به چڱا سال ٿيا، جو ان جي هڪ ڪاپي رابطہ عالمِ اسلام، مکة المکرمة "الفجر ٽرسٽ" ڪراچيءَ معرفت تحفتاً اسلام آباد موڪلي هئي.

هي ترجمو "تحت الفظ" آهي. سو، قاري پنهنجيءَ سمجهہ موجب ان مان لفظن جي معنيٰ ۽ مطلب اخذ ڪري سگهي ٿو. مولانا عبدالڪريم قريشيءَ (بير واري بزرگ) به پنهنجي سنڌي ترجمي ۾ ساڳي واٽ ورتي آهي، جيڪا سهڻي ڳالهہ آهي.


شيخ الهند وارو اردو ترجمو

هندستان ۽ پاڪستان ۾ ڪي اهل علم اصحابَ، مولانا ابوالڪلام آزاد جي ترجمي ۽ تفسير "ترجمان القرآن" جا وڏا مداح آهن. بلاشبہ، هو پنهنجي دؤر جو غير معمولي ذهين شخص ۽ وڏي پايي جو عالم ۽ مفڪر هو. اهڙا اعليٰ انسان ورلي ڪو صدين ۾ وجي پيدا ٿيندا آهن.

اسلام آباد ۾، مون کي قديمي ڪتابن جي هڪ دڪان تان، مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو اردو تفسير به هٿ آيو. پر، اهو جلد، چند سورتن تي مشتمل هو.

ڪي عالمَ، مولانا فتح محمد جالنڌريءَ جي اردو ترجمي کي وڏي اهميت ڏين ٿا. ٻيا وري، مولانا اشرف علي ٿانويءَ جي اردو ترجمي کي ساڳيءَ عقيدت سان ڏسن ٿا. اجا به ڪيترا ٻيا اهلِ علم اصحاب، سيد ابولاعليٰ مودوديءَ جي ترجمي ۽ تفسيرٌ "تفهيم القرآن" کي ٻين کان وڌيڪ پسند ڪن ٿا. ڪن جو خيال آهي تہ مودودي صاحب جي ذهن ۾ اسلامي رياست جو هڪ مخصوص تصور هو. سو، ڪن معاملن، مثلاً: "جزيہ" ۽ اسلامي رياست ۾ "ذمي" جي حيثيتَ، جي تشريح پنهنجي اسلامي رياست واري تصور موجب ڪئي اٿس. سندن خيال ۾، اصولي طرح، قرآن ڪريم جي لفظن مان پنهنجي من پسند معنيٰ ڪڍڻ، تحسين جوڳي ڳالهہ ڪانهي. ليڪن، مسئلي کي انهيءَ نقطہ نگاہ کان ڏسبو تہ، پوءِ اهو تسليم ڪرڻو پوندو تہ هر مفڪر ۽ عالم کي پنهنجو پنهنجو 'نقطءِ نگاہ' ٿئي ٿو. هونئن به ڪو شخص سفيد رنگ پسند ڪري ٿو، تہ ڪنهن کي سبز وڌيڪ وڻي ٿو. پسند ۽ ناپسند، توڙي فڪر ۽ نظر جو اختلاف تہ هميشه رهيو آهي ۽ آئينده به رهندو.

ڪنهن زماني ۾ غلام احمد پرويز جو تفسير "معارف القرآن" ڏاڍو چمڪيو. پر، هاڻي اها ڳالهہ ڪانهي. بهرحال، قابل ذڪر ڳالهہ اها آهي تہ اردو زبان ۾ قرآن ڪريم تي تحقيق، ترجمي ۽ تفسير جو تمام گهڻو ڪم ٿي رهيو آهي، جو هر وجه قابل تحسين آهي.

ڪنهن بہ فن ۽ علم جي فروغ ۾ ، بنيادي طرح محرڪ قُوَت، انسان جو دماغُ، خيالُ ۽ نظريو آهي. ليڪن، ان کي اڳتي وڌائڻ ۾ ٽيڪنالاجي بہ اوتروئي رول ادا ڪري ٿي. مثلاً، ڪاغذ ۽ ڇاپخاني جي ايجاد ٿيڻ کان اڳ ڪنهن بہ علم جي نشر و اشاعت آسان ڳالهہ ڪانہ هئي. ڇاپخانو ايجاد ٿيو، تہ ڪتابُ عام ٿيو. هونئن اڳي ڪوبہ ڪتاب حاصل ڪرڻ لاءِ ماڻهو ڏاڍا ڪشالا ڪڍندا هئا. سو، قرآن ڪريم (۽ ان جي ترجمن ۽ تفسيرن) جي نشر و اشاعت ۾ اردو ناشرن جو بہ وڏو رول آهي. اڄڪلهہ، اسان مسلمان، پنهنجي وطن عزيز پاڪستان ۾ ، هڪڙيءَ مسلڪ وارا ٻيءَ مسلڪ وارن کي برداشت نٿا ڪريون. اسان جون مسجدون ۽ اسان جون امام بارگاهون اسان جي ئي ازڏاين ۽ ڏاڍاين جو شڪار آهن. پر، برصغير ۾ ، جن اوائلي اردو ناشرن قرآن ڪريم جي اشاعت ۾ ، اهم رول ادا ڪيو، تن ۾ هڪ هندو ناشر بہ هو. سندس نالو هو: منشي نولڪشور. دراصل، سندس روزگار جو ذريعو اردو ۽ فارسي ڪتابن جي اشاعت ۽ تجارت هئي. پر، قرآن شريف بہ ڇاپيندو هو.

منشي نولڪشور هندو هو. ليڪن، قرآن ڪريم جي ڇپائيءَ ۾ ادب ۽ احترام جو ڏاڍو خيال رکندو هو. مون سان پير حسام الدين راشديءَ ڳالهہ ڪئي تہ سندس ملازمن ۾ ، جيڪي قرآن ڪريم جي ڪتابت ۽ ڇپائيءَ جو ڪم ڪندا هئا ، سي گهرن مان اچي، سڌو، ڇاپخاني جي غسلخاني ۾ غسل ڪندا هئا . پوءِ پٽ تي ٽنگيل نوان يا ڌوتل پاڪ وڳا پائيندا هئا . ان کان پوءِ، وضو ڪري، قرآن شريف جي ڪم جي بسم الله ڪندا هئا. شام جو ڪم مان واندا ٿي، هٿ منهن ڌوئي، وري اهي پاڪ ڪپڙا ساڳيءَ طرح پٽ تي ٽنگي، پنهنجا ڪپڙا پائي، گهرن ڏي ويندا هئا.

منشي نولڪشور پنهنجي اعليٰ اخلاق سان نظير قائم ڪري ويو، تہ قرآن ڪريم ۽ ٻين الهامي ڪتابن جي تعظيم ۽ تڪريم هر مهذب انسانَ تي فرض آهي. قرآن ڪريم سان متعلق ڪوبہ ڪم ڪرڻ لاءِ جسماني پاڪائي تہ بنيادي شرط آهي. ليڪ، سچي ڳالهہ اها آهي تہ ان سان واسطو رکندڙ، ڪنهن بہ موضوع متعلق قلم کڻڻ وقت هٿ ڪنبي ٿو تہ ڪا گستاخي نہ ٿي وڃي.

مون هن مضمون ۾ حتي‌المقدور اهڙو ڪوبہ لفظ يا محاورو استعمال ڪرڻ کان پاڻ بچايو آهي، جو اڻسهائيندڙ هجي. تاهم، غَلطِي، ڀُلَ ۽ چُڪَ انسانن کان ٿيندي آهي. سو، اميد اٿم تہ جيڪڏهن مون کان ڪابہ سَهَوَ ٿي وئي هوندي، تہ "مهراڻ" جا مهربان پڙهندڙَ، پنهنجي ڪرم نوازي ڪري، منهنجي علمي بي‌مايگيءَ کي عفو ۽ بخشش سان نوازيندا.

گناه اگرچه نه بود اختيار ما، حافظ
تو در طريقِ ادب کوش و گو گناهِ من ست

---

* اي حافظ، اگرچہ گناهہ اسان جي اختيار ۾ ڪونہ هو،
پر، تون ادب جو طريقو اختيار ڪر ۽ چئہ تہ خطا منهنجي آهي.

## ڊاڪٽر غلام علي الانا

# ٺٽو شهر، اُن جو قيام، عروج ۽ زوال

١- سنڌ جي پراڻن ۽ قديم شهرن تي، علم التاريخ جي حوالي سان ڪو گهڻو ۽ مستند تحقيقي ڪم ڪونہ ٿيو آهي. اُنهن شهرن مان ٺٽي شهر جي قائم ٿيڻ، اُن جي تهذيب ۽ تمدن، علم ادب، ماڻهن ۽ اُنهن جي رهڻي ڪهڻي، رسم رواج، تاريخي حوالن سان ٺٽي شهر جي بنياد پوڻ، ترقي ڪرڻ، اُن جي شان ۽ شوڪت، جاهہ و جلال ۽ عظمت، ۽ اُن جي تباهہ ٿيڻ جي سلسلي ۾، مير علي شير قانع، مير محمد بن جلال ٺٽوي، امير خسرو دهلوي، ادراڪي بيگلاريءَ کان سواءِ ڪاڪي پيرومل، مرزا قليچ بيگ، سيد حسام الدين شاهہ راشدي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ۽ ڪن غير ملڪي مؤرخن، سياحن، ماهرن جهڙوڪ جنرل هيگ، ميجر راورٽي، هيوز، ايٽڪن، پاٽنجر، مانرڪ، منوڪي، هملٽن ۽ ڊاڪٽر سورلي تعريف جوڳو ڪم ڪيو آهي.

(الف) ويجهڙائيءَ ۾، ١٩٨٢ع ۾، مشهور بين الاقوامي آرڪيالاجسٽ ۽ مؤرخ، پروفيسر ڊاڪٽر احمد حسن دانيءَ، پنهنجي ڪتاب "Thatta- Islamic Architecture" ۾، ٺٽي جي باري ۾، انگريزي زبان ۾ بهترين ڪم ڪيو آهي. منهنجي مطالعي موجب، پروفيسر دانيءَ جو هيءُ ڪم، دراصل مير علي شير قانع جي لکيل ۽ مشهور بين الاقوامي مستشرق ۽ مؤرخ سيد حسام الدين شاهہ راشديءَ جي تصحيح ڪيل ۽ وڌايل فارسي زبان ۾ لکيل تاريخ، 'مڪلي نامہ' جو هوبهو ترجمو آهي. داني صاحب جي مذڪوره انگريزي ڪتاب جي سلسلي ۾ سنڌي ادبي بورڊ کي ڪا راءِ ڏيڻ ڪپندي هئي چو تہ 'مڪلي نامہ' ڪتاب، سنڌي ادبي بورڊ طرفان، سال ١٩٦٧ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو هو، جڏهن تہ داني صاحب وارو ڪتاب ١٩٨٢ع ۾ مارڪيٽ ۾ آيو هو.

منهنجي هن مقالي جو موضوع، ٺٽي شهر جي قائم ٿيڻ، اُن جي عروج، اُن جي شان ۽ شوڪت، جاهہ و جلال، علم ۽ ادب، وڻج ۽ واپار ۾ هنڌين ماڳين مشهور ٿيڻ، ۽ مختلف دؤرن ۾ اُن جي ڊهڻ ۽ ورڻ نهڻ جي سلسلي ۾، هڪ ادنيٰ ڪوشش آهي: جيتوڻيڪ هن سلسلي ۾ ٺٽي وڃي، اتي ڏينهن جا ڏينهن گذاري، مختلف ماڻهن سان ملي، مواد هٿ ڪجي ۽ سنڌ جي مختلف ڪتبخانن ۾ ويهي، ڍار ڍار ڪتابن مان حوالا هٿ ڪجن تہ پوءِ فقط هن موضوع تي ئي .Ph.D لاءِ ڪيئي



مقالا لکي سگھجن ٿا.

(ب) لفظ 'ٺٽو' ۽ ٺٽي شھر جي بنياد پوڻ واري سال متعلق بہ تاريخدانن ۾ گھڻو اختلاف آھي ھن سلسلي ۾ مرحوم مرزا قليچ بيگ جو خيال آھي تہ: "لفظ ٺٽو، 'ٺھ ٺھ' لفظ مان ٺھيو آھي، جنھن جي معنيٰ آھي ٺھ مٿان ٺھ" (1). مرزا صاحب ٻئي ھنڌ لکي ٿو تہ: "ٺٽ چون ماڻھن جي گوڙ کي؛ ٺٽ چوَن خشڪ ميدان کي؛ شايد انھن مان ٺٽو نالو نڪتو ھجي" (2). ميجر راورٽيءَ جي راءِ موجب: "ٺٽ" اصل ۾ سنسڪرت لفظ 'ٽٽ' آھي، جنھن جو اُچار سنڌي زبان ۾ 'ٽڙ' (درياءَ جو ڪپر يا ڪنارو) ٿيو آھي؛ پر 'ٺٽ' معنيٰ آھي ڪنھن واھہ يا درياءَ وٽ ٻڌل ڳوٺ، جتان پتڻ اُڪري پار پھچجي" (3).

ڪاڪي ڀيرومل 'سنڌ جو سيلاني' ڪتاب ۾ لکيو آھي تہ: "ھتي ڪنھن زماني ۾ ـھاٽا رھندا ھئا، جي مڇي مارڻ کان سواءِ پتڻ بہ اُڪاريندا ھئا. اُھا 'ٺٽ'، 'ٺنگر' نالي ھڪڙي مھاڻي جي سڏبي ھئي" (4). ڪاڪي ڀيرومل جو وڌيڪ خيال آھي تہ "عربي ۽ فارسيءَ ۾ 'ٽ' ۽ 'ٺ' نہ ھئڻ ڪري، پارسي زبان جي تاريخن ۾، 'ٺٽي' جي بدران 'ٽتہ' لکيل آھي" (5).

جڳ مشھور فاضل ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو تہ:

> "ٺِٽي ٺٽ ۽ ٺٽو"، اُن بستيءَ کي چوندا آھن، جيڪا درياءَ جي ڪنڌيءَ يا ڪناري تي آباد ڪئي ويندي آھي" (6).

ڊاڪٽر بلوچ صاحب ۽ مرزا قليچ بيگ صاحب جي راءِ ۾ ھڪجھڙائي آھي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب ھن راءِ جو بہ آھي تہ:

> "فارسي زبان ۾ لکيل ڪتابن ۾ ٺٽي جو مفھوم 'ٺھ ٺھ' ڪين ٿا، جنھن جي معنيٰ آھي ھڪ ٺھ مٿان ٻيو ٺھ، يعني ھڪ شھر جي قديم آثارن مٿان ٻيو شھر اڏيل آھي" (7).

## ٢- ٺٽو شھر ڪڏھن تعمير ٿيو؟

(الف) ٺٽي شھر جو بنياد ڪڏھن پيو ۽ اُن جو بنياد ڪنھن وڌو، اُن لاءِ بہ ماھرن جي راءِ ۾ گھڻو اختلاف آھي. تاريخن ۾ عام طور ائين لکيل آھي تہ ٺٽي جو بنياد، سما گھراڻي جي حاڪم، ڄام نظام الدين (ڄام ننڍي) پندرھين صدي عيسويءَ ۾ وڌو. ھن حاڪم (ڄام ننڍي) جي حڪومت جو زمانو ١٤٩٠ع کان ١٥٠٨ع تائين ڄاڻايل آھي(٨). ڄام ننڊو ھڪ عالم، فاضل ۽ ديندار حاڪم ھو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب، ڄام ننڍي کي سنڌ جو 'ھارون الرشيد' سڏيو آھي (9). ھن حاڪم جي زماني ۾ سياحن، واپارين، عالمن ۽ فاضلن کي ھر طرح جون سھوليتون مليون(10). رعيت جي



آرام ۽ آسائش لاءِ، ڄام ننڍي، پراڻي شهر جي آثارن مٿان نئين شهر جو بنياد وڌو(11). جيڪو ساموئي يا سمانگر (12)، کان فقط ٽي ميل پري، هڪ ڪشادي ميدان ۾ واقع هو(13). انهيءَ شهر ۾ ۱۴۹۴ع/ ۹۰۰هه ۾، ڄام ننڍي پنهجو تخت گاهه قائم ڪيو(14).

نٽي شهر جي قائم ٿيڻ جي سلسلي ۾، ميجر راورٽيءَ جو خيال آهي ته: "نٽي جو بنياد، سما گهراڻي جي ٽئين حاڪم 'ڄام بابيني' (ڄام ٻانهن ٻيٽي) وڌو هو(15). ميجر راورٽي، 'ڄام بابيني' (ٻانهن ٻيٽي) جي تخت نشينيءَ جو سال ۱۳۴۹-۵۰ع ڏنو آهي(16). هن (ميجر راورٽي) جي خيال موجب جڏهن سما لاڙ ۾ طاقتور بڻجي چڪا هئا، تڏهن هن ئي حاڪم (ڄام بابيني/ٻانهن ٻيٽي)، 'ساموئيءَ جي ويجهو، پنهنجي تخت گاهه لاءِ نئون شهر ٻڌايو، جنهن تي 'نٽو' نالو رکيو ويو(17).

(ب) ليڪن مختلف تاريخن جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي ته نٽي جو بنياد، سما دور کان گهڻو اڳ پيو هو، ۽ هي شهر سومرن جي دور ۾ به قائم هو. هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر احمد حسن داني لکي ٿو ته:

> "نٽي کي سومرن جي حڪومت جي آخري دور سان به ملائي سگهجي ٿو. هي شهر اُن وقت به چڱيءَ طرح آباد هو. تيرهين صدي عيسويءَ ۾، نٽي جو شهر پنهنجي جاه و جلال ۽ عظمت جي ڪري ڪافي شهرت حاصل ڪري چڪو هو. تاريخي حوالن مان معلوم ٿو ٿئي ته جڏهن علاؤالدين خلجيءَ (۱۲۹٦ع کان ۱۳۱٦ع)، سومرن تي حملو ڪيو ۽ سندن تخت گاهه محمدطور کي تباهه ڪيو، تڏهن هن جي دهلي واپس وڃڻ کان پوءِ، سومرن نٽي تي قبضو ڪيو" (18).

سيد حسام الدين شاهه راشدي لکي ٿو ته:

> "هڪ روايت آهي ته سنڌ جي سومرن سلطانن جو تخت گاهه 'محمدطور' جڏهن تباهه ٿيو ته ڪجهه عرصي لاءِ هنن ڪلان ڪوٽ کي دارالحڪومت بڻايو" (19).

(ت) ڊاڪٽر داني صاحب پنهنجي ساڳئي ڪتاب ۾، ساڳئي صفحي تي لکي ٿو ته:

"ننئي شهر، سومرن جي دور ۾ گهڻي ترقي ڪئي. ابن بطوطہ، جيڪو ۱۳۳۳-۳۴ع ۾ سنڌ ۾ سير لاءِ آيو هو، ۽ سيوهڻ کان ٻيڙيءَ ذريعي لاهري بندر پهتو هو، تنهن ننئي شهر جي وجود ۾ هجڻ جي باري ۾ ڪوبہ ذڪر ڪونہ ڪيو آهي، جنهن مان ائين ٿو لڳي تہ ننئي جو شهر اُن زماني ۾ آباد ڪونہ هو" (20).

ڊاڪٽر داني صاحب اڳتي لکي ٿو تہ:

"ابن بطوطہ جو اهو منفي رويو مناسب نٿو لڳي، ڇاڪاڻ تہ هن (ابن بطوطہ) کي تغلق حاڪمن جي پٺ ۾، سما خاندان جي بانيءَ، ڄام اُنڙ جي باري ۾ پوري ڄاڻ هئي" (21)"

(ث) ڊاڪٽر داني صاحب جو رايو آهي تہ:

"ابن بطوطہ جي سنڌ ۾ اچڻ واري زماني ۾، ننئي جو شهر قائم هو ۽ ڪافي حد تائين مشهور بہ هو. هن سلسلي ۾ سيد حسام الدين شاهہ راشديءَ، امير خسرو دهلويءَ (۱۲۵۳-۱۳۲۴ع/۶۵۱-۷۲۵هہ) جي ديوان 'تحفة الصفر' (۶۷۱هہ) مان هڪ شعر هٿ ڪيو هو، جنهن ۾ ننئي جو ذڪر ملي ٿو. اهو شعر هي آهي:

سروِ چو تو اُچه و در تته نباشد
گل مثلِ رُخ خوبِ تو، البته نباشد

يعني: توجهڙو قد و قامت ۾ نہ ڪو اُچ ۾ آهي نہ ني وري ڪو ننئي ۾، گلن مثل تنهنجن ڳاڙهن ڳٽن جهڙو تنهنجو خوبصورت چهرو بہ اُتي نظر نہ آيو" (22).

ڊاڪٽر داني لکي ٿو تہ:

"امير خسرو (۱۲۵۳-۱۳۲۴ع/۶۵۱-۷۲۵هہ)، دهليءَ جي سلطان غياث الدين بلبن جي پٽ سلطان خان شهيد سان گڏ ۱۲۷۹ع/۶۷۸هہ کان ۱۲۸۴ع/۶۸۳هہ تائين، يعني پنج سال ملتان ۾ رهيو. امير خسروءَ جي مذڪوره تشبيهہ مان اهو ثابت ٿو ٿئي تہ تيرهين صدي عيسويءَ ۾ هو ننئي بہ آيو هو، ۽ اُن زماني ۾ ننئي جو شهر، پنهنجي جاهہ و جلال ۽ عظمت جي ڪري ڪافي شهرت حاصل ڪري چڪو هو. لهاذا هن شهر (ننئي) جي قائم ٿيڻ ۽ اُن جي موجود هجڻ ڪي، ابن بطوطہ جي سنڌ ۾ اچڻ واري

زماني (۳۴-۱۳۳۳ع) کان گهٽ۾ گهٽ اڳ تلاش ڪرڻ گهرجي" (23).

امير خسروءَ، مذڪوره شعر، ۱۲۷۹ع/۶۷۸هه کان ۱۳۲۴ع/۷۲۵هه واري عرصي جي وچ ۾، ڪنهن سال ۾ جوڙيو هوندو، ۽ هن شعر مان اهو ثابت ٿو ٿئي ته ٺٽو شهر ۽ اُتي جا ماڻهو، امير خسروءَ جي ٺٽي ۾ آمد وقت به پنهنجيءَ سونهن ۽ سوڀيا ۾، اُن زماني ۾ به وڏي شهرت رکندا هئا.

(ج) ٺٽي شهر جا سڀ کان آڳاٽا اُهڃاڻ ۽ نشان، جنرل هيگ جي ڪتاب ۾ ملن ٿا. جنرل هيگ، ڪننگهام جي حوالي سان ٺٽي کي 'مينانگرا' ٿو سڏي(24). هن (جنرل هيگ) جي لکت مان ظاهر آهي ته: "سڪندر اعظم (۳۲۸ ق. م) پٽالا جي فتح کان پوءِ، مينانگرا جي حاڪم کي شڪست ڏيئي، ڪجهه لشڪر خشڪيءَ رستي روانو ڪيو" (25). جنرل هيگ جي اِن بيان مان اهو ثابت ٿو ٿئي ته ٺٽي جو شهر سڪندراعظم جي حملي وقت به موجود هو.

ٺٽي شهر جي بنياد پوڻ جي باري ۾ جنرل هيگ جي راءِ ۾ به يڪسانيت ڪانهي. هڪ طرف هُو ٺٽي کي 'مينانگرا' ٿو ڪوٺي، جيڪو سڪندراعظم جي حملي وقت به موجود هو، ته ٻئي طرف لکي ٿو ته ٺٽي جو بنياد ۱۳۴۰ع ۾ پيو(26) هو. (جنرل هيگ) البت ڄام ننڍي (حڪومت ۱۴۹۰ع کان ۱۵۰۸ع) کي ٺٽي شهر جو باني تسليم نٿو ڪري، پر سندس اها راءِ به صحيح نٿي لڳي ته ڪو ٺٽي جو بنياد ۱۳۴۰ع ۾ پيو هوندو، ڇاڪاڻ ته ڊاڪٽر دانيءَ جي مٿي ڏنل راءِ مان ثابت ٿو ٿئي ته علاؤالدين خلجيءَ (۱۲۹۶-۱۳۱۶ع) طرفان جڏهن حملو ڪري سومرن جي تخت گاهه محمد طوُر کي ختم ڪيو ويو، تڏهن سومرن ٺٽي تي قبضو ڪري اتي پنهنجو تخت گاهه قائم ڪيو (27). لهٰذا، سلطان علاؤ الدين خلجيءَ جي حملي وقت به ٺٽو هڪ مشهور ۽ مضبوط شهر هو. اهوئي سبب هو جو سومرن اُن تي قبضو ڪري، اُن کي پنهنجو تخت گاهه بنايو، ۽ هن شهر کي وڏيڪ ترقي وٺارايائون.

مٿي ڊاڪٽر داني صاحب، امير خسرو دهلويءَ جي جنهن شعر جو حوالو ڏنو ويو آهي، جيڪو هن مڪلي نامه جي صفحي 20 ۽ 21 تان کنيو آهي ۽ جيڪو دراصل سيد حسام الدين شاهه راشديءَ، 'ديوان تحفة الصغر' تان ورتو آهي، جنهن جو راشدي صاحب حوالو پڻ ڏنو آهي. راشدي صاحب جي راءِ موجب امير خسرو دهلويءَ سندس مذڪورد ديوان، ۱۶ يا ۱۹ورهين جي عمر تائين ڇيل غزلن کي مرتب ڪري، تيار ڪيو هو. اُن ديوان ۾هڪ غزل اُهو به آهي، جنهن جي مطلع ۾ امير خسروءَ 'ٺٽه' جو قافيو ڪم آندو هو(28). هن غزل جي حوالي سان راشدي صاحب اها دعويٰ ٿو ڪري ته:



"مٿي ڏنل شعر مان ظاهر آهي تہ ٺٽو، سال ١٢٦٨ع-١٢٧٢ع/ ٦٦٧-٦٧١هہ ۾ نہ فقط آباد هو ۽ معروف هو، بلڪ ايترو بارونق ۽ متمدن شهر هو، جو شاعر اُتان جي خوبصورت گلن ۽ سروقد سهڻن جي تشبيهہ، پنهنجي محبوب جي تعريف ۾ ڪتب آندي آهي" (29).

بهرحال، ٺٽي جو اهو سمورو احوال، سومرن جي دور ۾، هن شهر جي وجود ۾ هجڻ ۽ جاهہ و جلال لاءِ وڏو ثبوت آهي.

(ح) اڳتي هلي، ١٢٧٠ع/٦٦٩هہ ۾ ٺٽو، سلطان غياث الدين بلبن (١٢٦٥-١٢٨٧ع/ ٦٦٤-٦٨٦هہ) جي حڪومت جي حدن ۾ شامل هو. 'مڪاتيب رشيدي' (از خواجہ رشيد الدين فضل الله طبيب) ۾، خواجہ رشيد الدين، پنهنجي پٽ، عزيزالدين ابراهيم، شيراز جي حاڪم ڏانهن لکيل هڪ خط ۾، لاهور ۽ سنڌ تي مغلن جي حملي جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن جي ڪمان سندس ٻيو پٽ جلال الدين خواجہ (اصفهان جو حاڪم) ڪري رهيو هو. انهيءَ خط ۾ بہ ٺٽي جو ذڪر ڪيو ويو آهي(30).

(خ) محمد شاهہ تغلق جي حڪومت جي زماني ۾، دهليءَ ۾ بدامنيءَ شروع ٿي وئي هئي. انهيءَ جو وجهہ وٺي، سمي سردار، ڄام-ٻانڀڻ ٻيٽي (ٻابيني) جي فرزند. ڄام اُنڙ ١٣٣٥ع ۾، تغلقن جي خلاف بغاوت ڪئي ۽ ٺٽي ۾ سما گهراڻي جي حڪومت جو اعلان ڪيائين. سلطان محمد شاهہ تغلق، ١٣٥١ع ۾ ٺٽي تي حملو ڪيو. اُن وقت ٺٽي تي سما خاندان جو ٽيون حاڪم، ڄام تماچي اول بن ڄام اُنڙ سنڌ جو حاڪم هو. محمد شاهہ تغلق، ڄام تماچي اول بن ڄام اُنڙ کي عيال سميت قيد ڪري دهلي وٺي ويو(31)، جتي هن کي فرزند ڄاوا(32).

اُن کان پوءِ ١٣٦٣ع/٧٦٥هہ سلطان محمد شاهہ تغلق جي فرزند،سلطان فيروز شاهہ تغلق سنڌ تي حملو ڪيو. تاريخ فيروز شاهيءَ جي مصنف (هي فيروز شاهہ تغلق جو درباري هو، ۽ سنڌ تي حملي واري زماني ۾ سلطان فيروز شاهہ سان گڏجي آيو هو) لکي ٿو تہ: "فيروز شاهہ جي حملي وقت، ڄام تماچي اول جو فرزند، ڄام خيرالدين (١٣٨٢ع/٧٨٥هہ) ٺٽي جو حاڪم هو. هُو (ڄام خيرالدين) فيروز شاهہ جي پيش پيو. فيروز شاهہ، هن کي پٽ سميت قيد ڪري دهلي وٺي ويو ڄام خيرالدين جي پٽ جو نالو ڄام تماچي (ثاني) هو(33). هي ٿي حاڪم (ڄام تماچي ثاني) هو، جيڪوشيخ حماد درويش جي دعا سان وري بادشاهہ ٿيو (34). "نوري ۽ ڄام تماچيءَ واري داستان جو سورمو بہ هي ٿي حاڪم هو.

(د) سيد حسام الدين شاهہ راشديءَ 'قصائد مظهر ڪڙهہ' جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪو 'مظهر' نالي شاعر ١٣٦٣ع/٧٦٥هہ لکيو هو. هي صاحب ڪڙي جو وينل هو ۽ سلطان فيروزشاهہ



جو مدح خوان هو. راشدي صاحب جي لکڻ موجب انهيءَ زماني ۾ ملک الشرف عين الملک ماهرو، جيکو ملتان جو صوبہ دار هو، اُن جي مدح ۾ پڻ سندس قصيدا چيل آهن. مطهر شاعر، سلطان فيروزشاهہ تغلق جي مدح ۾ بہ قصيدا چيا آهن، جن ۾ ٺٽي جو بہ ذڪر موجود آهي(35). انهن قصيدن ۾ ٺٽي جي اهميت، مدنيت ۽ حسنِ انتظام وغيره جي تعريف ڪندي هن هيئن چيو آهي:

وز جملۂ فتوح، گُل فتح تهته بود،
کز استماع آن همہ خلق انتشار بود. (الخ) (36)

تاريخ فيروزشاهيءَ مان اهو بہ معلوم ٿو ٿئي تہ فيروزشاهہ جي حملي وقت ٺٽو هڪ عظيم شهر هو. هن شهر جو قلعو ايترو تہ مضبوط هو جو اُن کي فتح ڪرڻ مشڪل ڪم هو. پهريون دفعو فيروزشاهہ مايوس ٿي موٽي ويو، جيتوڻيڪ سلطان فيروزشاهہ جي لشڪر ۾ نوي هزار سوار، چار سو اسي هاٿي، پنج هزار ٻيڙيون ۽ بي انداز پيادا هئا. ڄام وٽ ويهہ هزار سوار ۽ چار لک پيادا هئا. ڄام جو اهو لشڪر ٺٽي ۾ قلعي اندر موجود هو (37).

فيروزشاهہ ٻيو دفعو ٺٽي تي حملو ڪيو. هن دفعي هو مڪمل تياري ڪري آيو هو. تاريخ فيروزشاهيءَ ۾ ڄاڻايل آهي تہ "ٺٽي جي حاڪم مجبور ٿي سيد جلال الدين جهانيان جهان گشت کي اُچ مان گهرائي، وچ ۾ وجهي، سلطان فيروزشاهہ سان صلح ڪري پيش پيو" (38).

(ر) اڳ ۾ چيو ويو آهي تہ محمد شاهہ تغلق ١٣٥١ع ۾ ٺٽي تي حملي ڪيو. اُن وقت ٺٽو وڏي اوج تي پهتل هو. هاڻ، جيڪڏهن ميجر راورٽيءَ واريءَ راءِ درست ڪري قبول ڪجي، ۽ ٺٽي شهر جي تعمير ٿيڻ جو سن ٥٠-١٣٤٩ع قبول ڪجي تہ پوءِ هي سوال ٿو پيدا ٿئي تہ اهو ڪيئن ٿو ممڪن ٿي سگهي تہ ٺٽي جو شهر هڪ ئي سال اندر ايڏي اوج تي پهتو هوندو؟ تاريخن ۾ ڄاڻايل آهي تہ محمد شاهہ تغلق کي ٺٽي شهر کي فتح ڪرڻ جو ايترو تہ شوق هو جو هُو چوندو هو تہ: خدا ڪري منهنجي هيءَ بيماري صحت ۾ بدلجي وڃي تہ جيئن آءٌ ٺٽي جي ماڻهن کي زير ڪريان؛ پر جي خدا جي مرضي آهي تہ مون کي پاڻ وٽ گهرائي وٺي تہ هيءَ تمنا هميشه ۽ هميشه جي لاءِ منهنجيءَ دل ۾ رهجي ويندي" (39). هن مان اهو ٿو ثابت ٿئي تہ ٺٽو شهر، سومرن جي حڪومت جي زماني ۾ بہ اوج تي هو. هن سلسلي ۾ اڪثر تواريخون، ٺٽي شهر کي محمد شاهہ تغلق جي سنڌ ۾ اچڻ واري زماني، يعني ٺٽي تي سندس حملي کا اڳ آباد ٿيل ۽ جاهہ و جلال وارو شهر ثابت ڪن ٿيون، ۽ انهن بادشاهن جا نالا بہ ڏين ٿيون، جن ٺٽي تي حملي ڪيو هو. بدايونيءَ جو رايو آهي تہ سلطان

غياث الدين بلبن جي پٽ ١٢٦٦ع کان ١٢٦٨ع ڌاري ٺٽي ۽ دامريلا کي فتح ڪيو هو(40).

مير علي شير قانع جو حوالو ڏيندي، ڊاڪٽر ڇپلاڻيءَ لکيوآهي تہ: ١٢٩٥ع/٦٩٥هہ ۾، سلطان علاؤالدين پنهنجي ڀاءُ 'الغ خان' کي 'ارڪلي خان' کان ٺٽي کي آزاد ڪرائڻ لاءِ روانو ڪيو، ۽ نصرت خان کي ڏهن هزارن جي فوج سان ملتان، اُچ، بکر، سيوستان ۽ ٺٽي تي مقرر ڪيائين(41). انهن حوالن مان اهو ثابت ٿو ٿئي تہ ٺٽي جو شهر سمن جي حڪومت کان گهڻو اڳ، سومرن جي حڪومت جي زماني ۾ بہ مشهور شهر هو.

(س) ٺٽي جي شيرازي اُنجوي ساداتن جا وڏا، سيد محمد ۽ سندس پٽ سيد احمد، فيروزشاهہ تغلق جي ٻئي حملي جي وقت (١٣٨٢ع/٧٨٥هہ)، شيراز ڇڏي، قنڌار، سيوهڻ ۽ ساموئيءَ کان ٿيندا، قاضي نعمت الله عباسيءَ سان رشتيداريءَ سبب، ٺٽي ۾ قاضين جي محلي ۽ جاين ۾ اچي آباد ٿيا(42). سيد حسام الدين شاهہ راشدي لکي ٿو تہ:

"صاحبِ رسالہ معارف الانوار، 'ديبل ٺٽو' نالا ڳڏي، 'عازم بلاد تهتہ يعني ديبل شدند' لکيو آهي، ليڪن اِن مان اُن جو مقصد ٺٽو آهي."

صاحب رسالہ معارف الانوار ٻئي هنڌ لکي ٿو تہ:

"بجانب بلده طيبہ تهتہ تشريف آوردند"

سيد محمد جي وفات (١٠- محرم ٨٠٠هہ/١٣٩٧ع) کان پوءِ سيد احمد، سيدپور مان لڏي مستقل طور اچي ٺٽي ۾ مقيم ٿيو(43).

(ش) انهيءَ ساريءَ وضاحت مان هيءُ ٿو ثابت ٿئي تہ ٺٽو جام نظام الدين جي دور حڪومت کان بہ سو ورهيہ اڳ نہ فقط موجود هو، بلڪ جاهہ و جلال وارو شهر ۽ سنڌ جو تخت گاهہ بہ هو. ديبل جو نالو تاريخ جي صفحن تان ١٢٥٩ع/٦٥٨هہ کان پوءِ گم ٿي ويو، ۽ ١٢٧٢ع/٦٧١هہ کان اڳ، ٺٽو اُن (ديبل) جو قائم مقام بڻيو هو. وچ ۾ فقط ٩ يا ١٣ سالن جو وقفو رهيو. امير خسروءَ جو جيڪو شعر مٿي ڏنو ويو آهي، سو هن ١٦ يا ١٩ سالن تائين جي عمر ۾، يعني ١٢٦٨-١٢٧٢ع/٦٦٧-٦٧١هہ جي وچ ۾ چيو هو. مذڪوره شعر مان اهو معلوم ٿو ٿئي تہ جنهن زماني ۾ اهو شعر جوڙيو ويو هو، اُن زماني ۾، هندوستان جي پايہ تخت دهليءَ ۾، ٺٽي شهر ۽ اُتي جي ماڻهن جي خوبصورتيءَ جي عام واڪاڻ ۽ شهرت هوندي هئي. انهيءَ ڪري مٿين نقطن جي آڌار تي اسان کي قبول ڪرڻو پوندو تہ:

(1) ٺٽو ۽ ديبل يعني اهي ٻئي شهر هڪ ئي وقت موجود هئا.

(2) ٺٽو ١٢٥٣ع/٦٥١هہ ۾، امير خسرو دهلويءَ جي ولادت کان بہ اڳ هڪ آباد شهر هو، نہ تہ اهو ناممڪن هو تہ تعمير ٿيڻ کان ٩ يا ١٣ سالن جي مختصر عرصي اندر، اهو شهر

(ٺٽو) ايتري قدر ايڏيءَ وڏيءَ شهرت کي پهتو، جو ١٦ يا ١٩ سالن جو نوجوان، اُن کان متاثر ٿي، اُن جي ماڻهن جي سونهن ۽ سوڀيا کي، پنهنجي محبوبہ لاءِ تشبيهہ طور ڪم آڻي.

(3) ٺٽو شهر تہ موجود هو پر اُن کي اهميت، ديبل شهر جي زوال کان پوءِ تمام جلد ملي. اهوئي سبب هو جو ماڻهن جي ذهنن تان ديبل جو نالو اجا لٿو ئي نہ هو، تہ ٺٽي جي شهرت شروع ٿي وئي، جنهن ڪري ماڻهن جي زبان تي 'ديبل- ٺٽو' گڏجي استعمال ٿيڻ لڳو(44).

تاريخ نويسن جو خيال آهي تہ ڄام ننڊي جي دور (١٤٩٠-١٥٠٨ع/٨٩٦-٩١٤هہ) ۾ سنڌو درياءَ جي ڪلري شاخ، جنهن جي اوپر طرف ٺٽي جو شهر آباد هو،سڪي وئي؛ تڏهن اهڙي حالت ۾ڏسي ڄام ننڊي، موجوده ٺٽي شهر جي اُتر-اوپر طرف نئون شهر اڏايو. جيئوٽيڪ انهيءَ شهر جي آثارن جو هاڻ ڪوبہ وجود ڪونهي. ڪجهہ عرصي کان پوءِ، درياءَ جي شاخ، ڄام ننڊي واري ٻڌايل شهر کان بہ هٽي، پري وهڻ لڳي، انهيءَ ڪري، ڄام ننڊي واري اڏايل شهر جا ماڻهو، ڏکڻ - اوپر طرف لڏي ويا.

٣- (الف) ارغونن ۽ ترخانن جي زماني (١٥٢١-١٥٥٥ع/٩٢٦-٩٦٢هہ) ۾ بہ ٺٽي کي وڏي شهرت حاصل هئي. مغلن جي زماني ۾ ٺٽو وڏي اوج تي رسيل هو. شهنشاهہ اڪبر جي حڪومت واري زماني ۾، مرزا جاني بيگ (حڪومت ١٥٨٥-١٦٠٠ع/٩٩٣-١٠٠٨هہ) سنڌ جو حاڪم هو. شهنشاهہ اڪبر، عبدالرحيم خان خانان کي، سنڌ جي فتح ڪرڻ لاءِ چاڙهي موڪليو. هو (خان خانان) ١٥٩٢ع/١٠٠٠هہ ۾ سنڌ تي ڪاهي آيو(45). ڪيترن ئي هنڌن تي لڙايون لڳيون. نيٺ ساڳئي سال (١٥٥٢ع/١٠٠٠هہ)، مرزا جاني بيگ هارايو ۽ پاڻ ڪلان ڪوٽ ۾ وڃي لڪو(46). جاني بيگ، سڄيءَ سنڌ ۽ خاص ڪري ٺٽي جو شهر مغلن جي حوالي ڪرڻ نٿي چاهيو، تنهنڪري پنهنجي پٽ مرزا غازي بيگ کي لکي موڪليائين تہ ٺٽي جي شهر کي جلائي ڀسم ڪري ڇڏي(47). مرزا جاني بيگ نيٺ پيش پيو. خان خانان کيس عزت ۽ احترام سان اڪبري دربار ۾ پهچايو، جتي شهنشاهہ اڪبر مٿس مهرباني ڪري، سيوستان ۽ لاهري بندر کان سواءِ باقي سڄو ملڪ کيس موٽائي ڏنو(48)، ۽ کيس ٣٠٠٠ گهوڙيسوارن جو منصبدار ۽ ٺٽي جو گورنر بہ مقرر ڪيو؛ پر نيٺ هن کي ٺٽي ۾ رهڻ نہ ڏنو ويو. سندس پٽ مرزا غازي بيگ کي سندس سورهن سالن جي عمر ۾ گورنر مقرر ڪيو ويو(49). مرزا



غازي بيگ، ١٦١٢ع/١٠٢٠هـ يعني مرڻ گهڙيءَ تائين، انهيءَ منصب تي رهيو (50).

مِرزا غازي بيگ علم ادب، فنونِ لطيفه ۽ خاص ڪري تعميرات جي فن جو شوقين هو. ٺٽي ۽ مڪليءَ تي هن جا تعمير ڪرايل ڪيترائي يادگار موجود آهن. مرزا غازي بيگ ١٦١٢ع/١٠٢٠هـ ۾ وفات ڪئي. ڪائنس پوءِ، مغلن جا ٦٠ کن پنيان ١٦١٢/١٠٢٠هـ کان ١٧٠٠ع/١١١٣هـ تائين جدا جدا ٣٨ نواب مقرر ٿيا، جن نادرشاهه جي حملي (١٧٣٩ع/١١٥٢هـ) تائين، مغل حاڪمن جي طرفان، سنڌ تي حڪومت ڪئي. مغلن جو آخري نواب ميان يار محمد ڪلهوڙو هو، جنهن اورنگزيب جي وفات کان پوءِ، ١٧٠٠ع ۾، خودمختيار حاڪم هجڻ جو اعلان ڪيو، ۽ ڪلهوڙا گهراڻي جي حڪومت قائم ڪيائين.

(پ) ٺٽي جو ذڪر ختم ڪندي، سيد حسام الدين شاهه راشديءَ، مڪلي نامه ۾ عثمان نالي هڪ شاعر جي تصنيف 'مثنوي چتراوليءَ' مان 'دکني ٻوليءَ' ۾ منظوم هڪ شعر ڏنو آهي، جنهن ۾ شاعر جهانگيري دور جو بيان ٿو ڪري. هن شعر ۾، هن شاعر ٺٽي جي جيڪا تعريف ڪئي آهي، تنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته اُن زماني ۾ 'دکن ولايت' اندر به، ٺٽي ننگر جي وڏي شهرت هوندي هئي. اهو شعر هن ريت آهي:

هيرے سي ٹهٹہ نگر سوهاوا،
بيهين هرن سو بن گنجاوا.

(يعني ٺٽو ننگر هيري جهڙو خوبصورت آهي. منجهس سارين جون سايون سايون پوکون، هرڻ ۽ ڪشادا ۽ سهڻا ٻيلا موجود آهن)(51)

(ت) ميان يار محمد ڪلهوڙي، سنڌ جو تخت گاهه ٺٽي مان تبديل ڪري خدا آباد مقرر ڪيو جنهن ڪري ٺٽي جو جاهه و جلال آهستي آهستي ختم ٿي ويو.

(ٿ) سمن، ارغونن ۽ ترخانن جي دور ۾ ٺٽي ۽ مڪليءَ تي ڪيترائي مقبرا ۽ مسجدون تعمير ٿيون. ساموئي ننگر ۾ شيخ حماد جو مقبرو، ڄام نندي جو مقبرو، دولهه دريا خان جو مقبرو، ميرزا عيسيٰ اول جو مقبرو؛ ترخان دور ۾ ڊابگيرن جي مسجد تعمير ٿي. تاريخ نويس اهو به لکن ٿا ته ترخان دور ۾، ڊابگيرن جي مسجد. ٺٽي شهر جي وچ ۾ هوندي هئي. مغلن جي دور ۾، هي شهر اُبر طرف وڌڻ لڳو. جامع مسجد، شهر جي انهيءَ حصي جي مرڪز ۾ هوندي هئي. مڪيه شاهي بازار، هن حصي جي اولهه طرف ۽ مغل باغ جي اوپر طرف هوندي هئي.

٤- (الف) ٺٽي شهر جي اُجڙڻ، يعني هن شهر جي قائم ٿيڻ ۽ ويران ٿيڻ جو دارومدار سنڌو درياءَ جي وهڪري، ۽ اُن جي تبديل ٿيڻ تي رهيو آهي. جاگرافيدانن جو خيال آهي ته مهراڻ درياءَ جي مکيه شاخ جڏهن هيلاين وٽ پهچندي هئي. تڏهن اُها شاخ وري ٻن شاخن ۾ ورهائجي ويندي هئي،



جن مان هڪ 'ڪلري شاخ' هئي(52)، جنهن جي اولهه ڪناري تي 'ساموئي' يعني سمن جي آبادي هئي. ڪلري شاخ، ساموئي ۽ مڪلي ٽڪريءَ جي پر وٽي ڪلان ڪوٽ کان ڦرندي، گجي ۽ گهاري وٽان لنگهي، پنيور ڏانهن وهي، گهارو ڪاريءَ ۾ چوڙ ڪندي هئي. پنيور جي ويجهو، هيءَ شاخ، ٻن نهرن ۾ ورهائجي ويندي هئي. هڪ نهر، پنيور جو ڏاکڻيون طرف وٽي سمنڊ ۾ چوڙ ڪندي هئي. هن نهر کي 'سسئيءَ وارو درياءُ' به چوندا هئا. ٻي شاخ اولهه طرف وٽي ڪورنگيءَ وٽ 'جهوڙي ڪاريءَ' ۾ ڪرندي هئي.

مهراڻ جي ٻي شاخ، جا هيلاين وٽان ڌار ٿيندي هئي، تنهن کي 'بگهاڙ شاخ' چوندا هئا(53). هيءَ شاخ (بگهاڙ)، ٺٽي جي اوپر طرف کان ٿيندي، 'پير پٺي' جي درگاهه واريءَ ٽڪريءَ جي اوپر وٽان ڦيرو ڪائيندي، موجوده شهر 'غلام الله' جو اُپرنديون ڪنارو ڏيندي، 'وَر شهر' وٽان وڪڙ ڪائيندي، ميرپورساڪري ڏانهن رخ رکندي هئي. اُتان لاهري بندر وٽ سمنڊ ۾ چوڙ ڪندي هئي. هن شاخ مان 'حجامڙو'، 'ستاهه' ۽ ٻيون نهرون نڪرنديون هيون.

مؤرخن جو خيال آهي ته هي شهر (ٺٽو)، سنڌو درياءَ جي هڪ شاخ جي ڪناري تي آباد هوندو هو. درياءَ جي انهيءَ وهڪري جي اوپر طرف 'مهاڻن جي ننڍ' نالي هڪ بستي آباد هوندي هئي. ممڪن آهي ته اها ننڍ 'ننگر مهاڻي' واري هجي، جنهن جو حوالو ڪاڪي ڀيرومل، 'سنڌ جو سيلاني' ڪتاب ۾ ڏنو آهي ۽ جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو خيال آهي ته "سما قبيلن، انهيءَ ننڍ کي آمدرفت، رسل و رسائل ۽ تمدن لاءِ مناسب بستي سمجهي، 'سمڪيءَ مان لڏي، هن (انهيءَ ننڍ) کي اچي آباد ڪيو، جا پوءِ 'ننگر ٺٽو' سڏجڻ ۾ آئي. اهائي بستي پوءِ سمن جي حڪومت جي زماني، خاص ڪري جام نندي جي حڪومت واري زماني (۱۴۹۰-۱۵۰۸ع/۸۸٦هه- ۹۱۴هه) ۾ نئين سر آباد ڪئي ويئي، ۽ جاهه و جلال کي پهتي (۵۴).

(ب). سمن جي حڪومت واري زماني ۾، ماموئي فقيرن (۵۵) جو چيل هيءُ بيت به هن بستيءَ يعني ننگر ٺٽي جي باري ۾ اُهڃاڻ تو ڏئي، جنهن ۾ فقيرن اها اڳڪٿي ڪئي هئي ته ننگر واري هيءَ بستي وري ڦٽندي، تنهن ڪري هنن فقيرن ٻڌايو هو ته ننگر شهر جي سدائين آباد هجڻ واري آسري تي، اوڏانهن لڏي وڃي نه ويهجو، ڇاڪاڻ جو هي شهر وري ڦٽندو. انهن فقيرن اهو مشورو پڻ ڏنو هو ته پراڻ درياءَ جي به ٻيءَ پر وڃي، پنهنجا گهرڙا نه اڏجو، ۽ اُتي به هميشه لاءِ آباد ٿي نه ويهجو.

ماموئي فقيرن جو مذڪوره بيت هي آهي:

متان ويهجا ماڙهونا، ننگر جي آڏار،
پراٺا پراڻ، نوان مَ آڏجا نجهرا (56).

(ت) پر جيئن تہ درياءَ جي شاخ جي وهڪري ۾ تبديلي اچڻ جي ڪري هن(ننڍي) شهر جي جاءِ وقوع ۽ نالي ۾ تبديلي ٿيندي رهي آهي، تنهن ڪري هن وقت، هن شهر جي اُنهن پراڻن ماڳن ۽ آثارن جو ڪوبہ پتو نٿو پوي. اهو بہ ممڪن آهي، تہ سما قبيلن 'ساموئي' يا ' سمڪي' ڇڏي، هن بستيءَ کي نئين سر آباد ڪري هن جو نالو 'سما ننگر' رکيو هجي، جو تہ مشهور مؤرخ ولبرفورس پنهنجي مشهور ڪتاب "The History of Kathiawar" ۾ لکي ٿو تہ:

"ول راجپوت جي 'ويراول' ، ڪاٺي قوم جي هڪ حسين ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي. اڳتي هلي سؤ راشٽر (ڪاٺياواڙ) جو اُتر-اولهہ وارو حصو، ڪڇ کان آيل جاڙيجن جي سرگرمين جو مرڪز بڻجي ويو. هنن انهيءَ ايراضيءَ ۾ پنهنجون پاڙون پختيون پئي ڪيون. پهرين جاڙيجا، ڇوڙا سما(57)، جيسلمير جي ڀاٽين سان شامل ٿي ويا، جو تہ اهي ٻئي گهراڻا، ننڍي واري 'سماننگر' جي سردار، 'نرپت سمي' جي اولاد مان هئا. جڏهن ڇوڙا سما، سؤ راشٽر طرف نائين صديءَ جي پوئين حصي ۾ لڏي ويا، تڏهن سنڌ جي جاڙيجن، سؤ راسٽر طرف پنهنجا حملا شروع ڪيا." (58)

ولبر فورس جي هن راءِ مان اهو بہ ثابت ٿو ٿئي تہ سماننگر (ننڍو)، نائين صدي عيسويءَ جي آخري حصي ۾ بہ آباد هو، جتان ڇوڙاسما لڏي ڪڇ طرف ويا.

(ث) سلطان محمد شاهہ تغلق، سنڌ تي ١٣٥١ع ۾ حملو ڪيو: تنهن کان پوءِ سندس فرزند سلطان فيروزشاهہ تغلق جي ٻن حملن (١٣٦٣ع/٧٦٥هہ ۽ ٻيو حملو ١٣٨٢ع/٧٨٥هہ) واري زماني ۾، اُن کان پوءِ شاهہ بيگ ارغون جي ننڍي تي حملي (١٥٢٠ع/٩٢٦هہ) واري زماني ۾ ننڍو درياءَ جي ٻن شاخن (بگهاڙ ۽ ڪلري) جي وچ ۾، هڪ ٻيٽ-نما شهر هو. هن دعوا جي ثبوت لاءِ دهليءَ جي سلطان جي ساراهہ ۾ تاريخ فيروزشاهيءَ ۾، ادراڪي بيگلاريءَ جي 'بيگلارنامہ' مان، دربار مان، دربار جي شاعر، مطهر شاهہ جو هڪ شعر پيش ڪيو آهي، جو هن ريت آهي:

تهتہ کہ آن جزيره، بلاديست پر کيف،
درياش يک طرف شد و پنج آب يک طرف.

يعني: ننڍو، جيڪو هڪ ٻيٽ جي صورت ۾ آهي. هي شهر نظارن سان ڀريل آهي. هن شهر جي هڪ پاسي درياءَ آهي تہ ٻئي طرف پنج آب يعني سنڌو درياءَ(59).

هن شعر مان اهو ثابت ٿو ٿئي تہ درياءَ جي هڪ شاخ، ٺٽي ۽ مڪليءَ کي ڌار ٿي ڪيو تہ ٻي شاخ ٺٽي جي اوڀر طرف کان ٿي وَهِي.

٥- ٺٽو شهر سومرن، سمن، ارغونن، ترخانن ۽ مغل نوابن جي زماني تائين، يعني سؤ کن سال، سنڌ جو تخت گاهہ رهيو. انهن حڪومتن جي زماني ۾ هي شهر علم ادب، فن ۽ ثقافت، صنعت ۽ هنر، تهذيب ۽ تمدن جو مرڪز رهيو آهي. اهڙيءَ طرح اسلامي ادبيات، مذهبي تعليم ۽ تبليغ، اسلامي فن جي فروغ جي ڪري، ايران، افغانستان، شام، بغداد، بصري، سمرقند، بلخ، بخارا ۽ وچ ايشيا جي ٻين ملڪن ۽ شهرن تائين، هن شهر کي گهڻي شهرت حاصل هئي. انهن ملڪن ۽ شهرن جا عالم، فاضل، اولياءَ، اڪابر، فنڪار، صوفي بزرگ ۽ درويش، اُتان لڏي، هت اچي آباد ٿيا. اهوئي سبب آهي جو اسلامي دنيا ۾ هي شهر 'بغداد ثاني' سڏجڻ لڳو. هت بيشمار مڪتب، مدرسا، درويشن جون درگاهون، خانقاهون، آستان ۽ اوتارا قائم ٿيا، جتي پري پري کان شاگرد، علم جي پياس پوري ڪرڻ لاءِ ايندا رهيا. هي شهر علم ۽ هنر، مڪتبن، مسجدن، خانقاهن، محلن، ماڙين، باغن، باغيچن، گلن، ميون ۽ وڻج واپار جي ڪري دنيا ۾ مشهور ٿي ويو. سيد حسام الدين شاهہ راشديءَ، مڪلي نامي ۾ هن شهر جو مڪمل نقشو ڏنو آهي، جنهن ۾ سما گهراڻي جي حڪومت واري زماني کان وٺي، مغلن جي نوابن جي راڄ تائين، ۽ اُن کان پوءِ واري دور ۾، هن شهر ۾ قائم ٿيل پاڙن، محل ماڙين، حويلين، بازارن، باغن، باغيچن، چوڪن ۽ چوُرنگين جا نشان ۽ نالا ڏنا آهن، جيڪي مڪلي نامي ۾ ڏسي سگهجن ٿا.(60).

٦- (الف) حاصل مطلب تہ ٺٽو يارهين صديءَ کان وٺي ارڙهين صديءَ جي وچ واري عرصي تائين، سنڌ جو اهم ترين شهر هو(61). سڄي اُتر هندستان ۾ ڪوبہ اهڙو شهر نہ هو، جنهن ۾ ٺٽي کان وڌيڪ واپار هلندو هجي(62). سمن جي دور ۾، هن شهر جي عظمت ۽ شان، اينري قدر تہ ڪمال تي پهتل هئا، جو تاريخ طاهريءَ جو مصنف (هي صاحب سمن جي دور جو مؤرخ هو) لکي ٿو تہ:



"حقيقت ۾ ٺٽي جو بنياد ڪنهن اهڙيءَ سڀاڳيءَ گهڙيءَ ۾ پيو هو، جو هتي جي رهواسين رنج ۽ تڪليف ڪڏهن بہ نہ ڏٺي آهي؛ جيڪي ڪجهہ وٽن آهي ان تي قناعت ڪندا آهن؛ جهڙو آرام ۽ خوشي هنن کي نصيب آهي، اهڙي ٻئي ڪنهن بہ هنڌ ورلي

ليندي" (63).

سترهين صديءَ جي هڪ مقامي مؤرخ، فريديءَ جو رايو آهي تہ:

> "ٺٽي کي ڌرتيءَ جي جنت سڏي سگھجي ٿو. هتي جي رهواسين ڪڏهن بہ ڏکن جي گھٽيءَ ۾ پير نہ پاتو آهي. هنن جي دلين تي خوشي ۽ راحت آهي، ۽ ٿورن لفظن ۾ ائين ڪٺي چئجي تہ 'ٺٽو عراق ثاني' آهي" (64).

(ب) ٺٽي شهر جي شاهوڪاريءَ ۽ مالداري، انهيءَ حقيقت مان ئي پڌري ٿي ٿئي تہ جڏهن پورچوگيزن جي ڪمانڊر، پيبڊرو، مرزا عيسيٰ ترخان جي چوڻ تي، سندس مدد لاءِ، ١٥٥٥ع ۾، ٺٽي تي ڪاهيو، ۽ سلطان محمود سان پوءِ ٺاهہ جي ڪري پيبڊرو کي مرزا عيسيٰ وٽان ڪابہ رقم ڪانہ ملي، تڏهن هن (پيبڊرو) سخت ڪاوڙ ۾ اچي، ٺٽي جي شهر کي باهہ ڏياري ڇڏي. انهيءَ باهہ ۾ ويهن لکن سونين مهرن جي ملڪيت سڙي ناس ٿي ويئي(65). ٺٽي جي ڦرلٽ مان، پورچوگيزن کي ايترو تہ مال غنيمت حاصل ٿيو، جو ايشيا ۾ شايد ئي ڪنهن کي مليو هجي(66).

(ت) اهڙيءَ طرح 'نڪولس وٿنگٽن' ١٤-١٦١٣ع ۾، پورچوگيز سياح 'مانرڪ' ١٦٤١ع ۾، ڊچ سياح، 'منوڪي' ١٦٥٩ع ۾ ۽ انگريز سياح 'اليگزينڊر هئملٽن' ١٦٩٩ع ۾ ٺٽي آيا هئا. انهن مان هر هڪ ٺٽي جي تعريف ڪئي آهي. انهن مان هئملٽن جو بيان هيٺ نقل ڪجي ٿو. هُو لکي ٿو تہ:

> "هي شهر، ملڪ جي وڏي مارڪيٽ آهي. هيءُ هڪ تمام وڏو آسودو شهر آهي. اٽڪل ٽي ميل ڊگهو ۽ ڏيڍ ميل ويڪرو آهي. لاهري بندر کان هي شهر چاليهہ ميل پري آهي؛ منجهس اولهہ طرف هڪ وڏو قلعو ۽ پناهہ گاهہ آهي، جنهن ۾ پنج هزار ماڻهو ۽ گهوڙا رهي سگهن ٿا، جن جي رهڻ لاءِ عاليشان محلات آهي. ٺٽو، سنڌونديءَ کان بہ ميل پري آهي. درياءَ مان نهرون ڪڍي، شهر ۾ پاڻي پهچايو ويندو آهي. شهر جي چوڌاري، بادشاهہ جا تمام عمدي طرز جا ۽ وڻندڙ باغ آهن، جن ۾ هرقسم جا گل ڦل ۽ ميوا ٿيندا آهن. انهن باغن ۾ ڏاڙهون تہ خاص قسم جا ٿيندا آهن. اهي اهڙا تہ لذيذ ٿيندا آهي، جن جهڙا مون زندگيءَ ۾ ڪڏهن چکيا بہ نہ آهن. هي شهر دينيات، فلسفي ۽ سياسيات جي علمن کان گهڻو مشهور آهي. هت چار سؤ مدرسا آهن، جن ۾ مٿي ڄاڻايل مضمونن کان سواءِ، ٻيا مضمون بہ پڙهايا ويندا آهن. انهن کان سواءِ هتي هندن جا گروڪل بہ آهن، جيڪي



يونيورسٽين جهڙو درجو رکن ٿا.

ٿي سال اڳ يعني ١٦٩٦ع ۾ هن ملڪ ۾ پليگ جي وبا اهڙي تہ اچي پيئي جو اُن ۾ صرف ٺٽي شهر ۾ اَسي هزار ماڻهو موت جو شڪار ٿيا، ۽ اڌ کان وڌيڪ شهر خالي ٿي ويو.

هن شهر جي اوپر طرف، پورچوگيزن جي هڪ ديول ٺهيل هئي، جنهن جي پاهرينءَ ڪوٺيءَ ۾ مقدس درويشن ۽ بزرگن جون پراڻيون تصويرون ٽنگيل هيون" (67).

(ث) مطلب تہ سترهين صديءَ جي آخري ڏهاڪي ۾ ٺٽي جو ستارو بدلجڻ لڳو ۽ اُن جو زوال شروع ٿيو، ڇاڪاڻ تہ ميان يار محمد ڪلهوڙي (حڪومت ١٧٠٠ع کان ١٧١٨ع)، پنهنجي آزاد حڪومت قائم ڪندي ئي پنهنجو تخت گاهہ ٺٽي مان ڪڍي خدا آباد آندو. جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي، پوءِ هي شهر آهستي آهستي ڦٽندو ويو، ۽ ماڻهو هتان لڏي تخت گاهہ طرف وڃڻ لڳا. اينتري قدر جو ١٨٠٩ع ۾ (ميرن جي دور ۾) جڏهن 'هينري پاٽنجر' هت آيو، تڏهن هن هن شهر کي کنڊرن جي صورت ۾ ڏٺو. هو لکي ٿو تہ:

"اسان تباهہ ۽ ويران ٿيل کنڊرن مان تمام گهڻو مفاصلو پنڌ هلياسين، ۽ تنهن کان پوءِ شهر جي آباد علائقي ۾ پهتاسين" (68).

پاٽنجر اڳتي لکي ٿو تہ:

"نادر شاهہ جي حملي وقت (١٧٣٩ع/١١٥٢هہ) ٺٽي ۾ چاليهہ هزار ڪوري هئا ۽ ويهہ هزار بيا ڪاريگر هئا. اُن کان سواءِ صراف، اناج جا واپاري ۽ ٻين جدا جدا جنسن جا سٺ هزار تاجر هئا" (69).

(ج) اهڙيءَ طرح مسٽر سمٿ، ڪراچي ضلعي جي گزيٽيئر ۾ لکي ٿو تہ:

"ٺٽي جو ريشمي ۽ سوٽي ڪپڙو، يورپ جي ملڪن ۾ مشهور هو. قلمي شورو وڏي مقدار ۾ ملندو هو. انهيءَ ڪري ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ، قلمي شوري صاف ڪرڻ جا هت ڪارخانا لڳايا" (71).

(ح) جنهن زماني ۾ اورنگزيب عالمگير ملتان جو گورنر هو، اُن زماني ۾ سنڌ جو ملڪ بہ سندس نظامت هيٺ هو. اُن زماني ۾، اورنگزيب پنهنجي والد شهنشاهہ شاهجهان کي، سنڌ جي باري ۾ ڪيترائي خط لکيا هئا (71). انهن خطن مان معلوم ٿو ٿئي تہ اورنگزيب وقت بوقت، ٺٽي جا

تحفا شهنشاهه شاهه جهان جي خدمت ۾ موڪليندو رهندو هو. اُنهن تحفن ۾ ٺٽي جون لونگيون، چيٽون، ٺٽي جي ٻين ميون سان گڏ بيداڻا ڏاڙهون ۽ ڪپڙو خاص طور شهنشاهه شاهه جهان کي موڪليندو هو(72).

٧- بهرحال موجوده وقت ته ٺٽي جي پراڻي جاهه و جلال، بادشاهن جي محلن ۽ ماڙين، نوابن جي قلعن ۽ ڪوٺن جو ڪوبه نشان هت موجود ڪونهي، البت مختلف خاندانن جي پراڻن پاڙن، محلن، بازارين، خاندانن جي حويلين، مسجدن جا نالا يا انهن مان ڪي مسجدون ۽ حويليون هن وقت به موجود آهن. اهڙيءَ طرح مڪليءَ تي سمن، ارغونن ۽ ترخانن جي دور ۾ تعمير ٿيل مقبرن ۽ مسجدن کان سواءِ، ٺٽي شهر ۾ ڪي جايون، پاڙا ۽ بزارون اج به ٺٽي جي عظمت جي شاهدي ڏين ٿيون، اُنهن ۾ هي خاص آهن: مير احمد بيگ محلو، ملا محمدعلي محلو، خواجه شڪر محلو، ساگر محلو، سُرهين جو محلو، محلو ڪشمشيان، محلو سنگتراش، محلو نقارچين، مغل واڙو، محلو غذا بازار، محلو مسگر، ساهيتا محلو، تُندسر محلو، محلو نٿ مولو، محلو قاضيان، محلو رضوي سادات، محلو ميرڪي سادات، اميرخاني محلو، شڪرالاهي سادات محلو، محلو آنجوي سادات ۽ جمنا سر زمين، اسلام پوره محلو ۽ پلنگ پاڙو.

انهن محلن ۽ پاڙن کان سواءِ ڪيتريون ئي مسجدون ۽ مندر به آهن، جيڪي پنهنجي سينن ۾ اج به مختلف دورن جا داستان سانديندا اچن. اُنهن ۾ مسجد ولي نعمت، جامع فرخ مسجد، اميرخاني مسجد، شاهه جهاني مسجد، حفظ الله خاني مسجد، محلو تندسر مسجد، دابگير مسجد، مُلا ملوڪ شاهه واري مسجد، مسجد لڪي، مسجد اسلام پوره، مسجد ابوالقاسم نقشبندي ۽ مخدوم محمد معين مسجد.

اهڙيءَ طرح هينيون حويليون اج به مشهور آهن: خسرو خان حويلي، عارب ڪوڪي حويلي، خشتي حويلي، قاضي ابراهيم حويلي، مرزا فتح علي بيگ جو محلات ۽ مرزا عظيم الدين جو بنگلو.

هينيان چوڪ ۽ بازارون اج به جهونن ماڻهن جي سينن تي سڻيل آهن: چوڪ عبدالغني، چوڪ مَلڪ مان، جملي پير جو ميدان، غله بازار، مرزائي بازار، گُداري بازار، گدا بازار، پٽيهٽ بازار، اميربيگ بازار، بازار قصاب، گلن جي بازار ۽ مڇي بازار.

انهن کان سواءِ ٺٽي جا هينيان باغ اج به مشهور آهن: خواجه مير ابوتراب باغ، مير سيد علي (ثاني) شيرازي باغ، خورشيد باغ ۽ مُشڪين باغ.

ٺٽي جا ٻه قديم کوهه اج به مشهور آهن: علي جان جو کوهه ۽ نرڪي کوهه.

مطلب ته هن شهر تي وڏيءَ تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهي، جنهن ۾ هن شهر جي تاريخ، تهذيب

۽ تمدن، وڻج واپار؛ هتي جي ماڻهن، اُنهن جي سماجي زندگي، اُنهن جون ريتون رسمون ۽ اُنهن جي نسبي ۽ نسلي تاريخ تي تحقيق ڪرڻ کان سواءِ هتي هڪ اهڙي ميوزيم ٺاهڻ جي ضرورت آهي، جنهن ۾ اُهي سڀ شيون گڏ ڪري رکجن، جيڪي هن شهر جي مطالعي جي سلسلي ۾ مددگار بڻجن.

## حوالا ۽ سمجهاڻيون


(1) مرزا قليچ بيگ: قديم سنڌ، حيدرآباد سنڌ، ١٩٢١ع، ص ١٤١

(2) ايضاً

(3) Raverty, H.G., Mehran of Sind,Calcutta, Royal Asiatic Society, 1892, p. 331

(4) آڏواڻي، پيرومل: سنڌ جو سيلاني، نئين سنڌ لائبرري، پارتواسي پريس، ١٩٢٣ع، ص ٦٣

(5) ايضا

(6) Baloch, N. A., Dr, Appendix given in the book, 'Thatta Islamic Architecture', Compiled by Dani, A. H., Islamabad, Institute of Islamic History, Culture and Civilization, 1982 A.D/1402 AH., p.199

(7) Ibid., p. 200

(8) الانا ، غلام علي، ڊاڪٽر: لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ، ڄام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ١٩٧٧ع، ص ص ٤٦-٤٧

(9) Ref: 6, p. 200.

(10) مير معصوم شاهه بکري: تاريخ معصومي، حيدرآباد ، سنڌي ادبي بورڊ ، ١٩٥٣ع، ص ١١٢

(11) مير علي شير قانع: تحفة الڪرام ، حيدرآباد سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ ، ١٩٥٧ع، ص ١٣٦

(12) سما قبيلي جا ڪي ماڻهو مڪليءَ واري خطي جي اُتر طرف، درياءَ جي شاخ جي اُلهندي ڪناري تي اچي آباد ٿيا ، ۽ اُن بستيءَ جو نالو 'ساموئي' پئجي ويو، جتي سما آهستي آهستي زور ونڻ لڳا. سندن زمينون مڪلي ٽڪريءَ جي اولهه طرف وڌڻ لڳيون ۽ نيٺ اهو سڄو علائقو 'سَمَڪي' سڏجڻ لڳو. 'ساموئي' يا 'سمانگر' وارو خطو اهو آهي جتي هينئر 'ڄام نندي' ، 'شيخ حماد' 'دولهه دريا خان' ۽ سمن سردارن جا مقبرا تعمير ٿيل آهن.

(13) حوالو نمبر ١١ ، ص ١٣٦

(14) حوالو نمبر ١١ ، ص ١٣٦

(15) Raverty, H.G., Mehran of Sind,Calcutta, Royal Asiatic Society, 1892, p. 358-29

(16) Ibid., pp. 328-29

(17) Ibid.,

(18) Dani, A. H., Dr., Thatta Islamic Architecture, Islamabad, Institute of Islamic History, Culture and Civilization, 1982

(19) مير علي شير قانع: مڪلي نامه، بتصحيح و حواشي: سيد حسام الدين شاهہ راشدي، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٦٧ع، ص ص ٦٧٨ ۽ ٦٧٩

(20) Ibid., p. 15
(21) Ibid.
(22) Ibid.
(23) Ibid.
(24) Haig M. R., Indus Delta Country, London, 1894, p. 13
(25) Ibid.
(26) Ibid.
(27) See ref: 6 & 18

(28) حوالو نمبر ١٩، ص ٢٠

(29) ايضاً، ص ص ٢٠ ۽ ٢١

(30) ايضاً، ص ٢٣

(31) حوالو نمبر ١١، ص ١٢٥، ۽ پڻ ڏسو تاريخ معصومي، حوالو نمبر ١٠، ص ١٠٢

(32) ايضاً

(33) Elliot, H., History of India, Vol: III, Trubner & Co: London, 1871, p.344.

(34) ڏسو حوالو نمبر ١١، ص ١٢٨

(35) ڏسو حوالو نمبر ١٩،

(36) ايضاً

(37) Elliot, H., Op. Cit, pp. 24-25
(38) Ibid.
(39) Ibid., p. 320
(40) Ibid

(41) ڇٻلاڻي، ايس، پي. ڊاڪٽر: سنڌ جي اقتصادي تاريخ (ترجمو ٿيل)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٥٨ع، ص ٢٦١

(42) حوالو ١٩، ص ٣٦

(43) ايضاً

(44) ايضاً

(45) مير محمد بن جلال تتوي سيد: ترخان نامہ، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٥٩ع، ص ٧٠

(46) ايضاً

(47) ايضاً

(48) ايضاً، ص ٩

(49) مرزا غازي بيگ بہ نالي‌ماتر گورنر هو. حڪومت جو سڄو ڪاروبار خسرو چرڪس هلائيندو هو

(50) ڏسو تذڪره اميرخاني، ص ٣٠

(51) ڏسو حوالو ١٩، ص ٤٠.

(52) Panhwar M. H, Ground Water, Hyderabad, Directorate of Agriculture, Hyderabad Region, 1964, p.39

(53) Ibid

(54) ref: 6, p.200

(55) ماموئي فقير، موجوده ڍگهڙي شهر ۽ پراڻ ڍوري جي وچ ۾، آمريءَ واري قبرستان ۾ دفن ٿيل آهن.

(56) ميمڻ محمد صديق، خانبهادر: سنڌ جي ادبي تاريخ، پاڱو پهريون، حيدرآباد، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، ١٩٣٧ع، ص ٤٠.

(57) ولبرفورس جو خيال آهي تہ چوڙا سما اصل سنڌ ۾ سمانگر ۾ رهندا هئا، جتان لڏي اچي جهونا ڳڙهہ ۾ وينا.

(58) Wilberforce, H. Bell, The History of Kathiawar, London, William Heineman, 1961, pp. 48-49.

(59) ڏسو حوالو ١٩،

(60) ايضاً، ۽ پڻ ڏسو حوالو ٦، ض ٢٠

(61) Aitken, E. H. Gazetteer of Sindh, Bombay, Government of Sindh Press, 1907, p. 408

(62) Hughes, A. W., Gazetteer of the Province of Sindh, 1874, p.11

(63) سيد طاهر محمد: تاريخ طاهري، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٦٤ع، ص ٥٣

(64) ڏسو حوالو نمبر ٤١، ص ٢٠٠.

Also see Sorley, H. T., Shah Abdul Latif of Bhit, Hamphrey Milford, London, 1940,

p. 68
(65) Ibid., p.65
(66) Ibid
(67) Alexander Hamilton, New Account of the East-Indies in Pinkerton's Travels, Vol: III, pp. 304-9.
(68) Pottinger, H., Pottinger's Travels, London, 1816, p.45
(69) Ibid.,
(70) Smyth, T.W., Gazetteer of Karachi District, Vol: B-I, Bombay, 1927, p.81
(71) ڏسو تذڪره اميرخاني. ص ص ١١٨، ٣٥٤ ۽ ٣٥٦
(72) ڏسو حوالو ١٩

Also see ref: 6, p. 40



## ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

# ديڪ ڪبيرا رويا

## (هندي شاعري بابت هڪ جائزو)

ڊاڪٽر جعفر حسن، هندي زبان جي باري ۾ پنهنجي تاليف "منتخبات هندي ڪلام" جي تمهيد ۾ لکي ٿو: "هندي هڪ مٺي زبان آهي، سچ پڇو ته جيئن يورپ ۾ فرانسيسي ۽ اسلامي ملڪن ۾ فارسي زبان شيرين زبان تسليم ٿيل آهي، ائين هندستان جي ڪيترين ئي زبانن ۽ ٻولين ۾ هندي سڀ کان دلنشين ۽ موثر ڀاشا آهي. (ص ٩)"

هندي زبان جا ڪيترا قديم دفتر اهڙا آهن، جن ۾ هندي شعر جو خزانو محفوظ آهي. انهن مان ڪن جي تلخيص وقت بوقت شايع ٿي آهي. خاص طور اڄڪلهه جيڪو هندي شعر اسان وٽ پهتو آهي، سو اڻويهين صديءَ جي آخري ڏهاڪن جي هيٺين ڪتابن وسيلي پهتو:

١- ڀڳتي پرڪاش: هن جو ليکڪ آسنداس مهتاب راءِ آهي. ڪتاب ١٨٩١ع ۾ شايع ٿيو. هن ۾ ڀڄن، دوها، ڪبت ۽ چوپايون آهن. ديوناگري ۽ اردو رسم الخط ۾ لکيل آهي.

٢- سارنگ ست سئي: دوهن جو هي انتخاب جوشي انندي لال ڪيو ۽ ١٨٩٩ع ۾ منشي نولڪشور پريس ۾ ڇپيو. هن ۾ ٦٠٠ دوها آهن، جن ۾ گهڻا بهاري لال جا آهن. دوهن جي تشريح فارسيءَ ۾ ڪيل آهن.

٣- پدماوت ڀاڪا: هي ڪتاب ملڪ محمد جائسيءَ جي پدماوتي جو اردو ترجمو آهي، جو ١٨٩٠ع ۾ مرزا عنايت علي بيگ لکنوي ڪيو ۽ مطبع اعظمي ڪانپور مان شايع ٿيو. ائين پدماوتي جو ٻيو مشهور اردو ترجمو محمد قاسم علي بريلوي ڪيو ۽ ١٨٧٣ع ۾ نولڪشور ڪانپور ڇاپيو.

٤- تلسي ڪرت رامائڻ: هي اردو ترجمو پنڊت لڇمي دت ڪيو ۽ ١٨٧٢ع ۾ گيان پرڪاش پريس ميرٺ مان ڇپيو. هن ۾ تلسي داس جي رامائڻ جا دوها ۽ چوپايون آهن.

ائين ٻين ڪجهه ڪتابن سان گڏ ويهين صديءَ ۾ نياز فتحپوريءَ جو ڪتاب جذبات ڀاشا ۽ نگار رسالي جو خاص هندي شاعري نمبر (١٩٣٦ع) اهم آهن. انهن سڀني ڪتابن جي مدد ۽ پنهنجي ذوق سان ڊاڪٽر جعفر حسن پنهنجو ڪتاب 'منتخبات هندي ڪلام' مرتب ڪيو. هن اڪثر اهڙن دوهن کي چڙي ڏنو آهي، جن ۾ جنسيت جو شائبو هو.

ادبيات عاليه ۾ شاعريءَ جو مرتبو نهايت اعليٰ آهي. شاعريءَ ۾ ادب جي طالب علم کي زبان جي تخصيص کان مٿي ٿي سوچڻ کپي ۽ شعر کي بين الاقوامي تناظر ۾ وسيع نظر سان ڏسڻ کپي. انهيءَ لحاظ کان آءٌ هي مقالو پيش ڪري رهيو آهيان.

شاعريءَ جا خزانا علم ۽ دانش، عقل ۽ عشق توڙي دنيا جي دستور ۽ پند و نصيحت جي موتين سان پرپور آهن. ڪهڙي بہ زبان هجي، اُها شعر جي املهہ ماڻڪن سان جرڪي رهي آهي. مون جن چند زبانن جو مطالعو ڪيو آهي ۽ مون کي پنهنجي مادري زبان وانگر عزيز آهن. اُنهن ۾ سرائڪي، هندي ۽ فارسي بہ آهن. هن صحبت ۾ هندي شعر جي پنڌار مان ٿورو واس ونون ٿا.

سنڌي زبان ۾ سنڌي ۽ هندي شاعريءَ جي لاڳاپي بابت مون کي هڪ تفصيلي مقالو سُجهي ٿو. اُهو محترم سائين ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو آهي. هي مقالو سماهي "مهراڻ" ۾ ٽن قسطن ۾، ٽن شمارن ۾ (١، ٢ ۽ ٣، سال ١٩٥٥ع) ۾ ڇپيل آهي. هن مقالي ۾ ڊاڪٽر صاحب سنڌي ۽ هندي شاعريءَ جي لاڳاپي، سنڌيءَ تي هندي شعر جي اثر، هندي شعر جي حوالي سان عورتن جي قسمن ۽ سينگار شاعريءَ جي حوالي سان لکيو آهي. مقالي ۾ مثالن سان سنڌي ۽ هندي شاعريءَ جي لاڳاپي جو بيان ڪيو ويو آهي.

"سنڌ ۾ هندي شاعري" جي عنوان سان هڪ مقالو مون بہ لکيو هو، جيڪو سهڻي پبليڪيشن جي مجموعي "موتنڌڙ ڇوليون" ۾ جولاءِ ١٩٦٩ع ۾ ڇپيو هو. هن مقالي ۾ مختصر طور سنڌ جي شاعرن جي هندي ڪلام جو ذڪر ڪيو هئم. هونئن تہ ڪافي هندي ڪلام سنڌ وارن بہ چيو آهي، پر مون پير صدرالدين، پير شمس، روحل، مراد فقير، دريا خان، عثمان فقير، خليفي نبي بخش، حمل، صورت سنگهہ، مصري شاهہ ۽ قطب شاهہ جو ٿورو ذڪر ۽ ڪلام جو نمونو ڏنو هو.

هندي شعر جي هڪ طالب جي حيثيت سان آءٌ مطالعو ڪندو رهيس. ديوناگري خط جو بہ اڀياس ڪيم. ١٩٨٨ع ۾ لنڊن ويس ۽ برٽش لئبرريءَ مان بہ ڪي هندي دوها اصل ديوناگريءَ ۾ مليا. هتي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پنهنجي سنڌي شعبي جي لئبرريءَ ۾ ڊاڪٽر جعفر حسن جو ڪتاب 'منتخبات هندي ڪلام" لاڳيتو اڀياس هيٺ رهندو آيو هو. ڪن ٻين ذريعن سان بہ هندي دوها هٿ آيا. شاهہ جي رسالي جو سُر ٻيراڳ هندي بہ مطالعي هيٺ رهيو. ائين هندي ڪلام جا ڪتاب هندستان مان گهرائڻ جي بہ ڪوشش ڪيم، پر ڪامياب نہ ٿيس. منهنجو ڄپاني دوست ۽ شاگرد ڪِن ساڪو ماميا دهليءَ ويو، ڪو ڪتاب آڻي نہ سگهيو تہ پروين سلطانہ جو ڪيسٽ وٺي آيو.

بهرحال هن مطالعي ۾ وڌيڪ ڪشش ميران ٻائيءَ جي جيون ڪٿا ۽ ڀڄنن بہ پيدا ڪئي. هن سلسلي ۾ هڪ ننڍي ڇوپڙيءَ ۾ ميران بابت ڪجهہ معلومات بہ مليم. هيءَ ڇوپڙي مون کي پنهنجي پياري دوست ڊاڪٽر انور فگار ڏني ۽ فوٽو اسٽيٽ ڪرائي ورتم. اُن ۾ ميران جا ڪي ڀڄن آهن ۽ مختصر طور سندس جيون ڪٿا بہ آهي. ڪتاب تي پورو نالو ۽ ٻي معلومات لکيل نہ هئي. شايد ڪي پنا ڦاٽل هئا.

هن هيٺ آءٌ جيڪا هندي دوهن جي ڳالهہ ڪرڻ گهران ٿو، اُن جي مهاڳ ۾ ٿورو ميران ٻائيءَ

بابت مليل احوال آئيان ٿو: ميران جو جنم راجپوتانا جي هڪڙي جابلو علائقي ۾ نيرت نالي ڳوٺ ۾ هڪڙي بينل ڪٽنب ۾ ٿيو. هوءَ نهايت خوبصورت هئي. جوان ٿي تہ سندس شادي چتور جي راج ڪٽنب ۾ راج ڪمار ڪمپاسنگ سان ٿي، جو پوءِ چتور جي گاديءَ تي وينو. ائين ميران مهاراڻي ٿي، پر هن جو من رام ڀڳتيءَ ۾ لڳل هو. بيراڳڻ ٿي پنڌ پچندي نيٺ وڃي بندرابن پهتي. پويان ڪنهن سار بہ نہ لڌي. جڏهن هوءَ گيان ۾ رچي ريتو ٿي تہ هڪ ڏينهن سندس ور بہ وٽس آيو. ميران بہ راضي ٿي راج محل ۾ واپس آئي پر هر سال ۾ ڇهہ مهينا بندرابن ۾ رام ڀڳتيءَ ۾ مگن رهندي هئي. سندس ڀڄن هنڌين ماڳين ڳائجڻ لڳا. بہ ڀڄن هيٺ ڏجن ٿا.

**راڳ رام ڪلي:**

ميين تو شام ديواني، ميرا درد نہ جاني ڪوءِ،
سولي اوپر سيج پيا ڪي، ڪس بڌ هلنا هوءِ،
گهايل ڪي گت گهايل جاني، جس تن لاگي هوءِ،
ميران ڪي پريو گرڌر ناگر، ونڌ سانوريا هوءِ.

**راڳ سورٺ**

ميري گرڌر گوپال، دوسرا نہ ڪوئي،
جانڪي سرمور مڪٽ ميرو پتي سوئي،
تات مات پرات بنڌو اپنو نہ ڪوئي،
ميران پريو لگن لگي، هوني هو سو هوئي.(١)

هونئن تہ هنديءَ ۾ ڀڄنن جي کوٽ نہ آهي، پر ميران جي جيون ڪٿا ۽ ڀڄن گهڻو مقبول ٿيا ۽ هوءَ هنڌين ماڳين وڃي ويئي. ميران وانگر ڪبير، دادو، سمن، تُلسي، رحمن ۽ ٻين ڪيترن جا دوها بہ مقبول ٿيا. سنڌ ۾ هندي دوهن جي اثر جو ذڪر آءٌ پنهنجي مٿي بيان ڪيل مقالي ۾ ڪري آيو آهيان. هتي فقط اهم هندي شاعرن جي دوهن مان پنهنجي پسند جي چونڊ پيش ڪريان ٿو. هونئن تہ هندي دوهن جا ماخذ گهڻا آهن، پر هتي آءٌ پنهنجي پهچ ۽ حال سارو ٻن ماخذن جو سهارو وٺان ٿو، اُهي آهن: شاهہ جي رسالي جو "سُر بيراڳ هندي" ۽ ڊاڪٽر جعفر حسن جو ڪتاب "منتخبات هندي ڪلام."

رسالي جي پراڻن ڇاپن ۾ 'سر بيراڳ هندي' موجود آهي، اُن مان بہ دوها نروار ڪري مشتاق علي جعفري پنهنجي اردو ڪتاب 'سندھ کے جدید اردو شعراء' ۾ انهن کي شاهہ عبداللطيف جو ڪلام سڏي ٿو. دوها هي آهن:

بـلـبـل رووي ريـن دن، كـمـان پـئـي گـلـزار،
اُن کي قـيـامت آج هي، جن کي بچـڙي يـار.
لا الله كـــر آرســـي، الا الله ســـي ديـــک،
مـحـمـد صـورت رب کي، اس مين نـ مـيـک.

نـ رڳو اينترو بلڪ لکي ٿو: "اگر کو اردودان، جو سنڌي زبان مان واقف هجي، سو هن (شاهہ) جي شاعريءَ جو تجزيو ڪندو تہ هن (شاهہ) جي ڪلام ۾ گهڻا اردو شعر لڀندا(٢)." هڪ تہ اردو شعر لڀڻ واري لاءِ سنڌي ڄاڻڻ جي ضرورت نہ آهي، ٻيو تہ جعفري جيڪي ٻہ هندي دوها ڳولهي سگهيو، اُنهن مان پويون فقط قاضي ابراهيم واري رسالي (١٨٦٧ع) ۾ آهي. خود پاڻ جي ٻہ دوها ڳولهي سگهيو تہ ٻيا بہ ڳولهي وٺي ها.

هن جملہ معترضہ کان پوءِ اُنهن هندي دوهن جي اپٽار ڪريان ٿو، جن منهنجو ڌيان ڇڪايو آهي. فقط چند دوهن جو سنڌي ترجمو بہ گڏ ڏنو اٿم. ماخذن جا حوالا منتخبات ۽ بيراڳ جي صورت ۾ آهن. دوهن کي ٻن عنوانن پند و نصيحت ۽ محبت جي سِري هيٺ رکيو اٿم:

(١)

پـريـتـم هـم تم ايـک هـين، ديـکـن کـي هـين دو
مـن سـي مـن کـو تـولـئـي، کـيـي نـ دو مـن هـو(٣).

هن دوهي ۾ شاعر لفظ من کي ٻن هنڌ آٽي ذو معنيٰ ڪيو آهي. هڪڙو من (دل) ۽ ٻيو مڻ (ماپو) جي نسبت سان آهي. ان طرح محبوب سان هڪ هجڻ جي ڳالهہ ڪيل آهي. هنديءَ ۾ شاعر عورت جي روپ ۾ ڳالهائي ٿو ۽ سنڌيءَ جي قديم شعر ۾ بہ ائين آهي.

(٢)

ندي کناري ڏنوان اُنت هي، مين جانون کچ هوءِ،
جـا کـارڻ جـوگـن پـئـي، وهي نـ جـلـتـا هـوءِ(٤).

عـورت جا لطيف جذبات ۽ وسوسو هن دوهي ۾ نمايان آهي. دونهن ڏسي شڪ ٿو جاڳي تہ جنهن لاءِ جوڳڻ بڻيس، متان اُهوئي نہ سڙندو هجي! جيئن عرض ڪيم تہ هنديءَ ۾ عورت جو روپ وٺي شاعر جذبا ظاهر ڪري ٿو: پوءِ ڪٿي پاڻ مرد ڇو نہ هجي. سنڌ جي قديم شاعرن هن انداز کي پسند ۽ اختيار ڪيو آهي.

(٣)

آجـــا پـيـــاري نـين ۾، پـلـک ڍانـپ تـوهـي لـون،
نـا مـين ديـکـون اور کـو، نـا تـوهـي ديـکـن دون(٥).

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو هينيون بيت هن دوهي جي مڪمل معنيٰ ظاهر ڪري ٿو. توارد ۽

اٿر جو قريب ترين مثال آهي:

اکين ۾ ٿي ويهه، ته آءٌ واري ڍڪيان،
توکي ڏسي نه ڏيهه، آءٌ نه پسان ڪي پيو.

البت ڪن محققن (منظور نقوي) معنيٰ بابت هي خيال ظاهر ڪيو آهي ته شاهه جو بيت محبوب کي وسيع نظريءَ سان چوي ٿو ته آءٌ ٻيو ڪجهه نه ڏسان تون ٻلي پيو ڏس ۽ دنيا توکي پٺي ڏسي. جڏهن ته هندي واري دوهي ۾ اهو اشارو آهي ته توکي ڪير به نه ڏسي!

(۴)

پرديسي ڪي پريت ڪو، سب ڪو من للچائي،
اوگن وا ۾ ايڪ هي، رهي نه سنگ ليجائي(٦).

شاعر چوي ٿو ته پرديسيءَ جي پريت هر ڪنهن کي وڻي ٿي، پر اُن ۾ عيب هي آهي ته نه ساڻ رکي ٿو نه وٺي وڃي ٿو. هتي عورت جي ڪومل من جي وهمن جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

(۵)

چوٽي موتي ڪامني، سب هي بِس ڪي بيل،
بيري ماري دانوءَ دي، يه ماري هنس ڪيل(٧).

شاعر چوي ٿو، جهڙي تهڙي عورت به زهر جي ول آهي. بهادر داءُ پيچ سان ماري ٿو، پر هيءَ کل خوشيءَ ۾ ئي ماري ٿي.

(٦)

ڪاگا نين نڪاس دون، سو پيا پاس ليجاءِ،
پهلي درشن دکائي ڪي، پاڇي ليجو کاءِ.

(٧)

ڪاگا سب تن کائيو، چن چن کائيو ماس،
دو نينان مت کائيو، ڪ پيا ملن ڪي آس.

(٨)

چونچ بتماري ڪات ڪي، تاپي چڙکون نون،
پيا ميري مين پيا ڪي، تو يي کهي سو ڪون(٨).

پهرين ٻن دوهن ۾ ڪانگ سان گفتگو آهي. پهرئين ۾ شاعر چوي ٿو ته ڪانگ توکي نيڻ پنهنجا ڪيي ڏيان، محبوب کي ڏسي پوءِ کائج. ٻئي دوهي ۾ چوي ٿو ته ڪانءُ منهنجو سڄو تن کائي چڏ. فقط به نيڻ نه کائج انهن سان محبوب کي ڏسڻ جي آس اٿم. انهيءَ موضوع تي شاهه، سچل ۽

ٻين شاعرن گھڻو ڪجھ چيو آهي. خاص طور ڀھرئين (٦ نمبر) دوهي سان هي لطيفي روپ مماثلت رکي ٿو:

ڪيي ڪانگل تو ڏيان، هنيون ساڻ هٿن،
وڃي ڪاءِ ولات ۾، مهندان محبوبن،
پرين مان پڇن، هيءَ قرباني ڪنهن ڪئي.

هن ست ۾ ٿيون (٨ نمبر) دوهو عاشق جي مخصوص حسد جو اعليٰ نمونو آهي، جنهن موجب هن جي تمنا آهي ته محبوب جو نالو به ڪانئس سواءِ ٻيو ڪو نه اُچاري. پيار ڪرڻ وارو پپيهي کي 'پي پي' ٻوليندي ٻڌي سهي نٿو سگھي. سندس قوت برداشت جواب ڏيئي وڃي ٿي، چي: تنهنجي چھنب ڪٽي اُن تي لوڻ ٻُرڪيان! محبوب (پي) منهنجو، آءٌ محبوب جي، تون ڪير آهين جيڪو 'پي پي' پيو ٻولين؟

سنڌي شاعريءَ ۾ شاھ عبداللطيف جي 'سُر پورب' ۽ سچل سائينءَ جي 'سُر مالڪونس' ۾ ڪانگ سان گفتگو ۽ ان سان پيغام رسانيءَ جي معاملي تي نهايت موثر انداز اختيار ڪيل آهي. هي بيان دل پڄائيندڙ آهي. ٻين سنڌي شاعرن به شاھ ۽ سچل جي پيرويءَ ۾ ڪانگل کي ڳايو آهي.

(٩)

پريتم تم يہ جانيو، تم بچڙي موهي چين!
آلي بن کي لاڪڙي، سلگت هون دن رين.

(١٠)

جو مين ايسا جانتي، پريت ڪئي دک هوءِ،
نگر ڍنڍورا پيٽتي، ڪہ پريت نہ ڪيجو ڪوءِ.

(١١)

نينان ري تم هي ٻُري، تم سا ٻُرا نہ ڪوءِ،
آپ هي پريت لگائي ڪي، آپ هي بيٺي روءِ(٩).

ذرا هنن ٽن دوهن ۾ پيار ڪرڻ واري جي جذبن جي اُٿل کي ڏسو! چي پريتم توڪان وڇڙي مون کي ڪھڙو چين آهي؟ آلي ڪانيءَ وانگر ڌکان پئي! جي آءٌ اينترو ڄاڻان ها ته پريت ڪرڻ سان رڳو دک حاصل ٿئي ٿو ته شهر ۾ پڙهو گھمايان ها، چي ڪير به پريت نہ ڪري. اجان به بہ قدم اڳتي وڌي پنهنجين اکين کي ڏوھ ڏئي ٿي. چي: اکيون ڏوھ سڄو اوهان جو آهي، اوهان جھڙو برو ٻيو ڪونهي، خود ئي پريت لڳايو ۽ خود ئي ويٺيون روو!

(١٢)

سونا لاون پي گئي، سُونا ڪر گئي ديس،
سونا ملا نہ پي ملا، روپا هوگئي ڪيس.

هي دوهو مون ڪتاب پڙهيو آهي يا پڙهيو هوندم. هن جو سنڌي ترجمو ٺُڙ لفظن ۾ ٿي سگهيو آهي، ترجمو هيٺن ڪيو اٿم:

سون ڪٽڻ ويو سپرين سُڃو ڪري ديس،
سون مليو نہ پرين وريو، روپا ٿي ويا ڪيس.

سونا (سون) ۽ سونا (سُڃو) ٻن لفظن جي مناسبت سان شاعر جذبا ظاهر ڪيا آهن.

(١٣)

سپنا تم سلطان هي، اُتم تيري ذات،
سو ڪوهين ساجن بسي، موهي آڻ ملاوين رات.

(١٤)

سپنا تم جونا هي جُوتا سارا انيڪ،
جب سوون تو دوجني، جب اوٺون تو ايڪ(١٠).

شاهہ جي رسالي ۾ سُر بيراڳ هنديءَ ۾ اڪثر دوهن تي سنڌي ۽ سرائڪيءَ جو اثر ۽ ملاوت نظر اچي ٿي، مثال طور:

ساڏ سڏاوڻ ڪنن هي، مت ڪوني ساڏ سڏائي،
ساڏ تب سڏائيي، جب جيتا هي مرجاءِ(١١).

يا

پک نهين پاور نهين، پهچ نهين پي دور،
اُڏر نہ سگهان سکيان ڙي، مران سور بسور(١٢).

(١٥)

بانهن ڇڙائي جات هو، نربل جان ڪي موهي،
هردئي ۾ سي جاؤگي، تو مرد بندوگي توهي(١٣).

سهجو ٻائي چوي ٿي تہ: ٻانهن ڇڏايو هليو ٿو وڃين جو مون کي نبل ڄاڻين ٿو. دل مان ويندين تہ پوءِ توکي مرد ڪري مڃيندس. هن دوهي جو مون هي سنڌي ترجمو ڪيو آهي:

بانهن ڇڏايو تو وڃين، نبل ڄاڻين مون،
دل منجهان ويندين جڏهن، مرد پوءِ ڄڻين تون.

(١٦)

چـــمـــپـــا تـــو ۾ تـــين گـــن، رنـــگ روپ اور بـــاس،
اوگـن تـو ۾ كـونـه هـي، ڀـؤنـر نـه بيـنـي پـاس(١۴).

هن دوهي جو سنڌي ترجمو مون هيٺن ڪيو آهي:

چـــمـپـــا تـــو ۾ ٽــي گـڻ، رنـگ روپ ۽ بـاس،
اوگـڻ تـو ۾ هـڪـڙو، ڀـؤنـر نـه ڦـري پـاس.

شاعر جي هن خيال جو مطلب اهو آهي ته چمپا جي گل تي (يا اُن جي ويجهو) ڀؤنر نٿو ويهي، بوءِ جي پسند نه اچڻ ڪري (شايد). چمپا بابت هڪ ٻيو دوهو ٻڌو يا ڪٿي پڙهيو اٿم، اُهو هي آهي:

نـاس ڪـيـل ڪـو ڪـيـل، ڪـنـٺ گـلـي سـرمـوڙ،
پـرون سـجـن ڪـي شـام هـي، جـيـون چـمـپـا تـي ڀـؤنـر.

دوهي جي پهرين سٽ معنيٰ ۽ پڙهڻيءَ ۾ واضح نه آهي. ٻيءَ مان جا معنيٰ نڪري ٿي سا محبوب جي پرونن جي ڪاري هجڻ جي تشبيهه آهي، يعني "جيئن چمپا تي ڀؤنر"، ته پوءِ پهرئين دوهي جي خيال جو هن دوهي ۾ رد آهي.

پند و نصيحت

(١٧)

چـلـنـا هـي رهـنـا نـهـين، چـلـنـا بـيـســو بـيـس،
"سهجو" تنک سهاگ پر، کيون گنڌوائي کيس(١٥).

مون هن دوهي جو سنڌي ترجمو هيٺن ڪيو آهي:

هـلـڻـو آه رهـڻـو نـاهـي، هـلـڻـو آخـرڪـار،
"سـهـجـو" پـڌي سـهـاڳ تـي، چـو ويـڙهـائـين وار.

(١٨)

دادو دعـــويٰ چـــوڙ دي، بـــن دعـــويٰ دن ڪـــاٽ،
ڪـتـنـي سـودي ڪـر گـئـي، پـاسـاري کـي هـاٽ(١٦).

دادو شاعر فنا بابت هي دوهو چيو آهي ۽ زندگيءَ ۾ ڪا دعويٰ ڪرڻ کان منع ڪري ٿو.

(١٩)

مـــايـــا ڪـو مـــايـــا مـــلـــي، ڪـر ڪـر لـمـبـي هـات،
تـلـسـي داس گـريـب ڪـو، ڪـوئـي نـه پـوڇـي بـات(١٧).

مايا ۽ غربت جو موازنو ڪري تلسيداس چوي ٿو ته مايا ۽ غربت ۾ گهڻو فرق آهي. غريب کي ڪير پڇي ئي نٿو.

(٢٠)

سونا کھي سُنار سي، کہ اُتم ميري ذات
کاري مُنھن کي گھونگمچي تُلي هماري سات(١٨)!

هن دوهي ۾ هي نڪتو آهي تہ سون ٿو سوناري کان پڇي تہ منھنجي همڙي اوچي ذات (۽ چمڪ) ڪاري منھن واري گمچي (رتي) مون سان گڏ ٿي تُري سو ڇو؟

گمچي (رتي) جواب ٿي ڏئي تہ اي سون! اڪيون ڪول ۾ ڏس تہ آءٌ بہ گھٽ ڪونہ آهيان، ڇي:

لالن کي هم لال هين، لال ئي همرو رنگ،
کريا منھ جب سي پيو، تُلي پنچ کي سنگ(١٩).

(رنگ لال هوم پر نيچ سان گڏ تُرڻ جي ڪري ڪارو ٿي ويو.)

(٢١)

تن اُجرو من ڪونلا، بگلہ کاسا پيس،
تو سي تو ڪاگا پلو، باهر پيتر ايڪ(٢٠).

هي نصيحت جو نڪتو آهي، جنھن موجب شاعر چوي ٿو تہ توکان، اي انسان! بگلو چڱو، اندر باهر هڪ آهي. تنھنجو رڱو تن اُجرو آهي اندر ڪوئلي وانگر ڪارو آهي.

(٢٢)

جو تو آيا جگت ۾، جگ سراهي توهي،
ايسي ڪرني ڪر چلو، پاڇي هنسي نہ هوئي(٢١).

هن دوهي ۾ هيءَ نصيحت آهي تہ اي انسان! جڳ ۾ آيو آهين. جڳ تنھنجي تعريف ڪري ٿو تہ اهڙا ڪم ڪري وڃ جو پنيان توتي ماٺهو نہ کلن ۽ برو نہ چون.

(٢٣)

آگ لگي هي برکش ۾، جلني لگي پات،
تو ڪيون جري هي پنکيا! پنک هين تيري سات(٢٢).

وڻ ۾ باهہ لڳي آهي، پن بہ سڙي ويا. پکيءَ کي صلاح پئي ڏني وڃي تہ تنھنجا تہ کنڀ آهن. اُڏامي جان بچاءِ، وڻ سان سڙين ڇو ٿو؟ پر وفا جي تقاضا ڪھڙي آهي اُها ڳالھہ پکي ٿو جواب ۾ چوي:

(٢٤)

ڦل کائي اس برکش کي، گندي ڪيني پات،
اب هي ميرا ڌرم يہ، جر جاؤن ايھہ سات(٢٣).

دنيا ۾ وفا جا جيڪي داستان بيان ڪيل آهن، اُنهن ۾ هي ننڍڙو مثال وڏي ڳالهه آهي.

(٢٥)

’سمجو‘ جڳ ۾ يون رهيي، جيون جيڀا مک مانهن،
گهيو گهنا بکشن ڪري، تو ڀي چڪني نانهن(٢٤).

هن ۾ جيڀ جي تشبيهه سان واضح ڪيو ويو آهي ته وات ۾ جيئن جيڀ آهي، تيئن دنيا ۾ رهڻ کپي جو گيهه کائڻ کان پوءِ به سڪي نٿي ٿئي.

(٢٦)

نينهن سگا سوني سگا، هاڙ سگا نهين هوءِ،
مان بيني تريا جري، اچرج جڳ کو هوءِ(٢٥).

هرڪو رت جو رشتي جي ڳالهه ڪري ٿو، پر هتي ستي ٿيڻ جي حوالي سان زال جي جذبن کي ساراهيو ويو آهي ته مرڻ واري جي ماءُ ويني آهي، پر اُن جي چِتا سان زال سڙي ٿي. اِهو اُن جو ڌرم آهي، اِهو قرباني آهي. هوءَ ڌاري آهي، مڙس سان ڪو رت جو رشتو ڪونه اٿس.

(٢٧)

حد حد چليا هرڪو، بيحد چليا نه ڪوءِ،
بيحد کي ميدان ۾، کڙا ڪبيرا روءِ(٢٦).

هن خيال تي سچل پنهنجو خيال هيئن ترميم سان پيش ڪيو آهي:

حدين وڃي هرڪو، بيحد وڃي پير،
سچو سو فقير، جو حد لاحد لنگهي وڃي.

(٢٨)

نانک ننها هو رهو، جيسي ننهي دوب،
سبي گهاس چر جائين گي، دوب خوب کي خوب(٢٧).

شاعر سادگيءَ ۽ نهنائيءَ جي تلقين ڪري ٿو ۽ ننڍي گاهه جو مثال ٿو ڏئي. چوي ٿو ته ننڍي گاهه کي مٿان چوپايا کائي ٿا وڃن ته به گاهه اوترو ئي اوترو رهي ٿو.

(٢٩)

روکي سوکي کائي کي، ٺنڍا پاني پي،
ديک پرائي چوپري، جن للچائي جي(٢٨).

هن دوهي ۾ پنهنجي حال تي مست رهڻ جي تلقين ڪندي شاعر چوي ٿو ته پرايو ڪپاه ڏسي حرص نه ڪجي. ڪپاه کي شاهوڪاريءَ جو نشان ڪري ڄاڻايل آهي.

(٣٠)

آکـي کـي دن پـاڇـي گـئـي، هـري سـي کـيـو نـہ هـيـت،
اب پڇـتـاوي هوت کـيـا ، جب چـڙيان چُگ گـئـين کـيـت(٢٩)

هي مشهور دوهو اجايو وقت وڃائڻ کان بچڻ لاءِ چيل آهي.

(٣١)

کـبـيـر آپ ٺـگـائـيـي، اور نـہ ٺـگـيـي کـوءِ،
آپ ٺـگـي سـک اوپـجـي، اور ٺـگـي دک هـوءِ(٣٠).

ڪبير چوي ٿو تہ پاڻ کي ٺڳائجي پر ٻئي کي نہ ٺڳجي. پاڻ ٺڳجي ڪرڻ سان اطمينان ٿئي ٿو، جي ٻيو اسان کي ٺڳي ٿو تہ ڏک ٿئي ٿو.

(٣٢)

چـنـدن پـڙو چـمـار کـيـن، نـت نـت چـيـرت چـام،
کـمـو چـنـدن کـيـسـي پـئـي، پـڙو نـيـچ سـيـن کـام(٣١).

چندن (صندل) جي ڳالهہ ڪيل آهي. اُهو خوشبوءِ وارو صندل جيڪو پوڄا پاٺ ۾ ڪم اچي ٿو. شاديءَ ۾ گهوٽ ڪنوار جي سينگار لاءِ ڪم اچي ٿو. اُن جو تيل ۽ عطر ٺهي ٿو. جي ڪو تختو چمار کي هٿ اچي ويو تہ ان تي چم کي ڪپڻ جو ڪم وٺي ٿو. شاعر ٿو چويس تہ صندل اچ خبر ڏي! ڏس نيچ سان ڪم پيو اٿئي تہ تنهنجو هي حال آهي!

(٣٣)

مـاٽـي کـهـي کـمـهـار کـو، تـو کـيـا رونـدي مـوهـي،
اک دن ايـسـا آئـي گـا، مـيـن رونـدون گـي تـوهـي(٣٢).

ڀڳت ڪبير هن دوهي ۾ قبر جي يادگيري ڏياري ٿو، جا ڪنڀار کي مخاطب ٿي چوي ٿي تہ اڄ تون مون کي ڳوهين ٿو، هڪ ڏينهن اهڙو ايندو جو آءٌ توکي ڳوهينديس. قبر ۾ تنگي ڪنديس(٣٣).

(٣٤)

تـنـکـا کـيـون نـہ نـنـدئـي، جـو پـائـيـن تـر هـوءِ،
کـيـون اُڑي آنکين پري، پـيـر گـهـنـيـري هوءِ(٣٤).

درسي ڪتابن ۾ هن دوهي جو ترجمو ڪجهہ هن طرح آيل هو:

ڪـک ڪـڏهـن نـہ نـنـدجـي، ڪـک بـہ وڏي وٿ،
اُڏي پـــئـــي اک ۾، ڏاڍو ڏئـــي ڏُک.

(٣٥)

چلتي چڪي ديک ڪي، ديا ڪبيرا روءِ،
دو پاٽن ڪي بيچ ۾، ثابت رهيا نہ ڪوءِ(٣٥).

چڪيءَ جي ٻن پڙن ۾ پيسجڻ جو ذڪر ڪندي ڪبير خود جواب ڏي ٿو:

(٣٦)

چاڪي چاڪي سب ڪرين، ماني ڪهي نہ ڪوءِ،
ماني سي جو لگ رها، بال نہ بيڪا هوءِ(٣٦).

مراد آهي تہ چڪيءَ جي وچ ۾ ڪِليءَ (ماني) جي پرسان جو رهيو سو پيسجڻ کان بچي ويندو.

(٣٧)

ڪبير سنگت ساڌو ڪي، جيون گنڌي ڪا باس،
جو ڪُڇ گنڌي دي نهين، تو ڀي باس ڪي باس.

ڪبير چوي ٿو تہ ساڌ جي سنگت عطر فروش جي سات وانگر آهي، جي ڪجهہ ڏي نٿو تہ بہ خوشبوءِ ملي ٿي.

(٣٨)

سانچي ڪو سانچا ملي، آڌڪ بڙهي سنيهہ،
جوٺي ڪو سانچا ملي، تڙ دي ٽوٽي نيهہ(٣٨).

چوي ٿو تہ سچي کي سچو ملي تہ پيار وڌي ٿو، پر جي ڪوڙي کي سچو مليو تہ نينهن ٽڪا ڏيئي ٽُٽي وڃي.

(٣٩)

سنگت هي گُن اوپجي، سنگت هي گُن جاءِ،
بانس ڦانس اور ميصري، ايک هي بها بڪاءِ(٣٩).

تلسي داس ٿو چوي تہ سنگت وڏي شيءِ آهي، اِهو وڏو گڻ آهي. نہ تہ ڪاٺ ڪچرو ۽ مصري هڪ ئي اگهہ وڪامندو.

(٤٠)

تلسي جو تم ڪهت تي، سنگت هي گُن هوءِ،
مانجهہ اوڪاري رمسرا، رس ڪاهي نهين هوءِ(٤٠).

تلسي ٿو چوي تہ هي جو تون چئين ٿو تہ سنگت ئي وڏو گُڻ آهي تہ پوءِ اهو بہ ٻڌاءِ تہ ڪمند جي ٻنيءِ ۾ اُپرندڙ نرڪل ۾ رس ڇو ڪونهي؟ ان جو جواب خود تلسي ڏئي ڏي ٿو:

(۴۱)

تلسي سانچي سُجن کو، ڪا ڪر سَڪي ڪُسنگ!
مليا بِش لاڳي نهين، لپٽي رهي ڀوجنگ(۴۱).

اي تلسي! هڪ سچي ماڻهوءَ کي خراب سنگت ڇا ڪندي! جو صندل کي زهر ڪونہ لڳندو، ڪٿي اُن کي نانگ چنبڙيو رهي.

(۴۲)

مين ڪاٺ جل ڏوٺي، ڪاني آڏڪ پياس،
"رحمن" پيت سراهيي، موئي ميت ڪي آس(۴۲).

هي دوهو عبدالرحيم خان خانان جو آهي. مڇي جي پاڻيءَ سان پيار جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ: مڇي (مين) جڏهن ڪپجي ٿي تہ وري پاڻيءَ ۾ ئي ڌوپجي ٿي. وري مڇي ڪاٺڻ سان اُڃ لڳي ٿي ۽ پاڻي پيئڻو پوي ٿو. ائين جهڙو پاڻي اجان بہ مڇيءَ ڏانهن ويو، اِتي شاعر مڇيءَ کي پاڻيءَ جو مرده دوست ٿو سڏي.

(۴۳)

بيچون ڪوٺي دام سون، مِتي جيو ڪي هان،
بلهاري سونا ڪيجئي، جا سون ٽوٽي ڪان(۴۳).

شاعر چوي ٿو تہ جنهن شيءِ جي ڪري دل کي تڪليف رسي، اُن کي ٿوري اگهہ ۾ وڪڻي ڇڏجي. اُهو سون ئي گهوريو جنهن سان ڪن ڇڃن. هيءَ سنڌي چوڻي بہ آهي. اردو ۽ هنديءَ ۾ بہ اهڙي چوڻي آهي: ڦٽ پڙي وه سونا جس سي ٽوٽي ڪان.

(۴۴)

رحمن ڌاڳا پريم ڪا، جن توڙو جهٽڪائي،
ٽوٽي سين ڦِر نہ جوڙي، جوڙي ڳانٺ پڙجائي(۴۴).

رحمن چوي ٿو تہ محبت جو رشتو جهٽڪو ڏيئي نہ ٽوڙ. جي جڙي ويو تہ بہ ڳنڍ بيهي رهندي. اهو مفهوم شاهہ عبداللطيف هيئن ظاهر ڪيو آهي:

چنن توءِ مر چِن، پاءِ اُميري اُن سين.

(۴۵)

تلسي يہ سنسار ۾، رهيي سيي ملاءِ،
ملين سينگهہ ماري نهين، انمل ماري گاءِ(۴۵).

تلسيداس اتحاد جي ڳالهہ ڪري ٿو. ڇي ملي جُلي رهجي تہ فائدو آهي. اتحاد جي صورت ۾ شينهن بہ حملو ڪري نہ سگهندو. نفاق ۾ ڳئون بہ ماري ويندي.

هيٺيان دوها بہ فن ۽ فڪر جي لحاظ کان نهايت اعليٰ ۽ وڻندڙ آهن.

دادو دنيـــا بـانـوري، پـٿــر پـوجـن جــائــي،
گهر ڪي چڪي ڪوئي نہ پوجي، جسڪا پيسا کائي.

ريـن بـن جـگ دُکـي، ســو دکـي چـنـدر بـن ريـن،
تم بـن بـالـم هـم دُکـي، ســو دکـي درس بـن نـين.

—

جو مين جانتي بچڙت هين سيان، گهونگهٽا ۾ آگ لگاديتي،
مـوهي بره اگن ۾ ڦونـڪ ديو، جي ڪـول ڪـي اپـنا دکـا ديـتي.

هندي دوهن بابت ٻين ڪتابن مان هيٺين جو فقط ڏس پتو ئي ملي ٿو، پر دستياب نہ ٿيا، جيئن اُنهن مان دوهن جو انتخاب ۽ شاعرن جو احوال هن مقالي ۾ آڻجي ها:

١- ڪوتا ڪومدي
٢- هندي ادب جي تاريخ (انگريزي) از ايف.اي.ڪي.
٣- ڪبير جنم ساکي

بهرحال، جيڪو حال حبيبان سو پيش پريان.

## حوالا


١- ڪتابڙو ميران بائي، ١٩٠٠ع ص ص ١٦-١٧.
٢- ڏسو راقم جو مقالو: "سنڌ ۾ هندي شاعري" سهڻيءَ جو "موٽندڙ ڇوليون"، جولاءِ ١٩٦٩ع ص ٧٥ ۽ مشتاق علي جعفريءَ جو ڪتاب 'سنده ڪي جديد اردو شعراء' ظهير سنز حيدرآباد سنڌ ١٩٦١ع، ص ١٨.
٣- منتخبات هندي ڪلام از ڊاڪٽر جعفر حسن، حيدرآباد بوڪ ڊيپو حيدرآباد دکن، ص ١٦٠.
٤- ايضاً، ص ١٥٨.
٥- ايضاً، ص ١٦٥.
٦- ايضاً، ص ١٨١.
٧- ايضاً، ص ١٧٣.

٨- ايضاً، ص ص ١٦٨-١٨٤.
٩- ايضاً، ص ص ١٨٧، ١٨٩ ۽ ١٩١.
١٠- قاسمي، مولانا غلام مصطفيٰ. شاهه جو رسالو، (سُر بيراڳ هندي) بشير احمد سنز ڪراچي، ١٩٥١ع، ص ٤٠٩.
١١- بيراڳ، ص ٤١٢.
١٢- بيراڳ، ص ٤٠٤، هن دوهي جي پڙهڻي مون قوالن کان هيئن ٻڌي آهي. جا صحيح ۽ اصل ٿي لڳي.

پک نهين پاور نهين، پهنچ نهين پــي دور،
اُڙ نہ سڪون سکيان ري، روون بسور بسور.

بيراڳ ۾ اڪثر دوهن تي سنڌيءَ جو اثر ملي ٿو. مثال طور:

پر هوون نہ اُڏر ملان، مجهہ نت نت ماري پيڙ،
جٺن جٺن ســاجن سنڀران، تٺن تٺن لاڳن تير. (ص ٤٠٤).

١٣- منتخبات، ص ١٨٣.
١٤- ايضاً، ص ١٣١.
١٥- ايضاً، ص ٧٨.
١٦- بيراڳ، ص ٤١١.
١٧- هي دوهو عام آهي ۽ گهڻو ٻُڌل آهي، پر ڪنهن ماخذ ۾ نظر نہ آيو آهي.
١٨- منتخبات، ص ٦٩.
١٩- ايضاً، ص ٦٩.
٢٠- ايضاً، ص ٣٨.
٢١- ايضاً، ص ١٤.
٢٢- ايضاً، ص ٥٥.
٢٣- ايضاً، ص ٥٥.
٢٤- ايضاً، ص ٧٣.
٢٥- ايضاً، ص ١٤٢.
٢٦- بيراڳ، ص ٤٠٨.
٢٧- منتخبات، ص ٩٥. ٿي سگهي ٿو تہ گرونانڪ جو دوهو هجي.
٢٨- ايضاً، ص ٩٦.

۲۹- ايضاً، ص ۹۷.
۳۰- ايضاً، ص ۹۸.
۳۱- ايضاً، ص ۱۳۳.
۳۲- ايضاً، ص ۱۳٦.
۳۳- عام طور ڪبير ڪي پگت ۽ داس سڏيو ٿو وڃي، پر ڪن حلقن ۾ هن کي مسلمان ڄاتو ويو آهي. سنڌ هي دوهو مسلمانن جي عقيدي موجب آهي.
۳۴- ايضاً، ص ۱۴۱.
۳۵- ايضاً، ص ۱۹۷.
۳٦- ايضاً، ص ۱۹۸.
۳۷- ايضاً، ص ۲۱۵.
۳۸- ايضاً، ص ۱۰۸.
۳۹- ايضاً، ص ۱۱۷.
۴۰- ايضاً، ص ۱۲۰.
۴۱- ايضاً، ص ۱۲۱.
۴۲- ايضاً، ص ٦۰.
۴۳- ايضاً، ص ۸۱.
۴۴- ايضاً، ص ۸۳.
۴۵- ايضاً، ص ۹۳.



غلام محمد لاکو

# سنڌ ۽ قلات لاڳاپن جو هڪ دستاويزي مطالعو
## (ميان غلام شاهہ ۽ ميان سرفراز جو دور)

سترهين صديءَ جي خاتمي ڌاري مغل شهنشاهت جي زوال جا آثار نمايان ٿيڻ لڳا. ان دور ۾ سنڌ اندر ڪلهوڙن جو مقامي قبيلو نهايت ڪاميابيءَ سان اقتدار ۾ اچڻ جي سنبت ڪري رهيو هو. ساڳئي زماني ۾ سنڌ جي اولهہ ۾ قلات (بلوچستان) جا بروهي پڻ پنهنجي خانداني اقتدار کي اڳتي وڌائي رهيا هئا. ورنڊڙ صدي يعني تہ ارڙهين صديءَ ۾، سنڌ ۾ ڪلهوڙا ۽ قلات ۾ بروهي برسر اقتدار رهيا. بدقسمتيءَ سان ٻنهي پاڙيسري رياستن ۾، شروع کان وٺي لاڳاپن ۾ خوشگوار ۽ مثبت صورتحال قائم نہ ٿي سگهي، ليڪن ارڙهين صديءَ جي آخري اڌ ۾، حالتن ۾ تبديلي آئي ۽ روايتي دشمني ختم ڪري دوستيءَ طرف وک وڌائي وئي. هن مقالي ۾ ڪي قدر تفصيل سان، اسين سنڌ ۽ قلات جي خوشگوار لاڳاپن جو اڀياس ڪنداسين، جي ارڙهين صديءَ جي آخري اڌ ۾ استوار ٿيا.

### سنڌ ۽ قلات لاڳاپن جو تاريخي پس منظر:

مير احمد خان اول قلات جو پهريون احمدزئي حڪمران آهي. هن جو دور ١٦٦٦ع ۾ شروع ٿيو ۽ ١٦٩٥ع ۾ ختم ٿيو. ان کان پوءِ مير محراب خان طاقت ۾ آيو(١). ميان نصيرمحمد ڪلهوڙن جو پهريون مقامي حاڪم آهي. هن ١٦٨١ع ڌاري ڪاڇي جي علائقي ۾ پنهنجي حڪمراني قائم ڪئي. سندس وفات ١٦٩٢ع ۾ ٿي. بعد ۾ ميان دين محمد اقتدار جي مسند سنڀالي. هن پنهنجي اقتدار ۽ اختيار کي توسيع ڏني(٢). ميان دين محمد جي دور ۾ڪلهوڙا مخالف قوتن ۾ بروهي پڻ شمار ٿين ٿا. قنبر خان بروهي لشڪرڪشي ڪري سنڌ ۾ آيو، ليڪن ڪلهوڙن جي هڪ امير 'ميرڻ' سان صلح ڪري موٽي ويو(٣). قنبر خان بروهي، قلات جي حاڪم امير احمد خان جو پٽ هو(٤). ميان دين محمد ۽ شهزادي معزالدين جي وچ ۾ ٿيل معرڪن وقت، ميان يارمحمد پنهنجي خاندان سان، جابلو لڪَ ٽپي قلات جي حدن ۾ داخل ٿيو. ان وقت ڪلهوڙن سان معرڪو ڪندي، قلات جو حاڪم محراب خان مارجي ويو(٥). هن واقعي سبب ڪلهوڙن ۽ بروهين جي لاڳاپن ۾ سخت ڇڪتاڻ پيدا ٿي. ڪلهوڙا ان وقت ڪمزور ۽ بيوس هئا. قلات جي حدن ۾ ڪجهہ وقت رهڻ بعد ميان يارمحمد وطن موٽي آيو، ليڪن سندس اولاد ۽ عزيزن کي قلات جي حاڪمن يرغمال طور پاڻ وٽ رکيو. بعد ۾ جڏهن يارمحمد مقامي طور تي مضبوط حاڪم ٿي اُڀريو ۽ مغلن سان لاڳاپن کي درست ڪري ورتائين، تڏهن شاهي مدد سان هن جا ٻار ٻچا آزاد ٿيا. نہ رڳو ايترو پر بروهين جي خواهش جي

برعڪس سبي پرڳڻو بہ ڪلهوڙن کي ڏنو ويو(٦). مير محراب خان جي قتل کان پوءِ، مير سمندر خان قلات جو والي بنيو. سندس دور ۾ بہ ميان يارمحمد سان لاڳاپن ۾ ڪشيدگي رهندي آئي. سمندر خان ١٧١٤ع ۾ فوت ٿيو. ميان يارمحمد پنج سال پوءِ هي جهان ڇڏيو.

سن ١٧١٩ع ۾ سنڌ ۾ ميان نورمحمد نئون حڪمران بنيو. ان وقت قلات ۾ مير عبدالله خان جي سربلندي قائم هئي. ٻنهي حڪمرانن ۾ ڇڪتاڻ وڌندي رهي. ان جو بنيادي سبب سبي، گنجابو ۽ ڪڇيءَ وارو علائقو هو، جن تي ڪلهوڙن جي حڪمراني قائم هئي(٧). عبدالله خان، قلات جو نامور حڪمران ٿي گذريو آهي. کيس "ڪوهستان جو شهباز" سڏيو ويندو هو. هن اوڙي پاڙي جي ناظمن کي دٻائي قبضي ۾ آندو. هن جو ارادو ٿيو تہ ڪلهوڙن کي مطيع ڪجي، ۽ انهن کان سبي، گنجابو ۽ ڪڇي وارو پرڳڻو هٿ ڪجي. ان پس منظر ۾ ڇڪتاڻ وڌندي وئي. ميان جي لشڪر ۽ عبدالله خان ۾ پهريون معرڪو سن ١٧٣١ع (١١٤٣هہ) ۾ ٿيو. بروهين شڪست کاڌي. ١٧٣٢ع (١١٤٤هہ) ۾ ٻيو دنگل ٿيو. عبدالله خان لشڪر سان فريدآباد جي ڪاڇي جي علائقي ۾ ظاهر ٿيو. ميان نور محمد پنهنجو سپاہ سندس مقابلي لاءِ موڪليو ۽ پاڻ اچي لاڙڪاڻي ۾ ٽِڪيو. جذٻهر جي جنگ ۾ عبدالله خان مارجي ويو. آئنده لاءِ بروهين جو زور ٽٽي پيو(٨). صلح جي شرطن موجب مير مراد علي خان (عبدالله خان جو سوٽ) جي نياڻي، مرادياب خان جي نڪاح ۾ آئي، جڏهن تہ مير عبدالله خان جي ڏيءَ سان، صاحبزادي خداداد خان شادي ڪئي(٩). هن سوپ تي دهلي دربار ميان نور محمد کي "ثابت جنگ" جو لقب، پنج هزاري منصب، خلعت ۽ نوبت سان نوازيو(١٠). بروهين لاءِ هي وڏو نقصان ۽ صدمو هو. عبدالله خان کان پوءِ هن جو پٽ محبت خان قلات جو والي ٿيو.

ميان نور محمد کي ١٧٣٧ع (١١٥٠هہ) ۾ ٺٽو صوبو پڻ مليو، ان طرح ميان صاحب سنڌو ماٿر جي هڪ وڏي سياسي توڙي فوجي قوت ٿي اُڀريو. ليڪن ٻہ سال پوءِ نادر شاهہ جو ظهور ٿيو. دهلي سلطنت جي بربادي کان پوءِ نادر سنڌ پهتو. نادر شاهہ واپس وڃڻ وقت سنڌ ملڪ جو ورهاڱو ڪيو. سيوي پناٿن، شڪارپور دائودپوٽن ۽ باقي رهيل ملڪ ڪلهوڙن کي مليو(١١). غلام رسول مهر جو رايو آهي تہ عبدالله خان جي قتل جي عيوض، نادر شاهہ سبي ۽ ڪاڇو (ڪڇي)، ڪلهوڙن کان کسي مير محبت خان جي حوالي ڪيا(١٢). مير احمد يار خان، ڪلهوڙن کان خون بها ۾ "ڪڇي" ملڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو(١٣). عبدالعزيز لوٽي موجب ڪڇي- گنڏاواہ بروهين کي مليا، جڏهن تہ سبي اڳ ۾ ئي قنڌار جو حصو بنجي چڪي هئي(١٤). اسان جي خيال ۾ سبي ان وقت بہ سنڌ جو حصو هئي، جا نادر شاهہ ڪلهوڙن کان کسي هئي. ميان نور محمد کي علائقن جي کسجڻ جو آخر تائين صدمو رهيو. پاڻ پنهنجي تحريري وصيتنامي ۾ بہ پٽن کي "سبي" کي نہ وسارڻ جو تاڪيد ڪندي

ڏسجي ٿو(١٥). مير محبت خان ١٧٤٩ع ۾ فوت ٿيو، تڏهن مير نصير خان اول حڪمران بڻيو. ميان نور محمد ١٧٥٣ع ۾ جهان ڇڏيو. ميان محمد مراد ياب جي دور ۾ سنڌ ۽ قلات لاڳاپا حسب سابق رهيا.

## ميان غلام شاهه جو دور:

اميرن ١٧٥٧ع (١١٧٠هه) ۾ مراد ياب خان کي معزول ڪري، ميان غلام شاهه کي سنڌ جو حاڪم بڻايو. ان بعد ملڪ ۾ گهرو لڙائي شروع ٿي ويئي. آخرڪار ميان غلام شاهه مخالفن تي حاوي ٿي سڄي سنڌ جو حڪمران بڻجي ويو. خانبهادر خداداد خان سنڌ جي حاڪم ميان غلام شاهه جي سوڀ جي حوالي سان لکيو آهي ته: هن جي حڪومت هر ايندڙ ڏينهن تي مستحڪم ٿيندي وئي، جو نيٺ سندس پاڻ ۽ ڀيون قومون، جن شرارت تي سندرو ٻڌو، بلڪل ڪمزور ٿي ويون ۽ آڻ مڃي، سندس فرمانبردار بڻجي پيون. ڪڇ جي راءِ کان بست ۽ لکپت بندر، بهاولپور جي نواب کان اُچ ۽ سبزل ڪوٽ ۽ قلات جي خان کان ٻه ڪي علائقا وٺي سرخرو ٿيو(١٦). ميان جي هن سوڀ جي ڪري، قنڌار جي بادشاهه پاران "هزبر جنگ شاهه وردي خان" ۽ "صمصام الدوله" جا لقب عطا ٿيا. ان کان علاوه ميان صاحب کي ديره اسماعيل خان ۽ ديره غازي خان جو انتظام پڻ حوالي ڪيو ويو.

هن دور ۾ قلات جو حاڪم مير نصير خان اول هو، جنهن جي تاريخن ۾ وڏي نيڪي ٿي آهي. جنهن وقت سنڌ ۾ گهرو ويڙهه هئي، ان وقت ميان غلام شاهه کي نصير خان جي مدد حاصل رهي(١٧). غلام شاهه جڏهن مضبوط حڪمران ٿي اُڀريو، ان وقت مير نصير خان، سنڌ جي حاڪم سان دوستي ۽ صلح جو معاهدو ڪيو. ان طرح سنڌ ۽ قلات ۾ ڏکي ڪشمڪش جو خاتمو ٿيو ۽ هن معاهدي جي ذريعي ٻنهي پاڙيسري رياستن ۾ تعلقات بهتر رخ ۾ هلڻ شروع ٿيا(١٨).

"قومي عجائب گهر" ڪراچيءَ ۾ ياقوت الموصليءَ جو ڪتابت ٿيل قرآن مجيد جو هڪ نسخو موجود آهي. هي نسخو پنهنجي لکت، جلد بندي ۽ صحت جي اعتبار کان نهايت ئي اعليٰ درجي ۾ شمار ٿئي ٿو. هن نسخي جي مهڙ ۾ قلات جي خان پاران، ڪلهوڙن سان ڪيل صلح جا ٻه عهدناما موجود آهن(١٩). تاريخي طور نه رڳو ڪلهوڙن ۽ قلات جي حوالي سان، پر مجموعي طرح سان سنڌ جي تاريخ ۾ به هنن عهدنامن جي وڏي اهميت آهي. خان قلات پاران پهريون عهدنامو ٠٤ صفر المظفر ١١٨٦هه (٧ مئي ١٧٧٢ع) تي ڪيو ويو. ان وقت سنڌ جو حاڪم ميان غلام شاهه هو، جنهن ٿي مهينا پوءِ ٢ جمادي الاول ١١٨٦هه (١، آگسٽ ١٧٧٢ع) تي وفات ڪئي. عهدنامي جو متن هن طرح آهي:

غرض از تحرير اين کلمات باهر البينات و تسطير اين نمغات واضح الدلالات آنست ڪه چون.... اسلاف کرام و اجداد عظام اين بنده درگاه آله و عالي جاه رفيعي پگاه حشمت و شوکت دستگاه اميرالامراء

العظام.... الكبراء الفجام اخوی مکانی میان شاه ویردی خان عباسی همیشہ اوقات روابط و دوستی و اتحاد منوط و مربوط و درروز بد معاون یک دیگر بوده اند و درین چند.... کجروی فلک دوّار و نیرنگی زمانہ ناهنجار بے موجب و غیث از جانبین نفار و سوء مزاج بهم رسیده از آنجا کہ دنیا را اعتباری و عمر ها را بقائی نیست بنابرین برما لازم است کہ بدستور پدران سلف بنای روابط دوستی را فیما بین محکم نمایم بناء علیہ بنده درگاه برخود لازم و متحتم نمودم و همین کلام مجید ربانی را با مؤکلین آن شاهد مدعا گرفتہ با خدای تعالیٰ جل شانہ و رسول خدا علیہ افضل الصلواة و اکمل التحیات عهد کردم کہ بہ مضمون آیہ وافی هدایہ "یا ایهاالذین آمنو اوفو بالعقود" بر عهد خود استوار و مادام الحیات باعالی جاه معلی جایگاه میان شاه ویردی خان عباسی ظاهراً و باطناً دوست ویکرنگ بوده دوست یکدیگر را دوست و دشمن یکدیگر را دشمن دانستہ بقدر سرموی ازین عهد میثاق تجاوز ننمائیم و مادام کہ بہ مصداق "فیها نقضهم میثاقهم" از جانب عالی جاه شاه ویردی خان معظم الیہ در عهد و میثاق تفاوتی بعمل نیاید بفضل الهیٰ از طرف بنده ءدرگاه تفاوتی نخواهد شد. امید بفضل خدای تعالیٰ عز اسمہ چنان است کہ این طرح دوستی و اتحاد و برادری نسلاً بعد نسل تاهفت پشت برقرار بماند و هم این عهد درمیان است کہ هرگاه خدانخواستہ دشمنی بطرف عالیجاه شاه ویردی خان اراده فتنہ نماید و کجرو اعلام و اظهار عالی جاه معظم الیہ بندهء درگاه بلا تامل باجمعیت کامل بامداد پردازم و هرگاه با بندهء درگاه دشمنی اراده شورش و فساد نماید بمجرد اعلام بنده درگاه عالی جاه شاه ویردی خان باستعداد تمام بمعاونت بیاید ومی باید عالی جاه مشارالیہ بہ تمثال "فلاتنقضوا الایمان" بعد توکیدها مادام الحیات با بنده درگاه موافق همیں. عهود یکدل و یکجہتہ باشد و این شروط و عهود از جانبین موافق آیہ شریفہ "الذین یوفون بعهدالله و تنقضون المیثاق" نسلاً بعد نسل و بطناً بعد بطن برقرار و مستحکم بوده باشد و هرگاه هریک از بنده درگاه و عالی جاه معظم الیہ بقدر سرموی تفاوت بکنیم بہ نفرین خدا و رسول خدا گرفتار و در صحرائی محشر در نزد خدا و جناب پیغمبر علیہ الصلواة شرمسار باشد و همین کلام مجید خصم او و اولاد او باشد. امید بفضل خدای تعالیٰ است کہ این عهد دوستی و عهد و میثاق تا انقراض عالم نسل بعد نسلاً از جانبین مستحکم و برقرار باشد این دوسہ کلمہ بنا بر عهد نامچہ قلمی شد فی التاریخ چهارم صفر المظفر ١١٨٦هہ (بیضوی مهر) ▼

ترجمو: هي چٽيون ڳالهيون ۽ ظاهر دليل لکڻ جو مقصد هي آهي تہ جيئن تہ هن درگاهہ جي بندي جي ابن ڏاڏن ۽ عالي جاه بلند درجات، حشمت و شوڪت دستگاه، اميرالامراء العظام الکبريٰ الفجام اخوي مکاني، ميان شاهہ ويردي خان عباسيءَ جي وچ ۾ هميشہ دوستي ۽ اتحاد جا رابطا

---

▼مير نصير خان جي بيضوي شڪل جي مهر عهدنامي جي آخر ۾ لڳل آهي. هن مهر ۾ سنڌس نالو ۽ مهر جي ٺهڻ جو سال ١١٧٥هہ نمايان آهي. مهر جو متن هن طرح آهي:

حسبنا الله نعم الوکيل

و نعم المولیٰ و نعم النصير ١١٧٥هہ

(ڊاڪٽر شاه محمد مري: "بلوچ قوم- قديم عهد سے عصر حاضر تک" ص ١٣٥، تخليقات لاهور، ٢٠٠٠ع).

قائم رهيا آهن ۽ برن ڏينهن ۾ بہ اهي هڪ ٻئي جا مددگار رهندا هئا. جيئن تہ تبديل ٿيندڙ دور جي منافقي ۽ بي وفا زماني جو اعتبار ڪونهي ۽ عمر ڪي جٿاءِ ڪونهي. ان ڪري اسان تي لازم آهي تہ اسين پنهنجن ابن ڏاڏن جي دستور موجب، پاڻ ۾ دوستيءَ جا رابطا مضبوط بنايون. ان طرح هن درگاهہ جو بندو پاڻ تي هي لازم سمجهي ٿو، ۽ هن ڪلام مجيد کي ٻنهي ڌرين ۾ شاهد بنائي الله تعاليٰ ۽ رسول خدا عليه افضل الصلواة و اڪمل التحيات سان عهد ڪجي ٿو تہ، هن وڏيڪ هدايت واري آية سڳوريءَ موجب "يا ايهاالذين آمنوا اوفو بالعقود" پنهنجي واعدي تي قائم رهندس ۽ سڄي زندگي عالي جاه معليٰ جايگاه ميان شاه ويردي خان عباسيءَ سان، ظاهري ۽ باطني طور تي دوست ۽ هڪ ڳالهہ رهندس. هڪ ٻئي جي دوست کي دوست ۽ هڪ ٻئي جي دشمن کي دشمن سمجهنداسين ۽ هن واعدي ۾ وار جيتري بہ وٿي پوڻ نہ ڏينداسين. ۽ هميشہ "فيما نقصهم ميثاقهم" موجب عالي جاه شاه ويردي خان معظم اليه جي طرف کان بہ هن عهد ۽ ميثاق جي خلاف ورزي نہ ٿيندي، ۽ نہ وري هن درگاهہ جي بندي پاران خلاف ورزي ٿيندي. اميد آهي تہ خدا تعاليٰ جي مهربانيءَ سان دوستي، ياڻپي ۽ اتحاد جو هي بنياد هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين، ستن پيڙهين تائين ائين ئي قائم رهندو. ۽ هي واعدو وچ ۾ آهي تہ خدا نہ ڪري، جيڪڏهن ڪو دشمن عالي جاه شاه ويردي خان جي طرف فتني جي ارادي سان آيو ۽ فساد جو اعلان يا اظهار ڪندو تہ عالي جاه جي درگاه جو هي بندو، ڪنهن بہ دير کان سواءِ پوري لشڪر سان مدد لاءِ پهچندو. ۽ جيڪڏهن ڪو هن درگاه جي بندي سان دشمني يا شورش جو ارادو ڪندو ۽ فساد پيدا ڪندو تہ صرف اطلاع ملڻ سان عالي جاه شاه ويردي خان، پنهنجي پوري طاقت سان مدد لاءِ ايندو. ۽ ائين ٿئي جو عالي جاه "فلاتنقضوا الايمان" موجب سڄي حياتي هن درگاهہ جي بندي سان هن عهد تي هڪ دل ۽ هڪ طرف رهي. هي شرط ۽ واعده ٻنهي طرفن کان آية شريف "الذين يوفون بعهد الله و تنقضون الميثاق" موجب هڪ نسل کان ٻئي نسل ۽ هڪ پيڙهيءَ کان ٻي پيڙهيءَ تائين برقرار ۽ مستحڪم رهندا ۽ جيڪڏهن ٻنهي ڌرين مان يعني هن درگاه جي بندي يا معظم عالي جاه مان، ڪوبہ هڪ وار جيترو بہ هن عهدنامي ۾ فرق ڪندو تہ خدا ۽ رسول خدا جي نفرت ۾ گرفتار ٿيندو ۽ حشر جي ڏينهن خدا ۽ پيغمبر عليه الصلواة جي سامهون شرمسار ٿيندو. هي قرآن مجيد ان جي لاءِ ۽ سندس اولاد جي لاءِ ڪاوڙ جو باعث ٿيندو. الله تعاليٰ جي فضل سان اميد آهي تہ دوستيءَ جو هي عهد ۽ ميثاق هن دنيا جي خاتمي تائين هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين، ٻنهي طرف مستحڪم ۽ برقرار رهندو. هي بہ ٽي لفظ عهدنامي طور لکيا ويا. تاريخ چوٿين صفرالمظفر ١١٨٦هہ].

## ميان سرفراز جو دور:

سنڌ جي حاڪم ميان غلام شاهہ ٢-جمادي الاول ١١٨٦هہ (١-آگسٽ ١٧٧٢ع) تي وفات ڪئي، بعد ۾ هن جو وڏو پٽ ميان سرفراز سنڌ جو حاڪم بڻيو. اڌائي مهينا پوءِ ٢٠ رجب المرجب

١١٨٦هه (١٧ آڪٽوبر ١٧٧٢ع) تي افغانستان جي بادشاهه احمد شاهه ابدالي به هي فاني جهان ڇڏيو. قنڌار ۾ اقتدار جي جنگ شروع ٿي، ليڪن تمام جلد حالتن تي ضابطه ڪري، تيمور نئون افغان بادشاهه بنجي ويو. ميان سرفراز جي سفارتڪاري، سنڌ ۽ افغانستان جي لاڳاپن کي اڳ وانگر (غلام شاهه جي دور جيان) معمول تي رکڻ ۾ ڪامياب ٿي. ميان سرفراز کي "خدايار خاني" لقب ملڻ سان گڏ، ديري غازي خان جي حڪومت پڻ ملي. ان کان پوءِ سنڌ جي حاڪم ڪڇ تي ڪامياب حملا ڪري سوڀون ماڻيون(٢٠). قلات جي والي نصير خان سنڌ جي نئين حاڪم کي تسليم ڪندي دوستي توڙي صلح جو هٿ وڌايو. محمد نصير خان ٦ محرم ١١٨٧هه (٣٠ مارچ ١٧٧٣ع) تي ميان سرفراز سان صلح ۽ تعاون جو نئون پيمان ڪيو. قلات جي پاران هڪ سال کان به گهڻ عرصي اندر سنڌ ملڪ سان دوستي ۽ صلح جو هي ٻيو عهدنامو ڪيو ويو هو. معاهدي جو متن هن طرح آهي:

باعث تحریر این کلمات باهرالبینات آنست، که درزمان حیات عالی جاه مرحمت و غفران رضوان آرام گاه میان شاه ویردی خان عباسی فیمابین بنده درگاه آله و غفران پناه موصوف بنای صفای دلها بدین قرار انجام پذیر گردیده بود که مادام الحیات ظاهراً و باطناً نسلٌ بعد نسل بطنٌ بعد بطن دوست یکدیگر را دوست و دشمن یکدیگر را دشمن دانسته. در روز بد معاونِ یکدیگر باشیم و بقدر سرموئی تجاوز ننمائیم چنانچه برظهر ورق اول مصحف مجید و فرقان حمید این معنیٰ اندراج یافته. درین ولا که فیمابین بندهٔ درگاه اله و عالی جاه رفیعی پگاه حشمت و شوکت دستگاه امیرالامراء العظام ابن الکبراءُ الفجام یگانگی توامان اخوی مکان خدایار خان عباسی رابطه یک جهتی و یک وجودی وقوع یافته، همان عهد و میثاق که از روئی تحریر برورق ظهر مصحف مجید استحکام گرفته همان کلام ربانی بامؤکلین آن شاهد مدعا گرفته مستحکم کرده شد. انشاء الله تعالیٰ. مادام الاوقات که از جانب عالی جاه امیرالامراء العظام این رابطه یگانگی و اتفاق و این واسطه دوستی و وفاق که دوست یکدیگر را دوست و دشمن یکدیگر را دشمن و مابین طرح یکرنگی و یک وجودی و در روز بد معاون یکدیگر باشند، سرموئی تفاوت نکرده بمصداق آیه کریمه "فیما نقضهم میثاقهم" بر عهود مؤکده و مواثقه استقامت و رزیم. کفیٰ بالله شهیدا. این حروف بنا بر عهد نامچه قلمی شد بتاریخ ششم شهر محرم الحرام ١١٨٧هه. (بیضوی مهر)•

[ترجمو: هنن ڳالهين جي اظهار جو سبب هي آهي ته عالي جاه مرحمت و مغفرت پناه بهشت ۾ آرام ڪندڙ، ميان شاه ويردي خان عباسيءَ جي زماني ۾ (حياتيءَ ۾)، ان سان هن درگاهه جي ناچيز بندي جو هي عهدنامو طئه ٿيو هو ته، پوري زندگي اسين ظاهري ۽ باطني طور تي نسل در نسل ۽ پيڙهي به پيڙهي، هڪ ٻئي جي دوست کي دوست ۽ هڪ ٻئي جي دشمن کي دشمن سمجهنداسين ۽ خراب ڏينهن ۾ هڪ ٻئي جا مددگار ٿينداسين ۽ وار جيترو به فرق نه ڪنداسين. چنانچه قرآن حڪيم

• عهدنامي جي آخر ۾ مير نصير خان جي مهر لڳل آهي. مهر جي باري ۾ تفصيل ڊاڪٽر شاه محمد مريءَ ڏنو آهي (بلوچ قوم- قديم عهد سے عصر حاضر تک، ص ١٣٥).

جي پهرئين ورق تي هي عهدنامو تحرير ڪيو ويو. هن دور ۾ هن درگاهہ جي بندي ۽ عالي جاه بلند مرتبت، صاحب حشمت و شوڪت، اميرالامراء خدايار خان عباسيءَ جي وچ ۾، ٻڌي ۽ اتحاد جو عهدنامو ٿيو آهي. ساڳيو ئي عهد ۽ انجام جو قرآن حڪيم جي پهرئين ورق تي تحرير ٿيو، ان کي مستحڪم ڪيو آهي. ساڳيو ڪلام رباني ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ شاهد بنائي مضبوط (عهدنامو) ڪيو آهي. انشاءَ الله تعاليٰ هميشہ اميرالامراء جي طرف کان هي يگانگيءَ جو رابطو ۽ اتفاق توڙي هي دوستي ۽ وفاق، تہ هڪ ٻئي جي دوست کي دوست ۽ دشمن کي دشمن سمجهيو ويندو. ۽ پاڻ ۾ هڪ هجڻ توڙي اتفاق جا بنياد پختا ڪنداسين ۽ ٻُرن ڏينهن ۾ هڪ ٻئي جا مددگار ٿينداسين. وار جيترو فرق بہ نہ ٿيندو. قرآن ڪريم جي هن آية مبارڪ موجب "فيما نقضهم ميثاقهم" پنهنجي واعدي تي پوري طرح قائم رهنداسين ۽ استقامت رکنداسين. الله تعاليٰ جي شاهدي ڪافي آهي. هي ڪجهہ اکر عهدنامي جي طور تي لکيا ويا آهن. تاريخ ڇهين محرم الحرام ۱۱۸۷هہ].

## عهدنامن جو تجزيو ۽ نتيجو:

ميان غلام شاهہ ۽ ميان سرفراز جي دور ۾، خان قلات پاران ٽيل عهدناما مٿي اچي چڪا آهن. هاڻي اسين انهن جو تجزيو ڪندي، نتيجن تي غور ڪنداسين. اسان هن مقالي جي مُهڙ ۾ سنڌ جي ڪلهوڙا حڪمرانن ۽ قلات جي بروهي والين جي لاڳاپن جو سرسري ذڪر ڪيو آهي. ٻنهي پاڙيسري رياستن ۾ تعلقات جو هڪ دور سن ۱۷۴۰ع (۱۱۵۲هہ) ۾ ان وقت پورو ٿيو، جڏهن نادر شاهہ سنڌ ۾ آيو ۽ وطن واپس ويندي کي فيصلا ڪري ويو. جيتوڻيڪ ميان نورمحمد ڪلهوڙو سبي ۽ ڪڇي علائقن جي کسجڻ تي ظاهري طرح خاموش رهيو، ليڪن آخر وقت تائين بہ ان واقعي کي وساري نہ سگهيو. نادر شاهہ کان پوءِ بروهين ۽ ڪلهوڙن ۾ نہ دشمني رهي ۽ نہ دوستاڻا لاڳاپا پيدا ٿي سگهيا. سن ۱۷۴۹ع ۾ محبت خان فوت ٿيو تہ مِير نصير خان قلات جو والي ٿيو. عام طرح تاريخن ۾ نصير خان جي واکاڻ ڪئي وئي آهي. چار سال پوءِ ميان نورمحمد بہ جهان ڇڏيو. ان بعد محمد مراداياب خان سنڌ جو حڪمران بڻيو.

ميان غلام شاهہ سن ۱۷۵۷ع ۾ سنڌ جو حڪمران بڻيو، تڏهن سندس پائرن ۾ اقتدار جي لڙائي شروع ٿي. جيئن مٿي ذڪر ٿيو، قلات جي والي مير نصير خان گهرو ويڙهہ جي زماني ۾ ميان غلام شاهہ جي مدد ڪئي. ان طرح سنڌ ۽ قلات جي لاڳاپن ۾ بِگاڙ جي برف پگهرجڻ شروع ٿي. ميان غلام شاهہ جي حڪمرانيءَ واري پوري عرصي ۾، قلات سان سنا ۽ خوشگوار تعلقات قائم رهيا. نيٺ ۷ مئي ۱۷۷۲ع (۴ صفر المظفر ۱۱۸۶هہ) تي مير نصير خان قرآن مجيد تي، سنڌ جي حاڪم سان دوستي ۽ صلح جو عهدنامو ڪيو. عهدنامي ۾ ميان غلام شاه لاءِ "عالي جاه بلند مڪان شاهہ ويردي خان" جهڙا عمدا لفظ ۽ لقب القاب استعمال ڪيا ويا آهن. خان قلات پاڻ کي

(پنهنجي حڪومت ڪي) جنهن طرح پيش ڪيو آهي، ان ذريعي سنڌي حاڪمن جي بالادستي عيان ٿئي ٿي. ان کان پوءِ وعدو ڪيو ويو آهي تہ ٻئي رياستون هڪ ٻئي جي دشمن کي دشمن ۽ دوست کي دوست سمجهندي، ڪنهن بيروني حملي جي حالت ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪنديون. ابن ڏاڏن جي دوستاڻا تعلقات جو ذڪر ڪندي، ستن پيڙهين تائين درست لاڳاپا قائم رکڻ جو وچن ڪيو ويو آهي. هن عهدنامي کان ٿي مهينا پوءِ ميان غلام شاهہ ١ آگسٽ ١٧٧٢ع (٢ جمادي الاول ١١٨٦هہ) تي وفات ڪئي.

ان کان پوءِ ميان سرفراز سنڌ جو حاڪم ٿيو. مير نصير خان دوستي ۽ صلح جي پيمان کي تازو ڪندي ٣٠ مارچ ١٧٧٣ع (٦ محرم الحرام ١١٨٧هہ) تي ساڳئي ڪلام مجيد تي، سنڌ سان هڪ نئون عهدنامو ڪيو. ميان غلام شاهہ فوت ٿي چڪو هو، ان پس منظر ۾ هن کي "عاليجاهہ مرحمت و غفران رضوان آرام گاهہ ميان شاهہ ويردي خان عباسي" جهڙن موزون اکرن ۽ لقبن القابن سان ياد ڪيو ويو آهي. ميان سرفراز لاءِ "اميرالامراء العظام" جهڙا وڏنڌڙ لقب چوندي، اڳئين عهدنامي جو وِرجاء ڪندي، سنڌ سان صلح ۽ دوستي پڪي ڪرڻ جو واعدو ڪيو ويو. هن ٻئي عهدنامي ۾ ميان سرفراز جو لقب خدايار خان لکيل آهي، جڏهن تہ ميان صاحب جو لقب "خدايار خاني" درست ۽ ثابت آهي(٢١). پهرئين عهدنامي ۾ ابن ڏاڏن جي دور کان وٺي قلات ۽ سنڌ جي سنڌ لاڳاپن جو حوالو، تاريخي پس منظر ۾ ڪابہ وقعت نہ ٿو رکي، ان کي سفارتي زبان کان وڌيڪ اهميت نہ ڏيڻ کپي.

ارڙهين صديءَ جي پهرئين اڌ ۾ سنڌ ۽ قلات ۾ ڪشمڪش جاري رهي. قلات جي خانن، سنڌ جي حاڪمن کي ڊيجارڻ ۽ هيسائڻ لاءِ ڪيئي ڪوشِشون ڪيون، ليڪن ڪين هر ڀيري ناڪامي حاصل ٿي. ذڪر هيٺ دور ۾ ڪلهوڙا بروهي ڇڪتاڻ بابت، عبدالعزيز لوٿي مفصل بحث ڪيو آهي. بروهي حڪمران سياسي، فوجي ۽ سفارتي محاذن تي ڪلهوڙن جي ڀيٽ ۾ ڪمزور هئا. نادر شاهہ جي مدد سان بروهين پنهنجا مقصد حاصل ڪندي، ڪلهوڙا حاڪمن کي ڪمزور ڪرڻ جو جتن ڪيو(٢٢). ان هوندي بہ سيني پاڙيسري رياستن جي ڀيٽ ۾، سنڌي حڪمران وڌيڪ مضبوط ۽ مستحڪم ثابت ٿيا. مير نصير خان پاران ڪيل عهدنامن کي ان پس منظر ۾ پرکڻ کپي. هنن پيمانن کي معاهدي بدران عهدنامو سڏڻ وڌيڪ بهتر ٿيندو، ڇو تہ معاهدا ٻہ طرفا ٿيندا آهن. جڏهن تہ هي عهدناما هڪ طرفہ (خان قلات جي پاران) آهن. عام طرح ميان سرفراز کي ڪمزور ۽ سياسي طرح نابالغ حاڪم سڏيو ويو آهي. مير نصير خان جو ٻيو عهدنامو، ميان سرفراز جي مضبوط حڪمراني ۽ سفارتي ڪامرانيءَ جو هڪ معتبر ثبوت مهيا ڪري ٿو.

هنن عهدنامن جي ڪري اڳتي هلي قلات جي والي مير نصير خان، امن توڙي جنگ جي حالت ۾ ڪلهوڙن جو ساٿ ڏنو. مئي ١٧٧٥ع (ربيع الاول ١١٨٩هہ) ۾ مير بهرام ۽ مير صوبدار قتل ٿيا.

درٻارين ميان سرفراز کي معزول ڪيو، نتيجي ۾ سنڌ اندر گهرو جنگ جو آغاز ٿيو. مير ٻجار ان وقت حج تي ويل هو. مير ٻجار حج تان موٽندي ٻاهران ئي قلات پهتو. ڪلهوڙن جي برخلاف خان قلات کان مدد گهريائين، ليڪن مير ٻجار کي اهڙي مدد نہ ملي. عبدالمجيد جوکيو لکي ٿو تہ: مير نصير خان براهوي کان مدد ۽ لشڪر جي رفاقت وٺڻ جو ارادو ڪيائين، ليڪن هن کي معلوم ٿيو تہ هن کي اهڙي مدد نہ ملندي، ڇو تہ ڪوهستان جي خان کي راڄو ليکي رشوت ڏئي اهڙو معاهدو ڪرائي ورتو آهي(٢٣). مير نصير خان پاران ٻجار کي فوجي مدد نہ ملڻ کي، مٿي آيل عهدنامن جي پس منظر ۾ ڏسڻ کپي. رشوت ڏيڻ ۽ راڄو ليکيءَ کي ملوث ڪرڻ واري ڳالهہ کي، ليکي ۽ ٽالپور تڪرار جي آئيني ۾ ڏسڻ کپي. عبدالنبيءَ جي دور ۾ ڪلهوڙن ۽ ٽالپورن ۾ جيڪي بہ جنگيون ٿيون، انهن ۾ قلات جي لشڪر ڪلهوڙن جي مدد ڪئي، ڇو تہ ڪلهوڙن سان دوستي ۽ امن جا عهدناما ڪندڙ مير نصير خان بروهي اجا زنده هو.

## حوالا ۽ حاشيا

(1) Mir Ahmed Yar Khan: "Inside Baluchistan", p.76, Royal Book Company, Karachi, 1975.

(٢) غلام محمد لاکو: "ارڙهين صديءَ ۾ سنڌ جون سماجي-سياسي حالتون ۽ ادارن جو مطالعو" (اڻ ڇپيل ڊاڪٽريٽ ٿيسز)، ص ٦٣.

(٣) مير علي شير قانع: "تحفة الڪرام"، ترجمو مخدوم امير احمد، ص ٢٦٠، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٧٦ع.

(٤) غلام رسول مهر: "تاريخ ڪلهوڙا" حصو پهريون، ص ١٦٦، سنڌي ڇاپو، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٦٣ع. پڻ ڏسجي "انسائيڊ بلوچستان"، ص ٧٦.

(٥) تحفة الڪرام، ص ٢٦١-٢٦٢.

- بلوچ مؤرخ هن واقعي جو سال ١٦٩٥ع لکن ٿا، جو درست ڪونهي.

(٦) تاريخ ڪلهوڙا، حصو پهريون، باب پندرهون ۽ باب سورهون، مختلف صفحا.

(٧) تاريخ ڪلهوڙا، حصو پهريون، ص ٣٤٣.

(٨) تحفة الڪرام، ص ٢٦٦-٢٦٧.

(٩) منشور الوصيت و دستور الحڪومت، ضميمو ڇهون، ص ١٤٢-١٤٤، ترتيب: سيد حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٦٤ع.

(١٠) ماثرالامراء، جلد اول، مترجم: محمد ايوب قادري، ص ٨١٥، مرڪزي اردو بورڊ لاهور، ١٩٦٨ع.

(۱۱) تحفة الڪرام، ص ۲٦۸.

(۱۲) تاريخ ڪلهوڙا، حصو پهريون، ص ۳۹۴.

(13) Inside Baluchistan, p.p. 82-83.

(14) A. Aziz Luni: "Afghans of the Frontier passes", p. 227.

(۱۵) منشورالوصيت و دستور الحڪومت، ص ۲٦.

(۱٦) لب تاريخ سنڌ، ترجمو: حافظ خير محمد اوحدي، ص ۱۵۴، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۸۹ع.

(۱۷) تحفة الڪرام، ص ۲۷۷.

(۱۸) مقالہ نگار، ڊاڪٽر ڪليم الله لاشاري صاحب (ڊي.سي.سڪر) ۽ ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب جو شڪر گذار آهي، جن جي معرفت قومي عجائب گهر (ڪراچي) مان، هنن تاريخي عهدنامن جي فوٽو ڪاپي ملي. ڊاڪٽر خضر نوشاهي صاحب عهدنامن جي نقل ڪرڻ ۽ درست ترجمي ۾ مدد ڪئي. اهڙي علمي تعاون لاءِ ٽنهي دوستن جي مهرباني مجهڻ لازم ٿئي ٿي.

(۱۹) سيد محمد شاهہ بخاري: "قومي عجائب گهر ميں مخطوطات ڪا ذخيره"، ص ۱۳۴، سہ ماهي "فڪر و نظر" ڊسمبر ۱۹۹۷ع-مارچ ۱۹۹۸ع.

- ابتدا ۾ انهن عهدنامن جو حوالو مرزا عباس علي بيگ مرحوم ڏنو ۽ پڻ جزوي طرح انهن کي ڪتب آندو (خدايار خاني ميان سرفراز خان عباسي، ص ۱۱-۱۲؛ ص ۱۲۸-۱۳۰، سنڌالاجي ۱۹۸۰ع).

(۲۰) تحفة الڪرام (فارسي) ايڊٽ: سيد حسام الدين راشدي، ص ۴۷۵-۴۷۸، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۷۱ع.

(۲۱) مرزا قليچ بيگ (اي هسٽري آف سنڌ، ص ۱٦۴) ۽ غلام رسول مهر (تاريخ ڪلهوڙا، حصو ٻيون، ص ٦۱۲، سنڌي ڇاپو) جي برعڪس مير علي شير قانع ميان سرفراز جو لقب "خدا يارخاني" لکيو آهي (تحفة الڪرام، ص ۴۷٦، راشدي صاحب وارو ايڊيشن) جو درست ۽ ثابت آهي.

(22) A. Aziz Luni: "Afghans of the frontier passes," p.p 224-225.

(۲۲) عبدالمجيد جوکيو: "تاريخ بلوچي" ترجمو: سيد خضر نوشاهي، ص ۳۲، ڪلهوڙه سيمينار ڪميٽي ڪراچي ۱۹۹٦ع.

- فتح نامه (عظيم ٺٽوي) ۽ فريٿر نامه (مير يارمحمد) جي حوالن سان غلام رسول مهر (تاريخ ڪلهوڙا، حصو ٻيو، ص ٦۵۱-٦۵۳) لکي ٿو تہ مير بجار کي خان قلات مدد جي آڇ ڪئي، پر پاڻ قبول نہ ڪيائين. هن ڏس ۾ عبدالمجيد جوکيي جو بيان درست آهي تہ مير بجار مدد وٺڻ ويو پر خان قلات هن جي فوجي ۽ سياسي مدد ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو، ان ڪري بجار خالي هٿين سنڌ ڏي موٽي آيو.

-- • --

تاج جويو

# سنڌي آتم ڪهاڻيون ۽ آپا شمس عباسي

## (آتم ڪٿا : ”ڳالهيون پيٽ ورن ۾“ جو سرسري جائزو)

زماني جي ڏِکن ٿي آهه سيکاريو تہ ڪين هلجي،
سڀي چوڻ مٿي چوٽون، هينئر هوشيار ٿي پياسين!
(موتي پرڪاش)

دنيا جي ادب ۾ سڀ کان وڌيڪ جيڪي ڪتاب پڙهيا ۽ پسند ڪيا وڃن ٿا، انهن ۾ سوانح عمريون (Biographies)، آتم ڪهاڻيون (Auto-biographies)، يادگيريون، ڊائريون، جيل ياترائن ۽ سفرنامن جا ڪتاب شامل آهن. سوانح عمريون، آتم ڪهاڻيون، يادگيريون، ڊائريون، جيل ياترائون ۽ سفرناما، نثري ادب جون ڌار ڌار صنفون آهن، جن جي لکڻ جو ڍانچو، اسٽائيل، انداز ۽ ڍنگ بہ ڌار ڌار ٿئي ٿو.

سوانح عمريون ۽ تاريخون، گهڻو ڪري لکايون وينديون آهن، پر آتم ڪهاڻيون، ڊائريون، جيل ياترائون، سفرناما ۽ يادگيريون لکيون وينديون آهن يا لکجي وينديون آهن. خاص ڪري، ’آتم ڪهاڻي‘ لکڻ ڏاڍو ڏکيو فن آهي. آتم ڪهاڻي ظاهريءَ طرح ڀلي ڪٿي سولي ۽ آسان لڳندي هجي، پر اُها لکڻ واري کي خبر هوندي آهي تہ آتم ڪهاڻي لکڻ ڪيڏو نہ ڪٺن ۽ مشڪل ڪم آهي. هڪ عرصي گذري وڃڻ کان پوءِ، ماضيءَ جي واقعن، وارداتن، يادن ۽ يادگيرين کي ذهن ۾ دهرائڻ ۽ قلمبند ڪرڻ لاءِ ليکڪ کي گذري ويل وقت سان گڏ پنهنجي ماضيءَ ۾ جهاتي پائي، پوئتي موٽڻو پوندو آهي؛ جڻ تہ کيس ٻيو ڀيرو جيئرو ٿيڻو پوندو آهي. وقت پئي ماڻهوءَ کي ڪيترين ڳالهيون ۽ واقعا وسري ويندا آهن ۽ ڪن واقعن جي صحت ۽ اصليت پڻ ميرانجهڙي ٿي ويندي آهي. آتم ڪهاڻي لکڻ لاءِ تصور جي گهوڙي جي واڳ پوئتي موٽائڻي پوندي آهي؛ ڪن واقعن کي ياد ڪري جيءُ جهري پوندو آهي ۽ زماني جي رسايل زخمن جون مِٽيل ڪڙيون اُکلي پونديون آهن. ڪي واقعا ۽ وارداتون، پنهنجو ڪئنواس وسيع ڪري وجهنديون آهن تہ ڪي وارتائون ۽ گهٽنائون، پنهنجي اصل روپ کان گهٽجي ۽ سُڪڙجي، سوڙهيون ٿي وينديون آهن. اُن ڪري، آتم ڪهاڻيءَ ۾ رڳو يادگيريءَ ۽ حافظي تي زور ڏيڻو نہ پوندو آهي، پر اُن ۾ پنهنجا



تجربا ۽ تاثر، مشاهدا ۽ جذبا، خيال ۽ ويچار بہ شامل ڪرڻا پوندا آهن.

اَڪثر ڪري سوانحي ۽ آتم ڪٿائي ڪتابن ڪي تاريخ جو حصو بہ سمجهيو پئي ويو آهي. ايمرسن جو چوڻ آهي تہ: "جنهن ڪي خاص طرح تاريخ چئجي، اهڙي ڪا ڳالهہ ڪانهي: سڄي تاريخ، سوانحي روايت آهي." ۽ ايچ.جي.ويلس چوي ٿو تہ: "انساني تاريخ، اصل ۾ خيالن جي تاريخ آهي."

جڏهن تہ سنڌي ٻوليءَ جو برک ناول نگار ۽ ڪهاڻيڪار گوبند مالهي چوي ٿو تہ: "آتم ڪٿا ۽ اتهاس (تاريخ) ۾ نمايان فرق آهي دائري جو، اُن جي وسعت ۽ گوناگونيت جو: جُزي ۽ ڪُل جو. آتم ڪٿا، اتهاس نہ آهي، اتهاس ڄاڻڻ جو هڪ ذريعو آهي. آتم ڪٿا، اتهاس جي ڏاڪڻ جو ڏاڪو آهي."

سندس وڏيڪ چوڻ آهي تہ: "اِتهاس ۽ آتم ڪٿا وچ ۾ اهم ترين فرق آهي زمان جو. جِتي اِتهاس ۾ ماضي آهي، تِتي آتم ڪٿا ۾ حال بہ آهي، تنهن ڪان سواءِ آهن همڪارَ ۽ همعصر... اتهاس ڪي آلو چڪ (critics) نہ، ترجمان (Interpreters) ٿيندا آهن. آتم ڪٿا، جيون جي ترجمان هوندي بہ آلوچنا (تنقيد) ڪان آجي نہ آهي."

اِها ڇِتي حقيقت آهي تہ آتم ڪهاڻيون، نہ فقط فردن يا شخصن جي زندگيءَ سان واسطو رکندڙ هونديون آهن، پر پنهنجي دور جي تاريخ جو حصو بہ هونديون آهن.

اها بہ حقيقت آهي تہ جنهن بہ ٻوليءَ ۾ ڪن بہ سڃاڻ شخصيتن جون آتم ڪهاڻيون ڇپجن ٿيون، اُن قوم جي نيڪناميءَ ۽ سڀاڳ جو چِڻ تہ رستو کُلي پوي ٿو: ڇو تہ اُهي آتم ڪٿائون، اُن قوم جي فردن جي رهنمائيءَ ۽ رهبريءَ جو ڪردار ادا ڪن ٿيون.

آتم ڪهاڻين جي لوڪ- پسنديءَ جو وڏي ۾ وڏو ڪارڻ اِهو آهي تہ اُنهن ۾ تڪلف، تصنع ۽ واقعاتي ناهہ ٺوهَہ ڪي ڇڏي، حقيقت بيانيءَ جي واٽَ ۽ دڳُ اختيار ڪيو ويندو آهي. آتم ڪهاڻين ۾ ليکڪ پنهنجي ڪوتاهين، ڪمزورين، غلطين ۽ لغزشن جو ڪليل دل سان اعتراف ڪندو آهي ۽ ماڻهن جي آڏو پنهنجو اندر ۽ ٻاهر کولي ظاهر ڪندو آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ پهرين آتم ڪهاڻي، ١٩ صديءَ جي پوئين اڌ ۾ لکي وئي، جنهن جو پهريون مثال سيٺ نائون مل جي آتم ڪهاڻي "يادگيريون" آهي، جيڪا هن سنڌيءَ ۾ لکي هئي ۽ جنهن جو سندس پوٽي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو.

اُن ڪان پوءِ سنڌيءَ جي ٻي آتم ڪهاڻي، مرزا قليچ بيگ صاحب، پنهنجيءَ وفات (١٩٢٩ع) ڪان ڇهہ سال اڳ ۾، ١٩٢٣ع ۾ "سائو پن، ڪارو پنو" جي سِري سان لکي هئي. ان ۾ مرزا صاحب، آتم ڪهاڻي لکڻ جا ٽي فائدا ڄاڻايا آهن:

(i) پنهنجو لکيل احوال، سچو ۽ صحيح شمار ۾ ايندو.

(ii) اُنهيءَ ۾ جداجدا ڳالهين تي ماڻهوءَ کي پنهنجن خيالن ۽ راين ظاهر ڪرڻ جو وَجُهہ ملندو.

(iii) اهڙي لکيل احوال جي سندس اولاد ۽ اولاد جي اولاد کي پوري خبر پوندي ۽ هو سندس مثال تي هلندا ۽ سندس اصولن تي تعميل ڪري سگهندا." (ديباچو: ص الف)

آتم ڪهاڻيءَ ۾ هڪ انسان جي زندگيءَ جي واقعن سان واسطو رکندڙ عملَ، ردعملَ، رويا، رُخَ، مشاهدا ۽ تجربا شامل هوندا آهن. آتم ڪهاڻي، تاريخ نہ هوندي بہ اُن ۾ تاريخ جو عنصر ضرور موجود هوندو آهي. اُن ۾ رڳو واقعن ۽ وارتائن جو عڪس ۽ اولڙو نہ هوندو آهي، پر اُن ۾ اکين ڏٺن منظرن ۽ مشاهدن جو اظهار پڻ هوندو آهي.

سنڌي ٻولي دنيا جي شاهوڪار ٻولين مان هڪ آهي. اُها ادب جي ٻين صنفن وانگر آتم ڪهاڻيءَ جي صنف کان بہ وانجهيل نہ آهي. منهنجيءَ ڄاڻ مطابق سنڌي ٻوليءَ ۾ هن وقت تائين هيٺيون آتم ڪهاڻيون ڇپجي چڪيون آهن:

□ "نائون مل جون يادگيريون" : سيٺ نائون مل پنهنجي آتم ڪهاڻي، مئي ١٨٧١ع ۾ سنڌيءَ ۾ لکي، جنهن جو سندس پوٽي راءِ بهادر عالومل ٽيڪمداس پوڄواڻيءَ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو، جيڪو پهريون ڀيرو ١٩١٥ع ۾ ڇپيو. اُها آتم ڪهاڻي، مرحوم حنيف صديقيءَ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪئي ۽ سنڌي ادبي بورڊ ١٩٦٨ع ۾ ڇپائي پڌري ڪئي.

□ "سائو پن، ڪارو پنو" : مرزا قليچ بيگ، پنهنجي هيءَ آتم ڪهاڻي ١٩٢٣ع ۾ لکي، جيڪا ١٩٦٨ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪئي.

□ "منهنجي مختصر آتم ڪهاڻي" : ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي جي آتم ڪهاڻي، جيڪا سنڌي ادبي سوسائٽي ڪراچيءَ پاران ١٩٦٢ع ۾ ڇپجي پڌري ٿي هئي. اها دائود پوٽي صاحب 'نئين زندگي' رسالي ۾ جنوري ١٩٥٧ع کان قسطوار ڇپائي هئي.

□ "پنهنجي ڪهاڻي، پنهنجي زباني" : سائين جي. ايم. سيد پنهنجي آتم ڪهاڻي پنجن جلدن تي مشتمل لکي هئي، جنهن جو پاڻ فقط پهريون جلد، ١٩٦٢ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو هئائون، جنهن ۾ سندن ابتدائي زندگيءَ جي ويهن سالن (١٩٠٤ع کان ١٩٢٤ع تائين) جو ذڪر موجود آهي. هن آتم ڪهاڻيءَ جا مختلف پبلشرن ڪيترائي ڇاپا شايع ڪيا آهن، ۽ اُن جو اردو ترجمو "ميری کهانی ميری زبانی" عنوان سان فرنٽيئر پوسٽ پبلڪيشنز، لاهور، ١٩٩٣ع ۾ شايع ڪيو آهي.

□ "منازل مسافر" : محمد صديق مسافر، پنهنجي سوانح حيات ١٩٥٢ع ۾ لکي، جيڪا 'ڪليات مسافر' سان گڏ آر.ايڇ.احمد اينڊ برادرس، ١٩٥٢ع جي آخر ۾ ڇپائي. اُن جو ٻيو ڇاپو،

ساڳئي اداري جولاءِ ۱۹٦٥ع ۾ ڇپايو.

. ◻ "نرالي زندگي" : نارائنداس رتن مل ملڪاڻيءَ جي آتم ڪهاڻي، ۱۹۷۴ع ۾، هندستان ڪتاب گهر بمبئيءَ پاران ڇپائي وئي.

. ◻ "منهنجي ماضيءَ جا چند ورق" : پير عالي شاه بدين واري جي آتم ڪهاڻي، ۱۹۷٥ع ۾، لاڙ ادبي سوسائٽي، بدين، ڇپائي پڌري ڪئي.

. ◻ "ڪيئي ڪتاب" : رئيس ڪريم بخش نظاماڻيءَ جي آتم ڪهاڻي، ٻن ڀاڱن ۾ ڇپجي پڌري ٿي. پهريون ڀاڱو، مرحوم شيخ محمد سومار، ۱۹۸۰ع ۾، اسٽار پرنٽرس حيدرآباد مان ڇپايو، ۽ ٻيو ڀاڱو، رئيس مرحوم جي فرزند علي رضا، 'ڪيئي ڪتاب پبليڪيشن' ، ماتليءَ پاران ڊسمبر ۱۹۸۲ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. هن آتم ڪهاڻيءَ جا ٻئي ڀاڱا، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، ٻيو ڀيرو ۱۹۹۴ع ۽ ۱۹۹٦ع ۾ ڇپائي پڌرا ڪيا.

. ◻ "تان ڪي ڏونگر ڏوريان" : محمد صادق ميمڻ جي آتم ڪهاڻي، سنڌ پبلشرز، حيدرآباد پاران ۱۹۸۱ع ۾ شايع ڪئي ويئي.

. ◻ "منهنجيءَ حياتيءَ جا سونا روپا ورق" : پروفيسر ڪُماري پوپٽي هيراننداڻيءَ جي آتم ڪٿا، پهريون ڀيرو، ۱۹۸۱ع ۾، 'ڪونج پبليڪيشن' ، بمبئيءَ پاران ڇپائي وئي ۽ اُن جو سنڌ ۾ ٻيو ڇاپو، ۱۹۸۲ع ۾ 'سهڻي پبليڪيشن' حيدرآباد شايع ڪيو. هن آتم ڪٿا جو ٽيون ڇاپو، 'لوڪ سر پبليڪيشن' بمبئيءَ ۱۹۹۲ع ۾ پڌرو ڪيو، ۽ چوٿون ڇاپو، وري سنڌ ۾، 'سنڌي ساهت گهر' حيدرآباد پاران ڊسمبر ۱۹۹۲ع ۾ ڇپايو ويو.

. ◻ "تاريخ جو وساريل ورق عرف شيخياڻيءَ جي ڪهاڻي" : تاريخ جو وساريل ورق عرف 'شيخياڻيءَ جي ڪهاڻي' ، حيدرآباد جي مشهور شخصيت ڊاڪٽر شيخ شمس الدين جي گهر واري محترمه غلام فاطمه شيخ جي آتم ڪهاڻي آهي، جيڪا مشهور نومسلم اڳواڻ شيخ عبدالرحيم جي نياڻي هئي. هن ۾ ليکڪا پنهنجي والد بزرگوار جي اسلام قبول ڪرڻ جو احوال به لکيو آهي. ۽ پنهنجو احوال به ڏنو آهي. هن آتم ڪهاڻيءَ جو سلسلو ماهنامي 'اديون' جي پهرئين پرچي، جون ۱۹٦٥ع کان شروع ٿيو ۽ قسطوار جاري رهيو. اڳتي هلي، ان کي ڪتابي صورت ۾، سنڌي ادبي سوسائٽي، حيدرآباد پاران آڪٽوبر، ۱۹۸۳ع ۾ سندس نياڻيءَ بيگم خديجه خانم دائودپوٽي، ڇپائي پڌرو ڪيو.

. ◻ "بک، عشق، ادب" : موهن ڪلپنا جي آتم ڪٿا، 'سپي پبليڪيشن' ، حيدرآباد، سنڌ پاران، گل ٽالپر، ڊسمبر ۱۹۸۴ع ۾ شايع ڪئي، ۽ اُن جو ٻيو ڇاپو پڻ سنڌ ۾ ئي 'روشني

پبليڪيشن‘ ڪنڊياري پاران ۱۹۹۱ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو.

□ "ديپڪ ۽ ملهار" : عبدالجبار جوڻيجي جي آتم ڪهاڻي، آگم پبليڪيشن، حيدرآباد، ۱۹۸۴ع ۾ ڇپائي پڌري ڪئي.

□ "سورن سانديياس" : الهه بچائي مرڻاس، پنهنجي آتم ڪهاڻي، ڊسمبر ۱۹۸۴ع ۾، ’لطيف ادبي اڪيڊمي ڪراچيءَ پاران ڇپائي پڌري ڪئي.

□ "منهنجي آڪاڻي" : ڪامريڊ غلام محمد لغاريءَ جي مختصر آتم ڪهاڻي، ۱۹۸۵ع ۾، پنهور اشاعت گهر، حيدرآباد، شايع ڪئي.

□ "سڪر سيئي ڏينهن" : محمد اسماعيل عرساڻيءَ، ۱۹۷۳ع ۾ پنهنجي آتم ڪهاڻي لکي، جيڪا ۱۹۸۵ع ۾، ڪتابي دنيا حيدرآباد پاران شايع ڪئي ويئي.

□ "اڳي ائين هياس" : فضل احمد بچاڻيءَ جي يادگيرين تي مشتمل آتم ڪهاڻيءَ جا ٻه ڀاڱا، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد پاران ۱۹۸۴ع ۽ ۱۹۸۵ع ۾ ڇپجي پڌرا ٿيا.

□ "جڳ مڙيوئي سپنو" : شيخ اياز جي آتم ڪهاڻيءَ جو پهريون حصو، ۱۹۸۵ع ۾، سڳنڌ پبليڪيشن، لاڙڪاڻي ڇپائي پڌرو ڪيو، جنهن ڪي شيخ اياز، هڪ اهڙي ڦرنڊڙ سٽربين سڏيو آهي، جنهن جا رنگا رنگ شيشا، منتشر رنگ ۽ نقش ته بنائي رهيا آهن، پر اُنهن ۾ ڪوئي تسلسل نه آهي.

□ "چولو منهنجو چِڪ ۾" : هري دلگير جي آتم ڪٿا، سنڌي ٽائيمس، پبليڪيشن، الهاس نگر پاران اپريل ۱۹۸۷ع ۾ شايع ٿي، جنهن جو ٻيو ڇاپو، سنڌ ۾ ’سنڌي ساهت گهر‘ حيدرآباد پاران ۱۹۹۰ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

□ "ادب ۽ اديب" : گوبند مالهيءَ جي آتم ڪٿا جا پنج ڀاڱا، ’ادب ۽ اديب‘ جي مکيه سِري سان، سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن الهاس نگر پاران شايع ٿيا آهن. گوبند مالهيءَ، آتم ڪٿا جي هر ڀاڱي کي ڌار ڌار سب ٽائيٽل ڏنو آهي، اهڙيءَ طرح هيءَ آتم ڪٿا، هيٺينءَ ترتيب سان ڇپجي پڌري ٿي:

(i) ادب ۽ اديب- "ڳالهيون منهنجي ڳوٺ جون" ، ڀاڱو پهريون، جولاءِ ۱۹۸۷ع.

(ii) ادب ۽ اديب- "سنڌڙي منهنجي جنڊڙي" ، ڀاڱو ٻيو، جولاءِ ۱۹۸۸ع.

(iii) ادب ۽ اديب- "نرواس ۾ آس" ، ڀاڱو ٽيون، جولاءِ ۱۹۸۹ع.

(vi) ادب ۽ اديب- "زندگي هڪ سفر" ، ڀاڱو چوٿون، جولاءِ ۱۹۹۰ع.

(v) ادب ۽ اديب- "عجيب هي رشتا ناتا!" ، ڀاڱو پنجون، آڪٽوبر ۱۹۹۱ع.

نوٽ: ادب ۽ اديب، پاڳو پھريون (ڳالهيون منھنجي ڳوٺ جون) ١٩٨٧ع ۾، سنڌ ۾، سڳنڌ پبليڪيشن لاڙڪاڻي پاران بہ شايع ڪيو ويو ھو.

□ "اجھو گھنڊ ڇاڻ وڳو": ھند سنڌ جي ناميارِي ليکڪا ريتا شھاڻيءَ جي آتم ڪٿا، آگسٽ ١٩٩٣ع ۾ MBS پبلشرز پوني (انڊيا) مان شايع ٿي.

□ "آتم ڪٿا جي نالي ۾": ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻيءَ، پنھنجي آتم ڪٿا، ١٩٩٤ع ۾، سمپرڪ پرڪاشن، نئين دهلي (انڊيا) پاران ڇپائي پڌري ڪئي.

□ "منھنجي ڪھاڻي": لعل بن يوسف جي آتم ڪھاڻي، ١٩٩٥ع ۾، لعل بن يوسف يادگار ڪاميٽيءَ حيدرآباد پاران شايع ڪئي وئي.

□ "ڪٿي نہ پيچبو ٽڪ مسافر": شيخ اياز، پنھنجي آتم ڪھاڻي، مختلف وقتن ۽ مختلف موڊن ۾ لکندو رھيو آھي. ھن ڪتاب کان اياز پنھنجي آتم ڪٿا باقاعدي تسلسل سان لکڻ شروع ڪئي ۽ ھيءَ سنڌس آتم ڪٿا جو باقاعدي پھريون پاڱو آھي، جنھن جو پھريون ڇاپو، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، جنوري ١٩٩٥ع ۾ ۽ ٻيو ڇاپو ڊسمبر ١٩٩٧ع ۾ شايع ڪيو.

شيخ اياز، پھرئين پاڱي "ڪٿي نہ پيچبو ٽڪ مسافر" کان پوءِ، پنھنجي آتم ڪٿا جا ٽي پاڱا لکيا، جيڪي مختلف ادارن ھينئين عنوانن سان ھيٺينءَ ريت شايع ڪيا:

- 'ڪٿي نہ پيچبو ٽڪ مسافر' (پاڱو ٻيون)، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، آڪٽوبر ١٩٩٦ع.
- ' ڪٿي نہ پيچبو ٽڪ مسافر' (پاڱو ٽيون)"، سنڌ ادبي اڪيڊمي، ڪراچي، نومبر ١٩٩٧ع.
- 'ڪٿي نہ پيچبو ٽڪ مسافر' (حصو چوٿون)، شيخ اياز فائونڊيشن ۽ سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، سنڌ آگسٽ ١٩٩٨ع.

□ "ڪجھ ٻڌايم ڪجھ لِڪايم": ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي آتم ڪٿا، چئن پاڱن ۾، ساڳئي نالي سان، سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن، الھاس نگر، مارچ ١٩٩٧ع، جولاءِ ١٩٩٧ع، آڪٽوبر ١٩٩٧ع ۽ اپريل ١٩٩٨ع ۾ ڇپائي پڌري ڪئي.

□ "آخري پنا": ھري موٽواڻي سنڌيءَ، پنھنجي آتم ڪٿا، ڪونج پبليڪيشن بمبئيءَ پاران جنوري ١٩٩٧ع ۾ شايع ڪئي، ۽ اُن جو ٻيو ڇاپو، سنڌ ۾، سنڌي ساھت گھر حيدرآباد، ساڳئي

سال ڊسمبر ١٩٩٧ع ۾ ڇاپي پڌرو ڪيو.

. ◻ "ڏسي ڏوهہ اکين سين" : جمال ابڙي جي آتم ڪٿا جو پهريون جلد، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد پاران فيبروري ١٩٩٨ع ۾ ڇپايو ويو.

- "اونهي ڳالهہ اِسرار جي" : هن نالي سان جمال ابڙي جي آتم ڪٿا جو ٻيون جلد بہ نيوفيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد پاران سيپٽمبر ١٩٩٨ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

- "ٿوهر ۾ ڳاڙها گل" : هن عنوان سان جمال ابڙي جي آتم ڪٿا جو ٽيون جلد، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، اپريل ١٩٩٩ع ۾ شايع ڪيو.

. ◻ "منهنجو سفر" : قاضي فيض محمد جي آتم ڪٿا، 'سنڌي ساهت گهر' حيدرآباد پاران جولاء ١٩٩٩ع ۾ ڇپائي پڌري ڪئي وئي آهي.

. ◻ "ڳالهيون پيٽ ورن ۾" : ڊاڪٽر شمس عباسيءَ جي آتم ڪٿا، ١٩٩٩ع جي آخر ۾، عقيل برائيٽ ڪڊس اڪيڊمي، قاسم آباد، حيدرآباد پاران ڇپجي پڌري ٿي، جنهن جو مهورت، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي سهڪار سان ٨ فبروري ٢٠٠١ع تي حيدرآباد ۾ ٿيو.

سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل/ڇپيل مٿين آتم ڪهاڻين ۾، صرف چار آتم ڪهاڻيون اهڙيون آهن، جيڪي سنڌي عورت/ليکڪائن لکيون آهن، جيڪي هي آهن:

(i) غلام فاطمہ شيخ جي آتم ڪٿا: تاريخ جو وساريل ورق عرف "شيخياڻيءَ جي ڪهاڻي"؛

(ii) ڪماري پوپٽي هيراننداڻيءَ جي آتم ڪٿا: "منهنجيءَ حياتيءَ جا سونا روپا ورق"؛

(iii) ريٽا شهاڻيءَ جي آتم ڪٿا: "اڃهو گهنڊ ڇاڻ وڳو"؛ ۽

(iv) ڊاڪٽر شمس عباسيءَ جي آتم ڪٿا: "ڳالهيون پيٽ ورن ۾".

عجيب اتفاق آهي تہ اِهي چارئي آتم ڪهاڻيون، جن سنڌي عورتن/ليکڪائن لکيون آهن، اُنهن چئني جو واسطو حيدرآباد سنڌ سان آهي. پهرين خاتون، غلام فاطمہ شيخ گذاري چڪي آهي، باقي ٽئي ليکڪائون حال حيات آهن. پوپٽي هيرانندائيءَ، هيرآباد، حيدرآباد سنڌ جي عامل گهراڻي ۾، ١٧ اپريل ١٩٢٤ع تي جنم ورتو هو ۽ هن وقت، ڪولابا، ممبئي (انڊيا) ۾ رهي ٿي. ريٽا شهاڻيءَ بہ حيدرآباد سنڌ ۾ تي ١٩٣٤ع ۾ جنم ورتو هو، سنڌس گهر نور محمد هاءِ اسڪول ۽ ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد جي ڀرسان هو، ۽ هن وقت، بوٽ ڪلب روڊ، پوني (انڊيا) ۾ رهي ٿي؛ ۽ آپا شمس عباسيءَ، حيدر چوڪ حيدرآباد ڀرسان موجوده قاضي عبدالقيوم روڊ تي، قاضي

عبدالقيوم ولد مخدوم غلام محي الدين جي گهر ۾، ۱۰ جنوري ۱۹۲۴ع تي جنم ورتو، ۽ هن وقت لطيف آباد، حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهي.

هتي آءٌ، غلام فاطمه شيخ ۽ ريتا شماڻيءَ جي آتم ڪٿائن کي ڇڏي، صرف ڪماري پوپٽي هيرانندانڻيءَ ۽ آپا شمس عباسيءَ جي آتم ڪٿائن تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو:

هنن ٻنهي آتم ڪٿائن کي پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ هي آتم ڪٿائون، صرف ڪماري پوپٽي هيرانندانڻيءَ ۽ آپا شمس عباسيءَ جون آتم ڪٿائون نہ آهن، پر اسان مان ڪيترن پائرن ۽ ڀينرن جون زنده جاويد جيون-ڪٿائون آهن. هي آپ بيتيون، سنڌ بيتيون ۽ جڳ بيتيون آهن. هنن ٻنهي عظيم سنڌي عورتن جون آتم ڪٿائون پڙهي، ڪنهن دانشور جو قول ياد اچي ٿو تہ "جيئڻ هڪ فن آهي، پر آتم ڪٿائي هڪ پُرلطف فن آهي." جيئن تہ آتم ڪٿا، آپ بيتيءَ سان گڏ جڳ بيتي بہ هوندي آهي، اُن ڪري هي ٻئي آتم ڪٿائون، سنڌ بيتيءَ سان گڏ سنڌ جي نيائين جون سچيون آپ بيتيون آهن.

سنڌ جي هنن ٻنهي بهادر ۽ بردبار عورتن جي آپ بيتين ۽ زندگين جو مطالعو ڪندي، مون کي ڪافي هڪجهڙايون نظر آيون آهن، جهڙوڪ:

(۱) ٻنهي جو جنم هنڌ، حيدرآباد، سنڌ آهي.

(۲) ٻنهي، سال ۱۹۲۴ع ۾ جنم ورتو. پوپٽي هيرانندانڻي، ۱۷ اپريل ۱۹۲۴ع ۾ ڄائي هئي ۽ آپا شمس عباسيءَ ۱۰ جنوري ۱۹۲۴ع ۾ جنم ورتو هو.

(۳) پوپٽي هيرانندانڻيءَ جي ماءُ ۳۲ سالن جي اوسٽا ۾ وِڌوا ٿي، جڏهن تہ آپا شمس عباسيءَ جي امڙ ۲۴ سالن جي ڄمار ۾ بيوهہ ٿي.

(۴) پوپٽي هيرانندانڻيءَ جي عمر، سندس پيءُ جي مرتيو وقت ڏهہ سال هئي، جڏهن تہ آپا شمس والد جي وفات وقت ڇهن سالن جي هئي.

(۵) ٻنهي جي تربيت، سنڌن بهادر، بيباڪ ۽ روايت شڪن مائرن ڪئي، جيڪي پنهنجيءَ پنهنجيءَ برادريءَ ۽ سماج جون باغي عورتون هيون. ٻنهي جون مائرون، پرديدار ۽ بيٺل گهرن جون عورتون هيون، ۽ زماني جي انقلاب. سنڌن جيون ۾ ڏکيا ۽ ڪشٽ ڀريا ڏينهن آندا؛ پر ٻنهي زندگيءَ سان اکين ۾ اکيون ملائي، حياتي گذاري.

(٦) پوپٽيءَ جي ماءُ ڪن اٿوڻندڙ سماجي رسمن سان وڙهي هئي. هوءَ ۳۲ سالن جي عمر ۾ وِڌوا ٿي هئي. اُنهن ڏينهن ۾ وِڌوا کي گپَ ۾ ٻوڙي ميري چادر مٿي تي وجهڻي پوندي هئي ۽ کيس ۱۲ مهينا سانڍهہ گهر ۾ ويهڻو پوندو هو؛ پر پوپٽيءَ جي بهادر ۽ باغي ماءُ، اهڙي چادر پائڻ کان صاف انڪار ڪيو ۽ گهر ۾ ويهڻ واري پابندي بہ قبول نہ ڪئي، ۽ هوءَ روزانو سج لٿي مهل، ٻارڙن

کي سانڻ ڪري، "گور-سنگت" واري ليديز باغ ۾ ويندي هئي. ڏيئن توڙي پٽن کي هڪ نظر سان ڏٺائين ۽ سيني کي رڌي پڪي سيڪاريائين. پُٽن توڙي ڌيئن کي پڙهايائين. سيني جي سختيءَ سان پالنا ڪيائين، پر ڪنهن جي بہ شخصيت کي گهٽايائين ڪينَ. سيني کي پڙهائي، پيرن تي بيهڻ لائق ڪيائين.

– آپا شمس جي ماءُ جي ۱۴ ورهين جي عمر ۾ شادي ٿي هئي ۽ هوءَ ۲۴ سالن جي ڄمار ۾ ٻبوهہ ٿي هئي. سندن خاندان جون نياڻيون گهر کان ٻاهر نہ نڪرنديون هيون، صرف گهر ۾ قرآني تعليم حاصل ڪري سگهنديون هيون. پر آپا شمس جي ماءُ نہ رڳو پنهنجين نياڻين کي پرائمري تعليم ڏياري، پر ٻنهي نياڻين (شمس ۽ مهرالنساء) کي ثانوي توڙي ڪاليجي تعليم ڏيارڻ سان گڏ هڪ نياڻيءَ مهرالنساء کي همت ڪري، ميڊيڪل تعليم پرائڻ لاءِ دهليءَ پڻ موڪلي ڏنو ۽ ٻيءَ نياڻيءَ شمس کي بي.ٽي (B.T) ڪرڻ لاءِ ڪراچيءَ وڃي پڙهڻ جي اجازت ڏني.

(۷) پوپٽي هيرانندائيءَ ۽ آپا شمس عباسيءَ جي زندگيءَ جو اهو بہ عجيب اتفاق آهي تہ ٻنهي ثانوي تعليم ، ڪُندن مل گرلس هاءِ اسڪول، تلڪ چاڙهي حيدرآباد ، ۾ حاصل ڪئي.

(۸) پوپٽيءَ ۽ شمس عباسيءَ جي دل جو چاهُہ ۽ چوندَ بہ ساڳي رهي. ٻنهي پنهنجيءَ زندگيءَ جو مقصد، تدريس ۽ تعليم کي بڻايو. پوپٽي تہ مئٽرڪ جي نتيجي ظاهر ٿيڻ کان اڳ ئي ڪُندن مل گرلس هاءِ اسڪول ۾ ماستريائي ٿي وئي. اهڙيءَ طرح پوپٽيءَ عملي زندگيءَ جي شروعات ماستريءَ سان ڪئي، پوءِ پروفيسر بڻي ۽ ان بعد يونيورسٽي ٽيچر بڻجي، ايم.اي ۽ پي.ايچ.ڊي جي شاگردن کي پڙهايائين.

آپا شمس عباسيءَ بہ عملي زندگيءَ جي شروعات ماستريءَ سان ڪئي. هن بي.اي پاس ڪرڻ کان پوءِ ۱۹۴۴ع ۾ مدرسة البنات هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ ماستري ڪئي. بعد ۾ هيڊ ماستريائي، ڪاليج جي پرنسپال، ڊپٽي ڊائريڪٽر ڪاليجز ۽ ڊائريڪٽر بيورو آف ڪريڪيولم سنڌ پڻ رهي.

(۹) ٻنهي سنڌي ادب ۾ آتم ڪٿائون لکيون، جيڪي سچيون، سڌيون ۽ حقيقت بيانيءَ تي ٻڌل آتم ڪهاڻيون آهن.

(۱۰) پوپٽي ۽ شمس عباسي، ٻئي سچار، بيباڪ، بهادر، سماجي ۽ قومي درد رکندڙ عورتون آهن.

اها حقيقت آهي تہ هر ماڻهو نہ پنهنجيءَ مرضيءَ سان جمندو آهي ۽ نہ ئي پنهنجيءَ مرضيءَ سان مرندو آهي، پر مشهور سنڌي اديبَ، لڇمڻ ڪوملَ جي لفظن ۾، "اُن جنم مرڻ جي وچ واري عرصي ۾ هن کي پنهنجيءَ مرضيءَ ۽ منشا موجب ڪنهن چوندَ جو حق ضرور حاصل آهي. پوءِ بہ اجوڪي هن المناڪ دور ۾ انسان جي اِن چوندَ ۽ چوائيس تي بہ پل پل جا پهرا آهن."

پوپٽيءَ، پنهنجيءَ زندگيءَ جي کُليل ڪتاب جي ورقن ۾ اُنهن پل پل جي پهرن جا اولڙا پسايا آهن، ۽ ساڳيءَ طرح آپا شمس جي دُکيءَ زندگيءَ جا سچا عڪسَ پڻ سندس آتم ڪٿا ۾ موجود آهن. هنن ٻنهي عورتن، پنهنجي تحريري سچ جو اظهار، جنهن دليريءَ سان پنهنجين آتم ڪٿائن ۾ ڪيو آهي، اُن لاءِ کين سلام ئي ڪري سگهجي ٿو.

پوپٽي هيرانندانيءَ، پنهنجي آتم ڪٿا جي مهاڳ ۾ لکيو آهي تہ: "جيون جي اَنت کي چاهيندي، مون پنهنجيءَ زندگيءَ جي شروعات تي لکيو، انهن ئي آتم ڪٿا لکجي وئي."

اهڙيءَ طرح آپا شمس لکيو آهي تہ "اڪثر منهنجا خيرخواهہ مون کي منهنجيءَ زندگيءَ جو احوال لکڻ لاءِ آماده ڪندا رهندا هئا، پر ڪم جي مصروفيت ۽ سُستيءَ جي ڪري همت نہ پئي ڪري سگهيس، نيٺ مون مصمم ارادو ڪيو ۽ لکڻ شروع ڪيو." (ٻہ ٻول، "ڳالهيون پيٽ ورن ۾" ص ٧)

پوپٽيءَ لکيو آهي تہ "مان ليکڪا بہ آهيان تہ لڙاڪ بہ آهيان، اهو اَنياءَ خلاف وڙهڻ جو گُڻ مون کي ماءُ وٽان ورثي ۾ مليو آهي. جتي بہ اُنياءُ ڏسان، اُهو مون سان انياءُ هجي، يا ٻئي ڪنهن مِتر يا مائٽ سان، مان اَنياءَ خلاف اُٿي لڙندي آهيان. ان ڪري مون تي بيماري حملو ڪري تہ مان اها پاڻ سان بي انصافي سمجهندي آهيان، ان ڪري لڙندي آهيان......"

پنهنجي زندگيءَ بابت راءِ ڏيندي لکي ٿي: "مون زندگيءَ ۾ جيڪي ڪجهہ ڪيو آهي، اُن لاءِ ڪو اَرمان يا افسوس ڪين اٿم. No regrets، چو تہ خاطري اٿم تہ ڪٽنب، جاتي ۽ دوستن ۽ عزيزن ڏانهن مون پنهنجا فرض چڱيءَ طرح ادا ڪيا آهن."

آپا شمس عباسيءَ، پنهنجيءَ آتم ڪٿا جو انتساب پنهنجيءَ ماءُ جي تالي ڪندي لکيو آهي تہ:

"هيءُ ڪتاب، پنهنجي سوانح حيات، اُنهيءَ عظيم هستيءَ ڏانهن منسوب ٿي ڪريان، جيڪا ننڍي هوندي ئي يتيم ٿي وئي ۽ وڏيءَ ڀيڻ جي هٿ هيٺ پرورش پاتائين. ١۴ سالن جي عمر ۾ هڪ اڌيڙ عمر جي مرد سان سندس شادي ڪرائي وئي..... ۽ ٢۴ سالن جي عمر ۾ بيوهہ ٿي وئي. هن کي انهيءَ ڪچيءَ عمر ۾ اهو احساس هو تہ نياڻين کي پڙهائڻ نهايت ضروري آهي. هوءَ پنهنجي خانداني خواه سماجي مخالفت جي باوجود پنهنجيءَ ڳالهہ تي قائم رهي. اُنهيءَ وقت هوءَ جيڪڏهن اِيتري همت نہ ڪري ها تہ شايد سنڌ جي نياڻين جي تعليم اجا بہ پٺتي هجي ها."

آپا شمس پنهنجيءَ محنت سان اِهو ثابت ڪيو آهي تہ عورت مرد کان ڪنهن بہ صورت ۾ گهٽ نہ آهي. هوءَ لکي ٿي تہ:

"مون اِهو ثابت ڪري ڏيکاريو تہ ڪابہ عورت جيڪڏهن چاهي تہ مردن جي مقابلي ۾ وڌيڪ محنت ڪري ڪو بہ ڪم نهايت خوش اسلوبيءَ سان ڪري سگهي ٿي."

آپا شمس، هڪ بيباڪ ۽ بهادر عورت آهي، تقرير، تحرير توڙي گفتگوءَ ۾ رَک رکاءُ جاٺي

ڪانھ. جيڪو من ۾ هوندس، سوئي زبان تي آڻيندي آهي. هن کي پنھنجين خامين جي پليءَ پٽ پروڙ آهي، ۽ ڪيس پاڻ تي پروسو آهي. هوءَ ڪڏهن بہ، ڪٿي بہ مونجھہ ۽ مايوسيءَ جو شڪار نہ رهي. سچي، صاف گو، ۽ بي انصافيءَ سان سخت ٽڪر کائڻ واري آهي.

آپا شمس جي هيءَ آتم ڪھاڻي، نھايت خلوص دل، سجاڳ دليءَ ۽ دل جي تونگريءَ سان لکيل آهي. آتم ڪھاڻي پڙهندي محسوس ٿئي ٿو تہ آپا شمس جيڪي ڪشالا ڪڍيا آهن، قدم کنيا آهن لڪ لنگھيا ۽ ڏونگر ڏوريا آهن، ۽ جنھن ساجاهہ، چڱي ۽ مني جي پرک، ڪوشش ۽ عمل سان، پنھنجي جيون جو سفر طئي ڪيو آهي، اُن تي پاڻ مطمئن آهي. آپا جھڙا نيڪ ۽ نرالا انسان، اعليٰ عمل ۽ اصولن وارا فرد، واقعي سيني لاءِ ماڊل ۽ مثال آهن.

اسان وٽ اڪثر ائين ٿيندو آهي تہ ماڻھو رٽائرمينٽ کان پوءِ جڻ تہ زندگيءَ تان ئي رٽائر ٿي ويندا آهن، بلڪ رٽائرمينٽ جي ويجھو ايندي ئي مرڻ شروع ڪندا آهن. پر پويٽي ۽ شمس عباسي، اُهي عالم ۽ اُستاد رهيون آهن، جن آخري وقت تائين علم جي پچار نہ ڇڏي. آپا شمس، رٽائرمينٽ کي ويجھو پھتي تہ سنڌ يونيورسٽيءَ مان پنھنجي چاچي، مولانا حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ جي شخصيت تي پي.ايچ.ڊي ڪري ورتائين ۽ جڏهن رٽائر ٿي تہ لطيف آباد ۽ قاسم آباد ۾ عقيل برائيٽ ڪِڊس اڪيڊميءَ نالي سان بہ اسڪول قائم ڪري ورتائين ۽ آتم ڪٿا لکيائين.

پويٽي هيرانداڻي تہ بنيادي طرح ليکڪا آهي ۽ هن پنجيناليھن کان بہ مٿي ڪتاب لکيا آهن، هن هڪ هنڌ لکيو آهي تہ:

"ليکڪ لاءِ ضروري آهي زندگيءَ جي ڄاڻ. انسان جڏهن زندگيءَ کي تمام گھٽي قريبيءَ سان ٿو ڏسي ۽ زندگيءَ جي لاهين ۽ چاڙهين تي لھي چڙهي ٿو، تڏهن کيس جيون جو راز سمجھہ ۾ اچي ٿو."

آپا شمس جي آتم ڪٿا جو مطالعو ڪجي ٿو تہ واقعي معلوم ٿئي ٿو تہ کيس زندگيءَ جي ڄاڻ آهي. هن زندگيءَ کي تمام ويجھڙائيءَ کان ڏٺو آهي، اُن ڪري کيس زندگيءَ جو راز سمجھہ ۾ اچي ويو آهي. اُهو راز يقيناً ان ماڻھوءَ کي معلوم ٿي سگھي ٿو، جيڪو آپا شمس جي هيءَ آتم ڪھاڻي پڙهندو، ۽ نہ رڳو پڙهندو، پر پڙهي ڪڙهندو بہ.'

آپا شمس عباسيءَ، جنھن دور ۾ تعليم حاصل ڪئي، اُن زماني ۾ ڇوڪرين جي تعليم جو رواج گھٽ هو. خاص ڪري سنڌي مسلمانن وٽ تہ نياڻين جو پڙهائڻ معيوب عمل هو، پر اها سندس ماءُ جي سجاڳ ذهني ۽ دورانديشي هئي، جنھن قوهہ جوانيءَ ۾ بيوهہ ٿيندي بہ، خانداني روايتن ۽ سماجي مخالفت جي پرواهہ نہ ڪري، نياڻين کي پڙهايو.

آپا شمس، ننڍپڻ ۾ پڙهڻ کان وڌيڪ راند روند ۽ شرارتن ۾ حصو وٺندي هئي: ليڪن هن هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج جي تعليم دوران ماءُ ۽ عزيزن جو اعتماد برقرار رکيو. هوءَ ١٩٤٤ع ۾ مدرسة البنات هاءِ اسڪول ۾ ٥٠ روپين تي ماسترياڻي مقرر ٿي. ١٩٤٧ع ۾ ڪراچيءَ مان بي. ٽي جو امتحان پاس ڪيائين. اُنهيءَ دور ۾، هيءَ اڪيلي سنڌي، پرده نشين ۽ حيدرآباد جي ماحول مان آيل مسلمان ڇوڪري هئي، جنهن ڪراچيءَ ۾ وڃي بي.ٽي ڪرڻ جي همت ساري، هِن اُتي وڃي برقعو لاهي ساڙهي پاتي تہ آخر وقت تائين ساڙهي پائيندي اچي. بي.ٽي ڪرڻ بعد پهرين مدرسة البنات ۾ ۽ پوءِ تولارام گرلس هاءِ اسڪول ۾ هيڊ ماسترياڻي ٿي. هيءُ اسڪول اُن وقت شهر کان پري يعني پڪي قلعي حيدر آباد جي پٺيئين پاسي هو، انهيءَ ڪري اُتي اُستادن ۽ شاگرديائين کي پهچڻ ۾ گهڻي تڪليف ٿيندي هئي. جڏهن ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو، ڊي.پي.آءِ ٿيو تہ هن گورنمينٽ هاءِ اسڪول کي تولارام گرلس هاءِ اسڪول واري عمارت مان ڪڍي، ميران گرلس هاءِ اسڪول جي عمارت ۾ هلائڻ جو حڪم ڪيو. جيئن تہ اُن زماني ۾ ڇوڪرين لاءِ ڌار ڪاليج ڪونہ هو ۽ گورنمينٽ ڪاليج ۾ مخلوط تعليم هلندڙ هئي، اُن ڪري ١٩٥٣ع ۾ سنڌ سرڪار ڇوڪرين لاءِ الڳ ڪاليج کولڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ان لاءِ ميران ڪاليج ۾ شام جا ڪلاس شروع ڪيا ويا. آپا شمس عباسيءَ کي گرلس ڪاليج جي هيڊ ماسترياڻيءَ سان گڏ شام جي ڪاليج جي جزوي پرنسپال جي جوابداري پڻ ڏني وئي. هوءَ ٽين بجي تائين هاءِ اسڪول ۾ هيڊ ماسترياڻيءَ طور ۽ ٣ کان ٦ بجي تائين ڪاليج ۾ پرنسپال طور ڊيوٽي ڏئي، ڇهين بجي کان سنڌ يونيورسٽي اولڊ ڪئمپس حيدرآباد ۾ ايم.اي جا ڪلاس اٽينڊ ڪندي هئي، ڇاڪاڻ تہ اُن وقت پرنسپال لاءِ لياقت ايم.اي مقرر هئي، جيڪا هِن اِن نموني محنت ڪري حاصل ڪئي. اڳتي هلي جڏهن زبيده گرلس ڪاليج قائم ٿيو تہ آپا شمس عباسي، ١٩٦٨ع تائين لڳاتار ١٥ سال هن ڪاليج جي پرنسپال رهي. هن ڪاليج جو بنياد، سنڌ جي گورنر، سر حبيب ابراهيم رحمت الله جي بيگم زبيده رکيو هو. ان ڪري ڪاليج تي زبيده گرلس ڪاليج نالو پيو. هن ڪاليج جي عمارت ١٩٥٤ع ۾ مڪمل ٿي. آپا شمس نہ رڳو همت سان ڪاليج هلايو، ڇوڪرين لاءِ هاسٽل ٺهرايائين، پر B.A (Hons), B.Sc B.Sc, Home Economics جا ڪلاس بہ شروع ڪرايائين. اُن لاءِ هن سرڪاري قاعدن قانون جون پابنديون اورانگهي، ٻين لفظن ۾ بيقاعدگيون ڪري، ڪيترا ڪم مڪمل ڪرايا. انهن بيقاعدگين ۾، هينيان اهم.ڪم سنڌس کاتي ۾ شمار ڪري سگهجن ٿا:

(١) هاسٽلر ڇوڪرين کان بجليءَ ۽ ڪمري جي مسواڙ نہ ورتي هئي.

(٢) ڪاليج جو فرنيچر، خاص واڍو ويهاري ٺهرايائين.

(٣) ڪاليج لاءِ ڪئنٽين ۽ بورچيخانو منظور ڪرائي، اُنهن ۾ B.Sc جون ليبارٽريون قائم

ڪيائين ۽ هوم اڪنامڪس جا ڪلاس هلايائين.

مٿين ڪمن جي ڪري آپا شمس عباسيءَ خلاف آڏٽ وارن اعتراض ڪيا، انڪوائريون ٿيون، پر هيءَ بهادر عورت، ايماندار هئڻ سبب هر لڪ ڪاميابيءَ سان لنگهي پار پيئي.

حيدرآباد جي ڪجهه متعصب ۽ اثررسوخ وارن ماڻهن، سندس ڊگهي عرصي تائين پرنسپال رهڻ جي مخالفت ڪئي، نتيجي طور ڪيس لاهور بدلي ڪيو ويو ۽ سندس ساٿياڻين آپا مريم سلطانه نوحاڻيءَ ۽ مسز امينه هاليپوٽيءَ کي لاڙڪاڻي بدلي ڪيو ويو. آپا شمس بعد ۾ مختصر عرصو ڊپٽي ڊئريڪٽر ڪاليجز به رهي. هن جي مقابلي ۾ ڪيترن جونيئر آفيسرن کي ترقي ڏني ويئي، جنهن تي هن پنهنجي حق لاءِ وڏي ويڙهه ڪئي. هڪ دفعي وقت جي هڪ ڪرڙي ڊائريڪٽر ڪاليجز کي بيباڪيءَ سان منهن تي چٽي ڏنائين ته "جونيئر مرد آفيسرن کي شايد اُن ڪري ترقي ڏني ويئي آهي، جو هنن کي 'ڏاڙهي' آهي ۽ مون کي اُن ڪري ترقي نٿي ڏني وڃي، جو مون کي 'ساڙهي' آهي."

آپا شمس ۱۹۷۲ع کان مسلسل ۱۳ سال بيورو آف ڪريڪيولم جي ڊائريڪٽر رهي. هيءَ سڄي پاڪستان مان پهرين عورت هئي، جيڪا ڊائريڪٽر جي عهدي تي پهتي هئي. هن بيورو جي ڊائريڪٽري چئلينج سمجهي هلائي ۽ بهادريءَ ۽ همت سان هيٺيون اهم ڪاميابيون حاصل ڪيائين:

(۱) ٽريننگ اسڪولن ۽ ڪاليجن کي بيورو جي ماتحت ڪرايائين؛

(۲) اسڪولن ۾ عورتن لاءِ هنري تعليم جو نفاذ عمل ۾ آندائين؛

(۳) معذور ٻارن جي تعليم جو انتظام ڪيائين؛

(۴) اسڪولن ۾ لائبرريون کولرايائين؛

(۵) بهبود آباديءَ جي تعليم، بيورو جي ماتحت ڪرايائين؛

(٦) معذور ٻارن لاءِ سکر ۾ اسڪول جي بلڊنگ ٺهرايائين؛

(۷) ٽريننگ ڪاليجن جي استادن جو ليڪچرارن جي برابر درجو منظور ڪرايائين؛

(۸) عورتن جي تعليم لاءِ ٻه اسڪيمون، عالمي ادارن کان منظور ڪرايائين؛

(الف) عورت استادن کي ڪٺي اچڻ ۽ واپس چڙهڻ لاءِ گاڏيون.

(ب) عورتن جي تربيت.

(۹) لطيف آباد، حيدرآباد ۾ عورتن جي فني تربيت لاءِ ادارو قائم ڪرايائين؛

(۱۰) ۹ جنوري ۱۹۸۴ع تي رٽائرمينٽ واري ڏينهن به بيورو جي ملازمن جي پرتيءَ ۽ ترقيءَ جا قاعدا منظور ڪرايائين.

ان مان آپا شمس عباسيءَ جي ائڊمنسٽريشن، فرض شناسيءَ، لگن ۽ همت جو اندازو ڪري سگهجي ٿو.

آپا شمس سچي عمر اصول پرست عورت رهي. وقت جي پابندي سندس بنيادي اصول هوندو هو. هوءَ ڪڏهن به ۽ ڪنهن به ڏينهن، اسڪول، ڪاليج، يا آفيس ۾ دير سان نه ٿي، ۽ پنهنجا فرض ايمانداريءَ سان ادا ڪيائين.

آپا جي آتم ڪٿا مان معلوم ٿئي ٿو ته هن ١٩٦٥ع ۾ NIPA (نيپا) جي چار مهينا ٽريننگ ورتي؛ ملازمت واري عرصي دوران لاتعداد تعليمي رٿائن کي مڪمل ڪرايائين؛ آپوا ۽ عورتن جي ڀلائيءَ وارين تنظيمن جي رهبري ڪيائين؛ عورتن جي ڪيترين ڪانفرنسن ۾، پاڪستان جي نمائندگي ڪيائين، ۽ دنيا جيُ ڪيترن ملڪن جهڙوڪ: بنگلاديش، آسٽريليا، ماسڪو (رشيا)، ايران، ترڪي، انگلنڊ، فلپائن، ڀارت، چين، برلن، بروسيلز، لڪسمبرگ، نيروبي وغيره ۾ مختلف تعليمي، سماجي، عورتن جي ڀلائيءَ ۽ بهبوديءَ وارن سيمينارن، ڪانفرنسن ۽ اجلاسن ۾ ڀرپور حصو ورتائين.

آپا شمس عباسي، سچي چمار خوددار، پاڻ تي ڀاڙيندڙ ۽ باهمت عورت رهي. سندس شادي ١٩٤٩ع ۾ پنهنجي سؤٽ محسن عباسيءَ سان ٿي، ۽ شاديءَ جو خرچ ٻنهي پنهنجي پنهنجي پگهار مان ڪيو. اهڙا مثال، اسان جي سماج ۾ تمام گهٽ ملندا. اهڙيءَ طرح ٻنهي ڄڻن گهر پڻ پنهنجي پگهار جي پئسن مان ڪوءِ سوءِ ڪري، خريد ڪيو.

ان نموني آپا ڊاڪٽر شمس عباسيءَ، پاڻ تي ڀاڙي، سچي زندگي بسر ڪئي، ۽ هن وقت به لطيف آباد ۽ قاسم آباد حيدرآباد ۾ به اسڪول هلائي، اسڪولن جو خرچ ۽ پنهنجو گهرو خرچ پورو ڪري ٿي، آپا جهڙن فردن تي هيٺيون شعر ڪيترو نه ٺهڪي اچي ٿو:

اسين پاڻ امير، دل جي ولايت جا،
تارن جي تدبير، اُتي هلي ڪانه ڪا!



## محبوب اختر پناڻ

# شاهہ عبداللطيف - (پيدائش ۽ وفات جو صحيح عيسوي سن)

"سنڌي ادب" ۾ محترم غلام محمد لاکي جو مقالو "شاهہ لطيف جي سوانح ۽ عيسوي ڪئلينڊر" (۱) پڙهڻ جو موقعو مليو، سندس محنت قابلِ قدر آهي.

محترم غلام محمد لاکي جو شمار هن وقت سنڌ جي برک محققن ۾ ٿئي ٿو. سنڌ تي سندس وسيع اڀياس فخر جي قابل آهي. سندس تحقيق جو دائرو پڻ گوناگون موضوعن تائين پکڙيل آهي. هن حقير، لاکي صاحب جا ڪجهہ مقالا پڙهيا آهن، جن ۾ معلومات جا ڀاري ڀندار نظر اچن ٿا ۽ جن جي پڙهڻ سان مصنف جي علمي عظمت جو اندازو پڻ لڳائي سگهجي ٿو.

مٿي بيان ڪيل مقالي ۾، لاکي صاحب سنڌ جي اديبن ۽ عالمن کي اپيل ڪئي آهي تہ هو سنڌ جي سدا بهار شاعر، لطيف سائينءَ تي تحقيق ڪرڻ دوران عيسوي ۽ هجري ڪئلينڊر جي درست مطالعي ڏانهن توجہ ڏين. سائين لاکي صاحب جي اپيل تي لبيڪ چوندي، مون ناچيز، هت آمريڪا ۾ هِن مقالي ذريعي شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي پيدائش ۽ وفات جي تاريخن تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اميد اٿم تہ "مهراڻ" وسيلي. سنڌ جي علمي حلقن وٽ دلچسپيءَ جو باعث ٿيندو.

مان لاکي صاحب سان متفق آهيان تہ جيئن ملڪ جي ٻين ادبي شخصيتن جي پيدائش ۽ وفات جي تاريخن تعين ڪرڻ لاءِ جيڪا سرڪاري سطح تي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي، ساڳي ڪوشش سنڌ جي هن باڪمال شاعر لاءِ بہ ڪئي وڃي، تہ جيئن پيدائش ۽ وفات جي تاريخن جو مسئلو حل ڪري سگهجي. ساڳيءَ طرح، سنڌ جي اديبن، دانشورن ۽ عالمن کي بہ اهڙي ڪوشش وٺڻ گهرجي تہ جيئن شاهہ عبداللطيف جي ولادت ۽ وفات متعلق صحيح تاريخون معلوم ڪري سگهجن، ۽ جنهن تي اسان جا سمورا عالم ۽ اديب هڪ راءِ سان متفق هجن.

هن ترقي يافتہ دور ۾ اِهو ڪم ايترو ڏکيو بہ ناهي. تازو "اِنٽرنيٽ" تي ڪجهہ اهڙا پروگرام نظر مان گذريا، جن جي مدد سان هجري ۽ عيسوي تاريخون معلوم ڪري سگهجن ٿيون. اهڙي هڪ پروگرام جي ڪاپي مون پنهنجي ذاتي ڪمپيوٽر لاءِ محفوظ ڪئي آهي. هاڻ سوال اِهو هو تہ اِهو پروگرام ڪيتري حد تائين درست تاريخون ڏيئي سگهي ٿو ۽ اُهي تاريخون پروسي جوڳيون بہ هجن تہ جيئن شڪ جي گنجائش نہ رهي.

هيٺ ڪجهہ مثال ڏجن ٿا، جن جي آڌار تي خاطري ٿي تہ اِهو پروگرام مڪمل طرح پروسي

• هن عنوان تي ابتدائي تفصيلي بحث لاءِ ڏسجي: "شاهہ جي سوانح جا بہ اهم پهلو"، رسالو "مهراڻ"، نمبر ۳ سال ۱۹۸۵ع. سنڌي ادبي بورڊ (ليکڪ غلام محمد لاکو) -ادارو.

جوڳو آهي. غلطي جي بهرحال هر جڳهہ تي ٿوري گهڻي گنجائش هوندي آهي. ڪو بہ پروگرام، خاص طرح هجري ۽ عيسوي سنہ کي تبديل ڪرڻ ۾ سؤ فيصد دُرست ڪونہ ٿي سگهجي. اِهو اڳتي جي تحقيق ڪندڙن تي ڇڏيل آهي تہ هو وڌيڪ تحقيق ڪن ۽ صحيح حقيقتون پيش ڪن.

مثال: ١- سال ١٩٨٧ع ۾ مون ڪجهہ پراڻيون اخبارون سنڌالاجي جي لائبريريءَ مان فوٽو اسٽيٽ ڪرايون هيون، جنهن ۾ هڪ پرچو الوحيد اخبار جو بہ آهي. هي اخبار آچر ٢٧ آگسٽ ١٩٣٩ع، مطابق ١١ رجب المرجب ١٣٥٨هہ تي شايع ٿي. جڏهن اِها تاريخ پروگرام ۾ داخل ڪيم تہ هجري ۽ عيسوي تاريخون بيئي صحيح نڪتيون.

مثال: ٢- مولوي دين محمد وفائي، "تذڪره مشاهير سنڌ" جلد ١، ص ١١، تي ميان محمد اشرف (ڪاماري شريف واري بزرگ) جي وفات جي تاريخ ١٤ ربيع الاول، آچر، سنہ ١٢٧٧هہ) لکي آهي. جڏهن اِها تاريخ پروگرام ۾ داخل ڪيم تہ عيسوي سنہ جي تاريخ (آچر) ٣٠ سيپٽمبر ١٨٦٠ع نِڪتي: بيا بہ ڪجهہ مثال مٿئين ڪتاب مان ڏنم، جيڪي سمورا صحيح نِڪتا. (١-الف)

## شاهہ جي ولادت:

شاهہ عبداللطيف جي ولادت جي سَن متعلق مختلف رايا آهن. سر رچرڊ برٽن، شاهہ جي پيدائش جوسال ١٦٨٠ع ٻڌايو آهي.(٢). ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ بہ ساڳيو سال قرار ڏنو آهي (٣). راج رشي ڏيارام گدومل شاهہ جي ولادت جو سال ١٠٩٧هہ ٻڌايو آهي(٤). سنڌ جي ناميارِي عالم مرزا قليچ بيگ شاهہ جي ولادت جو سال ١٦٨٨ع -١٦٨٩ع قرار ڏنو آهي (٥). ليلارام وطن مل "خاڪي" شاهہ جي ولادت جو سال ١٦٨٨ع ٻڌايو آهي(٦). جيٺمل پرسرام گلراجاڻي لکيو آهي تہ شاهہ جي پيدائش ١٦٨٠ع کان ١٦٩٠ع جي وچ ۾ ڪنهن هڪ سال ۾ ٿي سگهي ٿي(٧). بهرحال سنڌ جا بيشتر عالم اِن ڳالهہ تي متفق آهن تہ شاهہ لطيف جي ولادت هجري سنہ ١١٠٢هہ ۾ ٿي آهي. هاڻ اچو تہ ولادت جي ڏنل هِن سال تي ڪجهہ روشني وجهون تہ جيئن صحيح عيسوي سال جي خبر پوي. هيٺ هڪ چارٽ ڏجي ٿو، جيڪو عيسوي ۽ هجري سال صحيح تعين ڪري ٿو.

| ڏينهن | تاريخ | مهينو | سال (هہ) | ڏينهن | تاريخ | مهينو | سال (ع) |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| هجري سال | | | | عيسوي سال | | | |
| ١٢- سومر | ١ | ذوالحج | ١١٠١هہ | سومر | ٤ | سيپٽمبر | ١٦٩٠ع |
| ١- اربع | ١ | محرم | ١١٠٢هہ | اربع | ٤ | آڪٽوبر | ١٦٩٠ع |
| ٢- خميس | ١ | صفر | ١١٠٢هہ | خميس | ٢ | نومبر | ١٦٩٠ع |
| ٣- چنڇر | ١ | ربيع الاول | ١١٠٢هہ | چنڇر | ٢ | ڊسمبر | ١٦٩٠ع |

| ڏينهن | تاريخ | مهينو | سال (هه) | ڏينهن | تاريخ | مهينو | سال (ع) |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ۴- سومر | ۱ | ربيع الثاني | ۱۱۰۲هه | سومر | ۱ | جنوري | ۱۶۹۱ع |
| ۵- اربع | ۱ | جمادي الاول | ۱۱۰۲هه | اربع | ۳۱ | جنوري | ۱۶۹۱ع |
| ۶- جمع | ۱ | جمادي الثاني | ۱۱۰۲هه | جمع | ۲ | مارچ | ۱۶۹۱ع |
| ۷- ڇنڇر | ۱ | رجب المرجب | ۱۱۰۲هه | ڇنڇر | ۳۱ | مارچ | ۱۶۹۱ع |
| ۸- سومر | ۱ | شعبان | ۱۱۰۲هه | سومر | ۳۰ | اپريل | ۱۶۹۱ع |
| ۹- اڱارو | ۱ | رمضان | ۱۱۰۲هه | اڱارو | ۲۹ | مئي | ۱۶۹۱ع |
| ۱۰- اربع | ۱ | شوال | ۱۱۰۲هه | اربع | ۲۷ | جون | ۱۶۹۱ع |
| ۱۱- جمع | ۱ | ذوالقعد | ۱۱۰۲هه | جمع | ۲۷ | جولاءِ | ۱۶۹۱ع |
| ۱۲- ڇنڇر | ۱ | ذوالحج | ۱۱۰۲هه | ڇنڇر | ۲۵ | آگسٽ | ۱۶۹۱ع |
| ۱- آچر | ۱ | محرم | ۱۱۰۳هه | آچر | ۲۳ | سيپٽمبر | ۱۶۹۱ع |

سنڌ جي عالمن جي متفقه راءِ موجب، شاهه صاحب جي ولادت جو هجري سال ۱۱۰۲هه آهي. پر هاڻ سوال اِهو ٿو پيدا ٿئي ته عيسوي سال ڪهڙو آهي؟ مٿي ڏنل چارٽ تي نظر وجهڻ سان اِها خبر پوي ٿي ته اهو سال يا ته ۱۶۹۰ع آهي يا ۱۶۹۱ع آهي. اگر اسان کي اِها خبر هجي ته شاهه عبداللطيف ۱۱۰۲هه جي ڪهڙي مهيني ۾ جنم ورتو آهي ته اسين آسانيءَ سان عيسوي سن جو تعين ڪري سگهون ٿا، پر جيئن ته اسان کي مهيني جي خبر ڪانه آهي، انڪري شاهه عبداللطيف جي جنم جو سال عيسوي ڪئلينڊر مطابق ۱۶۹۰ع يا ۱۶۹۱ع ٿيندو. ان چارٽ کي ڏسڻ کان پوءِ اِها خاطري ٿي ويندي ته شاهه عبداللطيف جي ولادت جو عيسوي سال ۱۶۹۱/۹۰ع آهي. اُميد اٿم ته پڙهندڙ پڻ ان سال سان اتفاق ڪندا. هڪ اڌ تاريخ جو فرق ٿي سگهي ٿو، پر سالن جو فرق نٿو ٿي سگهي.

## شاهه جي وفات:

شاهه عبداللطيف جي وفات جو سال سڀ کان پهرين سنڌ جي عظيم مورخ مير علي شير قانع ٻڌايو آهي. اُن جي لکڻ موجب شاهه صاحب جي وفات سنه ۱۱۶۵هه ۾ ٿي آهي. سر رچرڊ برٽن شاهه جي وفات جو سال ۱۱۶۱هه لکيو آهي(۸). ڊاڪٽر ٽرمپ پڻ شاهه جي وفات جو ساڳيو سال لکيو آهي(۹). ڏيارام گدومل سال ۱۱۶۰هه ڄاڻايو آهي(۱۰). مرزا قليچ بيگ، شاهه عبداللطيف جي وفات جي تاريخ ۱۴- صفر ۱۱۶۵هه ٻڌائي آهي(۱۱). اِن تاريخ تي پوين عالمن انحصار ڪيو آهي ۽ اِها ئي تاريخ دُرست قبول ڪئي ويئي آهي، جنهن تي موجوده دور جا سڀ محقق متفق آهن.

مرزا قليچ بيگ شاهه لطيف جي وفات جو عيسوي سال ۱۷۵۱ع ۽ ۱۷۵۲ع لکيو آهي(۱۲).

مير عبدالحسين خان "سانگي"، شاهہ جي وفات جو عيسوي سنہ ١٧٥١ع ڄاڻايو آهي(١٣). ليلارام وطڻ مل "خاڪي"، شاهہ جي وفات جو سال ١٧٥١ع لکيو آهي(١٤). غلام محمد لاکي جي تحقيق موجب اِهو سال ١٧٥١ع ۾ تاريخ ٢٢- ڊسمبر آهي(١٥). پروفيسر سنتداس جهانگياڻي پنهنجي ٿيسز ۾ وفات جو سال ١٧٥١ع ۾ تاريخ ٢٢- ڊسمبر ڄاڻائي آهي، جيڪا لاکي صاحب جي تاريخ سان ملي ٿي(١٦).

اسين هيٺ چارٽ ڏيون ٿا، جنهن مان شاهہ عبداللطيف جي وفات جو صحيح سال (۽ تاريخ پڻ) عيسوي ڪئلينڊر موجب آسانيءَ سان معلوم ڪري سگهجي ٿو. آءٌ ائين نٿو چوان تہ ڪو لاکو صاحب غلط آهي، يا آنجهاني جهانگياڻي صاحب غلط هو. ٻنهي صاحبن جي تحقيق پنهنجيءَ جاءِ تي قائم آهي. منهنجي تحقيق موجب عيسوي سنہ جي تاريخ هيٺين چارٽ مان آسانيءَ سان معلوم ڪري سگهجي ٿي. پوءِ اِهو محققن تي ڇڏيل آهي تہ هو ڪهڙي تاريخ کي ٺيڪ صحيح قرار ڏين.

| هجري سال | | | | عيسوي سال | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ڏينهن | تاريخ | مهينو | سال | ڏينهن | تاريخ | مهينو | سال |
| ١- سومر | ١ | محرم | ١١٦٤هہ | سومر | ٣٠ | نومبر | ١٧٥٠ع |
| ٢- اربع | ١ | صفر | ١١٦٤هہ | اربع | ٣٠ | ڊسمبر | ١٧٥٠ع |
| ٣- جمع | ١ | ربيع الاول | ١١٦٤هہ | جمع | ٢٩ | جنوري | ١٧٥١ع |
| ٤- ڇنڇر | ١ | ربيع الثاني | ١١٦٤هہ | ڇنڇر | ٢٧ | فيبروري | ١٧٥١ع |
| ٥- سومر | ١ | جمادي الاول | ١١٦٤هہ | سومر | ٢٩ | مارچ | ١٧٥١ع |
| ٦- اڱارو | ١ | جمادي الثاني | ١١٦٤هہ | اڱارو | ٢٧ | اپريل | ١٧٥١ع |
| ٧- اربع | ١ | رجب المرجب | ١١٦٤هہ | اربع | ٢٦ | مئي | ١٧٥١ع |
| ٨- جمع | ١ | شعبان | ١١٦٤هہ | جمع | ٢٥ | جون | ١٧٥١ع |
| ٩- ڇنڇر | ١ | رمضان | ١١٦٤هہ | ڇنڇر | ٢٤ | جولاءِ | ١٧٥١ع |
| ١٠- آچر | ١ | شوال | ١١٦٤هہ | آچر | ٢٢ | آگسٽ | ١٧٥١ع |
| ١١- اڱارو | ١ | ذوالقعد | ١١٦٤هہ | اڱارو | ٢١ | سيپٽمبر | ١٧٥١ع |
| ١٢- خميس | ١ | ذوالحج | ١١٦٤هہ | خميس | ٢١ | آڪٽوبر | ١٧٥١ع |
| ١- جمع | ١ | محرم | ١١٦٥هہ | جمع | ١٩ | نومبر | ١٧٥١ع |
| ٢- آچر | ١ | صفر | ١١٦٥هہ | آچر | ١٩ | ڊسمبر | ١٧٥١ع |
| ٣- اڱارو | ١ | ربيع الاول | ١١٦٥هہ | اڱارو | ١٨ | جنوري | ١٧٥٢ع |
| ٤- خميس | ١ | ربيع الثاني | ١١٦٥هہ | خميس | ١٧ | فيبروري | ١٧٥٢ع |
| ٥- جمع | ١ | جمادي الاول | ١١٦٥هہ | جمع | ١٧ | مارچ | ١٧٥٢ع |

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ٦- آچر | ١ | جمادي الثاني | ١١٦٥هه | آچر | ١٦ | اپريل | ١٧٥٢ع |
| ٧- سومر | ١ | رجب المرجب | ١١٦٥هه | سومر | ١٥ | مئي | ١٧٥٢ع |
| ٨- اڱارو | ١ | شعبان | ١١٦٥هه | اڱارو | ١٣ | جون | ١٧٥٢ع |
| ٩- خميس | ١ | رمضان | ١١٦٥هه | خميس | ١٣ | جولاءِ | ١٧٥٢ع |
| ١٠- جمع | ١ | شوال | ١١٦٥هه | جمع | ١١ | آگسٽ | ١٧٥٢ع |
| ١١- ڇنڇر | ١ | ذوالقعد | ١١٦٥هه | ڇنڇر | ٩ | سيپٽمبر | ١٧٥٢ع |
| ١٢- سومر | ١ | ذوالحج | ١١٦٥هه | سومر | ٩ | آڪٽوبر | ١٧٥٢ع |
| ١- اڱارو | ١ | محرم | ١١٦٦هه | اڱارو | ٧ | نومبر | ١٧٥٢ع |

مٿئين چارٽ جي عيسوي ڪئلينڊر مطابق شاهہ صاحب جي وفات جي تاريخ هيٺ ڏجي ٿي:

(١٤- صفر سنہ ١١٦٥هه مطابق ڇنڇر، ١ جنوري سنہ ١٧٥٢ع)

مان اٿين نٿو چوان تہ ڪو لاڪي صاحب جو ڏنل سال ۾ تاريخ صحيح ڪونهي، پر اِن چارٽ موجب اُها تاريخ ڪجهہ صحيح نٿي لڳي. منهنجي حساب موجب شاهہ عبداللطيف جي وفات جو صحيح عيسوي سال ۾ تاريخ، ١٤- صفر ١١٦٥هه جي حوالي ۾ مطابقت سان "ڇنڇر ١- جنوري سنہ ١٧٥٢ع" بيهي ٿو.

مخدوم محمد زمان "طالب الموليٰ" پنهنجي ڪتاب "يادِ رفتگان" ۾ ص ٣ تي شاهہ جي وصال جي تاريخ (٢- جنوري، ١٧٥٢ع) لکي آهي (١٧)، جيڪا بلڪل نمڪنڊڙ آهي. منهنجي خيال ۾ شاهہ صاحب جو انتقال ١ يا ٢ جنوري سنہ ١٧٥٢ع ۾ ٿيو آهي. هاڻي اِهو اڳتي جي ڪوجنا ڪندڙن تي ڇڏيل آهي تہ هو وڌيڪ ڪوجنا ڪن. شاهہ عبداللطيف جي عُمر هجري سال مطابق ٦٣ سال ٿئي ٿي، يعني (١١٦٥-١١٠٢هه) = ٦٣ سال.

عيسوي سال مطابق اگر شاهہ صاحب جي ولادت آڪٽوبر يا نومبر يا ڊسمبر ١٦٩٠ع يعني ١١٠٢هه ۾ ٿي آهي تہ پوءِ سندس عمر ٦٠ سال ۽ ڪجهہ مهينا ٿيندي. عيسوي سال مطابق اگر شاهہ صاحب جي ولادت ١٦٩١ع ۾ ٿي آهي ۽ وفات جنوري ١٧٥٢ع ۾ تہ پوءِ شاهہ صاحب جي عمر تقريباً ٦٠ سال ٿيندي. ان جو سبب اِهو آهي تہ عيسوي سال وڏا ٿين ٿا ۽ هجري سال اُن جي ڀيٽ ۾ ننڍا آهن.

لاڪي صاحب پنهنجي مضمون ۾ مرزا مغل بيگ ارغون جي وفات جي تاريخ ٢٤- صفر جمع جو ڏينهن سنہ ١١٢٩هه لکي آهي. اها تاريخ مرزا جي مزار جي ڪتبي تي لکيل آهي. لاڪو صاحب اڳتي لکي ٿو تہ "عيسوي ڪئلينڊر موجب هي واقعو ٢٢ مارچ ١٧١٢ع تي بيهي ٿو، پر ان صورت ۾ جمعي بجاءِ ڏينهن ڇنڇر جو ملي ٿو."

منهنجي حساب موجب جمع ۲۴- صفر ۱۱۲۴هه، عيسوي ڪئلينڊر موجب جمع جو ڏينهن، ۱-اپريل ۱۷۱۲ع ٿيندو. انڪري چئي سگهجي ٿو تہ جمع جو ڏينهن صحيح آهي. البتہ اِهو واقعو ۲۲- مارچ جي بجاءِ پهرين اپريل ۱۷۱۲ع جو آهي. لاڪي صاحب جو ڏنل سال بلڪل صحيح آهي، جنهن سان مان متفق آهيان.

اُميد آهي تہ سنڌ جا محقق هن مقالي تي توجہ ڏيندا ۽ ڪوشش ڪري پنهنجا رايا ڏيندا تہ جيئن ان مسئلي کي جلد از جلد مڪمل طرح حل ڪيو وڃي، ۽ شاهہ صاحب جي ولادت ۽ وفات جي دُرست سالن جو تعين ڪري سگهجي.

## حوالا


۱- غلام محمد لاڪو، "شاهہ لطيف جي سوانح ۽ عيسوي ڪئلينڊر"، "سنڌي ادب"، جلد: ۱۱، نمبر۱، سال: ۱۹۸۹ع، ص ۱۵۱-۱۵۹.

۱-(الف) مولانا دين محمد وفائي: "تذڪره مشاهير سنڌ": جلد اول، سنڌي ادبي بورڊ، سال۱۹۸۵ع.

۲- ايضاً: ص ۱۵۲
۳- ايضاً: ص ۱۵۲
۴- ايضاً: ص ۱۵۲
۵- ايضاً: ص ۱۵۲
٦- ايضاً: ص ۱۵۲
۷- ايضاً: ص ۱۵۲
۸- ايضاً: ص ۱۵۵
۹- ايضاً: ص ۱۵۵
۱۰- ايضاً: ص ۱۵۵
۱۱- ايضاً: ص ۱۵۵
۱۲- ايضاً: ص ۱۵۵
۱۳- ايضاً: ص ۱۵۵
۱۴- ايضاً: ص ۱۵٦
۱۵- ايضاً: ص ۱۵٦
۱٦- ايضاً: ص ۱۵٦

۱۷- مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ: "يادِرفتگان". سنڌي ادبي بورڊ، سال ۱۹۹۹ع.

۱۸- ايضاً، ص ۱۵۳.




# مهربان لکندڙن لاءِ ڪجهہ گذارشون

(١) پنهنجون تخليقون موڪلڻ وقت "مهراڻ" جي معيار ۽ روايتن کي خيال ۾ رکڻ کپي ۽ اهو ڄاڻائڻ لازمي آهي تہ اُهي اڻڇپيل آهن ۽ ڇپجڻ لاءِ ڪنهن بہ رسالي يا اخبار کي نہ موڪليل آهن.

(٢) مواد ۾ پيش ڪيل رايون، تجويزن، نتيجن ۽ علمي فڪري زاوين جي سموري ذميواري مانوارن ليکڪن جي هوندي. سندن راين کي "سنڌي ادبي بورڊ" جي راءِ نہ سمجهڻ کپي.

(٣) ترجمي جي صورت ۾، جتان مواد ترجمو ڪيو وڃي، اُن جي اصل جي صاف فوٽو ڪاپي ساڻ موڪلڻ بيحد ضروري آهي. ان طرح حوالا پڻ ڄڻائيءَ سان ڄاڻائڻ لازم آهن، جي آخر ۾ اَچن.

(٤) اهو ضروري ڪونهي تہ ڪوبہ مواد بروقت شايع ٿي وڃي يا ضرور ڇپجي. اشاعت جي باري ۾ ايڊيٽر جو فيصلو آخري سمجهيو ويندو. نہ ڇپجڻ جي حالت ۾، سبب ڄاڻائڻ لاءِ ايڊيٽر ٻڌل نہ رهندو.

(٥) ايڊيٽر کي مواد ۾ درستين ۽ ڦيرڦار ڪرڻ جو اختيار آهي. البت ان ڳالهہ جو خيال رکيو ويندو تہ جيئن مواد جو اصل مفهوم قائم رهي.

(٦) فوٽو اسٽيٽ صورت ۾ مواد ڪنهن بہ صورت قبول ڪونہ ڪيو ويندو. ان طرح ڪاغذ جي ٻنهي پاسن تي لکت پسند ڪانہ ڪئي ويندي.

(٧) مواد، صاف سُٺن اکرن ۾، مس سان، فل اسڪيپ ڪاغذ تي لکيل هئڻ گهرجي. آخر ۾ پنهنجي ائڊريس ڄاڻائڻ نہ وسارجي. فون نمبر هجي تہ اُهو بہ لکجي.

(٨) پنهنجي مواد جو نقل پاڻ وٽ ضرور رکڻ کپي. ادارو آيل مواد موٽائڻ لاءِ ٻَڌل نہ رهندو.

(٩) ٽِڙ تڪڙ ۾ رَهڙي موڪليل مواد جي ڪري هڪ طرف غلطين جو امڪان رهي ٿو تہ ٻئي طرف درستين لاءِ ڪافي وقت ڏيڍو پوي ٿو. جيتري قدر ٿي سگهي، اطمينان ڪجي تہ مواد آخري طرح صاف ۽ واضح، مڪمل ۽ صحيح آهي. - ادارو

”ڪهاڻيءَ جي معنيٰ هر ڪنهن پڙهندڙ لاءِ ڌار ڌار آهي. اها معنيٰ مڪمل طرح سان خود ڪهاڻيءَ ۾ به نه هوندي آهي. گهڻو ڪري فِڪشن جو ڪوبه ڪارنامو ٻن پڙهندڙن لاءِ بلڪل ساڳي ڪهاڻي نٿو هجي؛ هرڪو اُن ۾ ڪجهه مختلف ڏسي ٿو. هو منجهس اُهوئي ڏسندو، جيڪو هن خود ۾ ڏسڻ جي اهليت هوندي. پڙهندڙن جي اُنهن مختلف ردعملن ۾ ايترو ته وڏو فرق هوندو آهي، جو ڪهاڻي هڪ شخص لاءِ بي معنيٰ ۽ ٻئي لاءِ تمام بامعنيٰ هوندي آهي.“ - **لي آن سرميلين**

# ڪهاڻيون

هاڻي جي ڪير مون ڪان پڇي ته ميان سقراط، تون پنهنجي اُنهيءَ روش تي پشيمان نٿو ٿين، جنهن جي نتيجي ۾ توکي موت جي سزا جو خطرو درپيش ٿي سگهي ٿو؟ ته منهنجو سڌو سنئون جواب هي ٿيندو ته: دوستو! اوهين ڀُليا آهيو. جي اوهين سمجهو ٿا ته هڪ لائق ماڻهو موت ۽ زندگيءَ جي امڪانن جي تور تڪ ۾ پنهنجو وقت خرچ ڪندو هوندو ته اوهين ڀُليا آهيو. اهڙا (لائق) ماڻهو زندگيءَ جي هر عمل ۽ معاملي ۾ فقط اِهو نقطو ڌيان ۾ رکندا آهن ته هو جيڪي ڪجهه ڪري رهيا آهن، سو صحيح آهي يا غلط، نيڪ آهي يا بد. جيڪو ماڻهو هڪ ڀيرو پنهنجي (حق جي) موقف تي قائم ٿي ويندو آهي، سو ذلت جي ڀيٽ ۾ موت ۽ خطرن جي پرواهه نه ڪندو آهي (ذلت جي ڀيٽ ۾ موت ۽ خطرن کي قبول ڪندو آهي). ته صاحبو! اِنهيءَ ڪري ئي مون پنهنجي (قول ۽ فعل جي) هر موڙ تي موت ۽ خطرن کي منهن ڏنو آهي ۽ جڏهن ته آءٌ سمجهان ٿو ته خدا مون کي هڪ حڪيم ۽ فيلسوف جي زندگي گهارڻ لاءِ مقرر ڪيو آهي- ته آءٌ پنهنجي ۽ ٻين جي تشخيص ۽ تجزيو ڪندو رهان- ته اُنهن مرحلن ۾ به آءٌ موت ۽ خطرن کي منهن ڏيندو ئي رهيو آهيان. - **سقراط**

**ابن الياس سومرو**

# ڳاڙهو وڏُڙو

جڏهن صديق جي لوڙهي کي اوچتو باهه لڳي ته ڳوٺ جي گهرن ۾ مرد ماڻهو سڀ موجود هئا. وٺ وٺان ٿي ويئي. عبدالله ۽ مُريد کوهه تي پهتا. پيرل، اميد علي، عرس ۽ جُڙيو پاڻي پهچائڻ ۾لڳي ويا. مبارڪ ڳوٺ جو ڏاڍو جوان هو، ڊوڙي وڃي گهران ٻيانو ڪٽي آيو ۽ وجهندي ٻرندڙن ڏنگرن کي ڇڪي پرتي ڪيائين، جيئن باهه پاسي وارن گهرن ۽ لوڙهي تي پهچي نه سگهي. صبح سوير مُجاورن واري هُڙيءَ مان ٻه ٻُورَ ڪٽي اچي صديق جي لوڙهي کي ڍڪيائين، جيئن اوگهڙ نه ٿئي. سڄو ڳوٺ ائين ڪم ڪري رهيو هو، جڻ هڪ ئي ڪٽنب جا ڀاتي هجن. فقط وڏيري جي گهران ڪا پهر ڪانه نڪتي. وڏيرو حاجي قادر بخش پنهنجين چڱاين کان مشهور هو، پر هاڻ جڏهن کان فالج جي حملي ۾ ڪٽ پاٿاري ورتائين ۽ واڻِي بند ٿي ويس، تڏهن کان اچي ڪاري ۽ ڇوڙڻ ٻڌڻ جو اختيار پٽس رئيس دُروءَ کي اچي ويو هو.

صبح جو يارهين وڳي رئيس دُرو نيرڻ ڪرڻ کان پوءِ ڇيت سان ڏندَ کوٽيندو، ڪاڏي جا ذرڙا ٿُوڪاريندو اوطاق تي پهتو. سڀ واندا سنگتي، جن کي ڳوٺ جو درويش فتح فقير ماءُ ٻيءُ جا پٽيل سڏيندو هو، اتي ٻيٺا. دُروءَ ٻچل ڏانهن مُنهن ڪري پڇيو: "اي، ڪنهن جا گهر سڙيا آهن؟" سڀ هڪ ٻئي جو منهن ڏسڻ لڳا، جڻ ڪجهه ٿيو ئي ڪونه هو! پلا هن جي پڪين جاين ۽ ڪوٺن کي نڪي لهس نڪي لوڏو، سو ٻين جو ڪهڙو احساس! هي هميشه ڳوٺ جي مصيبت تي خوش ٿيندو هو: ٻين ڌُرين کي ويڙهائڻ ۾ پنهنجي وڏماڻهپي ۽ ڪاميابي سمجهندو هو.

اسڪول جو نوجوان ماستر صاحب يونيورسٽيءَ مان تازو فارغ ٿيل، وڏي جذبي سان آيو هو ته قومي خدمت جي ابتدا ٻهراڙين کان ڪجي. پنهنجي شاگرديءَ واري عرصي ۾ سنڌي سڌار ڪاميٽيءَ جو صدر پڻ رهي چڪو هو، پر دُروءَ جي ڪرتوتن کان بيزار ٿي بدلي ڪرائي ويو هليو. دُرو پنهنجي مُنهن اسڪول کولرايو. شادين دعوتن ۽ محفلن جا پٽ ڪارائيندو هو. صبح جو ماستر صاحب ڇوڪرن کان ٻيڙين جا اڌڙَ، هڏا ۽ سُڪل ڇانور اچي ڪلاسن مان ميڙائيندو هو. انهيءَ بابت ماستر کي دروءَ جيڪو جواب ڏنو هو سو ٻه ڪِل جهڙو هو. چي: پٽَ ٻه ڇورن جي ماڻٽن ڪاڏا آهن، ميڙيندا ته ڇا ٿي پوندو!

مسجد سڳوريءَ جي پيش امام مولوي خدا بخش رڳو هڪ دفعو اها ڳالهه ڪنهن سان ڪئي ته مسجد جي ڀر ۾ ناچو گهرائي ننري مچائڻ ۽ ڏمچر ڪرڻ مناسب نه آهي ته صبح جو سنگت جي اڳيان

اُن جي مُنهن جو پاڻي وٺي ڇڏيائين. "مُلان! تون اسان جون ڳالهيون ڪندو وتين.... مسجد به اسان جي ۽ رکيو به اسان توکي... اهڙو آهين ته پڌ ٽيڙ، ٿي راهي." مولوي صاحب نيڪ مرد هو، شام جو ئي جيڪب آباد روانو ٿي ويو.

ٻيلي واري ڳوٺ مان پانهن ڪٽي آيو ته هِتان جا ماڻهو راڄ مان پنهنجي پوتين نڪري ويا. مرڳو دشمني ۾ هنن مقام ۾ مڙهه پورڻ ڇڏي ڏنا ۽ اوريان سخيءَ واري قبرستان ۾ جنازا پورڻ لڳا. انهن ڪارن ڪان ڳوٺ راڄ وارا سڀ دروءَ کان دل ئي دل ۾ نفرت ڪندا هئا. هن جي هاڻ صديق جي نياڻي پانان تي اک هئي. پٽڪو اِهو به پڌڻ ۾ آيو پئي ته صديق جي لوڙهي ڪي ڇُوڇڙي به دروءَ جي اشاري تي لڳائي ويئي هئي، جيئن صديق هبسيل رهي. صديق ڳوٺ جو عزت وارو ماڻهو هو. هيءَ حالت ڏسي ڪئين گهمرا ڳوٺ ڇڏڻ جو ارادو ڪيائين، پر صديق ٻن باهين جي وچ ۾ هو: هڪ ته پنهنجا اباڻا ٻٽي جريب زمين ڪي دُرو ڦباڻڻ ۾ دير نه ڪندو. اڳيئي پنهنجن اپرن ماڻهن ۽ يتيمن جا ڪاتا بدلائي پنهنجي نالي ڪرائي ڇڏيا هئائين. ٻئي طرف پانان جو خيال. بس اينترو چوندو هو ته، "ابا، خدا پڇندس."

سانوڻ بيٺو ته غريبن پنهنجا جهوپڙا سنياپا. مَنَ ۽ ڇپرا، وڻاڻ ۽ واڙا پختا ڪيا. متان وڏڦڙو واهي وڃي. هڪ رات آسمان تي ڪڪرن جي ڪاري چادر چڙهيل هئي. خاموشي ايڏي جو نمن جا وڻ به هڪ راڪاس وانگر پئي لڳا. اوچتو آڌي رات جو ڳوٺ متان گولين جا زرڙاٽ ٿي ويا. غريب پنهنجن ٻارن ٻچن سميت گهرن جي پاسي ڪنڊن ۾ وڃي پناهه ورتي. ڪوبه سمجهي نه سگهيو ته هي گولين جا وسڪارا ڪتان پيا ٿين. البت ڪجهه آوازن ۽ دبيل دبيل ڇيخن مان سمجهي ويا ته وڏيري جي گهر تي هٿياربندن چڙهائي ڪئي آهي. ڪجهه دير ڪان پوءِ موت جهڙي چپ چاپ ٿي ويئي ته ڪوبه ٻاهر نڪرڻ جي همت نه پيو ساري سگهي. ٻه ٽي نوجوان گڏجي وڏيري جي گهر اندر گهڙي ويا ته وڏيرو ۽ وڏيري جي گهرواري ۽ ننڍي رئيس دروءَ جا لاش رت ۾ ٻڏا پيا هئا. هٿياربند سهي سنبري آيا هئا. ٻي هر ڪا شيءِ پنهنجيءَ جاءِ تي موجود هئي، فقط دروءَ جي ڪنيل پانهن ۽ سندس نوجوان پيڻ موجود نه هيون.... همراهه پلاند ڪري ويا هئا.



## ايوب عُمراڻي

# واپسي

ٽيهہ سال جيل جي دوزخ ۾ سڙڻ سچ پچ تہ تمام وڏو عذاب آهي، پر هن اهو عذاب سهي ورتو. گهڻا قيدي ايڏي وڏي سزا ڪٽيندي چريا ٿي ويندا آهن، يا ڪنهن خطرناڪ بيماريءَ ۾ مبتلا ٿي سزا ڪٽڻ کان اڳ ۾ ئي مري ويندا آهن، پر هُو عجيب ماڻهو هو- ٽيهن سالن جو اجگر جيڏو وقت پل پل ڪري گذاري ڇڏيائين! سندس راهہ ۾ نہ جيل انتظاميہ جي قهري ڪارندن جو ظلم رڪاوٽ بنيو ۽ نہ ئي وري جيل جي گندي ڏُپاري ۽ گهٽيا ماني. فرق رڳو ايترو ٿيو جو هو جڏهن جيل ۾ واڙيو ويو هو، تڏهن ٽيهن سالن جو اڙٻنگ جوان هو. سندس هڪ بہ وار اڇو نہ هو. اکين ۾ ڏيا هئس ۽ ڳٽا تازي رت سان ٽماٽي جيان چمڪي رهيا هئس، پر اڄ جڏهن هو جيل مان آزاد پئي ٿيو تڏهن ڪوبہ وار ڪارو نہ رهيو هو. ڏيادار اکيون اجهامي ويون هيس. ڳٽن مان جوانيءَ جو رس چوسجي ڪڏون پئجي ويون هيس ۽ هڏڀاڻون ظاهر ٿي پيون هيس. جيتوڻيڪ چمري جي ضعيفي لڪائڻ لاءِ هن ڊگهي ڏاڙهي ڇڏي هئي، پر اُهائي ڊگهي ڏاڙهي سندس پوڙهپڻ جي ثابتي ڏيئي رهي هئي.

جڏهن جيل مان آزاد ٿيڻ جو حڪم مليس تہ جيل ۾ ڪمايل رقم ضرورتمند قيدين ۾ ورهائي، پاڻ سان رڳو ٻاڙي جا پئسا کنيائين. جيل کان ٻاهر نڪتو تہ کيس زمانو ڪافي بدليل نظر آيو. شهر، رستا، ماڻهو ۽ ماحول سڀ بدليل هئا. هو ڳوٺ واري بس ۾ ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي سڃاڻي نہ سگهيو نہ ئي وري ڪنهن کيس سڃاتو. سڀڪو پنهنجي هڻ هٿان ۾ هو. هن ڏانهن ڪنهن بہ توجهہ نہ ڏنو. جنهن سيٽ تي هو ويٺل هو، اُتي هڪ پنجويهہ ڪن سالن جو نوجوان ويٺو هو. جواني سندس انگ انگ مان ڦُٽي رهي هئي. هن سوچيو تہ هو جڏهن جيل ويو هو، تڏهن ان نوجوان جو هن دنيا ۾ ڪوبہ وجود نہ هوندو، پر وقت ڪيڏو تيزيءَ سان گذري ويو آهي، جو سندس جيل وڃڻ کان پوءِ ڄاول ٻار هڪ مرد جي روپ ۾ سندس پر ۾ ويٺو آهي! جيڪڏهن کيس بہ جيل وڃڻ کان اڳ پٽ ڄاول هجي ها تہ اڄ اُهو ان نوجوان کان بہ وڏو هجي ها ۽ جيڪڏهن سندس پٽ شادي ڪري ها تہ هو اڄ ٻن ٽن ٻارن جو ڏاڏو هجي ها. پر قسمت کي ڇا چئجي، جو شاديءَ کان صرف هڪ مهينو پوءِ هو جيل جي ديوارن پويان هليو ويو ۽ الهڙ جوان فاطمہ کي ڄڻ جيئري ئي ڏهاڳ ڏيئي ويو. هن ٽڏو ساهہ کڻي ڳوٺ جي رستي ڏانهن ڏٺو. رستي تان وڻ ۽ زمين تان فصل غائب هئا. فصل جي جاءِ تي کلر ۾ ورتل اگهاڙي ڌرتي چند لَيُن ۽ لاڻين ۾ ڄڻ تہ پنهنجي اوگهڙ لڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. هن کان ڇرڪ نڪري ويو. سندس ذهن ۾ خدشو جاڳيو تہ زمين سان گڏ ڪتني ماڻهن جا دماغ ۽ دليون بہ ڪلراٽيون نہ ٿي ويون هجن!.....

هو اُن ني سوچ ۾ ٻڏل هو تہ اوچتو پر ۾ ويٺل نوجوان جي آواز تي ڇرڪي جڻ تہ جاڳي پيو.
"چاچا، توهان ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو؟" نوجوان جي سڏ تي هو حيران ۽ ڪڪو وکو رهجي ويو. ڪيس اِها توقع بہ نہ هئي تہ جڏهن ٽيهن سالن جي سزا ڪاٽي ڳوٺ واپس ورندو، تڏهن ڪائنس اهو سوال ڪيو ويندو تہ: "توهان ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو؟" پر پوءِ ڪيس خيال آيو تہ ان ۾ پيلا هن نوجوان جو ڪهڙو ڏوهہ؟ وقت جي وڇوٽي هر ماڻهوءَ کان سندس سڃاڻپ کسي ٿي وٺي. هن ٿڌو ساهہ کڻي نوجوان کي ٻڌايو: "پٽ! مان آخري اسٽاپ واري ڳوٺ لهندس."
"يعني توهان شاهہ آباد پيا وڃو!"
"ها." هن مختصر جواب ڏنو.
"شاهہ آباد ڪنهن سان ملڻ ٿا وڃو؟"
"خبر ناهي تہ ڪنهن سان ملڻ وڃي رهيو آهيان؟... ڪير مون سان ملندو بہ يا نہ!"
نوجوان حيران ٿيندي ڪيس ڏسندو رهجي ويو.
"پٽ! تون ڪيڏانهن پيو وڃين؟" هن نوجوان کان سوال ڪيو.
"چاچا! مان بہ شاهہ آباد پيو وڃان، منهنجو اُتي گهر آهي!"
نوجوان جو جملو ڪيس تير جيان ڪپي ويو. ڪيس محسوس ٿيو ڄڻ نوجوان ڪيس چيڙائيندي چوندو هجي تہ شاهہ آباد ۾ منهنجو تہ گهر آهي، پر تنهنجو ڪوبہ گهر ناهي، تون بي گهر آهين!

هو ڏڪارو ٿي چپ ٿي ويو. سوچيائين تہ ڳوٺ ۾ ڪنهن وٽ بہ نہ ويندس. ڪنهن تي بہ بار نہ پوندس، فاطمہ ڏانهن بہ نہ. ڳوٺ جي سمورن ماڻهن جيان فاطمہ بہ تہ مون کي وساري ڇڏيو آهي. ٻئي پل ڪيس خيال آيو تہ فاطمہ ڪيس ڪيئن ٿي وساري سگهي، ٽيهن سالن تائين انتظار ڪرڻ جو وعدو ڪيئن ٿي وساري سگهي! پر پوءِ سندس اندر واري آواز ڏنس تہ ٿي سگهي ٿو تہ فاطمہ ڪيس ڏسڻ سان سڃاڻڻ کان انڪار ڪري ڇڏي. وقت جي وڇوٽي ڏاڍي گهري آهي. بهتر آهي تہ هُو فاطمہ کي ڪنهن امتحان ۾ نہ وجهي. "... ها مان فاطمہ ڏي نہ ويندس. بہ ڏينهن درگاهہ تي گذاري، ڳوٺ ۾ گذريل ننڍپڻ ۽ جوانيءَ جي ڏينهن جي ياد تازي ڪري، ڪنهن ڏورانهين هنڌ هليو ويندس ۽ وقت جي هٿان ٿيل سموري ايذاءُ کي وسارڻ جي ڪوشش ڪندس..."

هو ڳوٺ بابت سوچيندو رهيو ۽ ڳوٺ ڏانهن ڊوڙندڙ بس ڳوٺ کي وڌيڪ ويجهي ٿيندي ويئي. بس پڪو رستو ڇڏي، ڪچي لنڪ روڊ تي هلڻ لڳي تہ ڪيس عجيب احساس وڪوڙي ويا. هو شاهہ آباد ۾ پهچي رهيو هو. اها شاهہ آباد، جتان جون گهٽيون، گهر ۽ ٻنيون سندس جيءَ سان جڙيل هئا. جن جو وجود سندس روح ۾ رليل هو. جنهن کان ٽيهہ سال پري رهڻ جو عذاب ڪٽيندي هو زندگيءَ جي شام کي ويجهو پهچي چڪو هو ۽ اڄ اهو ڳوٺ ٽيهن سالن جي ڪنن اوسيئڙي کان پوءِ سندس آڏو هو...

"چاچا! توهان ڪڏهن اڳ شاهه‌آباد آيا آهيو؟"

نوجوان جي سوال تي سندس خيالن جو سلسلو ٽٽي پيو. چيائينس:

"ها پٽ، اڄ کان ٽيهه سال اڳ شاهه‌آباد آيو هوس، ان وقت تون اڃا ڄائو به نه هوندين!"

"سائين ناڳي شاهه جي زيارت تي آيا هوندا." نوجوان يڪدم پڇيو.

"زيارت تي؟" هن حيرانگيءَ سان چيو، پر وري چيائين: "ها ها، سائين ناڳي شاهه جي زيارت تي!"

"چاچا، خبر اٿئي اڄ سائين ناڳي شاهه جي ميلي جي پهرين ڏمال آهي!"

"هان! پوءِ ته ڏاڍي سٺي زيارت ٿيندي!"

"چاچا، توهان ڪهڙي پاس باسڻ آيا آهيو؟"

"مان؟..." ڪجهه سوچيندي چيائين: "... مان پنهنجن کان وڇڙي ويو آهيان... ٽيهه سال اڳ هڪ طوفان آيو هو، ان ۾ مان پنهنجن کان وڇڙي ويس... مان ٽيهن سالن کان کين ڳولي رهيو آهيان. اڄ درگاهه تي 'وڇڙيا ملڻ' جي پاس باسيندس!"

نوجوان سندس ڳالهه ڏاڍي گنڀير ٿي ويو. چيائين: "توهان جي ڪهاڻي ته ڏاڍي ڏکوئيندڙ آهي، پر همت نه هاريو، ناڳوشاهه توهان کي پنهنجن سان ضرور ملائيندو!"

نوجوان جي دلداريءَ تي سندس اندر ۾ اوندهه لهي ويئي، پر سندس دل رکڻ لاءِ چيائين: "آءٌ به ائين ئي ٿو سمجهان!"

نوجوان کيس پنهنجائپ مان چيو: "چاچا! تون پرديسي آهين. ڳوٺ ۾ منهنجي غريباڻي اوطاق آهي، مانيءَ ٽڪر به حال سارو حاضر ڪندس. مناسب سمجهين ته مون وٽ هلي ترس!"

هن نوجوان ڏانهن شڪرگذاريءَ سان ڏٺو. چيائين: "پٽ! تنهنجي مهرباني، مان رات درگاهه تي جاڳي گذاريندس. پيٽ پرڻ لاءِ درگاهه جو نياز ننگر هوندو. تو تي بار نٿو پوان، درگاهه تان ورندي ملي ته رات جو ئي هليو ويندس."

نوجوان هن ڏانهن عجب ڀرين نظرن سان ڏٺو. عين ان وقت بس بيهي رهي. هن بس مان ٻاهر ڏٺو ته بس سندس ئي ڳوٺ جي ٻاهران بيٺل هئي. اُهي ئي ڪچيون جايون ۽ لوڙهن وارا گهر. اُهي ئي وڻ، اُهائي زمين-رڳو ماڻهو اوپرا ۽ بدليل نظر اچي رهيا هئا. پنهنجي ڳوٺ کي ٽيهن سالن کان پوءِ ڏسي سندس دل جي ڌڙڪن تيز ٿي ويئي. هن سوچيو ته بس مان لهي ڳوٺ جي مقدس ڌرتيءَ کي پاڪر پائي چنبڙي پوي، بلڪل ائين جيئن ڪو ماءُ کان وڇڙي ويل معصوم ٻالڪ گهڻي وقت کان پوءِ پنهنجي امڙ سان ملڻ کان پوءِ ان کي چنبڙي پوندو آهي. گهڻي وقت کان پوءِ ڳوٺ جي سرزمين ڏسي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. هو بس ۾ ويٺو رهيو. سڄي بس خالي ٿي چڪي هئي. ڪنڊيڪٽر کيس بس ۾ ويٺل

ڏسي چيو: "چاچا! اسان جو هي آخري اسٽاپ آهي، هاڻي اسان وري واپس شهر ويندا سين!" هو بس مان لٿو ۽ آهستي آهستي درگاهہ ڏانهن هلڻ لڳو. گهڻي تہ اوپري نہ هئي، پر ماڻهو سڀ اوپرا هئا. درگاهہ جي اڳيان وارو ميدان سينگاريل دڪانن ۽ هوٽلن سان خوبصورت منظر پيش ڪري رهيو هو. ماڻهن جي چهرن تي عجيب خوشيءَ جا تاثر هئا، پر سندس حالت ميلي ۾ وڃائجي ويل ٻار جهڙي هئي، جنهن لاءِ ميلي جون خوشيون زهر بڻجي وينديون آهن!

اوچتو هو هڪ دڪان جي اڳيان رڪجي ويو. دڪان جي دَخل تي ويٺل سندس ئي عمر جو هڪ پوڙهو، شهپرن کي خضاب هڻيو پنهنجي پوڙهپڻ لڪايو ويٺو هو. جيتوڻيڪ سندس عمر چهري کي ڪافي بگاڙي ڇڏيو هو، پر سندس ڏيادار اکيون ۽ چوپو نڪ اهو ئي ساڳيو ٽيهہ سال اڳ وارو هو. هن جي چپن ۾ خوشيءَ جي رڙ ڦٽڪڻ لڳي، پر هو صرف دل ئي دل ۾ چئي سگهيو: "اڙي، هي تہ قبول آهي، منهنجو ننڍپڻ جو دوست! هُو هڪ ٽِڪ ٻڌي قبول کي ڏسندو رهيو. اوچتو قبول جي هن تي نظر پئجي ويئي. سندس دل زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي. ڪيس پڪ ٿي ويئي تہ قبول اجهو ٿو ڪيس سڃاڻي سڏ ڪري، پر قبول جون ڪاروباري اکيون ڪيس سڃاڻي نہ سگهيون. قبول ڪيس ڏسندي رڳو ايترو چيو: "هلي آ منهنجا سائين! تازي مٺائيءَ تي!"

قبول جا لفظ سندس اندر ۾ ڇُريءَ جيان لهي ويا. سندس آواز روئڻهارڪو ٿي ويو. هن روئڻهارڪي آواز ۾ قبول کي چيو: "ادا! مان پرديسي فقير آهيان! سري سگهئي تہ الله جي نالي تي ڪجهہ ڏي!"

قبول پهرين تہ ڪيس حيرت مان ڏٺو، پوءِ پني تي مٺائيءَ جو ٽڪر رکي ڪيس ڏنائين. هن ڏڪندڙ هٿن سان مٺائي وٺڻ جي ڪوشش ڪئي تہ مٺائي سندس هٿن مان ڪسڪي، پٽ تي ڪِري پيئي. هن پهرين مٺائي ڏٺي، پوءِ قبول ڏانهن ڏٺو. قبول ڪيس ڪاوڙ مان چيو: "تون بدنصيب آهين!"

هن جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. قبول جا لفظ سندس ذهن تي 'اوور ليپ' ٿيندا رهيا. اڄ سندس جگري دوست قبول ٽيهن سالن جي اوسيئڙي کان پوءِ ڪيس مليو هو، پر افسوس جو هڪ اجنبي جي روپ ۾! جيڪڏهن هو قبول کي ٻڌائي ها تہ هو ڪو فقير نہ، پر سندس جگري دوست احمد آهي تہ قبول جا تاثرات ڇا هجن ها، هو ڪو فيصلو نہ ڪري سگهيو. سچ پچ تہ هن ميلي جي پيهہ ۾ پاڻ کي وڃائجي ويل ٻالڪ محسوس ڪيو. هو اتان سڌو درگاهہ تي ويو. بزرگ جي قبر تي قل پڙهي، درگاهہ جي اڱر تي آيو. اوچتو سندس نظر فقيرن جي ڊگهي قطار تي پيئي. پوءِ سندس قدم خودبخود ان پاسي وڌڻ لڳا. فقيرن جي قطار ۾ هو بہ ڪنڌ جهڪائي ويهي رهيو. ماڻهو سندس آڏو سِڪا ۽ مٺايون رکندا ويا. جڏهن گهڻي بک لڳس تہ هن آهستي آهستي آڏو رکيل مٺائيءَ مان بک جي باهہ اُجهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

اوچتو ناد وڄي تہ درگاھہ ۾ سانت ٿي ويئي. جيڪو جتي سو تتي چپ ٿي ويو. درگاھہ تي هڪ قلندري ٽوپي پاتل مجاور اعلان ڪيو تہ درگاھہ جو گادي نشين سائين چتل شاھہ ولد جانڻ شاھہ، درگاھہ تي چادر چاڙهڻ لاءِ اچي رهيو آهي. جانڻ شاھہ جو نالو ٻڌي هن پنهنجي اندر ۾ نفرت ۽ ڪروڌ جا ڇُرا ڪپيندا محسوس ڪيا. "جانڻ شاھہ!..." هن نفرت وچان پٽڪيو: "افسوس جو تون مري وئين جانڻ شاھہ! ۽ منهنجو پلاند اڌورو رهجي ويو. جيڪڏهن تون اڄ زنده هجين ها تہ منهنجي هيٺي جسم ۾ هن وقت بہ ايتري طاقت آهي، جو توکي هٿن سان گهٽو ڏيئي ماري وجهان ها...."

عين ان وقت سائي جُبي ۽ ڪاري چاپنئي ڏاڙهي سان هڪ نوجوان نمودار ٿيو. سندس پويان چار شخص زريءَ سان ڀرت ڀريل ڀَڙ چئني ڪنڊن کان جهلي ڪنيو پئي آيا. هو جلدئي اندران ٿي ٻاهر موٽي آيا. درگاھہ جو نوجوان گادي نشين سِڪن جي ڀريل ڳوٺريءَ مان هر فقير اڳو ڪجهہ رکندو ويو. هو جڏهن سندس پير ۾ آيو، تڏهن سندس جسم ۾ انتقام جي بجلي ڊوڙڻ لڳي. سوچيائين: "جانڻ شاھہ مري ويو آهي تہ ڇا ٿي پيو، پلاند تہ پٽس کان بہ ٿي سگهي ٿو. اٺ احمد اٺ! دشمن جي پٽ کي ڳچيءَ ۾ هٿ وجهي گهوگهو ڏئي ماري وجهينس. ڪرينس جهنم داخل. پلا پلاند بہ ڪي پراڻا ٿيندا آهن ڇا؟ نانگ جو ٻچو تہ نانگ ئي هوندو آهي، ان کي وڏڻ ويجهڻ کان اڳ ٻوٽ چپي وجهجيس نہ تہ هي بہ ڪيئي گهر اجاڙي سگهي ٿو." سندس اندر ۾ انتقام ۽ نفرت جو جوالا ڀڙڪڻ لڳو. عين ان وقت چتل شاھہ مٿان اچي بيٺس. هن نفرت ڀريل نظرن سان چتل شاھہ ڏانهن ڏٺو. چتل شاھہ جي مٺ ۾ سِڪا هئا، جي سندس جهوليءَ ۾ وجهڻ وارو هو تہ هن اشاري سان منع ڪندي چيس: "مان پينو ناهيان، چتل شاھہ! تنهنجي هٿ مان خيرات وٺي ٿيهن سالن کان پاليل ڪروڌ کي ٿڌو نہ ڪندس!" چتل شاھہ کي ڄڻ تہ اچانڪ بجليءَ جو ڪرنٽ لڳو. سندس هُٿ اتي جو اتي رکجي ويو. عجيب سانت ڇانئجي وئي پر: هڪ خليفي خاموشيءَ کي ٽوڙيندي چيو: "اڙي او بي ادب، نامراد! ڇو ٿو پنهنجا ٻئي جهان وڃائين؟ سيد جي ٻچڙي سان اهڙي بدتميزي ڪبي آهي! اٿي، هينئر جو هينئر معافي وٺ، نہ تہ دُڪُ ٿي ويندين!"

هن خليفي ڏانهن ڏسي زوردار ٽهڪ ڏيندي چيو: "مان دُڪُ ٿيندس؟" چتل شاھہ کي محسوس ٿيو تہ هي شخص جيڪو هينئري وڏي جرئت سان ڳالهائي رهيو آهي، اهو ضرور ڪو پهتل شخص هوندو. مٿان ٿوريءَ ديگهہ تي ڪيس ڪو چئلينج ڏئي نيچو نہ ڏيکاري وجهي، تنهنڪري ڳالهہ کي ٽاريندي خليفي کي چيائين: "خليفا خانڻ! جڏهن بہ الله وارا پاڻ ۾ حجت ڪن تہ توهان دنيا وارن کي وچ ۾ نہ پوڻ گهرجي." ائين چئي چتل شاھہ تيزيءَ سان اڳتي وڌي ويو. ڪيس چتل شاھہ جي چالاڪيءَ تي ڪِل اچي وئي. پنهنجي منهن پٽڪندي چيائين: "ٻچي ويو ياڙيو! مان سندس نڳيءَ جي ٿاھہ کي ڊاهي ڇڏيندس!"

سندس اندر ۾ نفرت پرجي آئي، ايتري نفرت جنهن ۾ جانڻ شاهه جو سڄو خاندان سڙي ڀسم ٿي وڃي!

هن ڪاوڙ مان اکيون پوري ڇڏيون ۽ ٽيهه سال اڳ جانڻ شاهه جو رچايل ناٽڪ هن جي ذهن جي اسڪرين تي ڦرڻ لڳو، جنهن ذري گهٽ کيس موت جي ننڊ سمهاري ڇڏيو هو. زنده هوندي به زندگي رسي وئي هيس. ٽيهه سال اڳ جڏهن هو نوجوان هو ۽ سندس ڀنڀي ڪاري ڏاڙهي مردانه شجاعت جو هڪ نمونو هئي، تڏهن هو ڳوٺ جو هڪ ارڏو ڪردار هو. سواءِ قبول جي، ڳوٺ جي ڪنهن مرد تي اک ئي ڪانه پڏندي هيس. سندس دل فقط فاطمه جيتي هئي، جڏهن ته ڳوٺ جون ڪئين ناريون سندس ڏيا ۽ مردانگيءَ تي مستان هيون. پر اِها به سندس ارڏائي ۽ مردانگي هئي جو هن ڳوٺ جي ڪنهن به عورت ڏانهن اک کڻي به نه ڏٺو. ايتري قدر جو ڳوٺ جي وڏيري ۽ درگاهه جي گادي نشين جانڻ شاهه جي نوجوان ڀيڻ سڪينه به هن تي فدا هئي پر هن ڳوٺ جي ٻين نارين جيان سڪينه بيبيءَ کي به نڪرائي ڇڏيو هو. سڪينه بيبي عمر ۾ کانئس به يا ٽي سال وڏي هئي ۽ کيس حق بخشرايو ويو هو. هن سڪينه بيبيءَ جي پيغام تي حيرت جو اظهار ڪندي پيغام آڻيندڙ کي جواب ڏنو هو: "مان ته پنهنجي سوٽ فاطمه کي دل ڏيئي وينو آهيان، جنهن سان ننڍي هوندي کان مڱيل آهيان. فاطمه سان غداري ڪري مان ڪنهن ٻي عورت بابت سوچي به نٿو سگهان!" ان جواب ملڻ کان پوءِ به سڪينه هن کي پنهنجو ڪرڻ لاءِ ڪئين حيلا هلايا، پر هو ان جو ٿي نه سگهيو ۽ فاطمه جو ئي رهيو. دنيا ۾ رڳو عورت ئي هڪ دفعو محبت نه ڪندي آهي پر ڪئين مرد به اهڙا هوندا آهن، جيڪي هڪ دفعو محبت ڪندا آهن ۽ ان محبت کي پاڻ ارپي ڇڏيندا آهن. هو انهن ئي مردن مان هڪ هو. نيٺ فاطمه سان سندس شادي ٿي وئي، پر سڪينه پوءِ به اميد نه لاٿي. سڪينه جا هن ڏانهن بار بار پهچندڙ پيغام ڪستوريءَ جي خوشبوءِ جيان اُڏامي عام ماڻهن جي ڪنن تائين وڃي پهتا. ماڻهن جي ڪنن جون ڳالهيون ۽ سرگوشيون هڪ ڏينهن جانڻ شاهه تائين به پهتيون. جانڻ شاهه ته اڳ ئي هن جي مردانگي ۽ ارڏائيءَ تي پيچ پچرندو هو ڇو ته هن ڳوٺ جي ٻين ماڻهن جيان ڪڏهن سلام به نه ڪيو هو، ان ڪري هُو جانڻ شاهه جي اک جو ڪنڊو بنيل هو. ويتر جو ڀيڻس جي عشق جي ڪڙڪ پيس ته سندس وجود ۾ انتقام جون لُنديون دوڙڻ لڳيون ۽ پوءِ هڪ ڏينهن اُهو ئي ٿيو، جيڪو جانڻ شاهه چاهيو ٿي. هو فاطمه جي گرم جوان جسم جي سهاري گهريءَ ننڊ ۾ ستل هو. صبح جو فاطمه جي اک کلي ته هوءَ کيس ستل ئي ڇڏي جنڊ پيهڻ لاءِ هلي وئي. جڏهن موٽي ته سندس نظر احمد جي ڪهاڙيءَ تي پيئي. ڪهاڙي احمد جي سيرانديءَ کان پيئي هئي ۽ ڪهاڙي مان تازو ڳاڙهو رت ٽمي رهيو هو. ڪهاڙي ڏسندي فاطمه کان رڙ نڪري وئي ۽ ڊوڙي اچي کيس ننڊ مان اُٿاريائين. هو حيرانيءَ مان ڪهاڙيءَ کي ڏسندو رهيو ته آخر ڪهاڙيءَ تي اهو رت ڪنهن جو هو ۽

کنهن سندس کمائڻ سان اهو رت وهائي سندس سيرانديءَ کان رکي ڇڏي هئي!- هو اجان ان حيرانيءَ ۾ بيٺو هو ته اچانڪ در تي سڏ ٿيو. هو در تي پهتو ته اُتي ماڻهن جو انبوهه بيٺو هو. هن حيرانيءَ مان ماڻهن کي پنهنجي در تي بيٺل ڏسي چيو: "ابا خير ته آهي؟ اينترو ميڙ ڪري ڇو بيٺا آهيو؟" پوڙهي خداڏني ڪاوڙ مان ڏڪندي چيو: "خير ئي ته ڪونهي احمد!، منهنجي جوان جماڻ پٽ جو خون ڪري هاڻي خير ٿو پڇين. آءٌ توکي جيئرو نه ڇڏيندس!" ائين چوندي پوڙهي خدا ڏني اچي سندس گلي ۾ هٿ وڌا. هن هڪ جهٽڪي سان پوڙهي خداڏني کي پاڻ کان پري ڪيو ته سندس نظر عثمان جي سنسي ڪٽيل لاش تي وڃي پيئي. لاش ڏسي هو هڪو بڪو رهجي ويو. سندس جسم مان سمورو رت ست ڇڻ ته اڏامي ويو. هن پوڙهي خداڏني کي يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ڪندي چيو: "چاچا! مون تنهنجي پٽ کي نه ماريو آهي. منهنجي ساڻس ڪابه دشمني نه هئي، آءٌ بي ڏوهي آهيان!" ڪريم بخش رڙ ڪندي چيو: "لاش تنهنجي چانئٺ تي پيو آهي، خون تنهنجو ئي ڪيل آهي!"

هن بدحواسيءَ مان چيو: " ۽ تنهنجي چانئٺ تان مليِ ها ته؟"

ڪريم بخش سگريٽ جو ڪش هٽي دونهون اوڳاڇيندي چيو: "ويچارو عشق جو ماريل عثمان منهنجي چانئٺ تي ڇو ايندو؟"

ڇا مطلب؟" هن ڪاوڙ مان چيو.

ڪريم بخش پنهنجي عيارانه اکين کي اڏ ڪان متي پوريندي وار ڪيو:

"احمد! تو عثمان کي ڪارو ڪري ماريو آهي. اسين سڀ سمجهون ٿا. ڪي ٻار ته ناهيون!"

ڪريم بخش جو هڪ هڪ لفظ سندس اندر ۾ آڳ لڳائيندو ويو. هن سان اهڙي طرح ڳالهائڻ جي جرئت ان کان اڳ ڪنهن به نه ڪئي هئي ۽ نه ئي هو اهڙي ٻولي ٻڌڻ جو هيراڪ هو، سو هو ڪريم بخش جي گار ڪيئن ٿي سهي سگهيو. هن گار ڏيندي ڪريم بخش تي اُلر ڪئي: "تنهنجي ته ......!" اڙي توکي اِها جرئت ڪيئن ٿي جو تون مون تي اهو بهتان ٿو هڻين!" ائين چئي ڪريم بخش کي ڌڪ هڻڻ لاءِ اڳتي وڌيو، پر ماڻهن کيس قابو ڪري ورتو. اينتري ۾ جانڻ شاهه به اچي پهتو. جانڻ شاهه وڏي ڪمال مهارت سان لاش تي ڳوڙها ڳاڙيا. پوءِ پوڙهي خداڏني کي دلداري ڏيندي چيو: "مان تنهنجي پٽ جو خون لڙهڻ نه ڏيندس!"

جانڻ شاهه جڏهن هن ڏانهن ڏٺو تڏهن سندس منهن تي مرڪ هئي. مرڪندي چيائين: "غيرت ڏاڍي خراب شي آهي. پلا ويچاري هڪ عثمان جو ڏوهه ته نه هو، فاطمه به ته برابر ڏوهاري هئي. پوءِ اِها ڇو بچي وئي؟"

جانڻ شاهه جو مهڻو سندس اندر ۾ خنجر جيان لهي ويو. هن جانڻ شاهه کي للڪاريندي چيو:

"زبان بند رک، شاهه جا ڦر! تون مون تي بهتان هڻي منهنجي غيرت کي للڪاري رهيو آهين!"

جاڻڻ شاهہ طنزيہ ٽهڪ ڏيندي چيو: "مري وياسين! هڪڙو ويچارو عثمان غيرت کي للڪاري موت جي منهن ۾ هليو ويو آهي، وري هاڻي اسان جو ٽو وارو اچي...!"

"بڪواس بند ڪر ڪميڻا!" هن جذبات ۾ ايندي جاڻڻ شاهہ کي جوتو هڻي ڪڍيو....

دراصل جاڻڻ شاهہ کي ڳالهہ بہ اِها ٿي کپندي هئي تہ هو تيش ۾ اچي کيس گاريون ڏئي، جيئن ڳوناٺن مان کيس ڪنهن وٽان بہ همدردي نہ ملي. جاڻڻ شاهہ پنهنجي چال ۾ پوريءَ طرح ڪامياب وڃي چڪو هو ۽ هو جاڻڻ شاهہ جي وڇايل جار ۾ بريءَ طرح ڦاسي چڪو هو. پوليس کيس عثمان جي قتل ڪيس ۾ گرفتار ڪري ورتو. سندس گهران رت ۾ ٻڏل ڪهاڙي بہ هٿ ڪئي وئي، جنهن جي ڳن تي سندس آڱرين جا نشان بہ ملي ويا. هر ڳالهہ سندس خلاف وڃي رهي هئي. سڄو ڳوٺ سندس خلاف هو. هُو قابل نفرت بنجي ويو. ماٺهن فاطمہ ڏانهن آڱريون کڻڻ شروع ڪيون. فاطمہ ٻٽي مصيبت ۾ ڦاسي چڪي هئي. هڪ پاسي ماٺهن جا طعنا ۽ ٻئي پاسي مڙس جيل ۾، پر فاطمہ همت نہ هاري. پنهنجا زيور ۽ ٻنيءَ جو ٽڪر وڪڻي وڪيل ڪيائين ۽ هر مهيني قبول سان گڏجي ساڻس ملاقات لاءِ ايندي هئي ۽ کيس همت ڏياريندي هئي. فاطمہ جي همت ڏسي کيس وڏي آٿت ملندي هئي. هو جيل ۾ فاطمہ جهڙي وفادار زال ۽ قبول جهڙي دل گهريي دوست جي سهاري ئي جيئندو هو. قبول جڏهن بہ ساڻس ملاقات ڪرڻ ايندو هو تہ چرچا پوڳ ڪري کيس کلائڻ جي ڪوشش ڪندو هو. ڳوناٺن جاڻڻ شاهہ جي چرچ تي قبول کي مورڳو راڄ مان ئي ڪڍي ڇڏيو، پر قبول پنهنجي وفاداري خوب نڀائي. جيل ۾ کيس جنهن بہ شيءِ جي ضرورت پوندي هئي، قبول اُها موڪلي ڏيندو هو. ٽي سال مسلسل کيس هليو. آخر ڪورٽ سڳوريءَ کيس خون جي ڏوهہ ۾ ٽيهہ سال سزا ڏئي ڇڏي. هر ثبوت سندس خلاف ويو. هن وٽ ڪوبہ ثبوت نہ رهيو جو هو پاڻ کي بي ڏوهي ٻڌائي سگهي. ڪورٽ مان سزا ٻڌي نڪرڻ وقت قبول کيس آٿت ڏيندي چيو هو: "احمد! اسين هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل ڪنداسين، دل نہ لاهہ، تون بي ڏوهي آهين!" فاطمہ پنهنجن لڙڪن تي قابو پائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو هو: "احمد! آءٌ تنهنجي آزاديءَ لاءِ روزانو دعا گهرندي آهيان. هڪ ڏينهن منهنجي دعا اگهامي ويندي ۽ تون آزادي ماڻيندين." هن ٻنهي کي ڪوبہ جواب نہ ڏنو. کيس خبر هئي تہ سندس زندگي بنا ويڙهي جي ٻيڙيءَ جيان آهي جيڪا بي رحم لهرن ۽ هوا جي سهاري اهڙي طرف وڃي رهي آهي، جنتي ڪوبہ ڪنارو ناهي، ڪابہ منزل ناهي. پوليس جي گاڏيءَ ۾ چڙهڻ وقت هن آخري ملاقات سمجهي قبول ۽ فاطمہ کان موڪلايو. موڪلائڻ ڇا هو، بس هڪ نيڻن جي نهار هئي، جن ۾ ڪجهہ سنيها ٽاڪيل هئا. هو فاطمہ کي ڏسندو وڃي قيدين جي گاڏيءَ ۾ وينو ۽ بند گاڏي جي جاريءَ مان بہ هو فاطمہ کي ڏسندو رهيو. پوءِ جڏهن گاڏي هلڻ شروع ٿي تہ فاطمہ ۽ قبول ڌنڌلا ٿيندا ويا ۽ نيٺ پوئنتي رهجي گم ٿي ويا.

جيل ۾ ڪيس سزا يافته قيدين سان گڏ رکيو ويو. هن تي سختي ۽ ڪم وڌي ويو. هو قبول ۽ فاطمه جي ملاقات لاءِ پل پل ڪري ڳڻيندو هو، پر اُهي نه آيا. اينٽريڪدر جو هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل جي تاريخ به گذري وئي، پر قبول ۽ فاطمه نه آيا سي نه آيا. پهرين ته ملاقات لاءِ سندس تڙپ ۽ ترشنا ڏاڍي زورن تي هئي پر هن پاڻ کي ڪم ۾ محو رکي اُن تڙپ کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هو جيل ۾ ڪيترائي هنر سکيو، پر ٽوپين ناهڻ ۾ اينتري ته مهارت حاصل ڪيائين جو سندس ٽوپيون هٿوهٿ وڪامي ويندڻيون هيون. ٽوپين مان سندس چڱو ڀلو گذر ٿيندو هو. بچايل پئسا اڪثر ڪري ضرورتمند قيدين ۾ ورهائي ڇڏيندو هو، اِن ڪري قيدي سندس تمام گهڻي عزت ۽ احترام ڪندا هئا. انتظاميه سان ڳالهيون ڪري اڪثر قيدين جا مسئلا هُو ئي حل ڪرائيندو هو، جنهنڪري سڀ قيدي ڪيس عزت وچان 'چاچو احمد' ڪري سڏيندا هئا. پر سندس اندر جو زخم تازو هو. هو حيران هو ته سندس جگري دوست قبول ساڻس ملڻ چو نٿو اچي ۽ فاطمه پنهنجو حال احوال چو نٿي موڪلي؟ هن کي بس اِهائي ڳالهه سُجهي ٿي ته فاطمه ڪيس تي الهه تلهه وڪڻي ڪان پوءِ هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل وارو واعدو نڀائي نه سگهڻ ڪري شرمساريءَ ڪان نٿي اچي ۽ قبول سان به اِهائي مجبوري هوندي. هو پنهنجي منهن پٽڪندي چڻ ڪين چوندو هو: "آءٌ سمجهان ٿو، ڪو بار ته ناهيان. توهان وٽ وڪيل جي ڳاٽي ڀڳي ڀي جيترا پئسا هئا ئي ڪونه، ته پوءِ شرمسار چو ٿا ٿيو؟ توهان وٽ جيڪي ڪجهه هو اُهو اڳ ئي خرچ ٿي ويو. مان توهان ڪان ڪابه شڪايت نٿو ڪريان!"

گهڻو وقت جيل ۾ رهڻ ڪان پوءِ ڪيس ان ڳالهه جو شدت سان احساس ٿيو ته جيل ۾ وڃڻ به هڪ قسم جو موت آهي. جيئن تازو مري ويل انسان کي ساريندي، ان لاءِ گهر جو هر ڀاتي رُئندو آهي، ان جي نالي تي خيرات ڪندو آهي ۽ قبر تي باقاعدگيءَ سان قُل پڙهندو آهي، پر پوءِ آهستي آهستي وقت گذرڻ سان گڏ مرڻ وارو گهر ڀاتين ڪان وسرڻ لڳندو آهي ۽ هڪ ڏينهن اهڙو به ايندو آهي جو مرڻ واري جو ڪير نالو به وٺڻ وارو نه هوندو آهي. قيدي به ائين ئي هوندو آهي. ڪيس هلڻ تائين ان سان خوب ملاقاتون ٿينديون آهن ۽ همدرديءَ جا انيڪ مظاهرا ٿيندا آهن، پر سزا ملڻ ڪان پوءِ قيدي مري ويل ماڻهوءَ وانگر وسري ويندو آهي. سندس معاملي ۾ به قبول ۽ فاطمه ائين ئي ڪيو آهي.

پوءِ جڏهن پل پل ڪري سزا جا ٽيهه سال ڪاٽي ورتا، تڏهن هن پڪو پهه ڪيو ته هو جانڻ شاهه ڪان پنهنجي سزا جو بدلو ضرور وٺندو، پر جانڻ شاهه ته اڳ ئي....

اوچتو هن تي کنگهه جو حملو ٿيو. کنگهندي سندس اکين ۾ پاڻي اچي ويو. اکيون مهٽيندي ڏٺائين ته رات ڪافي لڙي چڪي هئي. ساٿس قطار ۾ وينل فقير گهري ننڊ سمهيا پيا هئا. ماحول تي خاموشي ۽ سانت ڇانيل هئي. اوچتو ڪيس فاطمه ياد آئي، پنهنجو گهر ياد آيو. سوچيائين ته هڪ

ڪمزور عورت فاطمہ سان ڪهڙا ليڪا ۽ ڪهڙو رُسامو. مون کي قبول سميت ڪنهن بہ نہ سڃاتو تہ ڇا ٿي پيو، فاطمہ تہ سڃاڻندي! مون کي پنهنجي گهر وڃڻ گهرجي، مون کي پنهنجي فاطمہ ڏانهن وڃڻ گهرجي... ۽ پوءِ هو سڌو گهر ڏانهن وڃڻ لڳو. رستي ۾ هن پنهنجي پاڻ سان وچن ڪيو تہ هو فاطمہ سان ڪابہ شڪايت نہ ڪندو، ڪيس ڪنهن بہ ريت شرمسار ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪندو. هو ڳوٺ جون ڇاتل سڃاتل گهٽيون لتاڙيندي پنهنجي لوڙهي واري در تي اچي پهتو. ڪڙهہ جو ڊينگهر پري ڪري هو گهر ۾ داخل ٿي ويو. سندس دل زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي. سوچڻ لڳو تہ فاطمہ ڪيس ڏسندي تہ ڇا چوندي؟ ڇا سوچيندي؟ ڪيڏي نہ خوش ٿيندي! هو اڳڻ تي پهتو تہ ڪيس ٿي چار کٽون نظر آيون. سوچيائين: هي ڇا! هِتي تہ صرف فاطمہ جي هڪ کٽ هئڻ گهرجي. پهرين کٽ ڏسندي سندس حيرت جي حد ئي نہ رهي. پهرين کٽ تي اُهوئي نوجوان ستل هو، جيڪو ساڻس بس ۾ گڏ وينل هو. ساڻس گڏ ان جي زال بہ ستل هئي! ٻيءَ کٽ تي ننڍا ٻار ستل هئا، ۽ جڏهن ٽينءَ کٽ تي نگاهہ وڌائين تہ ڄڻ اسرافيل صور ڦوڪي ڇڏي. قيامت اچي ويئي. ڌرتي ٽڪرا ٽڪرا ٿي وئي، جبل ڪپهہ جي پوٽين جيان اُڏامڻ لڳا. هو ذرا ذرا ٿي ڄڻ تہ فضائن ۾ وکري ويو! ٽين کٽ تي قيامت جهڙو منظر هو. ٽينءَ کٽ تي فاطمہ قبول سان گڏ ستل هئي! سندس اندر ويڄڻ لڳو. سالن کان ٿڌو ٿيل پراڻو رت ٽهڪڻ لڳو. دل ئي دل ۾ چيائين: "ايڏي وڏي غداري!... هڪ جگري دوست ۽ جان فدا ڪندڙ زال جي طرفان...!" هو ٻنهي کي ان غداريءَ جي سزا تجويز ڪرڻ لڳو: "ڪين ڪهاڙيءَ جو ڪاڄ ٻنائي ننڍ ۾ ننڍ ڏيڻ گهرجي: نہ نہ اها سزا گهٽ آهي، ٻنهي جي مٿان گاسليٽ هاري تيلي ڏيڻ گهرجي: نہ نہ ڪين سڀ کان پهرين ڪُهي قيمو ڪرڻ گهرجي، ان کان پوءِ باهہ ڏئي سندن خاڪ هوائن ۾ اُڏارڻ گهرجي." هو ڪيترو وقت غصي جي باهہ ۾ پڄرندو رهيو، سڙندو رهيو. پوءِ ڪيس قبول جا مناٽيءَ جي دڪان تي چيل لفظ ياد آيا: "تون بدنصيب آهين!" هن سوچيو، واقعي مان بدنصيب آهيان. فاطمہ منهنجي نصيب ۾ نہ هئي، فاطمہ منهنجي نہ ٿي سگهي، ان ۾ ڏوهہ ڪنهن جو بہ نہ آهي. ڀلا هڪ جوان جماڻ عورت پنهنجي حسرتن، آسن ۽ تمنائن جو قتلام ڪري، ٽيهن سالن تائين منهنجو آخر ڪيئن ٿي انتظار ڪري سگهي؟ فاطمہ قبول سان شادي ڪري بلڪل نيڪ ڪيو. منهنجي سزا ڀلا فاطمہ ڇو ڪاٽي؟ ها ها، هن بلڪل نيڪ ڪيو. مون کي هاڻي وڃڻ گهرجي. هي گهر هاڻي منهنجو ناهي، قبول ۽ فاطمہ جو آهي، سندن ٻارن جو آهي. هو گهر تي آخري نظر وجهي وڃڻ لڳو تہ اچانڪ کنگهہ جوجهٽڪو اچي ويس. هن کنگهہ کي روڪڻ جي گهڻي ئي ڪوشش ڪئي، پر کنگهہ رڪجي نہ سگهي. سندس کنگهہ تي بس وارو نوجوان سڄاڳ ٿي پيو. نوجوان اُٿندي ئي اچي ڪيس ٻک وڌو. بہ ٿي چنبا ۽ ڌڪ هنيا ۽ خوب گاريون ڏنيون ۽ پوءِ ڪيس ٻُهہ جي ڪوٺيءَ ۾ بند ڪري قبول کي اُٿاريندي چيائين: "بابا، ايڏيون ننڍون نہ ڪبيون آهن. گهر ۾ چور گهڙي پيو آهي، ۽ تون

پيو نندون ڪرين!" قبول ڇرڪ پرينڊي اُٿيو. چيائين: "ڪٿي آهي چور؟" نوجوان چيس: "مون ڪيس ٻه جي ڪوٺيءَ ۾ بند ڪري ڇڏيو آهي!" قبول چيو: "ڏاڍو سٺو ڪيئي، سڀاڻي ڪيس سائين ڇٽل شاهه جي حوالي ڪنداسين!" گوڙ تي فاطمه سجاڳ ٿي. ڪيس جڏهن چور جي خبر پيئي تڏهن توبهه ڪندي چيائين: "ڪهڙو زمانو اچي ويو آهي! ماڻهو سائين ناگي شاهه جي ميلي ۾ به چوريون ڪن ٿا، پاڻهي سائين ناگو شاهه انڌو ڪندس."

ٻه جي ڪوٺيءَ ۾ بند هوندي به هو مطمئن هو. هن سمجهيو ٿي ته صبح جو جڏهن فاطمه ڪيس ڏسندي تڏهن ڪيس سڃاڻي وٺندي. ان اطمينان ۾ هن ٻه تي ليٽي ڏاڍي مزي جي ننڊ ڪئي. صبح جو سوير قبول ۽ پٽس در کوليو ته هو گهريءَ ننڊ ۾ سُتل هو. ڪيس ڏسي ٻيئي حيران ٿي ويا. قبول چيو: "اڙي هي ته اُهو ئي فقير ماڻهو آهي، جنهن کي ڪلهه شام مون منائي ڏني هئي!" پٽس چيو: "هي اُهو ئي ماڻهو آهي، جيڪو شهر مان مون سان گڏ بس ۾ وينل هو، پر ڪنهن جي نرڙ تي ته اهو لکيل نه هوندو آهي ته هي چور آهي." قبول چيو: "ڏس ته سهي! اُٺ جو پٽ ڪيئن نه مزي سان سٽو پيو آهي. ڇڻ پٽس جو گهر هجي!"

قبول اڳتي وڌيو ۽ ڪيس نوڪر هٿندي چيائين: "اڙي اُٿي! بابهين گهر نمراني ويو آهي ڇا، جو نندون پيو ڪرين!" نوڪر لڳڻ تي هو اُٿي وينو. قبول جي پٽ چيس: "ڪالهه مون توکي چڱو ماڻهو پئي سمجهيو، پر تون ته چور نڪتين!" سندس دل پرجي آئي ۽ قبول ڏانهن ڏسندي چيائين: "چڱا ماڻهو اڪثر چور نڪري پوندا آهن." قبول سندس ڳالهه سمجهي نه سگهيو. عين ان وقت فاطمه به مٿان اچي بيٺس. هن ڏينهن جي روشنيءَ ۾ فاطمه کي چڱيءَ طرح ڏٺو. ڳچيءَ تي هلڪن گهنجن کان سواءِ فاطمه ۾ ڪابه تبديلي نه آئي هئي. اُهو ئي پرپور جسم، اُهي ئي ڪارا وار، اُهي ئي آرسين جهڙيون اکيون. وقت فاطمه جو ڪجهه به نه بگاڙيو هو. ڪيس خيال آيو ته هو اُن ئي وقت اعلان ڪري چوي ته هو ڪير آهي ۽ قبول کي ٻڌائي ته ها ها، هيءُ منهنجي بابي جو گهر آهي! چور ته اصل تون آهين! تو منهنجو گهر ۽ منهنجي فاطمه چورائي آهي. اڄ مان توسان حساب چڪتو ڪندس. توکان پنهنجي فاطمه ۽ گهر واپس وٺندس. فاطمه سان منهنجو نڪاح پيل آهي. تو نڪاح مٿان نڪاح ڪري ڏوهه ڪيو آهي. ويساهه گهاتي ڪئي آهي. هو فاطمه کي ڏسندو سيڪجهه سوچيندو رهيو. ڪيس پڪ هئي ته فاطمه ڪيس ڏسندي سڃاڻي وٺندي، پر سندس پڪ جي ديوار ٽٽي پيئي! فاطمه ڪيس نه سڃاتو. هن کي محسوس ٿيو ته رڳو ڳوٺ جون زمينون ڪلرائيون نه ٿيون آهن، پر ماڻهن جا ذهن ۽ ضمير به ڪلرانا ٿي ويا آهن. فاطمه ڪيس نه سڃاڻندي سوال ڪيو: "هن گهر مان تون ڇا چوري ڪرڻ آيو هئين؟" هن کي محسوس ٿيو ته فاطمه جي ان سوال تي هُو ذرا ذرا ٿي ويندو. هن لرزندڙ آواز ۾ چيو: "مون کي ڪابه خبر ناهي!"

"توکي ڪابہ خبر ناهي؟ وڏو ڪو رهزن چور آهين!"

"رهزن چور!...." هن ذري گهٽ رڙ ڪندي احتجاج ٭اري انداز ۾ چيو.

هن سوچيو تہ هاڻي وقت آهي تہ فاطمہ کي ٻڌائي ڇڏجي تہ هُو ڪير آهي، پر هو لفظن کي چپن تي آڻي چُپ ٿي ويو. هن سوچيو تہ فاطمہ کي پاڻ بابت ٻڌائي ان کي شرمسار نہ ڪرڻ گهرجي. "مان بدنصيب آهيان. سموري سزا مون کي ملڻ گهرجي صرف فاطمہ جي خوشيءَ خاطر...."

اينتري ۾ ڳوٺ جا ڪجهہ ماڻهو پهچي ويا. هر ڪنهن ڪيس ٻُڌي ۽ گار جو تحفو ڏنو. آخر ۾ ڪيس چتل شاهہ وٽ حاضر ڪيو ويو، جنهن ڪيس پوليس جي حوالي ڪرڻ کان اڳ سندس اڌ ڏاڙهي ۽ مڇ ڪٽي، ڪارو منهن ڪري، جوتن جي ڪندي پارائي، گڏهہ تي اُبتو ويهاري گشت ڪرائڻ جي سزا تجويز ڪئي. ساڻس اُهو ئي سلوڪ ڪيو ويو! سڄي ڳوٺ جي ماڻهن ڪيس ٺڪون هنيون، پر هو فاطمہ جي خوشيءَ ڪارڻ چپ رهيو. پنهنجو تماشو ڏسندو رهيو!

پوءِ جڏهن پوليس جو مهمان ٿيو تہ پوليس بہ پنجن ڏينهن تائين چڱي خاصي مهماني ڪيس. پنجن ڏينهن کان پوءِ جڏهن هو چالان ٿي جيل پهتو تہ ڏاڍو سڪون محسوس ڪيائين، ڇو تہ جيل تہ گذريل ٽيهن سالن کان سندس گهر بنيل هو. ڪيس محسوس ٿيو تہ هو ستن ڏينهن جي سزا ڪاٽي، آزاد ٿي، واپس پنهنجي گهر موٽي آيو آهي!



غلام رسول پرهياڙ

# سنڌو ڪناري

هن ڪي ڏسڻ سان مون کان چرڪ نڪري ويندو هو. عمر ڪا ايڏي وڏي بہ ڪانہ هئس، سٺ جي پيٽ ۾ هو. پر ڏکن جو ڏڌل هو، جنهنڪري وقت کان اڳ پوڙهو ٿي ويو هو. رنگ ڪارو، بدن گهنجيل، منهن تي آگر جي ٻُل جيڏي اڇي ڏاڙهي، اداس اکيون، جيڪي هر وقت لڙڪن مان تَر. ويس هئس پراڻي قميص ۽ گوڏ. مٿي تي ريڙ جهڙو ململ جو پٽڪو، جيڪو لاهيندو هو تہ ٽڪڻ تي ڏکن جا نشان چٽا ڏسڻ ۾ ايندا هئا. پيرن ۾ ربڙ جي چال، جنهن ۾ ڪَشن بدران اڳڙيون ٻَڌل هونديون هيون. ماڻهو "عاشق" سڏيندا هئس، پر اصل نالو هارون هئس.

تڏهن سنڌوءَ ۾ ٻوڏ آئي هئي. سرڪار خطري کان بچڻ لاءِ وڏي وٺ پڪڙ لائي ڏني هئي. انهن ڏينهن ۾ آءٌ تازو آبپاشي کاتي ۾ آبدار ٿيو هجان، سو منهنجي بہ ڊيوٽي لڳائي وئي. مون چاچي هارون کي اُتي ڏٺو. هو بند تي بيلدار هو ۽ منهنجي هٿ هيٺ ڪم ڪندو هو. پاڻ منهنجيءَ لانڍي تي روز شام جو ايندو. پنهنجي قسمت جهڙي ڦِٽل لالٽين جو گولو ڪيڏي پهرين هٽندو هوس ٽُڪون، پوءِ پٽڪي جي پلاند سان صاف ڪري گاسليٽ پرائي هليو ويندو هو پهرو ڏيڻ.

سنڌوءَ جي سونهن بہ آهي پاڻيءَ سان!... ڪجهہ وقت اڳ جڏهن پاڻي ڪونہ هو تہ سڄ پٽي واڪا ڪيا، پر هاڻ رنگ لڳي ويا هئا. رات پوندي هئي تہ ندي ڪناري روشنيون ستارن جيان ٽمڪڻ لڳنديون هيون. سڄي ڪنڌي اُجري ٿي ويندي هئي. آبپاشي کاتي جي عملي جا ماڻهو پنهنجيون ٽارچون ۽ لالٽين ٻاري سنڌوءَ تي پهرو ڏيندا هئا. ڪي پاڻيءَ جو ٻڙ کان ٻچي آيل ماڻهو بيراڳين جيان ٻاهيون ٻاريو مارڪو وينا ڪندا هئا. چنڊ مٿي چڙهي ايندو هو تہ سنڌوءَ جون گجگوڙون چوٽ چڙهي وينديون هيون. ائين لڳندو هو، چڻ پنهنجن دشمنن کي للڪاريندي هجي.

آءٌ حجابن وارو، منهنجي طبيعت نرالي. اُتي وري چاپلوسي، سو اڪيلو ۽ اباڻڪو ٿي پيو هئس. محبوب کان جدائيءَ جو غم هيڪاري ماري وجهندو هو. جڏهن درد حد کان وڌي ويندو هو تہ دل سنڌوءَ ڏانهن اُڇلون کائڻ لڳندي هئي. پرهہ ڦٽيءَ مهل سنڌوءَ جي بنهہ ويجهو هليو ويندو هئس. سنڌو اڳوٺي بند کي ٽوڙي جتان پنهنجو نئون پيٽ ناهيو هو، آءٌ اُن بند جي ٻتل حصي کان اوڏانهن ويندو هئس. جيتوڻيڪ ان پاسي ڏانهن وڃڻ جي منع هئي، پر آءٌ نہ مُڙندو هئس. اتان سنڌوءَ جون هستيون ۽ مستيون ڏسڻ وٽان هونديون هيون. ڏسندو هئس تہ پاڙان نڪتل وڻ ۽ ٻوٽا ليٽ ڪبوتر ڪندا، گيلاٽيون کائيندا وَهندا ويندا هئا. ڪارين ڪُنڊين مينهن کي پاڻي گوليءَ جيان ڪنيو ويندو هو. ڪڏهن ڪنهن انسان جو لاش پاڻيءَ جي وَٽ تي ظاهر ٿيندو لُڙهندو ويندو هو. ملاحن جي ٻيڙين جا سڙهہ

ائين لڳندا هئا، ڇڻ خانہ بدوشن جا خيما. اهڙو منظر ڏسي آءُ پنهنجي تاريخ ۾ گُم ٿي ويندو هئس. منهنجي اڳيان سنڌوءَ جو ماضي ڦرڻ لڳندو هو.

اُن صبح آءُ اهڙن خيالن ۾ وينو هئس تہ اوڏيءَ مهل مون کي اُهو 'رشي' ياد پئجي ويو هو، جنهن نديءَ ڪناري ويهي سندس ساراهہ ڪندي چيو هو: "اي سنڌو! تون نؤورني ڪنوار وانگر آهين... تون جڏهن ميدان مان وهين ٿي، تڏهن بيشمار ڪاڏو پاڻ سان آڻين ٿي... تنهنجو پاڻي اُتم آهي. جيئن ڪو راجا جنگ ڪرڻ لاءِ نڪرندو آهي ۽ پنيان لشڪر هوندو اٿس، تيئن تون بہ ندين جي اڳيان مهندار ٿي هلين ٿي..." -- اِهي ڳالهيون ياد ڪري اکين ۾ لڙڪ پرجي آيا. ندي سان محبت مون کي جذباتي ڪري وڌو. مون بہ چاهيو تہ سنڌوءَ جو ڪو گيت لکي امر ٿي وڃان. پنهنجي ذهن تي زور ڏيڻ شروع ڪيم. منهنجا چپ چُريا. آواز نڪتو: "امان- امان- او منهنجي امان!" لفظ منهنجو ساٿ نہ ڏيئي رهيا هئا، اِنڪري گيت جُڙي نہ پئي سگهيو. آءُ پنهنجي دل جي سچائيءَ سان رڳو "امان- امان- او منهنجي امان." پُڪاري رهيو هئس. تيسين بدن تي هلڪو ڇهاءُ محسوس ڪيم. ڪنڌ ورائي ڏٺم تہ پنيان چاچو هارون بيٺو هو.

"ڇا وينو ڪرين ابا؟" هن پڇيو.

"بس اِئين ئي وينو آهيان."

"توکي اِتي ويهڻ نہ گهرجي، هي خطري واري جاءِ آهي."

"آءُ پاڻي کان پري آهيان."

"توکي هن نديءَ جي رازن جي خبر نہ آهي پُٽ! هيءَ ڏاڍي سگهاري آهي. اِهي مٽيءَ جا ڪچا بند هن جي اڳيان ڪجهہ بہ نہ آهن. خبر اٿئي، هن پورالي ڪيترا وهڪرا بدلايا آهن؟ اڄ بہ سونهاري سنڌ ۾ توکي هن جا جتي ڪتي نشان ڏسڻ ۾ ايندا. هيءَ ايتري تہ سگهاري آهي جو جبل بہ ٽوڙي ڇڏيندي آهي. هن پنهنجيءَ گود ۾ اولياءَ بہ آڻي ڇڏيا. منهنجي سانيڙ جي ڳالهہ آهي تہ سنڌو او هُتان وهندي هئي." هن اشارو ڪيو ۽ ڳالهہ جاري رکندي چيائين: "هو وڏا وڻ ڏسين پيو نہ؟ اُن کان اڳتي ملوڪ شاهہ جي درگاهہ هئي. سنڌو اُن جي پريان وهندي هئي. پوءِ اچي هِن طرف آر ڪيائين. نيٺ بند کي ڪاٽيندي ڪاٽيندي اولياءَ کي بہ پنهنجي وڪڙ ۾ آڻي ڇڏيائين. اسان رات جو اُتان رڙيون ٻُڌندا هئاسين. اڄ اُن جاءِ تي ڪو نشان بہ نہ آهي."

"آءُ اِتي نيڪ آهيان، مون کي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏي، چاچا!"

"نٺو ڇڏي سگهان. تون بہ تہ ڪنهن جي اکين جو نُور هوندين، ڪنهن جي دل جو سُرور هوندين. مجان ٿو تہ ڏکويل آهين، پر منهنجو غم بہ گهٽ ڪونهي، پوءِ بہ آءُ جيئان پيو. هلي آءُ." هن ٻانهن کان جهلي ڇڪيو، پر آءُ ڪلي وانگر کُپي ويو هئس. ڪانئس ڇُريس بہ ڪونہ. منهنجي ضد کي

ڏسي ٻيءَ واٽ ورتائين. پنهنجو پٽڪو لاهي منهنجي پيرن طرف جهڪيو. مون روڪي ورتس. چيم،
"بس چاچا! مون آڻ مڃي."

منهنجي راضي ٿيڻ تي هو خوش ٿي ويو. پنهنجين ٻي ستين آڱرين سان منهنجا لُڙڪ اُگهيائين ته سندس اکين ۾ به لُڙڪ پرجي آيا. مون کي وني اچي لانڍي تي چڙهيائين ۽ پاڻ هليو ويو. آءٌ هنڌ تي ليٽي پيس. منهنجو درد اجا به وڌي ويو. پوڙهي سان پيار ٿيڻ لڳم، جنهن منهنجو ڏک سمجهيو هو. سندس ڳالهين مان پنهنجائپ جي خوشبوءِ آئي هئم. آءٌ شدت سان رات ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳس، جيئن ساٿس اندر جا سور سلي دل جو درد هلڪو ڪجي. نيٺ اُها گهڙي به آئي. ڏينهن پنهنجو بسترو گول ڪيو، رات پر پکيڙيا، چنڊ چمڪڻ لڳو، ستارا جرڪڻ لڳا. بيلدار لالٽينون کڻي چوڪيون ڏيڻ لڳا. آءٌ لانڍي مان نڪري هُن ڏانهن وڃڻ لڳس. سڌو اچي وٽس پهتس. هو مچ ٻاريو ويٺو هو.

"السلام عليڪم."

"وعليڪم سلام. اچي وڃين صاحب؟"

"ها چاچا!"

"ڀلي ڪري آئين، جيءُ ڪري آئين. هِتان تي ويهه." تڏي ڏي اشارو ڪيائين.

آءٌ سؤلو سڌو ٿي ويٺس ته چيائين، "ابا! آءٌ توکي رڳو ايترو سڃاڻان ته بند جو ماڻهو آهين، باقي ٻيءَ خبر ڪانهي ڪا. ڀلائي ڪري پنهنجون خبرون ٻڌاءِ."

مون واقفيت ڪرائي ته مورڳو واسطو نڪري پيو. هو وري اُٿيو. ڀاڪر پائي ٻئي دفعي هٿ ڏنائين. چي، "مون"اوهان جو نمڪ پاڻي کاڌو آهي. اوهان جا ٽُڪر منهنجي پيٽ ۾ آهن." ڪجهه دير رکي وري پڇيائين، "ڀلا وڏيرو سوڀو جيئرو آهي؟"

"نه چاچا! هُو گذاري ويو."

"گهوڙا!"... هن ران تي ڏک هنيو. چيائين، "مڙس ڪو هو چا! ويراهه جو ڦر هو. هڪ دفعي چا ٿيو جو اسان جي چوري ٿي ويئي. پير اچي اوهان جي جوءِ ۾ وجاياسين. شام اچي ٿي. ٻُک به هٿي نانجهو ڪري وڌو. پر ۾ ڪو ڳوٺ به نه هجي، جو ڪنهن کي ماني جو سوال ڪريون. تيسين گهوڙي جي ٽاپ ٻڌيسين. جان ڪٽي ڏسون ته ڪو همراهه واڇوڙي وانگي اُڏامندو اچي. اسان وٽ پهچي گهوڙو جهليائين. دعا سلام ڪان پوءِ پڇيائين ته ميڙُو آهيو؟ اسان چيو هائو. پاڻي ماني جي صلاح هنيائين ته پيٽ ۾ ساهه پيو. پڇيوسون ته ڳوٺ ويجهو اٿئي يا پري؟ چي: ويجهو آهي، هو جيڪي وڏا وڻ پيا ڏسجن، اُنهن ڪان ٿورو پرتي آهي. اسان به ڪٽي نڪتاسين. هو به گهوڙي تان لهي پيو. هلندي هلندي اچي ٿڪاسين، پر ڳوٺ اچي ئي نه. پڇونس وڏيرا، ڳوٺ اجا گهڻو پري آهي؟ چي، اجهو پڄڻ وارا آهيون. ابا، هلندي هلندي ڪوهه ڪن پنڌ ڪيوسين، تڏهن وڃي مس ڳوٺ پهتاسين.

اسان جي پُڇڻ سان اوطاق ۾ نُکون وچانجي ويون، پاڻيءَ جا متَ پرجي ويا. هڪڙو خاشو ڇيلو ڏڙي وڏائين. جلدي ماني تيار ٿي آئي. ڪارائي پياري واندو ٿي پوءِ سربستيون خبرون پڇيائين. واهہ ڙي مڙد واهہ! اوهان جي ست راڄي ۾ اهڙو ڪونہ ٿيو."

هو ڳالهہ پوري ڪري خاموش ٿي ويو. ڪجهہ دير مانار ڇانئجي ويئي. وري خاموشي ٽوڙيندي پڇيائين، "شادي ڪئي اٿئي؟"

"نہ چاچا!"

"ٿي ويندي، ٿي ويندي... ڀلا ماءُ پيءُ جيئرا اٿئي؟"

"ها."

"پاڳ وارو مڙس آهين. اسان تہ گهٽا ڏينهن اڳ ماري ڇڏيا."

"چاچا، هڪڙي ڳالهہ پُڇانئين؟"

"پُڇ."

"تنهنجو پُٽ يَمي ڪونهي ڇا، جو هن وهيءَ ۾ پيو سور ڪائين؟"

"ڪجهہ بہ ڪونهي، نانگو آهيان."

"شادي ڪونہ ڪيئہ ڇا؟"

"نہ."

"ڇو ڀلا؟"

"جنهن سان ڪرڻ چاهيم، اها نہ ملي؛ ٻيءَ سان مون بہ ڪانہ ڪئي."

"تنهن جي معنيٰ تہ عشق جو ماريل آهين؟"

"سچو آهين."

"تہ پوءِ پنهنجي عشق جو قصو ٻڌائيندين؟"

"اِن ڳالهہ کي ڇڏي ڏار."

"ڪونہ ڇڏيندس. تو بہ تہ مون کي ڪونہ ڇڏيو هو نہ."

"ڏاڍو هنيلو آهين."

"اعتبار ڪر، آءٌ تنهنجا راز ڪنهن کي بہ ڪونہ ٻڌائيندس."

"منهنجا راز، راز ناهن رهيا. آءٌ ڪليل ڪتاب وانگر آهيان. پر پراڻيون ڳالهيون ياد ڪري اندر جا ڦٽ کُلي پوندا آهن."

"منهنجي ڪري اهو زهر جو ڍُڪ پي وڃ."

"ضد ٿو ڪرين تہ ٻُڌائين ٿو. هيءَ تڏهن جي ڳالهہ آهي جڏهن منهنجي جواني هئي. هئس تہ لٺ

شوقين. سمجهندو هئس تہ آهيان بہ ڪو آءٌ! سچو ڏينهن پاڻ ناهڻ ۾ پورو هوندو هئس. جواني، ديواني، سو مون کي عشق جي ڪپر ڪاني وڌو. آءٌ هُن کي دل ڏيئي وينس. دل بہ اهڙي لڳي جو صفا لوھ! رڳو هُن جي تات هجي، ٻي ڳالھہ نہ وڻي. نہ ڏسانس تہ بيمار ٿي پوان، جي ڏسانس تہ تانگھہ هيڪاري وڌيو وڃي. رڳو مجبور آءٌ بہ ڪونہ هئس، پر هوءَ بہ مون تي ساھہ ڇڏيندي هئي. رات جو لوڙهو ٽپي مون ڏانهن هلي ايندي هئي. قول ڪيو هئائين تہ مون کان سواءِ ڪنهن سان لانون نہ لهندي. پوءِ...." ائين چئي هو ماٺ ٿي ويو.

"پوءِ ڇا ٿيو چاچا؟"

"هڪ دفعي ڏِسجي پياسين، اُتان کان اسان جي قِتي. هُن جا مائٽ زبر ماڻهو، ٻي وري غيرت جهڙي ڳالھہ. اصل ڇِتا ٿي پيا. مون کي مارڻ لاءِ وجھہ ڳولهڻ لڳا. آءٌ دپ کان گهر ۾ ويهي رهيس. ٻاهر نہ ڦٻيا تہ گهر تي حملو ڪري ڏنائون. پوءِ ٻيڪونڊو ڪري ماريائون. پريان کي ڇُوٽا هئا. سو بچي پيس. باقي هُنن مارڻ واري پوري ڪئي هئي. ابا ويچارو ڊِڄڻو ماڻهو، تنهن اچي زور رَڏيو تہ لڏي هلئون. غريب هئاسين، پڄي نہ سگهياسين، ڳوٺ ڇڏي وياسين. منهنجي سرتي سان بہ گمٺ ڪونہ ڪيائون. ماري اُجڙ ڪري وڌائونس. نيرَ ۾ ٻڌي ڇڏيائونس. زوري شادي ڪرايائونس. هُن ان ڏينهن بغاوت ڪري وڌي. چي: منهنجو گهوٽ آهي تہ هارون آهي، ٻئي کي ڏيان باھہ! هاءِ ڙيءَ وفادار عورت هاءِ! ائين چئي مون ۾ اکيون ڪپائي ڇڏيائين. شوڪارو ڀري وري ڳالھہ جاري رکيائين: "پرٽايائونس سهي، پر هُن کي منهنجي جهوري. مڙس سان نہ نهي، پئي موقعا ڳوليائين. هڪڙي رات ٻُل لڳس، اچيو.تي مون ڏانهن پڄي. سُنت وارڻ کي سڄاڳي ٿي پيئي. اُهي بہ ٿا پند ، لڳنس. اڌ پنڌ تي اچي جهليائونس. پوءِ بگهڙن جي وات ۾ ٻڪري اچي ويئي. ڳِيا ڳِيا ڪري ڇڏيائونس. ان واقعي کان پوءِ آءٌ برباد ٿي ويس. هوءَ جا منهنجي زندگي هئي، منهنجو سُک چين هئي، منهنجو ساھہ پساھہ هئي، مون کان ڦُرجي ويئي. آءٌ لُٽجي ويس."

ڳالهائيندي ڳالهائيندي گلو ڀرجي آيس. لفظ نڙيءَ ۾ اٽڪي پيس. محسوس ڪيم تہ چاچو روئي پيو. تيسين پريان سينڌون وجڻ لڳيون ۽ هوڪريا ٿي ويا. موٽر جو وڏو سوجهرو ويجهو پوندو ويو. هن هراسجي چيو، "اهو گوڙ ٻُڌين پيو ابا؟"

"ها چاچا!"

"پانيان ٿو هاڦيسر آهن."

"آءٌ بہ ائين ئي ٿو سمجهان."

هو تڪڙ ۾ اُٿيو ۽ پنهنجو لالٽين ڪٽي هيٺ لهي ويو.

**سينو گوميرا اجيدارما** (جاپاني ڪهاڻي)

ترجمو: ولي رام ولڀ

# اکين ڏٺو شاهد

اکين ڏٺو شاهد اندر گهڙيو، سندس ٻئي اکيون ڪڍيل هيون.

ٽڙندڙ وکن سان هٿن سان هوا ۾ هٿوراڙيون هڻندي، هو ڪورٽ جي ڪمري جي فرش تي اڳيان وڌندو ويو. سندس خالي اکين جي کوپن مان رت ٽمي رهيو هو. ڳاڙهو رت ايتري قدر تيز ڳاڙهو پئي لڳو جو ٻي ڪابه شيءِ انهيءَ رت جي ڳاڙهاڻ کان وڌيڪ ڳاڙهي نٿي ٿي سگهي. رت آهستي آهستي ۽ لاڳيتو انهن سوراخن مان وهي رهيو هو، جتي پهرئين ڪڏهن سندس اکيون هيون.

رت سندس ڳلن کي آلو ڪري رهيو هو، سندس قميص کي آلو ڪري رهيو هو، سندس پتلون کي آلو ڪري رهيو هو ۽ سندس جوتن کي آلو ڪري رهيو هو. جوتن مان ٽمندو، اُهو رت ڪورٽ جي فرش تي پکڙجي رهيو هو، جنهن کي ڪجهہ دير پهرين جيت مار دوا سان ڌوتو ويو هو ۽ اُها دوا جي بوءِ اڃا تائين هوا ۾ موجود هئي. ڪورٽ جي ڪمري ۾ گوڙ ٿي رهيو هو. تماشائين جون دانهون سندن بي چيني وارن جذبن جو اظهار ڪري رهيون هيون. اخباري نمائندا، هميشہ وانگر سنسني خيز واقعن تي شوق سان ڀرپور ردعمل ظاهر ڪندي، ڏاڍي جوش سان هر ڪنڊ کان، ايتري قدر جو فرش کان بہ مٿي، سندس سر ڏانهن رُخ ڪري، اکين ڏٺي شاهد جون تصويرون ڇڪڻ لاءِ پنهنجين ڪئمرائن جا فليش چمڪائي ماحول ۾ اڃا وڌيڪ گرمي پيدا ڪرڻ لڳا.

"هولناڪ!"

"جنونيت!"

"تشدد پسندي!"

عزت ماب جج هڪدم صورتحال کي سمجهي ويو۽ هٿوڙي ميز تي هڻي پنهنجي بچيل رعب کان ڪم وٺندي، نظم و ضبط بحال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

"خاموش! گوڙ نہ ڪريو!... جيڪو بہ ڪورٽ جي ڪارروائيءَ ۾ رنڊڪ وجهندو، اُن کي ڪورٽ مان ٻاهر ڪڍيو ويندو." تماشائي ماٺ ٿي ويا. ڪين جلد کان جلد ڳالهہ جي اصليت ڄاڻڻ جي اُڻ تڻ هئي.

"اکين ڏٺا شاهد!"

"جي سائين."

"تنهنجون اکيون ڪٿي آهن؟"

"ڪنهن ڪڍي ورتيون آهن، سائين."

"ڪڍي ورتيون؟"

"جي سائين."

"تنهنجو مطلب آهي تہ تنهنجو آپريشن ڪيو ويو."

"نہ سائين، چمچي سان ڪڍيون ويون."

"چا!... چمچي سان ڪڍيون ويون؟ ڇو؟"

"مون کي خبر ناهي، پر اُنهن چيو ٿي تہ هو اُنهن مان تنگ لينگ سوپ ناهيندا."

"سوپ ناهيندا؟... اها تہ ڏاڍي هولناڪ ڳالهہ آهي! ڪنهن چيو هو؟"

"جن منهنجون اکيون ڪڍيون هيون سائين."

"اها مون کي خبر آهي، بيوقوف! منهنجو مطلب آهي تہ اُهي هئا ڪير؟"

"اُنهن مون کي پنهنجا نالا نہ ٻُڌايا."

"تو ڪانئن پڇيا بہ نہ، بيوقوف؟"

"نہ سائين."

"ڏيان سان ٻڌ، منهنجو مطلب آهي تہ اُهي ماڻهو ڏسڻ ۾ ڪهڙا هئا؟ تنگ لينگ سوپ يا شايد گوٽ سوپ ناهڻ لاءِ چمچي سان ڪيڻ کان اڳ تائين تنهنجون اکيون تنهنجي چهري تي لڳل هيون يا نہ؟"

"جي سائين."

"تہ تو ڪين ڏٺو بہ هوندو تہ ڪيئن ٿا لڳن."

"جي سائين."

"تہ ڪورٽ کي اهو ڇو نٿو ٻڌائين، جيڪي تو پنهنجي اُنهن اکين سان ڏٺو هو، جن کي هو تنگ لينگ سوپ جا شوقين گهٽو ڪري هيستائين ڪاٽي چڪا هوندا؟"

اکين ڏٺو شاهد ڪن لاءِ خاموش رهيو. ڪورٽ جي ڪمري ۾ موجود سيني ماڻهن پنهنجا ساهہ روڪي ڇڏيا.

"اُهي ججها هئا سائين."

"ڪيترا؟"

"پنج، حضور."

"ڏسڻ ۾ ڪيئن ٿي لڳا؟"

"مون کي گهڻو ويچهائيءَ سان ڏسڻ جو موقعو نہ مليو. انهن سڀني ڪجهہ ايڏي جلدي سان ڪيو..."

"توکي شايد ياد هجي تہ ڪين ڇا پاتل هو؟

"مون کي پڪ آهي تہ ڪين يونيفارم پاتل هيون سائين."

ڪورٽ ۾ وري گوڙ ٿي ويو، ڄڻ هزارين مکيون گڏجي ڀون ڀون ڪنديون هجن. جج ميز تي هٿوڙي هڻئي ۽ ڀون ڀون بند ٿي ويئي.

"تنهنجو مطلب آهي تہ فوجي يونيفارم؟"

"نہ سائين."

"پوليس جي؟"

"پوليس جي بہ نہ."

"تہ پوءِ سِول سڪيورٽي جي؟"

"اوهان کي خبر آهي تہ مان ڇا چئي رهيو آهيان سائين. اُنهن سڀني کي ڪارا ڪپڙا پاتل هئا، جيئن فلمن ۾ هوندو آهي."

"ڇا اُنهن جا چهرا ڍڪيل هئا؟"

"ها، رڳو سندن اکيون ڏسڻ ۾ اچي رهيون هيون."

"آها... مان سمجهي ويس، اُهي ماڻهو ننجا (Ninja) هئا؟...آهي نہ؟"

"بلڪل سائين، اُهي ماڻهو ننجا هئا. انهن ئي منهنجون اکيون ڇمڇي سان ڪڍيون هيون."

هڪ ڀيرو وري تماشائي بي قابو ٿيڻ لڳا ۽ هڪٻئي سان ائين ڳالهيون ڪرڻ لڳا جيئن ڪنهن قهوه خاني ۾ ويٺا هجن، ۽ هڪ ڀيرو وري جج کي ڪين خاموش ڪرائڻ لاءِ ميز تي هٿوڙي جو ڌڪ هڻڻو پيو. رت اجا بہ اکين ڏني شاهد جي خالي ڪارن اکين جي کوپن مان آهستي آهستي ۾ مسلسل وهي رهيو هو ۽ هو ڪنهن مجسمي وانگر ڪورٽ ۾ بيٺو رهيو. رت ٽمندو ڪورٽ جي فرش تي پکڙجي رهيو هو، جنهن کي ڪجهہ ئي دير اڳ جيت مار دوا سان ڌوتو ويو هو. ڪورٽ جي سموري فرش تي پکڙجي، اهو هاڻي دروازي کان ٻاهر نڪري رهيو هوءِ ڏاڪڻين تان لهندو عمارت جي اڳڻ ڏانهن وڃي رهيو هو. پر اهو ڪنهن نہ ڏٺو.

"اکين ڏٺا شاهد!"

"جي حضور."

"مون کي ٻڌاءِ تہ جنهن وقت تنهنجون اکيون ڪڍيائون ٿي تہ اُن وقت تو مدد لاءِ سڏ ڇو نہ ڪيو؟"

"اُهي پنج هئا سائين.

"ڇا تون رڳو نٿي ڪري سگهين يا پرسان پيل ڪا شيءِ ڪٿي ڪين هٽي نٿي سگهين؟ پڪ سان تون اهڙو ڪجهه نه ڪجهه ضرور ڪري سگهين ٿي، جنهن سان تنهنجي پاڙيسرين کي آواز پهچي ها ۽ اُهي تنهنجي مدد لاءِ اچن ها. ڇا تنهنجو گهر هڪ گهٽي آباديءَ واري گهٽيءَ ۾ ناهي، جتي پاسي وارن گهرن جا سُرباٽ تائين صاف ٻڌڻ ۾ اچن ٿا؟ تون خاموش ڇو رهين؟..."

"ڏسو... ڳالهه اِها آهي ته اهو واقعو خواب ۾ ٿيو هو."

ڪورٽ ۾ موجود سڀ ماڻهو بي اختيار کلڻ لڳا ۽ جج هڪ ڀيرو وري غصي مان ميز تي هٿوڙي هنئي.

ڪورٽ ۾ ڏاڍي گهٽ هئي. ماڻهو پگهر ۾ شَل ٿي رهيا هئا، پر پنهنجي جڳهه تان هٽڻ لاءِ تيار نه هئا، رت اڳڻ مان پڪڙجي ڪار پارڪ تائين پهچي ويو هو. جج پنهنجا سوال جاري رکيا.

"تو هاڻي چيو ته اِهو واقعو خواب ۾ پيش آيو هو. ڇا تنهنجو مطلب آهي ته اهو سڀ ايڏي تيزيءَ سان ٿيو جو توکي خواب وانگر محسوس ٿيو؟"

"جي نه سائين، خواب وانگر نه، اهو سچ پچ خواب ئي هو، انهيءَ ڪري جڏهن هو منهنجون اکيون ڪيڏي رهيا هئا ته مان خاموش رهيس."

"ڇا تون سنجيده آهين؟ مون سان چالاڪي ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪر.. ياد رک، بعد ۾ توکي اهوئي سڀڪجهه قسم کڻي چوڻو پوندو."

"مان بلڪل سنجيده آهيان سائين. مون رڳو انهيءَ ڪري نه ڪئي جو مون سوچيو ته اهو رڳو هڪ خواب آهي، بلڪ جڏهن انهن چيو ته هو منهنجون اکيون تنگ اينگ سوپ ناهڻ لاءِ ڪيڻ چاهين ٿا ته مان کِليس."

"ته تنهنجي چوڻ مطابق اکيون ڪيڻ جو سمورو واقعو رڳو خواب ۾ پيش آيو."

"منهنجي چوڻ مطابق نه سائين، اهو واقعو خواب ۾ پيش آيو هو."

"ٿي سگهي ٿو ته تون چريو هجين."

"نه، مان اهو ثابت ڪري سگهان ٿو سائين. گهڻا ماڻهو شاهدي ڏئي سگهن ٿا ته مان ساري رات سمهيل هئس ۽ ڪنهن به منهنجي ننڊ نه ڦٽائي."

"ته ڄڻ اهو واقعو يقيني طور تي خواب ۾ پيش آيو هو؟"

"جي سائين."

"پر جڏهن تون جاڳين ته تنهنجون اکيون غائب هيون؟"

"بلڪل درست سائين. اهائي ڳالهه منهنجي سمجهه ۾ نه ٿي اچي. اهو سڀ ڪجهه خواب ۾ ٿيو پر جڏهن مان جاڳيس ته حقيقت بڻجي چڪو هو."

جج ڪجھ نہ سمجھڻ جي انداز ۾ ڪنڌ لوڏيو.

"ڪِلڻ جھڙي ڳالھ!" هن ٻڙ ٻڙ ڪئي.

وهندڙ رت روڊ تائين پھچي چڪو هو.

"ڇا اڪين ڪان وانجھيل ڪو شخص 'اڪين ڏٺو شاهد' ٿي سگھي ٿو؟" جج صاحب جو خيال هو تہ ٿي سگھي ٿو، آخر سندس اکين سان ڏٺوڳڏ سندس حافظو تہ هليو نہ ويو.

"اڪين ڏٺا شاهد!"

"جي سائين."

"ڇا تون اڃا تائين شاهدي ڏيئي سگھين ٿو؟"

"مان تيار آهيان سائين. انھيءَ ڪري تہ مان اڪين جي ڊاڪٽر وٽ وڃڻ بدران پھرين هن ڪورٽ ۾ آيو آهيان."

"ڇا توکي اڃا بہ اهو سڀڪجھ ياد آهي، جيڪو توکي پيش آيو هو، جيئن ٽيڪ تنھنجون اکيون وڃي چڪيون آهن؟"

"مون کي ياد آهي حضور."

"توکي اڃا بہ ياد آهي تہ قتلام ڪيئن ٿيو هو؟"

"جي سائين."

"ڇا توکي اڃا بہ ياد آهي تہ هو ڪھڙي ريت انڌا ڌُنڌ گوليون ڇوڙي رهيا هئا ۽ ماڻھو ڪيئن جي ٿُڙن وانگر ڪِرندا پئي ويا."

"جي سائين."

"ڇا توکي اڃا بہ ياد آهي تہ رت ڪيئن وهي رهيو هو، ۽ ڪھڙيءَ ريت ماڻھو ڪنجھي رهيا هئا ۽ زخمي ماڻھن کي ڪھڙيءَ ريت سنگينون ڪپائي ماريندا پئي ويا؟"

"مون کي ياد آهي سائين."

"سڀ ڪجھ چڱيءَ طرح ياد ڪري وٺ، ڇو جو اکين ڏٺا شاهد گھڻا آهن، پر توکان سواءِ ڪوبہ شخص ڪورٽ ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ تيار ناهي."

"جي سائين."

"هڪ ڀيرو وري ٻڌاءِ، ڇا تون اڃا بہ شاهدي ڏيڻ لاءِ تيار آهين؟"

"مان تيار آهيان سائين."

"ڇو؟"

"سچائي ۽ انصاف خاطر سائين."

ڪورٽ ۾ ڏاڍو گوڙ ڦهلجي ويو. هر شخص، سرڪاري وڪيل ۽ بچاءَ جي وڪيل سميت داد ڏئي رهيو هو. تعريف ۾ آواز ڪيڻ لڳا ، ۽ ڪي ته نعرا به هڻڻ لڳا.

جج صاحب هڪدم پنهنجي هٿوڙي ميز تي هنئي.

"ش...ش...! تحريڪ هلائڻ جي ضرورت ناهي!" هن مضبوط لهجي ۾ چيو، "اڄ جي ٻُڌڻي ملتوي ڪئي وڃي ٿي، سياڻي وري ڪيس هلندو ۽ هن اکين ڏٺي شاهد جو بيان ٻڌو ويندو، جنهن جون اکيون ناهن."

رهيل طاقت کي ڪم آڻيندي هن هڪ ڀيرو وري هٿوڙي ميز تي هنئي ۽ اُٿي پيو. سڀ ماڻهو کِلڻ لڳا. اخباري نمائندو، جيڪو نئين نئين خبرون لکڻ تي مجبور هو، ڇو جو وڏين خبرن لاءِ آزاد نه هو، جلدي جلدي تصويرون ڪيڻ لڳو... ڪلڪ، ڪلڪ، ڪلڪ!... هٿن ۾ پڪل هٿوڙي ڪٺي جج صاحب کي ايندڙ نسلن لاءِ محفوظ ڪيو ويو.

گهر ڏانهن ويندي جج صاحب پنهنجي ڊرائيور کي چيو، "ٿورڙو سوچ ته سهي، هڪ شخص کي انصاف ۽ سچائيءَ لاءِ پنهنجين اکين تان هٿ کڻڻو پيو. ڇا مون کي قانون جي نوڪر جي طور تي، انهيءَ کان وڏي قرباني نه ڏيڻ گهرجي؟"

ڊرائيور سندس ڳالهه جو ڪو اهڙو جواب نٿي ڏيڻ گهريو، جنهن سان سندس ڏوهه جو احساس ختم ٿي وڃي. مثال طور اِهو ته 'انصاف انڌو نٿو هجي!' پر پريشان ڪندڙ ٽريفڪ- جنهن ۾ جج کي ننڊ اچي ويئي.

رت آهستي آهستي پر پوري ويساهه سان شاهي روڊ تي وهندو رهيو، اينتري قدر جو سموري شهر ۾ پکڙجي ويو. انهيءَ شهر جي هر ڪنڊ کي تَر ڪري ڇڏيائين، اينتري قدر جو گهڻ ماڙ بلڊنگن جي ديوارين تي به چڙهي ويو. شهر ۾ اهڙي ڪابه جڳهه رت-هاڻي ٿيڻ کان بچي نه سگهي. پر معجزو اهو ٿيو جو اُن کي ڪنهن به نه ڏٺو.

جڏهن رات ٿي ته اکين کان وانجهيل "اکين ڏٺي شاهد" هنڌ تانئين پهچڻ کان اڳ عبادت ڪئي. هن دعا ڪئي ته دنيا ۾ سڀڪجهه نيڪ رهي، هر ڪم همواريءَ سان هلندو رهي ۽ هر شخص خوش رهي.

پنهنجي ننڊ ۾ هن هڪ ٻيو خواب ڏٺو: يونيفارم پاتل پنجن ماڻهن سندس زبان پٽي ورتي. هن ڀيري هنن چمٽو استعمال ڪيو هو.

-- • --

# تبصرا

## ڇهه ڇهه پئسا ٻہ ٻہ پايون




نصير مرزا سنڌي ٻولي ۽ ادب جو هڪ قطعي منفرد، مختلف ۽ پُراثر ليکڪ آهي، جنهن شاعريءَ، نثر توڙي تحقيق مان جنهن بہ شعبي ۾ قلم کنيو آهي، تہ پڙهندڙن کي ضرور حيرت ۾ وڌو آهي. نصير، سنڌي ڪهاڻيءَ جي باني‌ڪارن مان هڪ نهايت نمايان ۽ مانائتي نالي ۽ مرزا قليچ بيگ جي فرزند نادر بيگ مرزا جون ڪهاڻيون سهيڙي، اُن تي شاندار تحقيقي مقدمو لکي، اُن کي نئين سر زنده ڪرڻ ڪان ونئي. سنڌي ادب جي انوکي ڪردار ۽ هڪ دؤر جي 'ليجينڊ ڪهاڻيڪار' حفيظ شيخ جي لکڻين ۽ اُن متعلق هت اچي سگهڻ جهڙو سمورو مواد گڏ ڪري، اُن تي انتهائي منفرد اسلوب جو مهاڳ لکي، سنڌي پڙهندڙن جي هڪ اهڙي نسل جو حفيظ شيخ ڏانهن ڌيان ڇڪايو، جنهن جي وڏي اڪثريت حفيظ شيخ جو نالو بہ نہ ٻڌو هو!

هن ڀيري نصير هڪ ڪامياب علمي مهم جُو وانگر هڪ نئين ادبي چوٽي سَر ڪئي آهي. هن جي اهڙي ڪاميابي، ٻاراڻي ادب سان گڏوگڏ مجموعي طرح سان سنڌي ادب ۾ بہ وڏي فخر ۽ شان سان ڳڻائڻ جهڙي آهي. جديد سنڌي شاعريءَ جي پيڙهہ جي پٿر ۽ سنڌي ٻاراڻي شاعريءَ جي اڪيلي ڪلاسيڪل شاعر ڪشنچند "بيوس" جا سمورا ٻاراڻا گيت ۽ نظم ٽڙيل پکڙيل هجڻ ڪري ناياب هئا، جن کي هِتان هُتان ۽ هڪ وڏي عرصي تائين اُنهن جي ڳولا ڦولها ڪري، "ڇهہ ڇهہ پئسا، ٻہ ٻہ پايون" جي نالي سان هڪ هنڌ سهيڙڻ ئي وڏو ڪم هو، پر نصير تہ اُن کان بہ ٻہ وکون اڳتي وڌي، بيوس جي شخصيت، خاندان، فڪر ۽ شاعريءَ متعلق هڪ نهايت معلوماتي ۽ مفصل مهاڳ بہ لکيو آهي، جنهن ۾ نہ رڳو هن شاندار شاعر جي باري ۾ قيمتي معلومات آهي، پر شاعر جي شخصيت ۽ سندس شاعريءَ ۾ دلچسپي رکندڙ سمورن پڙهندڙن لاءِ پڻ گهڻو مواد موجود آهي.

اسان جي اها بدقسمتي چئجي، جو نئين سنڌ ۽ اُن جي جديد ادب جي اڏاوت ۾ اهم ۽ بنيادي ڪردار ادا ڪندڙ شخصيتن، ليکڪن، آرٽسٽن، عالمن، شاعرن ۽ محققن کي نظرانداز ڪيو ويندو رهيو آهي. نتيجي ۾ هڪ طرف عام ماڻهو پنهنجن محسنن جي مثالي ڪارنامن کان اڻ واقف آهن تہ

ٻئي طرف پڙهندڙن جي اڪثريت ڪي بہ اُنهن "بنيادي اهميت رکندڙ" شخصيتن جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۾ ڪا دلچسپي نہ رهي آهي، جنهن سبب تاريخ جي سفر (جيڪو هر حال ۾ جاري آهي) جي ڪڙي ڪڙيءَ سان ملائڻ مشڪل ٿي پيئي آهي. ايسنائين جو جيڪي وڏا ۽ تاريخي ماڻهو موجود دور سان واسطو رکن ٿا، ۽ اسان جي اکين آڏو گذاري ويا آهن، انهن جي باري ۾ معلومات هٿ اچڻ مشڪل ٿي ويئي آهي. ان لحاظ کان، پنهنجي منهن سان، هوريان هوريان ٿي سهي، اهڙا اهم تحقيقي ڪم ڪرڻ تي، اسان کي نصير جو احسانمند ٿيڻ گهرجي.

نصير جي تحقيق واري ڪم ۾ ڳڻائڻ جهڙي هڪ ٻي بہ اهم ڳالهہ آهي، جنهن کي نظرانداز ڪري نٿو سگهجي. هڪ تحقيقي ۽ معلومات پهچائڻ جي خيال سان لکيل مضمون يا مهاڳ ۾ بہ هو جيڪو رومانوي ۽ افسانوي انداز اختيار ڪري ٿو، تنهن تحقيق جهڙي خشڪ موضوع کي بہ دلچسپ، خوبصورت ۽ پرڪشش بڻائي ڇڏيو آهي. خاص طور ٻارڙن لاءِ لکڻ ۾، مون کي سڀ کان سٺو انداز يا تہ لوڪ آکاڻين وارو نظر اچي ٿو، يا نصير جي نثر وارو پيرايو! جي نہ تہ عام طرح انداز جي خشڪي ۽ لفظن جو بار، ٻار جي ذهن کي بيزار ڪري يا پڙهڻ کان پري ڪري سگهي ٿو.

سنڌي ٻارڙن جي عظيم شاعر ڪشنچند "بيوس" جي پهريون پيرو ڇپيل سموري ٻاراڻي شاعريءَ جي مهاڳ ۾ نصير لکي ٿو: "اهو ٺهہ آهي تہ نہ فقط جديد شاعريءَ جو بنياد بيوس سائينءَ رکيو هو، پر انگريزن جي دور ۾ ۱۸۴۳ع کان ۱۹۴۷ع تائين سنڌي ٻوليءَ ۾ باقاعده ٻاراڻي ادب جو بنياد جن شاعرن رکيو، انهن سڀني ۾ ڪشنچندبيوس جو نالو مٿانهين جڳهہ والاري ٿو. وقت گواهہ آهي تہ ٻارن جون اِهي پيڙهيون، جن ٻالڪ اوستا ۾ 'بيوس' سائينءَ جا ٻارن لاءِ لکيل نظم پڙهيا آهن، انهن جي ذهن ۾ هن جا نظم ننڍپڻ جي ڪنهن انتهائي خوبصورت ياد وانگر اڄ بہ محفوظ آهن. سنڌ جي هر نئين نسل لاءِ انهن جي ذهني اوسر، وندر ۽ وروُنهن ۽ اخلاقي سکيا لاءِ بيوس نہ فقط سدا بهار جي گلن جهڙا نظم ۽ گيت ئي سرجيا آهن، پر انهن سان گڏوگڏ سهڻا ۽ دلچسپ ناٽڪ لکي، سنڌيءَ ۾ ٻاراڻي ادب کي وڏو ذخيرو مهيا ڪري ڏيڻ جي ڪوشش بہ ورتي هئي."

نصير هن مهاڳ ۾ ٻڌايو آهي تہ هن نامور شاعر جو جنم ۲۵ فيبروري ۱۸۸۵ع تي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو ۽ ۲۲ سيپٽمبر ۱۹۴۷ع تي، (جنهن دور ۾ دنيا جي نقشي تي ننڍي کنڊ ڇي نالي سان سڃاتو ويندڙ عظيم تهذيبي ورثو رکندڙ خطو ٻن حصن ۾ ورهائجي چڪو هو)، بيوس سائين پرلوڪ پڌاري پنهنجي ڌٽيءَ کي وڃي پرتو. ڪتاب ۾ بيوس جي ننڍپڻ، دلچسپين، شعري سفر، پهرئين شعر، پهرئين مجموعي ۽ سموري ادبي ڪارگذاريءَ جو سالن ۽ تاريخن سميت تذڪرو تہ ملي ٿو، پر لاڙڪاڻي ۾ اُهو گهر، جنهن ۾ بيوس رهندو هو، اهو شفاخانو، جنهن ۾ هو پنهنجي ڪلينڪ هلائيندو هو ۽ تاريخي گيان باغ جو اُهو ٿلهو، جنهن تي ويهي هو ليڪچر ڏيندو هو، اُنهن جون تصويرون بہ شامل ڪيون ويون آهن، جنهن سبب هن وڏي شاعر جي ماحول جي هڪ هڪ جهلڪ ڏسڻ جو بہ موقعو نصيب ٿي وڃي ٿو. ان کان سواءِ "ڇهہ ڇهہ پئسا، بہ ٻہ پايون" ۾، ۱۹۳۵ع ۾ بيوس جي سورنهن ۽ دادا هري دلگير جي ڇئن نظمن تي مشتمل چوپڙي "مؤجي گيت" ۾ شامل

خوبصورت، رسيلن ۽ پارڙن جا ڪتمنڙن وانگر چپ منا ڪري سگھندڙ شعرن سان گڏ درسي ڪتابن، رسالن ۽ جابجاءِ پکڙيل پاراٺن شعرن کي بہ هن مجموعي ۾ جمع ڪيو ويو آهي، جيڪو يقينن هڪ وڏو ۽ هڪ لحاظ کان تاريخي ڪم آهي.

منهنجي ذاتي راءِ آهي تہ جيترو منفرد ۽ وڏو سنڌي شاعريءَ ۾ ڪشنچند بيوس جو مقام آهي، اوترو ئي منفرد ۽ وڏو، هيءُ ڪم نصير جي ادبي سجاڳ جي حوالي سان ڪتاب "چھہ چھہ پئسا، پہ پہ پايون" آهي، جيڪو هن وڏيءَ محبت ۽ محنت سان سهيڙيو آهي، جيڪو هن جي بيوس سان اٿاهہ عقيدت ۽ پارڙن جي ادب سان گهري دلچسپيءَ جو ثبوت آهي. هي ڪتاب سنڌي پارڙن جي هڪ ہئي عظيم شاعر ۽ بيوس سائينءَ جي ويجهي ساٿي دادا هري دلگير کي "منسوب" ڪري، نصير هڪ ٻيو ساراهہ جوڳو ڪم ڪيو آهي، ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن بيوس سائين پاراٺي شاعريءَ جي ساجي پانهن آهي تہ دادا هري ان جي کاٻي ٻانهن آهي ۽ انهن ٻنهي جو ڪردار سنڌي پاراٺي ادب ۾ سدائين سج وانگر روشن ۽ تابناڪ آهي.

سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپايل هن ڪتاب "چھہ چھہ پئسا، پہ پہ پايون" جي قيمت ٥٠ روپيا آهي، ۽ مهانگي هجڻ جي باوجود هي هڪ قيمتي تحفي جيان آهي. ايڪيهين صديءَ جي پهرئين سال ۾ ڇپيل هي ڪتاب ويهين صديءَ جي عظيم شاعر کي هڪ خوبصورت خراج عقيدت تہ آهي ئي، پر ان سان گڏ بيوس جي بي مثل شاعريءَ جو ٻيهر منظر عام تي اچڻ سنڌي پاراٺي شاعريءَ جي نئين سر ابتدا جو ڪارڻ بہ بڻجي سگهي ٿو. - **اسحاق سميجو**

## اڳتي قدم

سنڌ جي مهان ڪوي شيخ اياز جي علمي، ادبي ۽ فڪري توڙي فني سفر جو هڪ طويل دور آهي، جنهن سنڌ جي نہ رڳو علمي ۽ ادبي دنيا تي پنهنجا مثبت اثر ڇڏيا، پر سموري سنڌي سماج کي پڻ متاثر ڪيو. شيخ اياز جي فڪري اثر جا رنگ سماج تي جيئن پوءِ تيئن وڌن ٿا گهرا ٿيندا. سندس پڙهندڙن ۽ مداحن جو جيترو حلقو وسيع آهي، اوترو ئي سندس فڪري ۽ فني اثر قبول ڪندڙن ۽ سندس رنگ کي پنهنجو ڪندڙن جو بہ آهي. هن سموري ادبي دؤر تي اياز جو رنگ ڇانيل آهي.




شيخ اياز جي علمي، فني ۽ فڪري پهلوئن ۾ هڪ پهلو "ادبي صحافت" وارو بہ آهي، جيڪو سندس فڪري ۽ فني زندگيءَ جي ابتدائي دور کان ئي وجود ۾ آيو. انهيءَ حوالي سان سندس ادبي صحافت جي شروعات "اڳتي قدم" (شڪارپور) جي اشاعت سان ٿي. "اڳتي قدم" شيخ اياز

آگسٽ ۱۹۴۷ع کان شڪارپور مان شايع ڪيو. انهيءَ رسالي جا ٽي پرچا عزيزم ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي جي ذاتي لئبرريءَ ۾ ڏٺا هئم، جي سندس والد مرحوم محمد صديق هڪڙي جي ڪليڪشن مان ڪيس ورثي ۾ مليا. اِهي ٽيئي پرچا جڏهن مون پڙهيا، تڏهن شيخ اياز جي ڏاهپ ۽ ادارت کان گهڻو متاثر ٿيس. "اڳتي قدم" جو پهريون شمارو ۹۷ صفحن تي مشتمل هو، ۽ ٻيو شمارو ۷۵ صفحن تي پکڙيل، جيڪو سيپٽمبر ۱۹۴۷ع جو هو ۽ آڪٽوبر ۱۹۴۷ع وارو ٽيون شمارو ٦٣ صفحن تي پکڙيل هو.

تازو شيخ اياز جي ۷۸ سالگره (۲-مارچ ۲۰۰۱ع) جي وڻندڙ موقعي تي "شيخ اياز فائونڊيشن" جي چيئرمن سائين محمد ابراهيم جويي فائونڊيشن پاران ٽيئي پرچا 'ٻيهر' هڪ ئي جلد ۾ ڇپرائي پڌرا ڪيا آهن. موجوده اشاعت ۱۹۲ صفحن تي مشتمل آهي.

"اڳتي قدم" جا اِهي ٽيئي پرچا "شيخ اياز فائونڊيشن" کي ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي اشاعت لاءِ ڏنا، جن لاءِ سائين محمد ابراهيم جويي صاحب لکيو آهي ته "شيخ اياز فائونڊيشن طرفان ۽ آءٌ پاڻ به جناب ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي جو ٿورائتو آهيان، جنهن 'اڳتي قدم' جي ٽنهي پرچن جو مواد گڏ ڪري، پيش لفظ لکي ۽ ان سلسلي ۾ جدا لکيل ۽ ڪتاب 'شاعر جي خوابن جي خوشبو' ۾ شايع ٿيل پنهنجي مطالعاتي مضمون سميت اسان کي هن طرح 'اڳتي قدم' کي شايع ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو. آءٌ سندن هن سون جهڙي راءِ سان سورهن آنا متفق آهيان ته ۱۹۴۷ع ۾ 'اڳتي قدم' جي اشاعت سنڌ ۾ ترقي پسند تحريڪ جي هڪ بنيادي ڪوشش هئي."

ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته سنڌ ۾ جديد شاعري ۽ نثر جي شروعات ڪندڙ شيخ اياز ئي آهي. اهڙيءَ طرح ڊاڪٽر انور فگار به لکيو آهي ته "اسان جي سنڌ جي عظيم شاعر شيخ اياز به سنڌ ۾ سجاڳي ۽ بيداري آڻڻ لاءِ شروع کان ئي قدم کنيا، تن جي سماجي ڪارج کي ڏسي ضرور داد ڏيڻو پوندو. سنڌ ۾ ترقي پسند تحريڪ کي رائج ڪرڻ لاءِ هن آگسٽ ۱۹۴۷ع ۾ رسالو 'اڳتي قدم' جاري ڪيو، جو ترقي پسند تحريڪ جي تاريخ ۾ انفرادي ڪاوش جو هڪ اَمٽ اهڃاڻ آهي. ان رسالي جي اجراءِ سان ڪي نوان خيال ظاهر ڪيا ويا ته ڪي نيون صنفون به سنڌي ٻوليءَ جي ادب ۾ روشناس ٿيون. انهيءَ ڪري هن رسالي جو ادب ۾ وڏو ڪردار آهي."

ان ئي سلسلي ۾ "اڳتي قدم" جي ٻئي شماري ۾ شيخ اياز جي هڪ ڳالهه هن طرح آيل آهي، جا ترقي پسند ادب جي هڪ سهڻي وضاحت پڻ آهي. "اڳتي قدم" جو پهريون پرچو ڏسي ڪيترن پڇيو ويو آهي ته ڇا، ترقي پسند ادب صرف افادي ادب Utilitarian Literature آهي، يعني ترقي پسند ادب جو مقصد صرف عوام ۾ بغاوت ڦهلائڻي ۽ مزدور هاري انقلاب جو بنياد وجهڻو آهي ڇا؟ جي ائين آهي ته ترقي پسند ادب ۾ ڪهڙو لطف ۽ دلڪشي رهي سگهندي ۽ اهو انسانذات جي ٿڪل ٽٽل دماغ کي ڪهڙي تراوت پهچائيندو. اسان جو جواب آهي ته صحيح معنيٰ ۾ انقلابي ادب ترقي پسند ادب

آهي پر ترقي پسند ادب صرف انقلابي ادب نہ آهي. انقلابي ادب کي بہ پنهنجو معيار آهي ۽ اهو صرف "هاري مزدور انقلاب زنده باد" جي نعري تائين محدود نہ آهي.

"اڳتي قدم" جي هيءَ ٻي اشاعت اسان کي سنڌ ۾ جديد ادب جي شروعاتي دور کي ڏسڻ ۽ پرکڻ لاءِ هڪ اهم ادبي دستاويز طور مليو آهي، ۽ اجوکي تحقيقي دور ۾ پڻ ان جي اهميت کي محسوس ڪيو ويندو. انهن ئي شيخ اياز جي پڙهندڙن کي اياز جي فڪري پس منظر کي سمجهڻ جو پڻ موقعو ملي ٿو.

"اڳتي قدم" ۾ جيڪي بہ لکتيون آيل آهن، تن تي شيخ اياز صاحب جا تنقيدي رايا بہ اسان جي سنڌي ادب ۾ تنقيد جي حوالي سان جديد تنقيد جي شروعاتي اهڃاڻن جي حيثيت رکن ٿا. اهڙي طرح ڪن جديد صنفن جي شروعات بہ "اڳتي قدم" کان ئي نظر اچي ٿي، جن ۾ شيخ عبدالرزاق "راز" جو "آزاد نظم" بہ آهي.

هن مختصر تبصري ۾ آءٌ "اڳتي قدم" جي هرهڪ صنف توڙي لکڻين يا لکندڙن جي تفصيل ۾ وڃڻ نٿو گهران، ڇاڪاڻ جو اهو سمورو ڪم تبصري جي حدن کان وڏي مقالي جي صورت اختيار ڪري سگهي ٿو. ان لاءِ آءٌ اينترو چوندس تہ اياز شناسيءَ لاءِ "اڳتي قدم" جو مطالعو هڪ وڏي وٿ آهي ۽ ان جو مطالعو ڪن نون گوشن کي ضرور ظاهر ڪري ٿو. ان لاءِ "شيخ اياز فائونڊيشن" جي ڪوشش کي ساراهي سگهجي ٿو. هن ادبي تحفي جي قيمت رڳو سٺ روپيہ آهي، جا اديبن، شاگردن ۽ پڙهندڙن لاءِ ڪا گهٽي نہ آهي. - نقش "ناياب" منگي

## ڪتاب استاد فارسي




مولانا الاهي بخش جديد دور ۾ سنڌ جو هڪ هاڪارو عالم ٿي گذريو آهي. هن جو تعلق تعلقي ميهڙ جي ڳوٺ ٻانهو لاکير سان هو. مولانا هڪ طرف استاد جي حيثيت ۾ ڪافي شاگردن کي پڙهايو، جن اڳتي هلي دين جي وڏي خدمت ڪئي، تہ ٻئي طرف مذهبي عنوانن تي ڪجهہ ڪتاب پڻ لکيا. هن عالم دين ١٣٣٨هہ ۾ وفات ڪئي.

مولانا الاهي بخش جي تحريري ورثي بابت سندس شاگرد مولانا دين محمد "اديب" فيروز شاهي لکيو آهي تہ "سندن تاليف ڪيل ڪجهہ ڪتاب هن طرح آهن: نيڪ صلاح، بهشتي باغ، ضرورت پرده، آرين جي رد ۾ هڪ رسالو ۽ تعليم تي هڪ رسالو.

هي آخري رسالو ڪو ماڻهو ڇاپڻ لاءِ وٺي ويو مگر ڇپجي نہ سگهيو ۽ گم ٿي ويو." (مهراڻ، سوانح نمبر، ٣-١٩٥٧/٤/٤ع، ص ٩٤).

تبصري هيٺ آيل ڪتاب "استاد فارسي" جو ليکڪ مولانا الاهي بخش مرحوم آهي. ڪهڙي خبر تہ هي اُهو ئي گم ٿيل رسالو هجي، جنهن جو ذڪر مولانا دين محمد "اديب" ڪيو هو. هن ڪتاب جو مسودو سنڌ جي هڪ ٻئي عالم مولوي محمد عمر لاکي (وفات: ١٣٨٩هہ) کي هٿ آيو، جو هن پنهنجي هٿن اکرن ۾ نقل ڪري محفوظ ڪري رکيو. خدا جي قدرت، جو ليکڪ توڙي نقل ڪندڙ جي حياتيءَ ۾ هيءَ لکت ڇپجي نہ سگهي، ۽ موجوده دور ۾ هي ڪتاب ڇپجي منظر عام تي آيو آهي. هي ڪتاب ٽن حصن تي مشتمل آهي، ۽ ان جو تعلق فارسي گرامر سان آهي. ڪتاب ۾ ڪل ٤٦ صفحا آهن، ۽ قيمت ٣٠ روپيا بلڪل مناسب ڏسجي ٿي.

هن ڪتاب جي لکجڻ کان وٺي ڇپجڻ تائين ٽي ڪردار اُڀري اچن ٿا: ليکڪ مولانا الاهي بخش مرحوم، نقل ڪندڙ مولوي محمد عمر لاکو ۽ مرتب توڙي پبلشر حڪيم غلام رسول لاکو. حڪيم صاحب، هن ڪتاب جي نقل ڪندڙ مولوي محمد عمر مرحوم جو ڏوهٽو آهي.

قديم ڪتاب نقل ڪرڻ، ايڊٽ ڪري سنوارڻ ۽ انهن کي جديد علمي انداز سان نروار ڪرڻ جا ڪجهہ معيار ۽ ضابطا مقرر ٿيل آهن. انهن کي مدنظر رکندي اگر "ڪتاب استاد فارسي" جي ترتيب ڏسجي ٿي تہ نهايت تعجب جو اظهار ڪرڻو پوي ٿو. ڪنهن بہ قديم مسودي کي ايڊٽ ڪري ڇپرائڻ وقت بنيادي طور تي ان ڪتاب جي ليکڪ جو حق تسليم ڪيل آهي. حيرت جو مقام آهي تہ هي ڪتاب شايع ڪندي، اصل مصنف جي زندگي ۽ خدمتن کي نظرانداز ڪيو ويو آهي. ڪتاب کولڻ سان خبر پوي ٿي تہ ڪاتب (نقل ڪندڙ) ۽ پبلشر اوليت ۽ اهميت رکندڙ آهن، جڏهن تہ ڪتاب جي "اصل ليکڪ" مولانا الاهي بخش مرحوم کي "ٽئين درجي" تي ويهاريو ويو آهي! پبلشر "پنهنجي پاران" نوٽ لکندي جيڪڏهن ڪاتب مولوي محمد عمر سان بہ انصاف ڪري ها، تڏهن بہ علمي دنيا اندر مڃيل تحقيقي ضابطن جو ڪجهہ ڀرم رهجي اچي ها. جڏهن ڪتاب نهي نڪي پريس لاءِ تيار ٿيو، تڏهن خدا جي ڪنهن بندي پبلشر جو ان نقطي طرف ڌيان ڇڪرايو ٿو ڏسجي، ان ڪري ئي ڪتاب جي آخر ۾ اصل مصنف (مولانا الاهي بخش رحہ) جو تعارف (از: ڊاڪٽر عبدالرسول قادري) ڏنو ويو آهي ۽ بعد ۾ ڪاتب جي سوانح ۽ علمي خدمتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. واضح رهي تہ مولانا محمد عمر "مُبهمات ابن حجر عسقلاني" جهڙي نامور ڪتاب جو ٻڻ ترجمو ڪيو، جو اڻ ڇپيل حالت ۾ رهجي ويو. اِن ڪتاب جو ذڪر بہ اچڻ گهربو هو، جنهن کان سوانحي صفحو محروم آهي!

"فهرست" کيِ ڪتاب جي آخر ۾ آڻڻ سان هڪ وڏيڪ سُقم جو ثبوت ملي ٿو. اميد تہ ناشر مستقبل ۾ علمي ڪم ڪندي انهن نقطن طرف توجهہ ڏيندو. - **اشرف علي سمون**

## مهراڻ منير شرح نحومير

مهراڻ منير، مشهور عالم ۽ فاضل مير سيد شريف جرجاني (وفات ٨١٦هه) جي جڳ مشهور




ڪتاب "نحو مير" فارسي جو شرح آهي. مير سيد شريف اُها عظيم شخصيت آهي، جنهن جا سڄا سارا اَٺ ڪتاب درس نظامي ۾ داخل رهيا آهن: ١- صغريٰ، ٢- اوسط، ٣- ڪُبريٰ (منطق جي موضوع تي فارسي ۾ لکيل رسالا)، ۴- صرف مير (علم الصرف جي موضوع تي فارسي ۾ لکيل ڪتاب)، ٥- نحومير (نحو غزل لاءِ فارسي زبان ۾ لکيل مشهور ڪتاب)، ٦- مير ايساغوجي (منطق جي موضوع تي لکيل مشهور ڪتاب "ايسا غوجي" جو عربي شرح)، ٧- ميرقطبي (منطق جي مشهور ڪتاب "قطبي" جو عربي شرح)، ٨- شرح اعوافف (علم الڪلام ۾).

صرف ۽ نحو درحقيقت عربي گرامر جا ٻه حصا آهن. صرف جو تعلق مفردات سان ۽ نحو جو تعلق مرڪبات سان آهي، "نحو مير" نحو عربي لاءِ فارسي ۾ لکيل بنيادي ڪتاب آهي، جيڪو ٦ صديون گذرڻ باوجود، اڄ بہ اوتروئي مقبول آهي، جيترو اڳ ۾ هو. اڄڪلهہ ديني مدرسن ۾ نحو لاءِ پهريون پهريون ڪتاب جيڪو درس طور پڙهايو ويندو آهي، سو "نحو مير" آهي. جنهن جي اهميت کي سامهون رکندي ڪيترن ئي سنڌي عالمن ان جا سنڌي ترجما ڪيا آهن ۽ سنڌي شرح لکيا آهن. مثلاً:

١- تيسير النحو- مولانا شبير احمد پنو، اُلرا، پريالو، خيرپور، (ڇپيل)

٢- التنوير شرح نحومير- مولانا ميان جميل احمد انيڙ، سکر، (ڇپيل)

٣- شرح نحومير- مولانا غلام حسين وليداني (وفات ١٩٦٨) لاڙڪاڻو، (اڻ ڇپيل)

۴- شرح نحومير- مولانا احمد الدين ڪوسو، سٺ ميل، نوابشاهہ، (اڻ ڇپيل)

٥- نحومير سنڌي- مولانا محمد معروف منعلوي (وفات ١٩٨١)، (اڻ ڇپيل)

٦- نحومير سنڌي- قاضي فتح محمد نظاماڻي، ميرپورخاص، (اڻ ڇپيل)

٧- فضل ڪثير شرح نحومير- مولانا علي محمد حقاني، لاڙڪاڻو، (اڻ ڇپيل)

٨- مجموعہ قوانين نحومير- مولانا عبدالقادر بروهي، خضدار، (اڻ ڇپيل)

٩- شرح نحومير- مولانا نظر محمد اڄڻ، کهڙا، گمبٽ، (اڻ ڇپيل)

١٠- شرح نحومير- مولانا محب الله مري بلوچ، ڪنديارو، (اڻ ڇپيل)

زير تبصره ڪتاب "مهراڻ منير شرح نحومير" بہ انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي، جيڪو سولي سنڌي ۾ اسان جي دوست جناب مولانا حافظ عبدالرزاق سڪندري صاحب تيار ڪيو آهي.
ياد رهي تہ "مهراڻ منير" نالي هيءَ شرح ٻن ڳالهين تي مشتمل آهي:

١- نحومير جو سنڌي ترجمو، جيڪو حافظ صاحب جي پنهنجي ڪاوش ۽ محنت جو نتيجو آهي.

٢- نحومير جو شرح، جيڪو دراصل علامہ عبدالحڪيم شرف قادري (جامعہ نظاميہ لاهور) جو اردو ۾ تيار ڪيل آهي، جنهن جي افاديت ۽ اهميت کي محسوس ڪندي حافظ صاحب ان جو سنڌي ترجمو ڪري، نحومير جي طالبن آڏو آندو آهي.

ڪتاب جي ترتيب هن ريت آهي: پهريائين نحومير جو فارسي متن، ان کان پوءِ ان جو سنڌي ترجمو آهي. ان کان هيٺ تشريح جي عنوان سان مولانا عبدالحڪيم صاحب جي اردو شرح نحومير جو سنڌي ترجمو ڏنل آهي. ترجمو نهايت سليس ۽ عام فهم آهي، ۽ نحومير جو پهريون سنڌي شرح آهي، جيڪو ڪنهن اردو تان سنڌي ۾ منتقل ٿيو هجي.

هن دور ۾ هن ڳالہ جي ضرورت محسوس ڪئي ٿي وڃي تہ درس نظامي جي بنيادي ڪتابن، خصوصي طور "عربي گرامر" سان واسطو رکندڙ ڪتابن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ سمجهايو وڃي، ڇو تہ عربي گرامر سمجهائڻ لاءِ عربي توڙي فارسي زبان ۾ لکيل ڪتاب پڙهڻ وقت شاگرد ويچارو ڇا ڪري؟ ڪتاب جي عبارت کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تہ اصل فن/علم هليو ٿو وڃي. تنهنڪري ضرورت هن ڳالہ جي آهي تہ عربي گرامر خود عربيءَ ۾ نہ پر "سنڌي ٻولي" ۾ سمجهايو وڃي، جيئن شاگرد عربي ۽ فارسي ٻوليءَ جي ڏکين لفظن/جملن ۾ اُلجهڻ بجاءِ، يڪسوئي سان عربي گرامر کي سمجهي سگهي. ان ڪري نحومير فارسي کي، سنڌي زبان ۾ آڻڻ هڪ وقتائتو قدم آهي، جنهن سان عربي مدرسن جا شاگرد تہ فائدو حاصل ڪندا ئي ڪندا پر انگريزي پڙهندڙ شاگرد بہ لاڀ پرائي سگهن ٿا.

هيءُ ڪتاب رائل سائيز جي ١٥٢ صفحن تي مشتمل آهي. ڪارڊ ڪور سان ۽ خوبصورت ٽائيٽل سان، مڪتبہ حزب الاحناف، جامع مسجد پوليس لائين، سانگهڙ، طرفان شايع ٿيو آهي. قيمت لکيل نہ آهي. - **ڊاڪٽر محمد ادريس السِندي**

# محمد سومار شيخ، هڪ مطالعو

سنڌي ادب جو ناميارو محقق ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو پنهنجي گوناگون ادبي ۽ تحقيقي خدمتن سبب علمي دنيا وڏي مڃتا ماڻي چڪو آهي. سنڌس ادبي ۽ تحقيقي ڪارناما مان استاد، اديب ۽ شاعر ۽ علمي حلقا خوب مستفيد ٿين ٿا.



ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي صاحب، سنڌي ادب ۾ مختلف عالمن، اديبن ۽ شاعرن توڙي محققن جي خدمتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ 'هڪ مطالعي' جو سلسلو جاري ڪيو آهي، تن ۾ "ڊاڪٽر بلوچ: هڪ مطالعو"، "شيخ اياز: هڪ مطالعو" ۽ "تنوير عباسي: هڪ مطالعو" جهڙن ڪتابن ڏيڻ ڪانپوءِ، تازو "محمد سومار شيخ: هڪ مطالعو" ڪتاب لکيو آهي، جو لاڙ ادبي سوسائٽي بدين ڇپائي پڌرو ڪيو آهي.

محمد سومار شيخ هڪ نهايت صلاحيتمند، جاکوڙي ۽ ناميارو اديب هو. سنڌس گهڻ رخي شخصيت کي "محمد سومار شيخ- هڪ مطالعو" ۾ مختصر مگر جامع انداز سان پيش ڪيو ويو آهي. ٧٢ صفحن تي مشتمل ڊيمي سائيز جي هن ڪتاب ۾ چار باب ۽ چار ضميما آندا ويا آهن. پهريون باب سوانح عمري متعلق آهي، ٻيو باب شعرو شاعري جي عنوان هيٺ آهي، ٽيون باب تصنيفات جا اهم سلسلا ۽ چوٿون باب پڻ ساڳئي عنوان هيٺ آهي. ضميمي پهرين ۽ ٻئي ۾ محمد سومار شيخ جي ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل ڪتابن جي ڏسٽي ڏنل آهي، جنهن جي مطابق هن ڪل تي سو پاويهہ ڪتاب لکيا. ضميمي چوٿين موجب سنڌس نالي سان شايع ٿيل ڪتاب ستيتاليهہ آهن. ضميمي ٽئين ۾ محمد سومار شيخ پاران کي ڪتاب اڪثر دوستن، اديبن ۽ ادارن کي استفاده ڪرڻ ۽ ڇپرائڻ لاءِ ڏنا ويا، جن جي آخر تائين واپسي نہ ٿي! اهڙن ڪتابن جو تعداد ٽيويهہ جاتايل آهي.

هن ڪتاب جي مطالعي مان خبر پوي ٿي تہ محمد سومار شيخ وڏي پايي جو اديب هو، جنهن تاريخ ۽ ادب توڙي ثقافت ۽ سماج تي گهڻو لکيو. سنڌس لکڻ پڙهڻ جي جنون ۽ عشق جا اهڃاڻ ظاهر ظهور پسجن ٿا. جيئن هڪ هنڌ لکيو ويو آهي تہ "ابتدائي زماني کان وٺي ڪيس پنجاهہ- سو روپيہ هٿ ايندا هئا تہ ڪنهن نہ ڪنهن مسودي سوڌو حيدرآباد واريءَ ريل ۾ هوندو هو ۽ ڪتاب ڇپائي وجي ساهہ ڪڻندو هو. واقعي هي سڄاڻ ليکڪ لاڙ جي ورثي جو وارث هو." سنڌس محبت ڀري محنت کي جيتري ڪيتري مڃتا ملي؟ پر وقت ۽ تاريخ ئي ماڻهو جي علمي مڃتا ڪندڙ هوندا آهن. اڄوڪي وقت ۾ اهو اعزاز ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي کي ئي حاصل ٿيو آهي، جنهن هن گوهر جي قدر ڪي جاڻي، عام کي آگاهي ڏني آهي. هي ڪتاب ادب ۽ تاريخ جي شاگردن لاءِ وڏي ڄاڻ فراهم ڪندڙ آهي. ان جي قيمت پنجاهہ روپيا آهي. - **نقش ناياب منگي**

## "سرمست" ۾ شايع ٿيل مواد جي مڪمل فهرست

حضرت سچل سرمست کي سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ کان پوءِ ٻيو نمبر وڏو شاعر تسليم ڪيو ويو آهي. سچل سائينءَ جو تعلق ٽالپرن جي دور سان آهي. ڪيس نه رڳو سنڌي شعر جي حوالي سان پر اردو، سرائڪي ۽ فارسي شاعريءَ جي حوالي سان به وڏي اهميت حاصل آهي. برٽش دور ۾ سچل جي شاعري ۽ سوانح تي ڪم جي ابتدا ٿي. قيام پاڪستان کان پوءِ سنڌي ادبي بورڊ "سچل" جا سنڌي ۽ سرائڪي رسالا مرتب ڪرائي شايع ڪيا. هن دور ۾ سچل سرمست يادگار ڪميٽيءَ جو خيرپور ۾ قيام عمل ۾ آيو. ڪميٽي سال به سال سچل سرمست جي عرس جي حوالي سان، ادبي مجلسون قائم ڪري هن عظيم شاعر جي فڪر کي پکيڙڻ لاءِ تعريف جوڳو ڪم ڪيو. سال ١٩٨٠ع کان ٽيندڙ ادبي ڪانفرنسن ۾ پڙهيل مقالن ۽ شعرن کي ڪتابي سلسلي هيٺ ڇپائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. هن ڏس ۾ پهريون




شمارو ١٩٨١ع ۾ "سرمست" جي نالي سان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. اڳتي هلي "سرمست" ۾ صرف مضمون ۽ مقالا شامل ڪرڻ جو فيصلو ٿيو. سرمست جا يارنهن پرچا (١٩٩١ع تائين) سنڌ جي نامور اديب ۽ شاعر ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ ترتيب ڏنا. ٻارهين پرچي کان وٺي اوڻيهين شماري (١٩٩٩ع) تائين، اٺ پرچا محمد علي حداد ترتيب ڏنا، تنوير ۽ حداد هن وقت جهان ڇڏي چڪا آهن.

سنڌ جو نوجوان اديب ۽ محقق محمد پنهل ڏهر نوي واري ڏهاڪي کان سچل يادگار ڪميٽي پاران منعقد ٿيندڙ ادبي ڪانفرنسن ۾ شرڪت ڪندو رهيو. ان دور ۾ پاڻ خيرپور ميرس ۾ ملازمت ڪندو هو، جنهن سبب هن کي ڊاڪٽر تنوير ۽ محمد علي حداد صاحب کي ويجهي رهڻ جو موقعو مليو. پاڻ ٻنهي اديبن کان گهڻو ڪجهه پرايائين. انهن جي اچانڪ رحلت، سڄي سنڌ وانگر محمد پنهل ڏهر کي به گهڻو صدمو رسايو. ڏهر صاحب پنهنجن وڇڙي ويل هنن ٻنهي عالمن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ، تبصري هيٺ آيل ڪتاب "سرمست ۾ شايع ٿيل مواد جي مڪمل فهرست" ترتيب ڏنو ۽ ان کي هزان وڙان خرچ ڪري ڇپرائي پڌرو ڪيو.

سرمست بابت هن فهرست ۾ انهن پرچن کي شامل ڪيو ويو آهي، جيڪي شمارا ڊاڪٽر تنوير عباسي ۽ محمد علي حداد ترتيب ڏنا هئا. هن ڪتاب جي رٿا ٻن حصن ۾ ڪئي وئي آهي. پهرئين حصي ۾ مواد- وار فهرست ۽ ٻئي حصي ۾ مصنف- وار فهرست ڏني ويئي آهي. ڏهر صاحب

پنهنجي پاران (پيش لفظ) ۾ سرمست سلسلي تورڙي سچل يادگار ڪميٽيءَ تي مختصر مگر جامع گفتگو ڪئي آهي، جا پنهنجيءَ جاءِ تي وڏي اهميت رکي ٿي. هن علمي ڪم جي تڪميل ۾ ڪيس ڪجهه دوستن مدد ۽ رهنمائي ڪئي. ان بابت گفتگو ڪندي پاڻ لکي ٿو: "جناب ڊاڪٽر علي نواز شوق صاحب جو تمام گهڻو ٿورائتو آهيان، جنهن هن ڪتاب جي ڇپائيءَ جو سمورو بندوبست ڪيو ۽ تمام ٿوري وقت اندر هي ڪتاب ڇپائي منظر عام تي آندو. پياري دوست ڊاڪٽر غلام محمد لاکي صاحب ۽ ڪجهه ٻين دوستن جو بہ ٿورائتو آهيان، جن پڻ هن ڪتاب جي ڇپائيءَ لاءِ مشورا ڏنا ۽ ڇپائي ۾ مدد ڪئي."

هي ڪتاب ڊسمبر ٢٠٠٠ع ۾ سچل ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي، سنڌ ريسرچ لائبرري ڳوٺ غلام علي ڏهر (ڏهرڪي) پاران شايع ڪيو ويو.

علمي دنيا ۾ اِن نوعيت جي ڪم کي "رفرنس مٽيريل" سڏيو وڃي ٿو. رفرنس مٽيريل جي تحقيقي لٽريچر ۾ وڏي اهميت آهي. اميد آهي تہ ڏهر صاحب جي هيءَ محنت سچل جي سوانح ۽ فڪر بابت ڪم ڪندڙ اديبن ۽ عالمن لاءِ ڪارائتي ثابت ٿيندي. ٣٦ صفحن تي مشتمل حوالي جو هي ڪتاب سادي ڪاغذ تي ڇپرايو ويو آهي. مٿس قيمت لکيل ڪانهي. هن علمي ڪم لاءِ ڏهر صاحب کي مبارڪباد پيش ڪرڻ گهرجي. - ڊاڪٽر محمد قاسم سومرو

## براهوئي تخليقڪار

سنڌين ۽ براهوين جا هزارن سالن کان وني سماجي، سياسي، تجارتي، تهذيبي ۽ ثقافتي رشتا رهيا آهن. ٻنهي قومون اينترو تہ ويجهو آهن جو "هڪ جان ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. سنڌي ادب ۽ تاريخ ۾ براهوئين کي "سنڌي" سڏيو ويو آهي. سنڌ جي سرتاج شاعر شاهہ عبداللطيف رحہ جي ڪلام ۾ براهوئي ٻوليءَ جا لفظ ملن ٿا. هوڏانهن سنڌي اساسي شاعريءَ جي آخري نمايان نانءُ غلام محمد خانزئي (براهوئي) پنهنجي سڄي ڄمار سنڌي ادب جي ترقيءَ لاءِ جاکوڙيو. ويهين صديءَ ۾ مير رحيمداد خان مولائي شيدائي، ڊاڪٽر داد محمد "خادم" براهوئي، عزيز الله "عزيز" براهوئي ۽ ٻين مخلص خدمتگذارن جي ادبي خدمتن سان ٻنهي ٻولين ۾ وڏو سنگم پيدا ٿيو. موجوده دور ۾ اِهو ڪردار سنڌي ۽ براهوئي ادب جو ناليوارو ليکڪ عبدالقيوم "جوهر" براهوئي لاڳيتو خوش اسلوبيءَ سان ادا ڪري رهيو آهي.



براهوئي ادب ۾ ١٩٧٠ع کان پوءِ جي دور کي هڪ سونهري دور سڏيو وڃي ٿو، ڇو ته هن دور ۾ براهوئي زبان سان محبت ڪندڙ هڏ ڏوکين ۽ نوجوان ليکڪن جي هڪ وڏي کيپ ادب جي ميدان ۾ قدم رکيو؛ جنهن کري نوان قومي جذبا ۽ لاڙا پيدا ٿيا. محنتي ۽ صلاحيتمند قلمڪار "جوهر" براهوئي به انهيءَ دور سان وابسته آهي، جنهن جي علمي ۽ ادبي خدمتن سموري بروهي ادب جي هر صنف تي اڻ مٽ نقش مرتب ڪيا، ۽ جنهن جي خدمتن کان سواءِ براهوئي ادب جي جديد تاريخ اڻپوري آهي. "جوهر" براهوئي صرف شاعر ۽ نثرنگار نه آهي، بلڪ هو ڪيترن ئي حوالن سان هڪ اداري جي حيثيت رکي ٿو، ۽ سندس تصنيف ڪيل ڪتابن براهوئي ادب ۾ شاندار اضافو ڪيو آهي.

(١) احوالِ غم (براهوئي شاعري) ١٩٧٦ع؛ (٢) گوريچ (براهوئي انشائيه) ١٩٨٠ع؛ (٣) دُردانه (براهوئي شاعري) ١٩٨١ع؛ (۴) شيموش (براهوئي شاعري) ١٩٩١ع؛ (۵) دِغار (براهوئي ادبي سيمينارن جي ڪاروائي) ١٩٩٠ع؛ (٦) روشنائي (براهوئي نعتيه شاعري) ١٩٩١ع؛ (٧) شادوِزباد (براهوئي انقلابي شاعري) ١٩٩٢ع؛ (٨) رحمت عالم (براهوئي ۾ سيرت) ١٩٩٣ع؛ (٩) شَڪُر قُل (براهوئي شاعري) ١٩٩٦ع؛ (١٠) ڪاروان (براهوئي شاعري) ١٩٩۵ع؛ (١١) توبني نارندے (براهوئي شاعري) ١٩٩۵ع؛ (١٢) سنگت (ٽماهي ڪتابي سلسلو)

"سنگت" ڪتابي سلسلي جا ١٩٨١ع کان وٺي ١٩٩٠ع تائين تقريباً پاويهه پرچا براهوئي پبليڪيشن فريد آباد، ميهڙ، مان شايع ٿي چڪا آهن. انهن مان "غازي"، "ڪاروان"، "فيض"، "سُهيل"، "غزل رنگ"، "تاجل"، "پتائي"، "گُر بامر" ۽ ٻيا خاص نمبر طور شايع ٿيا آهن. اپريل، مئي، جون ١٩٨٦ع وارو پرچو "پتائي نمبر" طور شايع ٿيو، جنهن ۾ جوهر صاحب "سر ڪلياڻ" جو براهوئي زبان ۾ منظوم ترجمو ڪيو آهي.

"جوهر" براهوئي جو تازو معياري ڪتاب "براهوئي تخليقڪار" شايع ٿيو آهي، جيڪو براهوئي اديبن ۽ براهوئي زبان تي ڪم ڪندڙ غير براهوئي اديبن جي سوانح ۽ علمي ڪ.رنامن تي مشتمل آهي، جو براهوئي ادبي تاريخ ۽ تذڪره نويسيءَ ۾ اهم جاءِ والاري ٿو.

براهوئي ادب ۾ صحيح معنيٰ ۾ ادبي تاريخي رنگ ۾ لکيل تذڪرا براهوئي زبان جي نامور محقق ڊاڪٽر عبدالرحمان براهوئي لکيا. ان طرح خداداد گل جي "براهوئي ادبي تاريخ" ۽ حميد شاهوانيءَ جي "براهوئي زبان و ادب" کي به اهميت حاصل آهي. پر هنن جو ڪم، اصل ۾ ڊاڪٽر صاحب جي ٺيل ڪم جي بنياد تي رکيل آهي. ان کان پوءِ "جوهر" براهوئي وڏي محنت سان هيءُ گلدستو "براهوئي تخليقڪار" جوڙيو آهي، جنهن ۾ مختلف دورن کي عالمانه انداز سان ۽ منفرد نموني سان قلمبند ڪيو ويو آهي.

هي ادبي تذڪرو براهوئي ادبي تاريخ سان گڏ سنڌي ادب جي تاريخ ۾ به وڏي اهميت جو حامل

## اچو تہ نئين سنڌ جي تعمير ڪريون

مصنف: اعجاز قريشي،

صفحن جو تعداد: ڏيڍ سؤ،

ناشر: سنڌ ايڊيوڪيشن ٽرسٽ، حيدرآباد

هن ڪتاب ۾ سنڌ جي سياسي صورتحال، سماجي صورتحال، اقتصادي صورتحال، تعليمي صورتحال، زرعي پاڻيءَ جي صورتحال، نيڪال واري پاڻيءَ جي صورتحال، بيروزگاريءَ ۽ سنڌ جي عورت جي مسئلن جو جائزو ورتو ويو آهي.



ڪتاب جو مصنف اعجاز قريشي، دادوءَ ضلعي جي مشهور قومي ڪارڪن ۽ وڪيل جناب علي احمد قريشيءَ جو فرزند آهي. اعجاز قريشيءَ ننڍيءَ عمر ۾ ئي سنڌ جي تحريڪ ۾ دلچسپي ورتي ۽ خاص طرح ون يونٽ خلاف هلچل ۾ ڀرپور حصو ورتو. هو سنڌ جي انهن جوشيلن نوجوانن مان هڪ هو، جيڪي تڏهوڪي مشرقي پاڪستان جي اڳواڻ شيخ مجيب الرحمان سان پنڊيءَ ۾ مليا هئا ۽ ڪانئس ون يونٽ ٽوڙائڻ جو واعدو ورتو هئائون.

اعجاز قريشيءَ پنهنجو ڪيريئر سنڌ يونيورسٽيءَ جي استاد جي حيثيت ۾ شروع ڪيو. ولايت مان ماسٽرز جي ڊگري وٺي آيو. مهراڻ يونيورسٽيءَ ۾ ڊائريڪٽر پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ رهيو. سنڌ ڊولپمينٽ اسٽڊي سينٽر جو ڊائريڪٽر ۽ ان ڪان علاوه سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائڻ دوران ١٩٩٠ع واري ڏهاڪي ۾ هو نئشنل رورل اسپورٽ پروگرام جو ريجنل پروگرام مئنيجر رهيو. بعد ۾ وقت کان ڏهہ ورهيہ اڳ ورتل رٽائرمينٽ ڪان پوءِ، هن انڊس ڊولپمينٽ فائونڊيشن، سنڌ رورل سپورٽ پروگرام ۽ سنڌ ايڊيوڪيشن ٽرسٽ جو بنياد وجهي، مختلف پروفيشنلز جي ٽيم جوڙي مختلف ترقياتي ڪم ڪيا، جن ۾ تحقيقي ڪم تي گهڻو زور ڏنو ويو هو. تازو ڀاڻ جون ٢٠٠٠ع کان هڪ ڀيرو ٻيهر نيشنل رورل سپورٽ پروگرام حيدرآباد جو ريجنل پروگرام مئنيجر مقرر ڪيو ويو آهي. هو هن وقت حيدرآباد ريجن جي ٻهراڙين ۾ غربت گهٽائڻ واري پروگرام ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيئي رهيو آهي. اعجاز قريشيءَ سوين مضمون، ڪالم، مقالا ۽ ٻيون تحريرون لکيون آهن.

هن پس منظر ۾ ڏسبو، تہ محسوس ٿيندو، تہ هي ڪتاب اعجاز قريشيءَ جي سڄي زندگيءَ جي وسيع تجربي جو نچوڙ آهي. سنڌ اڄ جنهن ڏکيءَ صورتحال ۾ وڪوڙجي ويئي آهي، انهيءَ ۾ وڏين

جهڙي مفاد پرست عناصر مان ڪنهن بہ قسم جي چڱائيءَ جي اميد رکڻ اجائي آهي. وڏيرڪو سماج اڏوهيءَ وانگر آهي، جنهن سنڌ جو ماس ۽ ست کائي، ان کي کوکلو، بلڪ پُنو پاڻ ڪري ڇڏيو آهي. ملڪ ۾ نام نهاد جمهوريت جي زماني ۾ ٽي دفعا زرعي سڌارا آيا، جن ۾ وڏيرن جي زمين گهٽجي ويندي آهي. پر سنڌ جو معاشرو اهڙو آهي، جو انهيءَ ۾ وڏيرن جي زمين اڳي کان بہ وڌي ويئي آهي. هاڻي هڪڙي وڏيري وٽ اسي هزار ايڪڙ زمين آهي، تہ ٻئي وٽ هڪ لک ايڪڙ زمين آهي. پاڪستان ۾ ٻيو ڪوبہ اهڙو صوبو ڪونهي جتي ايڏا وڏا وڏيرا هجن.

وڏيرن جا خاص شغل ۽ شوق، ڪتا پالڻ ۽ سوئرن سان ويڙهائڻ، چور ۽ ڌاڙيل جي سرپرستي ڪرڻ ۽ انهن جي وسيلي مخالفن سان پَلوَ ڪرڻ آهن. اهو ئي سبب آهي، جو سنڌ ۾ رهزن، چور ۽ بدمعاش پاٿاريدار ڳولهيندا آهن. وڏيرن کان وڏا ٻيا ڪي بہ پاٿاريدار ڪونہ هوندا آهن.

هن وقت لاڙڪاڻي ضلعي کان وٺي پني عاقل تائين، ڪچي جي ايراضيءَ ۾ چورن ۽ ڌاڙيلن جو راڄ آهي. وٽن جديد قسم جا هٿيار آهن. تازو اخبارن ۾ خبر ڇپي تہ اتر سنڌ ۾ هڪڙي ضلعي ۾ ڪنهن قبيلي جي ڌاڙيلن جو فوج سان مقابلو ٿيو، جنهن ۾ ڌاڙيلن راڪيٽ لانچر استعمال ڪيا.

پر، اهو ڪوبہ غيرمعمولي واقعو ڪونهي. اهڙن قسمن جي ڏوهن جي خبرن سان سڄيءَ سنڌ جون اخبارون روزانو ڀريون پيون آهن، جن ۾ تازو هڪ خبر اها بہ ڇپي هئي تہ سنڌ جي وڏيرن جي ڪتن جو سوئرن سان ٽورنامينٽ ٿيندو، جنهن ۾ پنجاب جو زميندار جناب مصطفيٰ کر پڻ پنهنجي ڪتن جي لوڙ سميت شريڪ ٿيندو.

ايڪويهينءَ صديءَ ۾ هن قسم جي معاشري ۾ غريب ماڻهوءَ کي انصاف ڪنين ملي ۽ سنڌ جي نڌڻڪيءَ عورت کي جاهلن جي ڪماڙين کان پناهہ ڪيئن ملي. اهو احوال معلوم ڪرڻ لاءِ اعجاز قريشيءَ جو ڪتاب هڪ ڪارائتو دستاويز آهي. هن ڪتاب جو اڀياس هر علم دوست ۽ محب وطن شخص جو فرض آهي. -- **رياض احمد آگرو**



سنڌ جي سداحيات شاعر، شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي عرس جي موقعي تي، هن سال ٻہ تاريخ نائين، ڏهين ۽ يارهين مئي تي، سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي ڪوشش سان هڪ شاندار قومي ڪانفرنس ٿي، جنهن ۾، سنڌ جي نامور اديبن ۽ شاعرن سان گڏ، ملڪ جي ٻين پرڳڻن مان ٻہ محقق ۽ دانشور شريڪ ٿيا. ڪانفرنس جو پهريون اجلاس حيدرآباد ۾ ٿيو، جنهن جي صدارت سنڌ جي ڏاهي، جناب محمد ابراهيم جويي ڪئي. انهيءَ کان اڳ، افتتاحي اجلاس ڀٽشاهہ ۾ ٿيو، جنهن ۾ سنڌ جا ممتاز اسڪالر، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا سامعين کي خطاب ڪري رهيا آهن.



جناب غلام رباني آگرو، سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ڪيل "قرآن شريف" جو مخدوم نوح رحمة الله عليه وارو فارسي ترجمو، وفاقي وزير تعليم، محترمه زبيده جلال کي تحفي طور ڏئي رهيو آهي.



اسلام آباد ۾، اڪيڊمي آف ليٽرس سنڌ جي نامياري شاعر شيخ اياز جي ياد ۾ هڪ ادبي ريفرنس ڪيو، جنهن جي صدارت محترمه زبيده جلال وفاقي وزير تعليم ڪئي. شيخ اياز فائونڊيشن جو سيڪريٽري جنرل، جناب غلام رباني آگرو تقريب جو 'مهمان خصوصي' هو. هن تصوير ۾، محترمه زبيده جلال، محترم غلام رباني آگرو، محترم افتخار عارف (چيئرمن اڪيڊمي آف ليٽرس)، ڊاڪٽر حيدر سنڌي، محترمه رشيده بلوچ ۽ محترمه نسرين عباس سامعين کي خطاب ڪري رهيا آهن. پهرينءَ صف ۾ سپريم ڪورٽ جا ٻه جج صاحبان جسٽس ديدار علي شاهه ۽ جسٽس راڻا ڀڳوانداس نمايان آهن.



تاريخ ١٢ - مئي، ٢٠٠١ع تي، ڪراچيءَ ۾ ملڪ جي مايہ ناز شاعر ۽ اديب، سيد ضمير جعفري (مرحوم) جي ٻي ورسي وڏي اهتمام سان ملهائي وئي. جلسي ۾ اسلام آباد، لاهور، حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي ناميارن اديبن ۽ شاعرن سيد ضمير جعفريءَ کي خراج عقيدت پيش ڪئي ۽ بعد ۾ محفل موسيقي ٿي، جنهن ۾ سندس ڪلام ڳايو ويو. هن تصوير ۾ گورنر سنڌ، جناب محمد ميان سومرو، ميجر جنرل، سيد احتشام ضمير (جعفري صاحب جو فرزند)، جناب جميل الدين عالي، جناب محمود شام، ايڊيٽر روزنامه "جنگ"، جناب غلام رباني آگرو، مير صفوت علي صاحب (آمريڪا مان خاص هن تقريب لاءِ آيل اديب) ۽ جناب سجاد مير، ايڊيٽر روزنامه "نوائے وقت" سامعين کي خطاب ڪري رهيا آهن.



حيدرآباد جي ممتاز مرزا آڊيٽوريم ۾ سنڌ جي هاڪاري شاعر، شيخ اياز جو 'جنم ڏينهن' ٢ - مارچ ٢٠٠١ع، باوقار نموني ۾ ملهايو ويو، جنهن ۾ سنڌي اديبن ۽ شاعرن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. هن تصوير ۾ وفاقي وزير قانون بئريسٽر مسز شاهده جميل، جيڪا تقريب جي صدر هئي، مسٽر غلام رباني آگرو، مسٽر افتخار عارف، چيئرمن اڪيڊمي آف ليٽرس، جيڪو تقريب جو "مهمان خصوصي" هو ۽ شيخ اياز فائونڊيشن جو چيئرمن جناب محمد ابراهيم جويو سامعين کي خطاب ڪري رهيا آهن.

### شيخ اياز

لــوءِ ۾ ايــڏي لــبــــاڙَ!
هيڪلوئي تون لڏيندين.

آ فنا سڀ جو مقدّر، نيٺ جھُرندا سڀ پھاڙ،
لــوءِ ۾ ايــڏي لــبــــاڙَ!

خواب جئن محسوس ٿيندي، جا بہ سھندو جيءُ جاڙ،
لــوءِ ۾ ايــڏي لــبــــاڙَ!

آھہ ٿورا ڏينھڙا ھن زندگيءَ جي چيڙ چاڙ،
لــوءِ ۾ ايــڏي لــبــــاڙَ!

ٿي چڏي آخر چباڙي موت جي سڀ کي مھاڙ،
لــوءِ ۾ ايــڏي لــبــــاڙَ!



# دراوڙ جو قلعو

هيءُ تاريخي قلعو چولستان ۾ آهي. هڪ روايت موجب سنڌ جي راجا چچ ٺهرايو هو، جنهن ’اروڙ‘ جي اتر طرف ويندي ڪشمير تائين فتوحات ڪري سنڌ جي سلطنت جون سرحدون وڌايون هيون. روايت موجب، راجا چچ هي قلعو دفاعي لحاظ کان ٺهرايو هو، ڇاڪاڻ ته چولستان (ريگستان) ۾ پاڻيءَ جي کوٽ جي ڪري، قلعي تي حملو ڪرڻ ۽ فتح حاصل ڪرڻ اُن زماني ۾ آسان ڪم ڪونه هو. قلعي ۾ اندر، رهاڪن جي سهوليت لاءِ پاڻيءَ جو چشمو يا خاطرخواه انتظام هو.

سنڌ جي مايه ناز مؤرخ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ايڊٽ ڪيل چچ نامي (سنڌي ڇاپي ۾) ص ۴۱۷ تي لکيل آهي ته ”راوڙ جي قلعي جو بنياد چچ پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ رکيو، مگر ان جي پوري ٿيڻ کان اڳ هو مري ويو.“ راوڙ ۽ دراوڙ لفظن جي وچ ۾ فقط ’د‘ (دال) جو واڌارو آهي. هونءَ دراوڙ، راوڙ ۽ اروڙ ۾ به بظاهر نالن جي مشابهت نظر اچي ٿي.

محترم ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي تحقيق موجب دراوڙ جو اصلوڪو نالو ”ڏيراوڙ“ هو. دائودپوٽن بهاولپور وارو علائقو فتح ڪرڻ کان پوءِ ٺهرايو هو. قلعي کان ٿورو پريرو سندس خاندان جي اميرن جا مقبرا آهن.

مقامي ماڻهن جي روايت آهي ته بهاولپور جي نوابن جي تاجپوشي دراوڙ جي قلعي ۾ ٿي ٿيندي هئي.

هيءَ قلعو نهايت پيڪيدار ۽ وڏي رعب تاب وارو آهي ۽ ريگستان ۾ اڃا تائين وڏي شان شوڪت سان سلامت بيٺو آهي.